بيوَس

[هڪ اپناس]

سنڌو ڪوهنا ڪمندر پونو

ٻيوس

[هڪ اڀياس]

پرڪاشڪ :-
سنڌو کوجنا ڪيندر،
معرفت ڊيڪن ڪاليج،
پونا-٦.

ٻيوس سيمينار
پونا،
١٩٧٠-٩-٢٧

قيمت: چار رپيا

هن ڪتاب ۾ ڇپيل مضمون سَرو شري پريتم ايل. ورياڻي، گووَرڌن ايس. شرما ۽ سي. ايچ. رانسنگهاڻيءَ ايڊٽ ڪيا آهن، ان لاءِ سنڌو کوجنا ڪيندر سندن ٿورائتو آهي.

موهنلال جي. شهاڻي
پريزيڊنٽ
سنڌو کوجنا ڪيندر،
پونا-٦.

سپ حق واسطا قائم



ڪوي بيوس

جنم :
٢٥-٣-١٨٨٥

ديھانت :
٢٣-٩-١٩٤٧

Title: **Bewas-Hiku Abhyaas**
(Bewas, A Study)

Subject: **Essays (by different authors)**

Publishers: **Sindhu Khojina Kendru**

Printers: **M/s. Sindhu Art Printers**
Pimpri Poona-17.

Place of publication: **Poona (India)**

Edition: **First**

Pages: 28 + 246

Price: **Rs. 4-00**

Year: 1972

Book Sellers: **1- M/s. Allies Book Stall**
Deccan Gymkhana, Poona-4.

2- M/s. L. Bhagwandas & Sons
Camp, Poona-1.

3- L. Kishinchand & Sons
Ulhasnagar-2 (Maharashtra).

The Articles published in this book have been edited by Sarva shri Pritam L. Varyani, Goverdhan N. Sharma and C. H. Raisinghani. Sindhu Khojina Kendru is very grateful to them.

Mohanlal Shahani
President
Sindhu Khojina Kendru
Poona-6.

فهرست

ٻه اکر

پنهنجي زندگيءَ جي دوران ۾ جن ٻن ادبي شغلن ۾ شرڪت ڪرڻ جو شرف ٿي مليو اٿم، تن مان ٻولي جي گڏريل ٻوس واري سيمينار جي اهميت، دل تي دائمي سڪو ڄمائي ڇڏيو آهي. پروفيسر پريتم ورياڻي، ڊاڪٽر گدواڻي، شري گوردن شرما، موهن شهاڻي، چمن رام آسناڻي، شريمتي ونديري هيرانداڻي ۽ ڪمندر جي اين سرجوش صاحبن، جن اُنهيءَ ادبي مجلس جي رنگ ۽ رونق جي عشق ۾، راتيون ڏينهن عبادت جهڙي محنت ڪئي، لکي هرڪا دل سجدو ڪرڻ لاءِ مشتاق هئي. منهنجو دوست پريتم ورياڻي اُنجو روح روان هو. ڪمندر وارن صاحبن جي مهمان نوازي، اُدب آداب ۽ قلبي سچائي هرڪنهن ادبي مرڪز لاءِ روشن مثال آهن. شريمتي ٻوس جو سيمينار ۾ حاضر رهڻ اُنجو واضع ثبوت هو.

ٻولي سان منهنجو اهڙو ڪو ازلي امهن آهي، جو ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻيءَ جي زماني کان وٺي، جڏهن ٻه ڪمندر جو ڪو قربائتو سڏ ٿي ٿيو اٿم، تڏهن اُنهي مقناطيسي اثر کان دل کي ڇڏائي نه سگهيو آهيان. هرڪنهن محفل کي ڪيترن ئي عالمن، اديبن، شاعرن ۽ ادبي شائقن رونق افروز ٿي ڪيو آهي ۽ جن واسواڻي صاحب اُنکي پنهنجي امولڪ وچن سان معطر ٿي ڪيو آهي.

ڪجهه سيمينار بابت

سنڌ ۾ گهڻا ڪيترا طرفان وقت بہ وقت سيمينار ٿيا آهن، پر هيءُ سيمينار پنهنجي قسم جو هڪ هو. هو لئين اسين صرف واڻهڙائيءَ وارن کي ڪوٺ ڏيندا هئاسين جو اسين ڏور ڏور رهون ٿا، پنڌ پري ۽ پاڙا وڏا پريان اچڻ ڏکيو ٿي لڳو. پر آزمودي خاطر سوچيوسين ته هڪڙو سيمينار ولڏي پٽاليءَ ۾ ڪرائجي. هن سيمينار جو دائرو وسيع ڪيو ويو. سڄي ڀارت جي سنڌي ليکڪن کي اخبارن ۽ خطن ذريعي سوچنا ڏني ويئي. بس صرف ڪوٺ جي دير هئي، سڀني خوشيءَ جو اظهار ڪيو. اسانجي همت افزائي ڪئي. ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽر لکيو "اسين اهڙي سيمينار ڪرائڻ لاءِ سوچيندا ٿي رهياسين، اوهان اسان کي اڳ ڏئي ويا، وري به مبارڪ جو اهڙو ڪم هٿ ۾ ڪيو اٿو." پروفيسر رام پنجواڻي اخبارن ۾ پڌرائي ڪڍي مبارڪون موڪليون. اسين ادارن خوشيءَ جو اظهار ڪندي لکي موڪليو ته ڀارت ۾، سنڌين طرفان، هن قسم جو سيمينار پهريون دفعو ٿي رهيو آهي جو ڪنهن مها ڪويءَ جو جاڳرو ورلو لو وجي. اهڙا سيمينار ٻيون ٻوليون رسمون ڪنديون آهن. گهڻا ڪيترا اهڙو ڪم ڪٿي جس جو ڪارڻ ڪيو آهي.

ڪويءَ ٻهوس جي پوري ايپاس ڪالڙ جدا جدا وڃن جي سوچي ٿاهي، ڀارت جي سڀني ليکڪن کي موڪلي وئي ته پهريل هرڪو پنهنجي پسنديءَ جو وشيه ڪٿي قلم آزمائي. گهڻن ئي ليکڪن اسانجو عرض اگهائي پنهنجا مضمون وقت سر اسانکي موڪلي ڏنا، جنهن لاءِ اسانکي پورا ٿا ڏلي.

بيوس واري سيمينار ۾ ڪن صاحبن، پنهنجي علمي خزاني مان، ڪي اهڙا اهڃاڻ پيش ڪيا، جي هاڻ هن گرنٿ جي روپ ۾ روشن ٿيا آهن. انهيءَ لاءِ ورياڻي صاحب کي جيترو داد ڏجي، سو ٿورو آهي. مان نه سمجهان ته اڳي ڪنهن به سنڌي سيمينار اهڙي سرخروئي حاصل ڪئي آهي. مون کي پڪ آهي ته بيوس جي شعر و شاعريءَ تي ظاهر ڪيل هي ذخيرو اسان جي سنڌي ادب ۾ هڪ قيمتي اضافو آڻيندو ۽ اهڙن ادبي مرڪزن لاءِ شمع راه ٿيندو.

ڪليان آڏواڻي

ڏاڍو ڪٺن ۽ ناڪار ڪرڻ ڪن، البت ڪارڻ ڪارڻ
ڏسي مدد جو هٿ ڏيکاريندا آهن. شري عطر سنگهاڻي
(عطر ڦالواڻيءَ) اسانجو ڦالواڻيءَ ترسيل آهي. هن صاحب
اسان کي ڪٺن ۽ ڏکيءَ ڏينهن ڏسڻ ڪرڻ ڏنا آهن.

سچل ساڌو واسواڻيءَ جي سماڌيءَ تي ڦول مالها چڙهائڻ
بعد دادا جشن واسواڻيءَ جي آشيس سان شروع ٿيو. موقعي جا
مکيه مهمان هئا ڪوي ٽهوس جي شريمتي راڌان ڏيوي ڪهڻهيند
ڪيري ۽ سنڌس شهر السنداس ڪهڻهيند ڪيري. اڌ ڪلاڪ
ڪنڊ ۽ هٿو پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي. جدا جدا ٽنڪن جا صدر
هئا شري هوالداڄ ڏڪايل، پرنسپال هري دلگير ۽ شري
موٽلال ٻنتاڻي. انهي ٽنڪن ۾ حاضر ليکڪن پنهنجا مضمون
پڙهيا يا ڳالهايو. وقت جي ڪوتاهيءَ سبب غيرحاضر ليکڪن
جا مضمون پڙهجي ڪين سگهيا پر اهي پڙهيل سمجهيا ويا.


هن سيمينار واڪر هيءَ سيمينار پڻ ساڌو واسواڻيءَ
جي نالو ميران پوڪي جي سنڌي هاء اسڪول ۾ ٿيو. پرنسپال
شريمتي ولدري هيرانندواڻي (جا هڪ مالهٽي ڪم ڪندڙ
آهي) هن ڏهني بيمار هئڻ جي باوجود گهر مان سيمينار جو
ڪارڻ سنڀالي رهي هئي، سندس مارگ درشن ۾ شريمتي
لالڪي چنداڻي، شريمتي ڪيتا اسراڻي، ڪماري شيلا سپاهيملاڻي
۽ اسڪول جا وديارٿي ۽ سواداري سيمينار جو ڪم سنڀالي
رهيا هئا. اسڪول جي پلٽاڪ، لائوڊ اسپيڪر نيٽ رڪارڊر
جو فائدو پڻ ڏنو ويو، ان لاءِ اسين سمت ميران اسڪول
وارن جا لورالتا آڀاري ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، شري رام
هيرواڻي ۽ شري ڀڳوان هراڻي پڻ هن ڪارڻ ۾ هر ساٿي هئا.
جن پڻ ڏاد لهڻو. شري گووردن ڀرما "ڪهايل" جو ليکالاو ۽
مهما هن سيمينار جي ڪارڻ لاءِ مون سان گڏ هولڊو هئو،

لوڪ سيمينار کان هڪ ڏينهن اڳ ۲۶ سيپٽمبر ۱۹۷۰ تي، بمبئي، الهاسنگر، گانڌيڌام، دهلي، ڀوپال، رائپور ۽ ٻين شهرن کان ليکڪ اچي سهڙيا. ليکڪ هڪٻئي کي ڳنڍجي حالي احوالي ٿيا، جڻ ساهت سميلن لڳو پيو هو. پروفيسر رام پنجواڻي هن سيمينار ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تڙپي رهيو هو پر قدرت کيس روڪي ورتو. اوچتو دل جي تڪليف ٿيڻ سبب اسپتال داخل ٿيو پيو هو دليان اسان ساڻ هو.

گجرات ۾ پوڻ سبب گاڏيون بند هئڻ تي به ڏکائيءَ ۾ دلگير ٿالڪي روڪي ان سگهيا، هوائي جهاز جو ڀاڙو خرچي اچي شريڪ ٿيا. ٻڌو وڃي، گوبند ڀاٽيا، پروفيسر ٽي. ڪي. مٽڪاراماڻي، شري لڇمڻ سپاهي، ڊاڪٽر گوبند رام دادلاڻي، ليلا ڪمل، جهامنداس 'مسافر'، شري لڇمڻ هنگوراڻي پريتم، شري لڇمڻ 'بسمل'، پروفيسر ارجن شاد، شري چندولعل جيسنگهاڻي، شري جيٺانند لعلواڻي، شري واسديو نرمل، پروفيسر هيرو شيوڪاڻي، گنگارام امر. ڪي ٽيڪچند 'مسعود' ۽ ٻيا ليکڪ ۽ ڪوي اچي پهتا. ٻڌو ته جي پروفيسر ايشوري جوتواڻي، ڪماري هرپس ڪؤر، ڪماري مايا ٻولاڻي، شري گوورڌن شرما وغيره به ٺ ٿاڪ موڪليو.

ٻاهران آيل ليکڪن جي سواگت، رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جو بندوبست سنڌو گوجنا ڪميٽي جي ڪارڪن ڪرتائن ٻاهري هموار ڪيو، جنهن ۾ مکيه ڀاڱو ادا ڪيو شري سي. جي. آسناڻي. گهڻن ڪمن ۾ مشغول هوندي به اسانجي هن ٻرڳه دوست، هيءَ ڪم سچي شيءِ سان ادا ڪيو. ان صرف اهو پر هوندي ساري سيمينار جي خرچ جي پوراڻيءَ لاءِ ٻاڪ ٻروڙي پيسا هٿ ڪيائون. پر ان جا سنڌي

ٻيوس سيمينار جون جهلڪون



(۱) پوڄيه دادا ڄشن واسواڻي، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي ۽ شري موهن لعل شهاڻي (۲) شريمتي ڪمڪمد ٻيوس (مٿي لي رتو پيل) ۽ ٻيا (۳) هرلدراج دکايل، گووردن گهايل، پرتم وريامي ۽ ٻيا (۴) شري موتيلال ٻتاڻي، گوبندرام پاڻيا، هري دلگير، پرڀو وفا، الھداس ڪمڪمد ٻيوس ۽ ٻيا ودوان ۽ ساهتڪار (۵) شري عطر سڌيڪتاڻي، شري چندرام آسناڻي ۽ ٻيا.

۽ منهنجو ٻالڪن ٻولي پڙهي گهڻو ڪم سنڀالي ورتو هئو، آءٌ ان
کي وساري نٿو سگهان. آل انڊيا ريڊيو وارن مهرباني ڪري هيءُ
پروگرام رڪارڊ ڪيو. ان لاءِ اسين سندن ٿورائتا آهيون.
مسٽرس آرٽ سينٽر (پونا) فوٽوگرافس هاؤس جو وڏو فوٽو
تيار ڪري اسان کي ڏنو ان لاءِ اسين سندن شڪرگذار آهيون.
هيءُ فوٽو شردا مان شراڌي هاؤس کي سيمينار جي موقعي
تي ڏنو ويو. آخر ۾ مان سڀني ليکڪن ۽ ودوانن جو ٿورائتو
آهيان جن موقعي جو شان رکي سيمينار کي ڪامياب بڻايو.

ڌنيواد!

پرڀو ورياڻي
ڪنوينر
ڪوي هاؤس سيمينار



سمپادڪيه

۲۷ سيپٽمبر ۱۹۷۰ تي سنڌو کو جدا ڪيندڙ (ٻول) طوفان سڏايل ٻوس سيمينار وقت ليکڪن وٽان ڪافي مضمون اچي پهتا. جدا جدا ليکڪن الڳ الڳ وشين تي قلم آزمائي، ٻوس کي گوناگون ڪوي ثابت ڪيو. ٻوس کي ڪويءَ ۽ ساهتڪار جي روپ ۾ جدا جدا ماڻهن سان ماپيو ويو. سندس شخصي جيون ۽ سماجڪ رهنمائيءَ بابت ڪلڪ وَهائي، سيمينار ڏانهن حاضر ليکڪن پهتا مضمون پڙهيا. ڪن ٻوس کي مهاڪوي ڪوٺيو، ڪن انهن دور جو بالي سڏيو ته ڪن سندس لفظن جي چونڊ، ٻولي، رواني، آزاد خيالي، حب الوطني، موسيقي وغيره بابت بيان ڪيا ڪن ڪيس ڪوتا جي بندش ٽوڙڻ لاءِ ملامتي ٺهرايو. سچ پچ ان لاءِ تي ته سيمينار ڪوٺايو ويو هيو، جنهن ساهت جي هرپهلوءَ کان سندس رچنائن جو جائزو ورتو وڃي، ٽڪ ٽور ڪئي وڃي ۽ ان بعد کيس يوڳ استان ڏنو وڃي. سيمينار ۾ وقت جي کوتاهيءَ سبب ڪيترن غيرحاضر ليکڪن جا مضمون پڙهجي نه سگهيا ۽ پڙهيل سمجهيا ويا. مضمون نه صرف ٻوس جي شاعريءَ بابت هئا ۽ سندس ڪيل ڪل شيوائن بابت پڻ هئا.

سيمينار بعد مضمون سمپادت ڪرڻ جو نازڪ ڪم اسان تي رکيو ويو. هڪ ڪافي هئا ۽ وسيلا محدود، ان ڪري سڀاويڪ اسان کي محدود دائره اندر ڪم ڪرڻو پيو. اڄ خوشقسمتيءَ سان ان نذري چاڙهڻ وارو سپنو ساڪار ٿيو آهي. سمورا ليک هن ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ ۾ اسمرٿ آهيون ان ڪري وچار آهي ته باقي ليک ٻئي ڪنهن

شڪرگذاري

ڀوس سيمينار کي سڦل بڻائڻ لاءِ ديش وديش مان ڪيترن ئي ڀائرن، عالمن ۽ ساهتڪارن پنهنجا سنديش موڪليا آهن، جن ۾ ڪجهه آهن:-

ڀارت جو راشٽرپتي، اپ راشٽرپتي، تعليم منتري، مهاراشٽر جو ڪجهه منتري، شڪشا منتري، پوليس جو منتري، ساهتيه اڪاديميءَ جو سيڪريٽري، اسيمبلي ميمبر شري سندرداس ايسراڻي، شري ڄيٺو آڏواڻي، امر لعل ڪوٺاري، پروفيسر لالسنگهه اجواڻي، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، پروفيسر هرائش واسواڻي، پروفيسر منوهرداس ڪوڙومل، پروفيسر جهمٽمل ڀاوناڻي، پرنسپال ڪرمداس ڪيسواڻي، ڊاڪٽر ليکچند "پريم"، گوورڌن محبوباڻي "ڀارتي"، شري ليکي ڪلاڻي، شري منو گدواڻي، دادا شيوڪ ڀوڄراج، شري جيٺانند راشٽروادي، سيلان مان شري ليرانداس ڀيرومل هالپوٽاڻي، سنڌ مان پروفيسر خواجه غلام علي الانا ۽ پروفيسر جوتواڻي.

سڀني جي سنديشن ۽ ڀاون لاءِ بيحد شڪرگذار آهيون.

ڪنوينر
ڀوس سيمينار
سنڌو ڪوچنگ ڪيمپ، پونا-٦

ڇا لکان؟

عالمن، اديبن، اڀياسين، شاعرن ۽ فنڪارن سڀني بيوس کي شان وارو شاعر ڪري قبوليو آهي ۽ هن موجوده زماني جو مها ڪوي ڪري مڃيو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڊاڪٽر دائود پوٽي، پروفيسر اجواڻي، ميران محمد شاه ۽ ٻين نقادن کيس اعليٰ درجي جو شاعر سمجهي کيس سلام ڪيو ۽ کليو کلايو چيو ته هن انقلابي شاعر اسانجي شعر و شاعري جي دنيا ۾ اٿل پٿل آندي ۽ اسانکي سمجهه ڏني ته شاعريءَ جي معنيٰ آهي سرشٽيءَ جي سرور جي ترجماني. شاه جي رسالي کي شرح سميت پيش ڪرڻ واري وڌوان ۽ کوجنڪ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ چيو: "خاص خوبي جا بيوس جي شعر ۾ موليڪي نظر اچي ٿي سا هيءَ آهي ته مضمون ۽ عبارت ٻئي اصلي آهن ۽ نرالي. هن جي مشاهدي جي قوت به سگهاري آهي. هن جوت جي خمس ڳالهين مان پارک رٽا پروڙي پيش ڪيا آهن." ڊاڪٽر دائود پوٽي ساک ڀري "مان بيوس کي سنجيدو، فهميدو، عمدو شاعر ڪري ٿو ليکيان. مونکي بيوس صاحب جي شعر وڏو اثر ڪيو آهي. چاهيان ٿو ته سنڌ ۾ بيوس جا پيروڪار پيدا ٿين ۽ سنڌي شاعريءَ کي نئين سونهن بخشين." ميران محمد شاه جا ته لفظ برزبان ڪري ڇڏيا اٿم. ڪهڙيءَ نه صافگوئيءَ سان ٿو چوي "سندس شعر جي طاقت قوي ۽ فطري آهي. سندس ڪلام نهايت رنگ آميز ۽ دلڪش آهي." پرنسپال اجواڻي جيڪو مهاڳ "شعر بيوس" ۾ لکيو آهي سو پڙهي ڏسو. مان فقط ٿورڙيون سٽون ٿو هت ڏيان. هو صاحب چوي ٿو "بيوس جو شعر پڙهي مونکي

ڏسي موزون حالتن ۾ ڇپائڻ لاءِ ڪيئن معماري مخزن ۾ لڳاتار ڇپائڻ. اميد ته ليکڪ اسان کي معاف ڪندا، جن جا ليک هن ڪتاب ۾ شامل نه ڪري سگهيا آهيون.

هيءُ ڪتاب سيمينار بعد هڪدم ڇپجڻو هو پر مٿي ڄاڻايل موجب محدود وسيلا ۽ پريس جون تڪليفون وغيره سبب دير ٿي آهي. اسان کي هن معماري ۽ اهميت واري ڪتاب ۾ (اسان جي نظر ۾) اشتهار ڏيڻا نه هئا ۽ ڪتاب جو ملهه به لاڳت کان گهٽ رکڻو هو جيئن گهڻا ساهت پريمي فائدو وٺي سگهن ۽ وڌ ڪتاب جي ٻيهڪ نه سهڻي رکڻي هئي، ان ڪري ٿڙو ڪم ڪرڻ پسند نه ڪيوسين. تمام حالتن کي منهن ڏيندي لنگهي پار پيا آهيون ۽ ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. پاڻ خود ئي ڏسي ۽ پڙهي قدر ڪن. قدر نه ليکڪن جو لهڻ گهرجي جن ٿوري ويلي ڪتاب پڙهي مضمون لکيا آهن ۽ قدر لهڻ گهرجي ڪوي بيوس جو، جنهن جي رهنمائيءَ ۾ رچنائون رچيون ويون آهن، اسان نه صرف سندن لکڻيون پاٺڪن جي اڳيان رکيون آهن.

هن ڪتاب ڇپجڻ ۾ خاص همت ڏني آهي ڪري دڪانل جي، شري گوبند پاڻيا جو ۽ شري عطر سنگتاڻيءَ جو. پريرڻا رهي آهي پرنسپال دلگير جي. اسين سندن ٿورائتا آهيون. پروفيسر رام پنجواڻيءَ ذخيرو نظر مان ڪڍي مهاڳ (ڇا لکڻ جي سري همت) لکي اسان سان وڏ ڪيو آهي. قرب پيا ۽ اکر پروفيسر آڏواڻيءَ جا اسان لاءِ همت افزائي ڪندڙ آهن. سنڌو آرٽ پرنٽرس پمپري (پونا) وارن سرو شري اجيت ڪمار ۽ رميش پاڻيا سهيوگ ۽ سهڪار ڏيئي ڪتاب تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي جنهن جا اسين انهن شڪرگذار آهيون.

— سمپادڪ

ڪيو. هن جي ڪوتا سان سنڌي نظم جي نئين ٻـر پاسف
ٿئي. "مسدس الهيءَ پرٻاٽ جو وهائو آرو آهي." "شعر
مسدس" جي شايع ٿيڻ لي جا پوئيندا سنڌ جي سڀاڳ شاعر
هري دلگير پرگهٽ ڪئي آهي سا ڏاڍي پڙهڻ ۽ سوچڻ لائق
آهي. لکي ٿو "عام ۽ خاص جو محبوب مهاڪوي "مسدس"
نئين زماني جو پهرين "نئون" ترقي پسند ۽ انقلابي شاعر
آهي. مسدس شعر ۽ خيالات جي بلندي، مضمونن جي
نوائي، اوليءَ ٻي لاثاني قبضو، پڙهڻ ۾ رس ۽ رواني
مفتاج ۽ موسيقي، بيان ۾ جدت ڪاريءَ جو انداز، انهن
تشبيهن ۽ نوان استعارا، اهي سڀ ان ڳالهه شاهد آهن ۽
زياده اظهار ڪرڻ اجائي آهي." وڌيڪ اظهار ڪندي هيءُ
سمجهڻ لکي ٿو "ڪي دوست، جي فارسي لفظن جي "فارسي
اچارن" جا شائق آهن، سي "مسدس" جي "سنڌي
اچارن" تي اجايا اعتراض اٿاريندا آهن. انهن دوستن
سان اسين ضرور قبول ڪرڻ پوندو ته "مسدس" اصولي
فارسي لفظ جو اسين خيال نه ڪندو هو، جيترو اسان ڪي
دوست ڪن ٿا. پر ان ڪري مسدس شعر جون لاثاني
خوبيون گهٽجي ڪو نه ٿيون. شاعر آزاد آهي ۽ ڳالهه کي
ڪٿهن نه بندش ۾ وجهي، ڦهڪو پاڻ گهٽائڻ لاءِ آزار نه
آهي. روي پارو ۽ شاه صاحب جي شعر ۾ نه سائيون
"غلطيون" آهن پر ان هوندي به هو اهڙا ان شاعر آهن."
دلگير سائين مسدس جي شان ۾ ڪيترا شعر رچيا آهن جن
مان ٿورا اوهان سڀئون لاءِ ڏيکاريان ٿو. هن ٿر شاعر کي سائين
مسدس لاءِ ڪيڏي عزت ۽ عقيدت اهدي آهي!

آفتاب آهين ادب جو، شاعريءَ جو شاه اوهان
سنڌڙيءَ جي شعر جي محفل جو آهين ساه اوهان
سنڌ جو شاعر نئون جو، تنهن جو نت آلساه اوهان

آنند ۽ چالاڪي ڏني ۽ سنڌ واسين کي مون چيو ته اول اسان جي
زنده شاعرن ۾ اياز کي ٻرڪ سمجهڻ گهرجي ....
هرڪو شاعر نه رڳو سونهن جو پوڄاري آهي پر پنهنجي
زماني ۾ پنهنجي جاتيءَ جي جذبات ۽ امنگن، شڪايتن ۽
سنڪلپن جو صحيح ترجمان به آهي. شعر ڍهل مثل نه آهي
جو جيڪو لنگهي سو آواز ڪيندو وڃي. شعر آرڪيسٽرا
آهي جنهن ۾ طرحين طرحين ناد ۽ ترنگون، ٻگل ۽ باجا،
شرنايون ۽ بينون، ساز ۽ سرود اچيو گڏ ٿين جن منجهان هڪ
اڪو سر ڪڍڻ لاءِ ڪو ڪامل کپي، درد دل وارو کپي، روشن
دماغ وارو کپي .... شاعر نه رڳو راڳيندڙ آهي، حسن جو
شيدائي آهي پر سچ درسي ۽ رهبر به آهي .... اياز
جيڪي ڏٺو پسيو، ماڻيو ۽ سٺو سو لکي وڌو درشن پائڻ
جي اوچ ڪوٺيءَ جي اپوءَ ٿي نه رسيو ڏٺي پر هن جي
مشاهدي ۽ تجربي ۾ پنهنجي خاصيت آهي. اياز جي
سڪ، اياز جو سوز، اياز جو آلاپ، اياز جو ورلاپ،
هنجي ڪومل دل ۽ لطيف ٻڌيءَ جو ڪافي ثبوت آهن ....
اياز جي هرهڪ شبد ۾ سچائي، صدق، اصليت ۽ درد
دل آهي ...... اياز جي شعر ۾ اوچ ڪلپنا آهي، مدامي
موج آهي ۽ دل جي اندران اٿل ڪي رسڻ جي شڪتي
آهي." اجواڻي صاحب جهڙو اڀوي انسان ۽ جالل سچالل
مقبول عالم جي اها شاهدي ڏني ته سواءِ ٿاپند ڪرڻ جي
مان چالو چئي سگهان؟ پروفيسر ارجن شاد جي "اياز ۽
لطون دور" ۾ حوالا ڏيندي مون سچا سنڌي ساهتڪار
آسانند مموريا جو راءِ ڏنو هو سو هيٺ ڏيکاريان ٿو. هو
صاحب چوي ٿو "ايندڙ ٿاڪيءَ جا ٻند ٻڌي، مبهد ڪنگا کي
آزاد ڪرڻو هو. اياز ٻهراڙين شاعر هو جنهن اهو اهم ڪم

هر ڪنهن انسان وانگر، پنهنجي وقت، جاءِ ۽ سماجي، راڄنيتي ۽ آرٿڪ حالتن جي پيدائش هو. مگر هن انهن حالتن جي ڪمزورين ۽ برائين خلاف جهيڙي جنگ جوٽي ۽ انهن اڀرندڙ زندگيءَ جو ساٿ ڏنو ۽ لکيو، جا سڀ حاصل ڪيائين سا سنڌي شاعر جي نوازش ۽ نرالي پسنديءَ جو سبب هئي، سا سنڌي شعر ۽ سنڌي قوم جي زندگيءَ جي قدرن (*New values of Life*) جو سبب ٿيو. بيوس جي اُن سبب اي سنڌي قوم کي فخر آهي ۽ هميشه رهندو. سگهن ٿا ته. ڪري جيڪي سنڌس شعر جي اثر وارن ۽ سنڌي لوڪ سرن، هندي مالوائن، بولي، وشيه يا موضوع وغيره بابت بي نظير بيان ڪيو آهي تنهن کي ڇڏي فقط بيوس جي شعر جي لواڙ بابت سنڌس رائو پيش ڪري ضروري ٿو سمجهان. لکي ٿو: "بيوس اڳڙو ئي سنجيدو، شائستو ۽ آدرشي شعر چيو جو شعر ۽ شاعر لاءِ عام ماڻهن ۾ عزت ۽ چاهنا وڌي. بيوس جي شعر هڪ پاڪ الوکي ڳالهه پيدا ڪئي جو شريف گهرن جون ڳالهيون به شعر پڙهڻ ۽ سمجهڻ لائق ٿيون. بيوس جا شعر عام گهرن ۾ ڳائجڻ ۾ آيا، سنڌس قومي شعر نوجوانن جي دلين ۾ ڌڙڪا ۽ سنڌس ٻهراڻ شعر شاگردن جي زندگيءَ جا رهنما ٿي ڪم آيا." انهيءَ راءِ جي گويا تائيد ڪندي اُن جون ڪمال هڪ هنڌ چوي ٿو:

"باني جديد رنگ جو رهبر نئين شاعريءَ جو
سنڌ اندر سو سڳڙو پڪسان دلبريءَ جو
ٻهڻن جي ڏي خون ماءُ ٿو ٻوڙي قلم هلائيو
ڪمزور کي ڏئي ويو احساس همتيءَ جو
سنڌي زبان جو نئون شاعر عظيم بيوس
ناهين قريب ليڪن، دل ۾ مقيم بيوس"

خاڪ جي ذرن کي تو بخشيون جلال ۽ جاهہ تون
تنهنجي هستي نور آهي، تون سو آهين آفتاب
جنهنجي چوڌاري ڦرن پيا ڪيترائي ماهتاب

ضيا جهڙو باشعور شاعر نه ڄڻي ٿيو. شعر وڏو آهي پر چند سٽون ياد آهن:-

"جي ٻيهل ها تن کي پوس دڳ لڳائيندو ويو
منزل مقصود ڪي، آسان پٽائيندو ويو
دل جي تارن تي وطن جا گيت ڳائيندو ويو
نغمهِ حب الوطن جڳ کي ٻڌائيندو ويو
شعر ماکيءَ کان مٺو پيدا ڪري ويندو رهيو
اي "ضيا" هرهڪ سخن ۾ رس ڀري ويندو رهيو"

ترقي پسند ليکڪن جو اڳوان سُگن آهوجا هن مهاڪويءَ تي موهت هو. تصوير مخزن جو هڪ جهونو انڪ هٿ اچي ويو جنهن ۾ هن روشن ضمير ۽ روشن دماغ دلبر، نظر نواس ۽ ادب شناس نرالي نقاد جو مضمون پڙهي مان عجب ۾ پئجي ويس. قدر ڪهو انس! قدر زر زرگري داند، قدر جوهر جوهري. مثال پيش ٿو ڪريان، سُگن آهوجا جي اکرن ۾. لکي ٿو:-

"ڪا بزرگ هستي جنهن جو نالو نوابشاهہ جي سنهري ورقن ۾ چمڪي اٿو آهي، تنهن پنهنجي تخليقي (*Creative*) ڪارنامن سان، وقت جي ڌارا کي موڙيو آهي، موڙي ڪيس نئين زمين تان وهائي، تازگي، توانائي ۽ رواني بخشي آهي يا وقت جي ڪنهن نئين ڌارا ۾ ٻڏي ڪري، سنڌس ڦهلاءَ ۽ روانيءَ ۾ اضافو ڪيو آهي." "ادوس" جو اڄ سنڌي ساهت جي اتهاس ۾ امر ٿي چڪو آهي، ان ڪسوٽيءَ تي پورو اُتري ٿو اچي. "ٻوس" ۽ اٿي

حقيقت جي مارڪ جو مولائي مڙس هو. ٻر حقيقت ۾ اُ— فقط اها ئي جا انسان کي وراڳ ۽ تياڳ جا سبق ڏئي ٿي اها حقيقت جا انسان کي غيب جا ڏس ڏيئي انسانيت جي سچي واٽ ٻڌائي. هو ڪرم يوگي هو، فقط ڌرم يوگي نه هو. جڏهن سنڌ جا ٻيا شاعر محبوب جي رخسارن ۽ لبن جي رس وٺڻ ۾ مشغول هئا ۽ زلفن، ڪاڪلن جي قيد ۾ قابو ٿي دانهون ڪري رهيا هئا تڏهن هن الهو واري ڪويءَ اِئي ڪا ٻولي ٻولي، جنهن سڄي ملڪ جي سالم دلين جو ڌيان ڇڪايو:—

”دليون سالم ٿين جنهن سان سچو شعر سو بيوس
گهري سنسار هر ساعت ۾ سالم دل سچارا ٿيو.“

بيوس جي اها صدا وڌندي ويئي. سنڌ ۾ اڄ جيڪي نئين ترقي پسند ۽ حقيقت شناس شاعر آهن. ليڪي بيوس کي پنهنجو رهبر ڪري قبوليندا. اڄ ڪالهه جي روشن دماغ شاعرن جو غريبن، مزدورن ۽ پورهيتن لاءِ پيار نه هڏ ڪرڪي ٿو شاعر بيوس سڀني کان اڳ هنن جي حمايت ۾ نعرو هڻي ويو. مزورن کي مخاطب ٿي ٿو چوي:—

”ڪم گهڻو ڏيکاءُ ٿورو، راحت هيءَ تنهنجي اوچ
ٿڌن ٽيڙن اٿن ۾ آهن ٻيکيءَ جو سرو مچ.“

اڄا پورهيت جو ڪنهن خيال به نه ڪيو هو نه بيوس اڳڪٿي ڪئي:—

”آهُ ڏس جوانش نظر سان، ڪول هن همت جي ٿري
جنهن سوا سنسار ۾ ڪنهن جي نه اڄ ٽالهن سري
ڪٿن نه آهي خدمت جي اهڙو احسان سان ٻري
مال ڏن عزت ٿي آهي سڀ ان جي سرسري
اُٿ اُٺي جاڳو نظر سان ڏو لصڪن ٿي نظر

۽ اُن جي حاسد ٺوڪو ڏيندي چيو:

شعر جي سولي عبارت لئو ڪٿي
شعر کي سمجهڻ جي حالت، او ڪٿي
شعر جي ڏراهي عبادت لئو ڪٿي
شعر جي سنڌڙي ۽ شهرت او ڪٿي
تو ٻڌايو شعر جو حاسد کي جام!
"شعر جا سرتاج آ تو کي سلام!"

حافظن لي هلان ۽ هو ام پيو ته هڪ هنڌ "ادبي اصول" ۾ اسان جي مڙني ساهتڪار پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ۽ ڪيس هلندڙ وقت جي شاعرن جو "سرتاج" يا "شهزادو" ڪري ڪوٺيو. لفظ ڪهڙو به هجي پر هن صاحب ۽ ٻيوس کي مهمپ ڪوني جو ڪوي ڪري ڪوٺيو آهي. ام هجي يا پوءِ ٿئي، مولي پرڪاش هجي يا ڪيرت، گوبند مالهي يا گمنام، سڀني ساڪن ۾ ساڳي آهي. شاهه لطيف پنهنجي زماني جو يگانو شاعر هو ۽ سامي ٻوس پنهنجي زماني جو. سنڌ جي ساهت جو جڏهن اتهاس لکبو تڏهن انهن ٻنهي کي پنهنجي پنهنجي دور جو باني ڪري تسليم ڪيو ويندو. ٻنهي شاعرن پنهنجي خيالن کي ظاهر ڪرڻ جو ذريعو الڳ الڳ اختيار ڪيو. سامي ٻوس جي خوبين جو مان ڪهڙو ذڪر ڪريان ۽ ڪهڙن لفظن ۾ ڪريان؟ هو بي الف ساگر ۽ مان هڪ ننڍڙي مڇي. ننڍڙي مڇي ڪٿي مها ساگر جو الف لهي؟ صحيح معنيٰ ۾ هو هڪ درويش هو. نو ڪلي، پالو پولو، لوڪ ڳالهائو ۽ اوچ خيالو. مان ڇا ٻڌايان؟ ڏسو نه ٻولي ڪهڙي نه مٺي آهي، عبارت ڪهڙي نه اعليٰ آهي، ويچار ڪيڏا نه اوچا آهن! هي اهو شاعر نه آهي جو مجاز ۾ ڪي منجهيو رهيو. هو

تفاوت آهي. زبان سان خوف کي نه مڃڻ ۽ خوف واري
جاءِ تي اڪيلو رهي ڪنهن تنهنجي معقول نه جو خوف زبان
سان مڃڻ ۾ نه ٿي آيو، سو حقيقت ۾ دل سان مڃيو ويو.
زبان جي مڃتا ۽ عمل ۾ لفظي آهي ۽ دل جي مڃتا عملي
۾ سچي آهي. ڏٺيءَ کي هر جاءِ حاضر ناظر ڄاڻڻ سان زباني
نه پر دلي ڪمي. جي سچ پچ دل سان مالڪ کي هر جاءِ ۾
هر مهل حاضر ناظر، دانا بينا ڄاڻبو ته ڏوهه ڪرڻ ۽ ڪڇي
ڪري سگهبو؟ ڇا سندس حضوريءَ ۾، دانسته ڏوهه ڪري،
سائنس مقبول ڪرڻو نه آهي؟ گنهگار مومن کان ڀي گناهه
مڪر پيو. ڇا زبان ۾ آسڪ ۽ من ۾ ناسڪ؟ سو انسان
وڃهي ڏٺيءَ کي دور دور ڪڍڻ الذاري اڄ پرسڪي ۾
ڪٽي پاڻو آهي، جتان هو اسانجون خطائون نه ڏسي ڪري
نه ٿو سگهي! اها سڪي زباني مڃتا ٿي آهي سڀني مدائن
جو ماڻ، سڀني پاپن جي جڙ، سڀني گناهن جو بنياد. جنهن
زبان ۽ دل جو ميلاپ نه ٿيندو انهن گنهگاريءَ جو سدا
وڌندڙ بوجو ڪين گهٽبو. اڄو نه الهيءَ لاءِ جهڙي جاءِ تي
ڪيچ ڪون الزون ۾ سدا وڃهي کي سچ پچ دل سان وڃهو
محسوس ڪرڻون." ڪهڙي نه وچار جي وشالتا! ان سٽن
۾ هڪ پستڪ جو مادو سمايل آهي ۽ ڪوزي ۾ دريا!

پوس سڪ درسي شاعر آهي. مسڪين لاءِ هن جو هڪ
ڪرڪي ٿو ۽ هو پورهيتن جو پاسو ڪٺندي ڀڳوان کان پڇار
نه ٿو ٿي وڃي. هو نه پاڻ الهن ٿو سمجهي نه ڀڳوان لاٿن
جو ماڻ آهي ۽ ٻي رهڻ جو وسيلو.

" آهه ٻال ٻال جي ٻهي لسي مهر هن جي مهر جي "

الهيءَ ڀڳوان ٿي آسرو رکي هو اڏان کي اپاري ٿو ۽ چوي ٿو:

" ڪو ٻه اڙو ڪوٽ ناهي جنهن نه ٻهڃي درد ٿو
ڪشت ڪاهل ڪمهاڳر ڇو ڪري ڪنڪال ڪي "

” جا ٻچا ڀوڪ ڀڄن ۾ آهه ڀور هيٺ جي ٻچڙ
شاهوڪار شاهيءَ ٿي هلان ٻيوس ڪان اڪ ڪنهن ڪٿي ؟
سرمايه دار ڪان ڪهڙن لفظن ۾ ٿو احوال وٺي ؟ :-
” لال ٿيو لڏهڙو دشالو ڪنهن جي لوهو چاڙهيو مان؟
خون. دل ڪنهن جو ٻکي ٿو ٽنهن جي ڳل ڳاڙهاڻ مان؟“

مفت کائو مالدار، رت چوسي چور، رشوتي راڙو ٻڙدل،
هڙ هڙيو وغيره وغيره. ٻيوس مسڪينن محتاجن جو حامي
ڪوي ٽاگور والگهان ٻرپوءَ کي اهي ٿو ڏسي جنهن هاري
ڏرتي ٿو کوڙي ۽ مزدور پٿر ٿو ٽوڙي. مٿرا گوڪل ۽
ٻندرابن ۾ ٻهوس کي ڀڳوان ڏسڻ ۾ نه آيو.

” وڃو چڙي مٿرا ۽ گوڪل لاءِ جمنا جي ڀري
شهر شهوا ۾ هلي ٻيهي مذهب مرليڌر ڪٿي ؟“

ڪهس ٻرپو ڏسڻ ۾ آيو غريبن جي ڪکائن جهوپڙن ۾ :-

” اڄ غريبن جون ڪکاٻون جهوپڙيون مالڪ ڏسي
ٿو مڙهيءَ، مسجد، مندر ديول ٺڪاڻي ڪان ٿهي“

ٻهوس جو ڀڳوان امت رهي ٿو سکهي جنهن ڪوڙ، فريب
۽ فساد آهي.

” ٿيو اُجڙ دل جو مندر، دلبر جو گهر ويران آهه
ڪام راجا جت وسي هتي رام ونجارو رهي ؟“

اهڙا مندر ويران ڀلا آهن.

” جنهن الذاري ڏيوري ۾ مون وهاريو ڏيئو کي
ان ٻگل ٻولي جو پٿر آهه ٻرمکولي ٻ هٿ“

اهي ٻولارن ۾ سنون ياد ڪري مولکي سائين ٻهوس جي
ٻهوني ڏال سمجهائيءَ جي يادگيري اچي وڃي. ڏسو ته
اُهن ان سنن جي ولاڪيا ٻيهوني لفظن ۾ ڪهڙي ٿو ڪري!
سائين چوي ٿو :- ” زبان سان چوڻ ۽ دل سان مڃڻ ۾ وڏو

جو شعر پڙهي ڏسو. ايوس جهڙي شعر جهڙي قلزم ۾ اونهي
لهي ڏسو. سمنڊ جي لهري ۽ سهڻون هو لنهون آهن.
جن لوبا هزار دفعا به ليهون ڏيئي هر دفعي نڪالي ڪا
املهه چيز لري مان ڪڍي ايندا آهن تن ايوس جهڙي شعر
جي ساگر مان ساهموڪ لوبا ليهون ڏيئي اهڪ سڄي روائي
سهڻون ڪڍي سگهن ٿا. ليءِ لاءِ ساه منجهاڪٺو ٻولندو ۽
ڪوشش جاري رکڻي پوندي.

”رامن چوڏس جي جتي يا ڪ اماسي ڦهري
جاري مولن جي ننهان ساڳي تلاشي ٿهري“

ايوس سائينءَ جا مولهي احسان اپار آهن. زندگيءَ جو
مقصد مولنڪي هن سمجهايو. جهڙن جي رنگ منبع لئي
لي پرواهيءَ سان نهارڻ هن سيکاريو. ساهت ۾ پوليءَ لاءِ
پولم منهنجي من ۾ هن جاڳايو. مان نه چيڙا سنڌس ڪٺ
ڳالهيون اولرا لووا پر خوشي لهندي اٿم جڏهن ٻيا اپاسي
ادباب ۾ ڪوي ا. هن جي ٻاري ۽ ڪڇهه چوندا آهن.
سائينءَ جي ساراهه ٻڌي يا پڙهي سهاوي ڪڏ ڪڏ لهندو آهيان
ان منهنجي سائينءَ جي ڪوبتا لئي ڪيترائن ۽ چرچا ٿئي،
هن جي شعر ۾ شخصيت لي سيمنار ٿين، هن جي شعر جا
ڪتاب وشوود يالهه قبول ڪري ڪالهجي و دپارٽمين لاءِ
مقرر ڪن، سنڌس ٽين ٽرالي پرانگ ڪي خود لوٿي پسند
جوان پسند ڪن، قبول پئل ڪوري ۾ معمول مفڪر ا. هنجي
تعريف ڪن ڏ. ٻاقي جا ڪهي؟ ڪڏ ريل سال ٿولي ۽ سنڌو
ڪوجنا ڪمندر جي سهاري هڪ سيمينار ٿيو. ڪمرن اداڻن
۾ ڪوجهڪن پيپر پڙهيا. اهي پيپر ڪتابي صورت ۾ لوهان
اڳيان پيش آهن. ڏليواد آهي سنڌو ڪوجنا ڪمندر جي
ڪم ڪندڙن کي جن انڊو ڪمالو ۽ خرچ ڪري هيءَ ڪتاب

تنهن ڪري اي ڪنگال اُٿ ۽ هاري اُٿ. گذريءَ کي
وسار، آئينده جا سپنا نه لهه، حال ۾ پنهنجي حال سڌارڻ
جو پڪو ڪر.

”واهه مري ماضي جُٺي، ايندڙ وهيڻو آس جي
هن زماني ۾ حڪومت آهه حاصل حال کي“

هو سماجواد جو سهائڪ آهي، هو انسانيت جو علمبردار آهي.
پر هن جو وشواس آهي ته جنهن ڪارڻ ۾ ڪرتار جو هٿ
نه آهي سو ڪنهن ڪم جو نه آهي.

”لسو ٻيا معقول نه آهي محب ملڪيت مال کي
ڏِن ٻيا دل جي وڏائي جهرلي جنجال کي“

جيڪي مٿي لکي آيو آهيان تنهن مان ڪو اهو اندازو نه
ڪڍي ته ٻيوس فقط مزدور جي حال سڌارڻ لاءِ مقاماري
ڪئي آهي. هيءَ نه سندس شاعريءَ جو هڪ پهلو آهي
جنهن کي هن صاحب دل جي سچائيءَ سان نڀايو آهي ۽ نه
اسانجي سالن هن موجوده زماني ۾ ترقي رنگ ۽
ڍنگ سان، سهڻي ۽ سلوس ۽ سلوڪيءَ سمنديءَ ۾ هر وقت
لي ڪاميابيءَ سان قلم هلايو آهي. اڳي ۽ هاڻ الم وري ۽
جوان لو ته ” ٻيوس جو شعر جو نه پڙهندو تنهن کي پنهنجي
فقط نگاهه ڪان مزو ايندو. فيلسوف کي فلسفي ملندي،
فقير کي رياضت ۽ عبادت جي واٽ ملندي، غريب کي
آس ۽ آسرو ملندو، سرمايه دار کي هدايت ملندي، سماج
جي شيوادارين جي اندر ۾ اُجل اُٿندي، وطن دوست
جي دل ۾ درد اُڀرندو، مرد کي پنهنجي شان جي شناس
ملندي ۽ استرين کي پنهنجي عزت جو الهو ملندو. شاعر
اهو ڪامياب جنهن جي شعر مان هرڪو مزو ماڻي. ٻيوس

۵- راز جيون ۽ حڪمت جا موتي کڻي ڪان لئي پيا
ليڪ تو مثل ڪو اُستاد ڀلائي نہ سگهو.
۶- اڄ ڪ انسان جي اکڙين مان لڙن ٿا ڪيڏا!
تو جهان ڪين ڪوئي موت ٽالي نہ سگهو.
۷- خاڪ جا ذرا ڪٿي تن کي پٽائي سورج
ڪرشما ڪيڏا ڪيئہ، ڪم ڇڏائي نہ سگهو.
۸- اٿڻي "بوس" نہ دلين ۾ تو ڪران وس، وس سان
منهنجي دل کي ڪوئي تو مثل وسائي نہ سگهو.
۹- جهڪي موتي هو چڙهي سنڌ ۾ آهن، ليڪن
پنهنجو ور تو جو ڏنو، ڪو ڇڏائي نہ سگهو.
۱۰- مورلي تنهنجي آ "دلگير" جي من مندر ۾
ڪوئي ڏرائي نہ ڪڍي من ان کي هٽائي نہ سگهو."

ياد، هميشه ياد! ياد هن جي سهڻي صورت، ياد هن جي مروت، صداقت، سخاوت ۽ همت، ياد هن جون ڳالهيون، ياد هن جون صحبتون، ياد هن جون نصيحتون، ياد رهندو الوس جنهن پنهنجي وس سان هن کي بوس ڪري ڇڏاو. شاعر هو، صحيح معنيٰ ۾ شاعر، جنهن لاءِ ياڪ چئي ويو:-

"تو ۾ هو دل جي نڪي لاءِ ليڪ جاءِ ڪٿي"

رام پنجواڻي

اسانکي ڏنو آهي. جن هن ڪتاب ۾ مضمون لکيا آهن تن به شاباس لهڻي. ڪيترن ڪئي اٿن، ڪيترن ڏيکاري اٿن، رايا ظاهر ڪيا اٿن، خوابن جو ورنن ڪيو اٿن ته ڪٿي ڪام ۽ ڪروڌ جي اُنڪن جو اظهار ڪيو اٿن، ڪٿي ڪيس پارليمينٽ جهڙو ٺاٺ ڪيو اٿن ته ڪٿي پارليمينٽ جي صف ۾ ٻهڳ ڪوه ڏنو اٿن. ڇا ته هي به اورچائيءَ سان اندر جا اُمنگ ظاهر ڪري گويا هڪ ڊاڪيومينٽ اسان اڳيان رکيو اٿن! ڌنيواد! لکندڙن کي ڌنيواد ۽ ڌنيواد اڄ لک، لوچ لکيل، لوچ ڪندڙ- پرنسپل ورماڻي ۽ سندس ساٿين کي جن هيڏن ادبن ۽ ليکڪارن جا وچار اسان آڏو رکيا آهن. مونکي خوشي آهي ۽ خوشي آهي ڊڪاٻل، هري دلگير، پريو وفا، گوبند پائيا، ليوڪ پرنسپل، لعل ڪمل ۽ گوبند داد لاٽي جهڙن شرڌاوشٽن کي جن جي ساٿين جو اڀياس مان آيو آهي. مان ان جو جيڪو مان جي لائق آهي. اسين سڀ ڪالج جي ساٿين جا گڻ ڳايون ته جيڪر دلگير جي لفظن ۾ چئون:-

"ڀاڄيا احسان اجا ڪير ڀلائي ته سکيو
ڪيڏا احسان ها، ڪوئي ته ٻڌائي ته سکيو
١- ڀاڄيو سچ تو اجا پرڪاش پکڙي ساڳيو
وقت جو ڪارو ڪڪر ڪيس ڇپائي ته سکيو
٢- جوت دل دل ۾ سچي، ڀاڄيءَ اجا جرڪي ٿي
ڪوئي طوفان ڪڏهن ڪيس اجهائي ته سکيو
٣- اي ٻيا ڪاڄ جا، ڪولي تون اسان لاءِ وڏين
لعل هر ڪو تو اٿي ڪو ڪتائي ته سکيو.
٤- روز سچ ڇنڊ ڇڻون، روز ٿيون ٿا الڳ لف
تو جهان کين ڪو رلڪين ڀلائي ته سکيو.

ڪوي ٻيوَس

سنڌي نظم ۾ هڪ يادگار

پرنسيپال لالسنگهه اجواڻي

ڪوي ٻيوَس (ڪشنچند ٿيرٿداس کٽري) جنهن سنڌي ڪويتا ۾ ڪي انقلابي ڦيرڦارون آنديون ۽ جو ويهين صديءَ جي سنڌي ساهت ۾ چوٽيءَ ڪٽي ۽ وڌ ۾ وڌ اهميت رکندڙ هستي هو، تنهن جو جنم سنڌ جي لاڙڪاڻي شهر ۾ ٢٥ فيبروري ١٨٨٥ تي ٿيو.

هن سنڌي پرائمري اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ پوءِ انگريزي ڀاشا جي ڀ ٿوري واقفيت رکي، انلاءِ ته جيئن ڪوي ٽئگور جي ڪوتا جو (انگريزيءَ ۾ ٿيل ترجمي جو) اڀياس ڪري سگهي. مفلسي سندس جيون جي آخرين منزل تائين ساٿ رهي ۽ رڳو پوئين پهر ۾ ئي هو پنهنجو مڪان اڏي سگهيو جنهن کي هن 'جشن خانو' يعني خوشيءَ جو گهر ڪري سڏيو.

هن جا متر ساڻس ملڻ لاءِ سندس 'جشن خاني' ۾ ايندا هئا ۽ هو صاحب قرب مان سندن مهمانوازي ڪندو هو ۽ کين کير ڏڌ ۽ مکڻ سان ٻٽي ڇڏيندو هو. اهي شيون کيس سندس ٻن ڳئن مان ملنديون هيون، جن کي هو نهايت پيار ۽ خبرداريءَ سان پاليندو هو. پاڻ اهو فخر سمجهندو هئو جيئن هو ڪرشن ڀڳوان (جنهنجو هو اپاسڪ هو) جيان ڳاين جو سيوڪ گوپال ٿي رهي.

ڇڏي، اھا ھڪ للڪار ھئي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ڳالھائيندڙن کي پنھنجي عالي ورثي جي حفاظت ڪرڻ گھرجي ۽ سنڌي ساھت ۾ نيون راھون گھڙڻ گھرجن.

ڪوي بيوس پراچين پوراڻ وچارڌارا موجب ھڪ حڪيم ھو بعدي ھو ويج بہ ھو تہ ھڪ ودوان بہ ھو. ڊاڪٽر گوبندرام داداڻي، جو ڪوي بيوس سان سندس ھوميو پيٿڪ اسپتال ۾ ڪم ڪندو ھو، سو ڪويءَ جي ھٿ شفا جون ڪيترين ئي ڳالھيون ٻڌائي سگھندو. ڪويتا لکڻ ۽ بيمارن جي تپاس ڪرڻ سان گڏ نيون ڪارج جنھن ۾ ھوُ پاڻ کي (ھيڊ ماستريءَ مان رٽائر ڪرڻ بعد) مشغول رکندو ھو سو ھو ٻارن جي پرداخت. شري شيوڪ ڀوڄراج جنھن ٻالڪن جي ٻاريءَ جو بنياد وڌو سو اھا ساک ڀريندو آھي تہ ڪوي بيوس نہ فقط ننڍڙن ٻالڪن لاءِ ڪويتائون لکندو ھو جي ھو ٻرزبان ڪري چوندا ھئا، پر ھوُ سنستا جي جوڙجڪي ڪارڻ ۾ پڻ چڱو چوکو ڀاڱو وٺندو ھو.

سندس جيون جي آخر ۾ ڪيترائي نوجوان سندس چوڌاري جمع ٿيندا ھئا. خاص ڪري اُھي جن ۾ شعر لکڻ جي ڪجھ ذات ھوندي ھئي. اھي سندس آخرين ۽ بيماريءَ جي عرصي ۾ رات ڏينھن سندس شيوا ۾ لڳا رھندا ھئا، تانجو ٢٣ سيپٽمبر ١٩٤٧ ئي ھو سرڳ ڌام ڏانھن سڌاريو. ان ۾ ذرو بہ شڪ ناھي تہ ان بيماريءَ جي عرصي ۾ ڪويءَ جي دل ڀاڃين وڌيڪ دکي ٿيندي ھئي جو ورھاڱي کان ٿورو اڳ، ۽ ورھاڱي کان پوءِ ترت ئي پنجاب، بلوچستان ۽ سنڌ مان فرقيوار فسادن جون خبرون سندس ڪنن تائين پھچنديون رھيون. سندس مرڻو ڪاڇوءَ ئي سندس عزيز ۽ خويش لاڙڪاڻي مان روانا ٿيا.

ڪويءَ پنهنجي پهرين پهرين شاعري رچنا تڏهن جوڙي جڏهن هو اڃا سورهن سالن جو هو ۽ پرائمري ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج ۾ شاگرد هو. هاسٽل جو سپرنٽينڊنٽ جنهن رات هاسٽل جو چڪر ڏئي رهيو هو ته بيوس جي ڪمري ۾ بتي ٻرندي ڏٺائين. هو اندر گهڙي ويو ۽ ڏٺائين ته جوان کي ڪرسيءَ ۾ ويٺي ننڊ ڪٽي وئي آهي ۽ سندس پاسي ۾ هڪڙو ڪاغذ جو ٽڪرو پيو هو جنهن تي هن نظم ۾ پنهنجي پهرين رچنا رهڙي هئي. پڙهي ڏاڍو متاثر ٿيو. ٻئي ڏينهن هن صاحب ماستر کي مبارڪون ڏيندي اڳڪٿي ڪئي ته هڪ ڏينهن هو اوس هڪ مهان ڪوي ٿيندو.

بيوس ننڍي عمر ۾ ئي فيلسوفي ۽ تتو گيان ۾ دلچسپي وٺندو هو انهيءَ شاهدي موجود آهي. ٽريننگ ڪاليج ۾ سيني امتحان ۾ هن پاس ڪيو ۽ جيئن ڳوٺن ڏانهن پهرين نائب ماستر ۽ پوءِ هيڊماستر ڪري موڪليائون ليڪن هن ڏٺو ته پاڻ کي ڪٿان به بدلي ڪرائڻ لاءِ هڪ مسئلو اٿي پوندو هو. ڳوٺاڻا، هندو توڙي مسلمان، تعليم کاتي جي عملدارن کي عرضن پٺيان عرضا موڪليندا هئا ته بيوس صاحب کي هتان بدلي نه ڪريو.

پنهنجي جيون جي آخرين ورهين ۾ ڪيس پنهنجي ئي شهر ۾ يا پرسان ئي هيڊماستر ڪري رکيائون جنهنڪري هو سماجڪ ۽ سنسڪرتڪ ڪارين ۾ ڀاڱو وٺي سگهيو. سن ١٩٢٥ کان ١٩٤٠ وارن ١٥ سالن جي عرصي ۾، سندس ناموس سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ نالي ڪوي ۽ ساهتڪار جي روپ ۾ ڄمي ويو. ٢٨، ٢٩ ۽ ٣٠ مارچ ١٩٤١ ۾ ڪراچي شهر ۾ جو سنڌي ساهتيه سميلن ڪوٺايو ويو اُنجو ڪيس سڀاپتي چونڊيو ويو. هنجي صدارتي تقرير پڙهندڙن ۾ ٻهلي ڦهلائي

ڏسندي به ڏکي ٿيڻ يا بي همت ٿيڻ کان انڪار نه ڪري. پر هنجي ڪوتا ۾ هروڀرو پنهنجي ڳالهه کي سچي ثابت ڪرڻ لاءِ نه شدت آهي ۽ نه شوخي. هو آنندو پنهنجي هستيءَ کي ميسارڻ وارو آهي، ذري گهٽ ڀارتي استريءَ جي پرمپرا واري خود-ميسارڻ جي روايت نڀائيندڙ.

بيوس سخن ۾ حليم آهي ۽ جڏهن ٻُڌجي پتين، ظالمن، ڍونگين ۽ ڏاڍين جي خلاف هو نڪتہچيني نه ڪري تڏهن به واڪو واڪاڻ ڪونه ٿو ڪري. بيوس شايد پهريون ئي شاعر آهي جنهن ويچاري ڪسان جي مصيبت زده حالت تي ڏک جو اظهار ڪيو آهي. ڪسان ڪيترو به مگر سدائين فاقاڪشيءَ ۾ گذاري ٿو. هيڏين جنتا جو آواز اٿاريندڙ بيوس ئي پهريون شاعر هو جنهن غريب جي جهوپڙيءَ کي سلامت رکڻ لاءِ پاڙايو. شايد جديد يڳ جي شعر ۾ ايتري ڄاتل مصرع آهي:-

”الا جهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي“

پر اهو سچ هو بيوس اهڙي نه فيمصتانيءَ ۽ اهڙي نه نماڻائيءَ سان لکيو آهي جو ڪنهن کي به رنج نه پهچي. نڪي هن پنهنجيءَ جيون ۾ نڪي وري رچنائن ۾ هن ڪڏهن به پنهنجي هستي ڄمائڻ گهري يا سوارٿ ڪمائڻ چاهيو. جڏهن ڪن مرڪزن ۾ سنڌس شعر تي آلوچنا ٿيڻ لڳي ۽ ڪي شخص ائين دعوا ڪرڻ لڳا ته بيوس شاعر ئي نه آهي ڇاڪاڻ ته هو وزن ۽ بحر جو پورو پابند نه آهي تڏهن بيوس اُنهن نڪتہچينين کي جواب ڏيڻ ئي معقول نه سمجهيو. رڳو هڪڙي شعر ۾ اُنهن ڏانهن اشارو ڪندي چيائين ته محض بحر ۽ وزن ۾ ماهر هئڻ سان ڪا رچنا شعر ٿي نٿي سگهي، جي اُنهي پنيان ڪا پرتڀا ڪانهي، سچو شعر ته اُهو آهي جو

بيوس جي شخصيت جو سڀ کان وڏو گڻ هو سندس نمرتا ۽ نهٺائي. اهو گڻ مذهبي گروءَ جي واڻي پڙهڻ ۽ ٻين پاتشاهين جي رچنائن جي ابياس مدهان آيو، جو هو سيٺي پاڻ کي نيچون ني ليچ سڏائيندا هئا. هن پنهنجي لاءِ ”بيوس“ تخلص ب انهن نهٺائيءَ جي گڻ ڪارڻ رکيو. ڪن جو چوڻ آهي ته هن پاڻتي بيوس نالو ان لاءِ رکيو جو سندس عقيدو هو ته انسان جي قسمت سندس وس ۾ ڪانهي.
ڪويءَ جي نظمي رچنائن ۾ خاص رچنا آهي گرو نانڪ جيون ڪوتا. جا چئجي ڪٿي ته سندي بوليءَ ۾ ان ڍس ۾ هڪ مارگ درشن هئي ۽ ايندڙ سمي ۾ ان قسم جي رچنائن لاءِ هڪ مثال بڻي. بيوس کان اڳ سندي ڪوي شاعرانا تخلص رکائيندا هئا جهڙوڪ ”شاهه“ (بادشاهه)، ”سچل“ (سچو)، ”سامي“ (گروُ)، ”آغا“ (مالڪ)، ”آزاد“ (مڪت)، ”گل“ وغيره. صرف ليلارام رام سنگهه نرالو نالو رکايو هئو چوته هو به گرن جو ڀڳت هو انڪري پاڻ کي ”خاڪي“ (خاڪ يا مٽيءَ جو) سڏايائين. بيوس ڪانپوءِ سندس شردالن ۽ پوئلڳن پنهنجي گروءَ جي پيروي ڪري پاڻ ني اهڙا ئي نالا رکيا مثلن ”دکايل“، ”دلگير“، ”فاني“، ”وفا“ وغيره.

نهٺائي ۽ نمرتا سان ڀرُ هوندي ب، بيوس کي ان ڳالهه جو احساس هو ته سندي ڪويتا ۾ هنجو آواز خاص جڳهه حاصل ڪندو، ۽ هن پنهنجين ڪجهه ڳجهارت ڀريل مصرعن تي شرح لکي ڇڏي. ان خيال کان ته اهڙي معنيٰ سندس سمجهاڻيءَ کانسواءِ پاٺڪ شايد پوريءَ طرح سمجهي نه سگهن.

هوُ هڪ مهان آشاوادي ڪوي هو. هن نراسائي يا مصيبت جتائيندڙ ڪوتا ڪانه لکي. هنجي ڪوتائن ۾ هڪڙي پرستق ڪولسا آهي جنهن ۾ هوُ دلدا ۾ چوڌاري مصيبت

مان فقط ٻه ناٽڪ ”پرهلاد ليلا“ ۽ ”نل دمينتي“ اڄ تائين پڙهيا وڃن ٿا. سندس رچنائن ۾ تخليقي لياقت گهٽ ئي نه نه هئي پر هن جو ٻهراڙين شعرن جو ڳٽڪو جو ”ساموئلدي سپون“ جي نالي هيٺ شايع ٿيو هو، تنهن لاءِ اٿين نه چئي سگهبو. اهو چوڻ مشڪل آهي ته سندس ٻيون شاعري رچنائون ڪڏهن لکيون ويون مگر اهي ٻهراڻ ٻهرين ١٩٢٦ ڌاري شري فتحچند واسواڻي جي هڪ مخزن ۾ شايع ٿيون. ١٩٥٠-٥١ ۾ هن جو ”شعر-ٻيوس“ شايع ٿيو ۽ ان ڳٽڪي جو مهاڳ هن مضمون جي ليکڪ ئي لکيو.

ٻيوس پنهنجيءَ ڪوتا ۾ ٽنهين قسم جو مواد پيو. نرالي ۽ نياري تصوير نگاري آندي ۽ ان کي نوان روپ ڏنا ۽ اٿين هن سنڌي ڪوتا ۾ نوڙي سنڌي ڪوتا جي پسنديءَ (*taste*) ۾ هڪ انقلاب آندو. هن پراڻيون چنل، ڪٿل، صوفياڻيون ۽ ويدانتي کهاڻيون، آتما جي پرماتما سان ملڻ جون پُٺيون مشابهتون، جي شاهه ۽ سندس همعصر شاعرن جي هٿن ۾ نهايت ئي تازيون ۽ دلڪش ٿي لڳيون مگر ٽئين (گهٽ) درجي وارن نقل ڪندڙن جي هٿن ۾ بلڪل ڪڇيون ۽ ٻِرِ ڪندڙ ٿي رهيون هيون، سي مڙئي ٻيوس اُڇلائي ڦٽي ڪيون. نڪي وري ٻيوس ڪو پرڏيهي چشمن مان پريرڻا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نه ئي شيراز جي بلبل ۽ شراب بابت ڳايو، نه وري ڪمند جهڙن وارن يا خماري نيڻن جو ذڪر ڪيو يا ليلا مجنو ۽ شيرين فرهاد جهڙن عشقي کهاڻيون ورهي دهرايون. هن جي چترنگاري هن جي پنهنجي هئي، جنهن لاءِ هن قدرت ۽ انهي سونهن جي ڪلپنا مان پريرڻا حاصل ڪئي. هن جي شعر جا موضوع زماني جي تقاضائن سان ٺهڪندڙ هئا. هن ذڪر ڪيو قدرت جو، حب الوطنيءَ جو، ٻارن ۽ سنڌي دنيا جو، ڪڙمين ۽ ڪسانن جو، غريبي ۽ مفلسيءَ ۾ جڪڙيل جنتا جي دردن جو، تاجمحل جهڙن يادگارن جو.

دل کي ڇهي. ٻهراون ڪاغذ جي گلن ۽ جهنڊين جيان آهي، ٻوٻون سڳنڌ ڏيندڙ قول مثل:

”نظم مغزي کوٽ کوناڻ شعر ٻلڻان ٻلٽ دل
ڪاغذي گل ڇا لڳي ۽ ڇا لڳي بيوس گلاب“

هو خود لچارو هو ۽ جيڪڏهن شري فتحچند واسواڻي ۽ پروفيسر رام پنجواڻي جهڙا همدرد ۽ ڄاڻو مٿس ڪوشش نه ونن ها ته شايد ڪوي بيوس جو شعر ايتري روشني نه ڏسي ها. ”شيرين شعر“ اسڪولن لاءِ درسي ڪتاب مقرر ٿيل آهي ۽ سندس شعرن جو انتخاب هڪ دفعو يونيورسٽيءَ لاءِ درسي ڪتاب ڪري مقرر ڪيو ويو. ڊاڪٽر ايڇ. ايم. گربخشاڻي اعليٰ سنڌي ودوان بيوس جي قدرت سمبنڌي ڪوتائون پڙهي نهايت خوش ٿيو ۽ چيائين ته اِهي دستوري ڪوتائن کان نراليون آهن ۽ هن انهن پڻ چيو ته بيوس جي شعر ۾ رس، مٺاج ۽ سنگيت سمايل آهي. خود مضمون جي ليکڪ لاءِ جي ڳالهيون فخر جو چشمو ٿيو بڻيون آهن تن ۾ هڪڙي اها آهي جو ٽيهه سال اڳ هن ڪيترن سنڌي مترن کي صاف چيو ته ”بيوس“ جي تخلص هيٺ جو هڪ سنڌي اسڪول ماستر شعر لکي رهيو آهي، سو اُن يگ جو مهان ۾ مهان ڪوي آهي. هينئر ته سنڌي ساهت جا پارکي شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي اَمر ترمورتيءَ جي شعر کانپوءِ ٻئي درجي ۾ بيوس جو شعر پڙهندا آهن.

بيوس پنهنجو ساهتڪ جيون ناٽڪن لکڻ سان شروع ڪيو، جن ۾ هو پنهنجا راڳ ۽ شعر پرائيندو هو پر ناٽڪ اوپس جي حيثيت ۾ هو چمڪيو ڪونه ۽ سرسوتيءَ هن کي ڪوتا جي ڏات عطا ڪئي هئي. هن پنهنجن ناٽڪن ۾ جي راڳ درج ڪيا سي زنده آهن مگر سندس ناٽڪي رچنائن

ڪوي بيوس ۽ آزادي هلچل

لوڪ ڪوي هوندراج دکايل

اسان جو 'بيوس' سائين جيڪي لکندو يا چوندو هو، اهو پاڻ وساري ٿي لکندو يا چوندو هو. پر اڄ مان جيڪي به لکندس يا چوندس اهو ڪيئن ياد ڪري ٿي لکندس ۽ چوندس... ٻي گول ميز ڪانفرنس جو وقت هو. ڀارت کي آزادي ڏجي ته ڪهڙي ۽ ڪڏهن؟ اهو فيصلو لنڊن ۾ ڪوٺايل ميٽين ۽ ڪانفرنس ۾ شامل ٿيل پارٽي ليڊرن کي ڀ، پر انگريز حاڪم کي ئي ڪرڻو- ڪرائڻو هو. ڪانفرنس ۾ جيڪي عيوضي گهرايا ويا هئا، انهن منجهان گهڻا ته فرنگيءَ جا پڙهايل توڙي سيکاريل هئا؛ جن کي سندس ئي اشاري تي اٿڻو، ويهڻو ۽ ڳالهائڻو هو!

ڀارت جدا جدا جاتين توڙي ڀن ڀن ڌرمن ۽ مذهبن ۾ مڃيندڙن جو ملڪ هو، جنهن کي سر ڪرڻ توڙي قبضي ۾ رکڻ لاءِ انگريزن ورهائي راڄ ڪرڻ واريءَ حڪمت عمليءَ کان ڪم ورتو ۽ سندن اها پاليسي چڱي ڪامياب ٿي. تڏهن ته گول ميز ڪانفرنس ۾ ساڳي طرز-عمل تي هلي، انهن هندن، هريجنن، مسلمانن توڙي سکن کي جدا ووٽ جو اڌڪار ڏيئي هندستان ۾ قائم ڪيل پنهنجي حڪومت کي وڌيڪ پختو ڪرڻ پئي چاهيو. انهيءَ موقعي تي گانڌيءَ انگريزن جي هن فيصلي جو سخت ورود ڪيو ۽ ڀارت ۾ هنجي پنيرائيءَ ۾ لکين آواز اٿيا، جن ۾ سائين بيوس جو آواز پڻ شامل هو، جيڪو هن پنهنجي "جاتي جهڳڙو" واري شعر ۾ ظاهر ڪيو. هن چيو —

آزاديءَ جي آندولن ۾ سندس ٺاهيل گيت هر هڪ جي زبان تي هئا. هن سنڌي شعر کي هڪ نئون موڙ ڏنو. ان ۾ جديد يگ جي ونگياڪ وچارن ۽ سماجوادي آدرشن کي داخل ڪرڻ سان هن جو شعر نهايت ئي جديد يگ جو شعر ٿيو لڳي. استريءَ تي لکيل سندس شعر واقعي نئين زماني جو شعر ٻڌجي ٿو. سندس شعر مان ظاهر ٿو ٿئي ته هو هلندڙ زماني جي ڌڙڪن ۽ عام جي اڀلاکائن کان ڀليءَ ڀانت واقف هو. ٻيهه سال اڳ هن اها ڪلپنا ڪئي ته ماڻهو هوائي جهاز ۾ چڙهي ٻين گرهن تي پهچندو؛ وري اهي جديد وچار شعر ۾ اهڙو ته نامعلوم ريت داخل ڪيا اٿس جو نه شعر جي سلسلي کي ٿا منجهائين ۽ نه پڙهندڙ جي دل کي ٿا ڪڇائين.

ٻيوَس کان اڳ جي سنڌي شاعر ٿي گذريا آهن تن جي ڪمزوري اها هئي جو هو پارسي شاعرن جا اهڙي قدر ته غلام بڻجي ويا جو پارسي شاعرن جيان ڏسجڻ ۾ اچڻ لئهن لاءِ هو سنڌي شبدن کي به موڙي جهوڙي انهن جو روپ بگاڙي ڇڏيندا هئا. سنڌي لفظن جي هڪ خاصيت آهي جو اهي مڙئي متحرڪ آهن، ۽ خاص طور سنڌين ٻچاڙين جو اچار اوَس ڪرڻو آهي يعني انهن کي ڪا نه ڪا اعراب ضرور لاڳو آهي. پرشن ۽ اردو لفظ ائين نه آهن. هيءَ ساڌارڻ حقيقت ٻيوَس ٺواي سمجهي ۽ هن ان ڪري پارسي وزن جو اپيوگ ڪندي هندي ڇند ۽ سنڌي ٻيت کان به ڪم ورتو. "گنگا جون لهرون" ۾ نظم جي ڪلا سمايل آهي ۽ مواد جي نوائي داخل آهي. جنهن سبب ٻيوَس ويهين صديءَ جي ڪنهن به سنڌي شاعر کان گهڻو گهڻو مٿي بيٺو آهي.

هي ليک اصل انگريزيءَ ۾ لکيل هو جو انڊين لٽريچر واليوم ۹ پارٽ ۲ (جون - جولاءِ ۱۹۶۶) ۾ ساهت اڪاڊميءَ طرفان ڇپيو هو. ساهت اڪاڊميءَ جي منظوريءَ سان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. ترجمو ڪندڙ ٻلديو گاجرا.

(٤) ٻڌت ٻي معنيٰ ٿيو، مون نه منطق مان ورتو؛
مفت مغزن کي کپائڻ لاءِ روالي جهڳڙو.

(٥) سي نه ڇاڙهيائون جهازن ۾ سٽي سوغاتون؛
جن جي هٿّي هند ۾ هر وقت حيالي جهڳڙو!

واهه ڙي منهنجا "ٻيوس" سائين! تو جيڪي انهيءَ وقت چيو ۽ ڳايو، انهيءَ جو اثر ئي هو جنهن اسان جهڙن ڪمزور دل وارن ۾ هڪ قسم جي جان ڦوڪي ڇڏي. سرڪاري نوڪريءَ ۾ هوندي به تو جنهن بي باڪيءَ سان ڌارئي حاڪم کي منهن تي چٽي ڏنو، اهو ڏيکاري ٿو ته، تون جي "ٻيوس" هئين نه رڳو سچائي ۽ حقيقت اڳيان؛ ڇو ته تنهنجو اشت فقط هڪڙو "حق" ئي هو. تڏهن نه تو انگريز حاڪم کي دنيا اڳيان ڏنو ڪرڻ واسطي چٽي ڏنو، ته گولميز ڪانفرنس ۾ چوڌاري ويٺل صورتون، جيڪي انگريز حاڪم جهازن ۾ لنبن وارن لاءِ سوغات طور سٽي موڪليون هيون، انهن جو هندستان ۾ سواءِ ڦٽن ۽ فساد پيدا ڪرڻ جي ٻيو ڪم ئي ڪهڙو هو؟ تڏهن نه گانڌيءَ ٻاڙن جي منطقن ۽ مٽن منجهان ڪي ڪين ورتو ۽ الٽي هليل ٻڌت جڻ دماغن کي کپائڻ لاءِ سڪڻيءَ روليءَ جو ئي ڪم ڪيو. ڇوٽي آهي ته "جتي نه ٻهچي روي، اُتي نهچي ڪوي" اُنهيءَ ڪري ٻيوس سائينءَ پنهنجي هن رچنا جي آخرين ٽن بندن ۾ ٻڌائي ڇڏيو ته ...

(٦) ديس ٻائن جي رهيو، خون جو پياسي جو اجا،
آهه راڪاس-جگر، ديو جي چالي جهڳڙو

(٧) لوهه محفوظ تجي، پنهنجي اقاضا ۾ تمام،
چانديو، مگسي تي ڪجي خوب قلالي جهڳڙو

چوٽ چاڙهي ٿي وڃي ٻيٽو هي جالي جهڳڙو،
هو اڳي هند ۾، ٿيو هاڻ وِلائي جهڳڙو!
ناهه پاڳي جي پلي لاءِ، نه سڄي لاءِ سٺو،
قوم - قاتل جو ڀٽيو، ديش کي گهاتي جهڳڙو.

سائين بيوس، ڪولي چيو نه هي جاليوار جهڳڙو نه هڪ جاتيءَ لاءِ فائدي وارو آهي، نڪي سڄي ملڪ لاءِ ئي سٺو آهي. اِهو جهڳڙو قوميت کي کهي ديش کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ وارو آهي- ڇا هن مها ڪويءَ جيڪي ۱۹۳۱ع ۾ چيو أهو ۱۹۴۷ سال ۾ سڌ ڪين ٿيو جڏهن ڀارت ڀڄي ٻه اَڌ ڪيو ويو؟ بيوس سائين اڳتي هلي چيو...

(۲) "جڏهن ڪي تون پاڻ بچائڻ جو ٿو هٿيار چئين
آهه خود تنهنجي ئي گردن تي سو ڪاتي جهڳڙو.
(۳) نقش مذهب ۾ پرال رنگ رياڪاريءَ جو
آهي ذاتي نه ذرو، صاف صفائي جهڳڙو."

سائين (بيوس) چوي ٿو ته، "جڏهن جاليوار جهڳڙي کي تون پنهنجي بچاءَ جو هٿيار ٿو سمجهين، أهو جهڳڙو اڳي پوءِ تنهنجي ئي گردن تي ڪاتي ٻڻجي ڪرڻ وارو آهي. مذهب جي سهڻي چهري ۾ تو جيڪو رياڪاري ۽ بيائيءَ جو رنگ پرتو آهي أهو ذاتي ۽ اصلي ناهي، پر نقلي ۽ صفائي آهي، جيڪو اڳي پوءِ مٽجي وڃڻ وارو آهي." حقيقت ۾ جي اسين ڏسون ته ملڪي ورهاڱي کان پوءِ جيڪو لکين قيمتي انساني حياتين جو اجايو زيان ٿيو، هزارين ابلائن جي عصمت لٽي! ڇا اهو مذهب ٽوڙي ٽڪر جي نالي تي داغ ڪين ڇڏيو؟ پر 'بيوس' سائين چوي ٿو، ته هڪ ڏينهن اهو مذهب جي نالي ۾ رياڪاريءَ جو پرال نقلي رنگ ليٿ لڪري ختم ٿي ويندو. سائين اڳتي چوي ٿو...

اکيون ڪتل هيون ۽ اُهي وڏي آس رکي ويٺا هئا تہ مذڪور ڪانفرنس منجهان مڙئي ڪنهن قسم جو ڪو ڦل ضرور نڪرندو ليڪن جڏهن اُنهن ڏٺو تہ ڪانفرنس تان موٽيل ڪانگريسيءَ سميت ڪيترن قومي اڳوانن کي انگريز سرڪار ڀارت ۾ بنا شرط گرفتار ڪري جيل اماڻي ڇڏيو، تڏهن اُنهن ڪان جيڪا دانهن نڪتي 'بيوَس' سائين اُنهيءَ جي ترجماني ”اُجڙ آس“ واري مٿينءَ رچنا ۾ بخوبي ڪئي آهي. تڏهن تہ پهرينءَ ئي سٽ ۾ چيائين تہ هاءِ ڙي قسمت، گنگا تائين پهچي بہ اُڃايل کي پياسي ئي ورڻو پيو ۽ ڪلب جي ٻرڪ ٿي چڙهي بہ بکايل، بکيو ئي رهجي ويو، اُنهن ٻن سٽن ۾ ئي ڪيڏو نہ دل جو درد سمايل آهي جنهنجو پاڇو اسانکي هن ڪوتا جي پهرئين بند منجهان پوندو ڏسجي ٿو. جڏهن بيوس چوي ٿو تہ اي جراح، اسان سمجهو تہ دل جي زخم جو تون ڪو علاج ڪندين، پر تو تہ نشتر سان گڏو گڏ ڳجهي خنجر سان گهاوَ کي اوُنهو ڪري اصل ناسوُر بڻائي ڇڏيو. دردمند داد جي اُميد رکي تنهنجي در ٿي آيو، پر افسوس: تو سندس درد کي بيدادي جي چٽڪ سان دکائي سدا جو دُود ڏئي واپس ڪري ڇڏيو.. آءٌ تنهنجي ٻاٺڙ ڏٺي منجهان پنهنجي آشا جو وسامل ڏيپڪ ٻارڻ آيس پر تنهنجي ٻلڪيءَ واري ٻاب مونکي نراس ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري پنهنجي اُجهايل شمع کڻي واپس ورڻو پيو. اڳتي هلي سائين بيوَس چوي ٿو—

(٤) بيڪسي حال ڪيو نقش اچي پيش نظر،
تنهنکي سختين سان ستمگر! پيو ستايل ورڻو.
(٥) هام همدردي سٽي، آس اُٿي عرش اُڏي،
پيو اُڏايل آس کي دڙٻن سان دٻايل ورڻو.

(٨) نيٺ بيوس ٿي ٻاڏوري سان سليمه دنيا کي،
ڪيئن مڃائي ٿا سگهن ديش جا پاپي جهڳڙو.

مٿين ٽن بندن ۾ بيوس سائينءَ حقيقت اڳيان، پنهنجي بيوسي ظاهر ڪندي وڏي واڪي چيو ٿو ته ”اڄو جاتيوار جهڳڙي جو راڪاس پنهنجيون ضدي تقاضائون کڻي ڦلاتي چالبازين ۽ مڪسين وارو وير ٻاڙيندو ئي رهندو. جنهن ڪري پاڻ-پاڻ جي خون جو پياسي ٿيندي هڪ ڪٽنب جي ڀائپين واري ڀاونا آخر وساري ويهندو.

راؤنڊ ٽيبل ڪانفرنس تان گانڌيءَ سميت نراس ٿي موٽيل قومي اڳوان جڏهن ڀارت ۾ پهتا، تڏهن سائين بيوس ”اڄ آس“ جي سري سان جيڪي لکيو ۽ چيو؛ انهيءَ منجهان ٻخو ٻي ڏسي ۽ چئي سگهبو ته سنڌيءَ جو هي مها ڪوي ڪيئن نه ديش جي آزاديءَ واري آندولن کان متاثر ٿي للڪاري ويندو هو. هن تڏهن چيو هو...

واهه قسمت! پيو گنگا جل تان اڇاپل وَرتو،
ڪلب جي ٻرڄ ٿي ڀڃي پيو ٻڪاپل ورتو.
(١) زخم دل صورت ناسُور ڪما تو جي جراح،
نان ۽ نشتر، خفي خنجر سان پيو گهايل ورتو.
(٢) دردمند داد گهرڻو دانهن ڪڻي در تي اچي،
درد بيداد سان پيو دُود دکايل ورتو.
(٣) موں ٻرڻل تنهنجي ڏسي، آندي اجهاٽل پنهنجي،
بلب بجليءَ ڪان پيو شمع وساڻل ورتو.

ياد آهي جڏهن ’بيوس‘ سائين مٿيون لکيل شعر اسانکي پنهنجي سر پڙهي ٻڌايو هو. سچ ته اهو هيو جو گانڌي- ارون پئڪٽ کان پوءِ انگريزن طرفان لنڊن ۾ ڪوٺايل گولميز ڪانفرنس ۾ گهڻن ئي ديش واسين جون

بيوس سائين جنتا جو ڪوي هو. هن عام سان پنهنجي دل جي تار جوڙي ڇڏي هئي. انهيءَ ڪري ڪڏهن عام جي مايوسي، سندس دل کي به ٻلڪ ۾ مايوس ڪري وجهندي هئي. ليڪن بيوس اهو ڄاڻندو هو ته اُماس جي ڪاري، رات پٺيان چنڊ جو روشن چمڪو ٽِڙوئي آهي. جنهنڪري هو پنهنجي آننت آس شڪتيءَ سان اُداس جيون ۾ به آس جي راس ٻَري سگهندو هو. ڪڏهن ته هڪوار اسانجي هن مهاڪويءَ وري ڳايو...

اڪتا جا ديوتا! تنهنجو لهان مندر ڪٿي؟
جنهن ۾ اِتحادي اُجالو آهه سو اندر ڪٿي؟

١- دربدر ٿيو دادلا! تو بن اُميدن جو جهاز،
آس آزادي لاءِ آهي بيٺڪي بندر ڪٿي؟

٢- ويو مچي طوفان ضدِي، سمنڊ ڇوليمار ٿيو،
ڪيئن ملن مقصد جا موتي؛ شانت گهر ساگر ڪٿي؟

٣- ڪيئن فسادي خون وهندو، قوميت جي قلب مان؟
نبض تي نشتر ڪٿي شريان تي خنجر ڪٿي؟

٤- سمجهه صالح تي، تميزي ۽ دماغي چوٽ تي،
تو ٻچي ٻهڙي ڏنگڻ لاءِ لوڀ جو اجگر ڪٿي؟

٥- انڌ جا ڪوپا چڙهيا خود غُرض چشمن جي مٿان،
ڪئن ڀلا ايندو نظر ۾، پُر ڪٿي ۽ گهَرُ ڪٿي؟

٦- عهد شاهاڻا ڦرن ٿا، مطلبي مهوَر مٽي،
آهه اختياريءَ جي واڪن ۾ سو وانيءَ وَر ڪٿي؟

٧- جنهن مان گذري عام جو آسودگيءَ ۾ ٿئي گذر،
دلنوازيءَ جو جهان ۾ سو ديالوُ در ڪٿي؟

٨- ماس چمبيباز تنهنجو ٿا ٽڪن آڪاس تان،
تيز چهنبن مان ڇون ٻيا، پل ته وڙهندي مر ڪٿي!

(٦) شان شاهاڻو ڏسي مون گهريو، انجام پڙي،
ليڪ لاچار تيو وَعدي وڃايل ورتو.

(٧) مون چيو، خون لپوڙي نه نه ڪر دل سگهي،
تو چيو، ساهه هٿان ٻولد بچايل ورتو.

(٨) درد ڪان دانهن ڪرڻ جي به اجازت نه ملي،
بند گلَ ڪشت بلا سان پيو ڪنبايل ورتو.

(٩) آس دل آهه اُڄڙ راس انداري ڪاري،
آهه "بيوَس" کي سَڄر سوُر سِجهايل ورتو.

"بيوَس" سائينءَ جو انگريز جي انصاف ۾ ڪافي وساهه هو. گانڌي ارون ناهه ڪانپوهه، جڏهن انگريز حاڪمن، گانڌيجيءَ کي ٻي گولميز ڪانفرنس لئي گهرايو، تڏهن نه بيوَس جو وساهه وڌي پيٽو ئي ويو. ليڪن جڏهن انگريز پنهنجي اصلي چال هلڻ لڳو تڏهن اسانجي هن مهاڪويءَ جي دل کي وڏي چوٽ رسي ۽ هن چيئي ڏٺو ته اسانجي بيڪسيءَ پنهنجو حال تنهنجي اڳيان رکيو، پر تو پنهنجي سڄر سٽم سان انهيءَ کي دٻائي ڇڏيو. مون نه تنهنجي انصاف ۽ همدرديءَ جي هام سڻي، پنهنجي آس کي عرش تي اڏايو، پر منهنجي انهيءَ آس کي تنهنجي دڙٻڻ دٻائي فرش تي ڪيرائي ڦٽو ڪيو. تنهنجي شاهاڻي شان ۾ ڪيڏو نه ايمان رکيم ۽ چيم ته تون پنهنجو ڪيل انجام ضرور پاڙيندين. پر تنهنجا سڀئي واعدا وڃائي، خالي هٿين واپس ورتو پيو! تو منهنجي دل جو خون ئي لپوڙي ڇڏيو. اصل اهڙي قدر جو بدن ۾ ڪا ٻولد باقي نه رهي. دانهن ڪرڻ جي اجازت به نه ملي ۽ تو منهنجي گلي کي دٻائي، گهٽو ڏيئي پوساڻي ڇڏيو. اڄ آءٌ پنهنجي دل جي "اُڄڙ آس" کٽي اونده انڌڪار ۾ سوٻن سِجهايل سوُر ساڻ ڪري موٽي رهيو آهيان.

کولي پرندا، غريبن جي ماس پٽڻ ۽ ڪاٽڻ لاءِ آسمان ۾ لامارا ڏيئي رهيا آهن. اهي پنهنجون تيز چنهنبون کولي ڇڏي رهيا آهن، "پل نه وڃندي مرو نه. اسانجو وارو وَرندو رهي...." ڪوي وري پنهنجي آس کي جاڳائيندي پڇي ٿو... جيڪو پنهنجي ارڪتي ٽانئر سان لوهه کي به سون بڻائي ٿو سگهي، اهو تنهنجو پريت وارو پارس پٿر ۽ قرب سان ڪيميا ڪرڻ وارو ڪيمياگر ڪٿي آهي؟ اهو حب الوَطنيءَ وارو جذبو ۽ جوهر ڪٿي آهي، جيڪو ديش واسين جي جدائيءَ واري مدوريءَ کي مٽائي، ڪين ملائي هڪ ڪري ڇڏي.... سائين "ليوَس" جو انگريز حاڪم جي ڪيل شاهاڻن انجامن اقرارن تي وڏو ڀروسو هو، جيڪي هن ڀارتي مهاڀاري لڙائيءَ وقت ڀارتواسين سان ڪيا هئا، جن اقرارن موجب ڪين سندن مرضيءَ جو سوَراج ڏيڻو ڪيو هئائون .... ليڪن لڙائيءَ جي خاتمي بعد "رولٽ ائڪٽ" جي ذڪ ۽ مٿان امرتسر ۾ جليانوالا باغ واري ناحق ڪوسَ، "ليوَس" جي وساهه کي وڏو لوڏو ڏيئي ڏوڏي ڇڏيو .... ليڪن ١٩٣١ع واري ٻي گول ميز ڪانفرنس ۾ انگريز جي ڪيڏيل حرفتن اسانجي هن مهاڪويءَ جي دل ٿي ٽوڙي ڇڏي، تڏهن نه هن پنهنجي الهيءَ ڀڳل دل جا ادگار، مٿي ڏنل ٽن رچنائن ۾ ظاهر ڪيا، جيڪي رچنائون اڄ ڀارت جي آزاديءَ واري اتهاس ۾ پنهنجي مناسب جاءِ والاري پينديون رهنديون.

٩- ٻرڪتي اثير صحبت سان ڪري جو لوهه، زر ؛
پرت جو پارس پڻ، سو قرب ڪيمياگر ڪٿي؟
١٠- جو ملائي مفردن کي مرڪبي ميلاپ ۾،
سو حب الوطنيءَ جو 'يوس' جذبو ۽ جوهر ڪٿي؟

انيڪتا ۾ ايڪتا ڏسڻ وارو 'يوس' اڄ پنهنجي يوسي ڪٽي ديش جي گم ڪيل ايڪتا ڳولهڻ لڳو آهي. هو اتحادي اُجالي جاڳائڻ لاءِ هر دل جي اندر پرويش پائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ملڪي آزاديءَ جي ڇٽي چاهه سندس قلب کي بيقرار ڪري ڇڏيو آهي ۽ هو ڇوليمار ساگر ۾ ترندڙ ٻيڙيءَ کي ڪنهن ٺڪي بندر تي وسائڻ چاهي ٿو. هو مقصد جي موتين جي ڳولها لاءِ ساگر ۾ شانتي چاهي ٿو، جيئن اهي اَملهه موتي هٿ ڪري سگهي. قوميت جي قلب منجهان فتوري ۽ فسادي خون ڪيڻ واسطي شاعر کي ڪو نشتر کپي. هو دانهن ڪري چوي ٿو ته ... ملڪ وارن جي صالح، سمجهه ۽ تميز کي ڇا ٿيو آهي، جو لوڀ جو اجگر اڄ سندن دماغ تائين پهچي، پنهنجو زهري ڏنگ هڻي ٿو سگهي! ڀلا هن اکين تي خودغرضيءَ جي اند جا ڪوپا چڙهي ويا آهن، انهن کي ٻه (انگريز) ۽ گهر (پارٽ) سڃاڻڻ جي ڏيڻ ايندي ڪٿان؟ ”يوس“ سائينءَ وري ديش کي دٻائي رکندڙ ڌارئي حاڪم ڏانهن اشارو ڪندي چوي ٿو .... ڏسو ته سهي! اڄ شاهوڪا عهد ۽ مطلب جي محور تي ڦرندا ٿا رهن! اختياريءَ جي واڪن واريءَ وائيءَ ۾ ڪيڏا نه وَرِ ٿا پون! هن جنتا جي ڪويءَ کي عوام جي ڪيڏي اونَ هئي، لڏهن ته مٿينءَ ڪوتا جي سٽين بند ۾ اچي ٿو ته هي ديالو! تنهنجي دلنوازيءَ جو اهو در ڪٿي آهي، جنهن ۾ گهڙڻ سان عام جو آسودو گذر ٿي سگهي؟ ڇو ته چنچباز

ملائي ۽ ڪي قدر سنڌن رُوپ بدلائي، اُنهن مان سنڌي ڏوهيڙو يا بيت ٺاهيو ۽ اُن سان گڏ **وائيءَ** جي ايجاد ڪئي. اڄ به بيت، ڪافيون ۽ وايون سنڌي ساهت جي سونهن آهن. اُنهن کي اسان جي لاکيڻي لطيف لازوال ڪري ڇڏيو آهي، ۽ هن وري موت ۾ ڪيس امر پد ڏئي ڇڏيو آهي. شاهه کان اٽڪل هڪ صدي پوءِ، سنڌيءَ ۾ پارسي طرز تي شعر لکڻ ۾ آيو. غزل، مثنويون ۽ رباعيون اُن دؤر جي پيداش آهن. انهن ۾ وري الڳ قسم جو ميناج آهي جو بيتن ۽ واين کان بلڪل نرالو آهي.

ويهين صديءَ جي آغاز کان بيوس جي شاعريءَ جي شروعات ٿئي ٿي. بيوس به ان وقت جي رواج مطابق، پنهنجي شاعريءَ جو بنياد پارسي علم عروض تي ٻڌو. ساڳي وقت هن سنڌي ڏوهيڙن کي پڻ وري جيارڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن ٻنهي بنيادن تي سندس شاعريءَ جي گهڻي حصي جي اڏاوت ٿيل آهي. پر ان سان گڏ بيوس سنڌ ۾ هڪ نئين چيز به آندي. اها نئين چيز هئي گيت ۽ ٻچن، جن جو بنياد هندي ڇند وديا تي آهي. پر بيوس نئين شاعريءَ ۾ ڏوهيڙن ۽ گيتن جو صرف بنياد ئي وجهي ويو. انهن بنيادن تي مڪمل اڏاوت شيخ اَياز اچي ڪئي آهي.

بيوس جي شاعريءَ ۾ هڪ انوکو سنگيت آهي. هن نهايت ئي استاديءَ سان لفظ ۾ ويهي موسيقي ڀري آهي. پر ان هوندي به بيوس جي ٻچن ۽ ڪن گيتن کانسواءِ سندس رچنائون گائڪن جي ڪنٺ تي ڪونه چڙهي سگهيون ۽ ان ڪري لوڪپريه ڪونه ٿي سگهيون آهن. ان جا به ڪارڻ آهن. بيوس نڪو ٽئگور هو ۽ نڪو شاهه. بيوس بس بيوس ئي هو. سندس سواسن ۾ سنگيت ته ڪوٽ ڪوٽ ڀريل هو، پر

'بيوس' جي شعر ۾ علم عروض

پرنسيپال هري دلگير

علم عروض جي معنيٰ آهي شاعريءَ جي قانونن جي ڄاڻ. هنديءَ ۾ اُن کي ڇند-وديا چئبو آهي ۽ انگريزي ۾ *Prosody*.

هر زبان جي شروعات شاعريءَ سان ٿي آهي ۽ ان شاعريءَ ۾ ڪنهن نه ڪنهن قسم جو ڇنو سر موجود هو. شاعريءَ جو سنگيت ۽ سر سان لاڳاپو آدي آهي. پراچين رشي ويدن جا منتر سر سان اُچاري من جي موج ماڻيندا هئا ۽ گڏ گڏ ٿيندا هئا. اُن اُندر جي آنند جو لاڳاپو نه فقط منترن جي معنيٰ سان هو پر ڪي قدر انهن ۾ سمايل سنگيت سان به هو. ويدن جي منترن ۾ جدا جدا قسم جا ڇند ڪتب آندا ويا آهن انڪري هرهڪ منتر جي پڙهڻ جو ڍنگ به الڳ آهي ۽ هرهڪ ۾ موج پڻ نرالي آهي. گرديو ٽئگور بنگالي ڪوتا کي نئون سنگيت ۽ نئون سر ڏنو، جنهن کي "روبندر سنگيت" جو نالو ڏنو ويو. اڄ آڪاش واڻيءَ تان روبندر سنگيت جا انوکا آلاپ ٻڌي، نه فقط بنگالي جنتا گد گد ٿيندي آهي، پر ڪيترا غير بنگالي به ان جي لئه ۾ لين ٿي ويندا آهن.

اسان جي سنڌڙيءَ ۾ سڀ کان سنگيت مئي ڪوتا، شاعرن ۾ سرمور شاهه لطيف جو ڪلام ئي آهي. سندس ڪلام جهنگ ۾ جهانگي به پيا ڳائيندا ته عالمن جي مجلسن ۾ به پيو موج ڏيندو. شاهه هنديءَ جي دوهن ۽ سورٺن کي

هيٺ ٻيوس جي ڪوتا جي ڇهي حصن مان هر هڪ تي مختصر ذڪر ڪيو ويندو.

پارسي علم عروض تي ٻڌل رچنائون:

ٻيوس پنهنجيءَ ڪوتا جي گهڻي حصي ۾ پارسي علم عروض کي ڪتب آندو آهي. علم عروض جي اٺاهه وزنن مان جيڪي سڀ کان سليس ۽ عام طور ڪتب ايندڙ وزن آهن، سي ڪتب آندا اٿس. اهي مڙئي وزن ڇهن يا ستن کان وڌيڪ آهن. شعر ٻيوس ۾ گهڻي قدر صرف اهي ڇهه يا ست وزن ڪتب آندا ويا آهن. شعرين شعر ۾ ٻه اوزن ٻيٽن ۽ هڪ ٻن گيتن کان سواءِ وري ٻه ساڳيا سليس وزن ڪتب آندا اٿس. ٻيوس اڪثري هيٺيان وزن ڪتب آندا آهن:

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن
فعولن فعولن فعولن فعو
مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن
فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن
مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

انهن ڇهن وزنن مان ٻه پهريان چار ڪيس وڌيڪ پيارا لڳا آهن. ٻيائي ڪوتا ۾ اڪثري ”فعولن“ وارو وزن ڪتب آندو اٿس. گرو نانڪ جيون ڪوتا جي سموري لمبي ڪوتا ٻه هڪ ئي وزن ”فعولن ...“ ۾ لکيل آهي. ساڳيءَ طرح سندس ڪوتائون پرلم ٻتر، وشوامتر جو پڇتاءُ ۽ رشي آشرم انهيءَ ساڳئي وزن ۾ لکيل آهن. هي وزن ٻين ڪيترن شاعرن ٻه ڪتب آندو آهي، پر ٻيوس جي سليس ٻوليءَ ۽ نرالن قافين اُن ۾ بيحد لطف پيدا ڪيو.

ٻيوَس جو ڳلو، هڪ ٻيوَس انسان جو ڳلو هو، جو ڳائڻ کان بلڪل واقف هو. ٽئگور خود هڪ سنگيت نرديشڪ (*Music-Director*) هو ۽ شاعر به. هو هڪ سٺو ڳائيندڙ هو. پر ٻيوَس ابتڙ حالتن ۾ هو. نه هو خود ڳائي سگهندو هو ۽ نه کيس ڪي اهڙا گائڪ ساٿي مليا جي سندس گيتن کي گنگنائي سگهن. پر انهن اڻانگين حالتن جي باوجود به ٻيوَس پنهنجي ڪلام ۾ موسيقي پيدا ڪندو رهيو. ويچارو ’ٻيوَس‘ شايد گمنامي ءَ جي گوشي ۾ رهجي وڃي ها جيڪڏهن فتحچند واسواڻي سندس ڪتاب شايع نه ڪري ها، جيڪڏهن رام پنجواڻي گونگي ٻيوَس جي زبان ٺاهجي سندس سنديش سنڌ ۾ نه پهچائي ها، جيڪڏهن هوندراج دکايل سڄي سنڌ ۾ رٽن ڪري سندس امر جوت جي روشني ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نه پهچائي ها. اڄ به ڪير ٻيوَس جو شعر پڙهندو ته کيس پڙهڻ ۾ ئي اهو سنگيت معلوم ٿي ويندو. ٻيوَس جو نه ڪو استاد هو، نه ورِي هن ڇند وديا يا علم عروض جا قاعدا قانون ڪٿي پڙهيو. سندس سواسن ۾ جو سنگيت ڀريل هو اهو ئي شاعريءَ جي راهه ۾ سندس سونهون هو.

ڇند وديا يا علم عروض جي خيال کان ٻيوَس جون ڪوتا-رچنائون ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجن ٿيون —

(الف) اهي جي پارسي علم عروض تي ٻڌل آهي.

(ب) جي ڏوهيڙن جي روپ ۾ آهن.

(ب) جي گيتن ۽ ڀڄن جي روپ ۾ آهن.

ٻيوَس جا مکيه طور هيٺيان ڪوتا جا پستڪ آهن —

شعر ٻيوَس،
شيرين شعر،
گرو نانڪ جيون ڪوتا،
ٻيوَس گيتانجلي،
موجي گيت.

ٻن مصرعن ۾ آيل آهن. وري ٽارئُون، نيارئون، وارئُون ۽ گلڪارئون اهي قافيا به ٻن مصرعن ۾ آيل آهن. اهڙيءَ طرح ايوَس جو ڪيترو ئي شعر به آهي، جنهن تي سنڌس ڪلا جي ڪماليت جي ڇاپ لڳل آهي.

ايوَس جون نظمون (ڪنهن خاص وشيه تي لکيل شعر) فاعلاتن، فعلاتن ... واري وزن ۾ لکيل، جهڙوڪ ڪڙمي، وقت قاتل، هاءِ هاري، جاڳي جهڳڙو اشانتي ۽ اثر، شاعر، حسن ۽ ٽاج محل. هن وزن تي به ايوَس کي مڪمل ماهرات حاصل آهي. عام طرح نظمون ڳائڻ لاءِ ڪون ٺهنديون آهن. اهي صرف پڙهڻ لاءِ ئي آهن. پر اُن هوندي به ايوَس جون نظمون بيحد مٺيون آهن.

ايوَس جي لکيل نظم ”غريبن جي جهوپڙي“ (جنهن کي سنڌيءَ جو لافاني شعر ڪري ليکيو ويو آهي) مفعول فاعلات... واري وزن تي رچيل آهي، هن وزن ۾ لکندي، ايوَس جو قلم ڪٿي ٿڙڪي ويو آهي، پر اُن هوندي به سنڌس هيءَ ڪوتا رواني، خيال، مال ۽ رومال جي لحاظ کان ڇونءَ جي ڪوتا ليکي وڃي ٿي ۽ اڪثر ڳائي ويندي آهي.

سج ڇنڊ واجهه تو وڃي جهنجهي وٺين منجهان،
ترڪيو اچن ٿا ترورا، ٽارن ڪٽين منجهان،
پٽڪا ڪندي پئي هوا جهنجهي پٽين منجهان،
ڇٽڪار مينهن تو ڪري ڇٽڪي ڇتين منجهان،
قدرت سندي ڪمال صحت لاءِ سوُڪڙي،
الا جهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي
(شعر ايوَس)

صورت ۽ ترڪيب (Form) جي خيال کان ’هماليه‘، ’آسمان‘ ۽ ’مڪڙيءَ جي ڀيتائي‘ بلڪل نراليون ڪوتائون آهن، جن ۾

اڇيهو ٻاڻ ڪان مرگهه ڏٺي ڀڄي،
مگر منهن ڏئي مرگهه لٿي مٿي،
نظر تير ڪٽيا - توا سڄڻ ڪٽي،
نه ساعت سنڀاري سگهي ٿي سٽي،
اوهان جي هٿن ۾ رڳي ۽ سڏي،
دوا آهه، درشن اٿل اوشڌي. (ٻرام پٽر - شعر بيوس)

عام طور شاعرن کي آزادي آهي ته شعر لکڻ وقت ڪي اکر (الف و ۽ ي) حذف ڪري سگهندا آهن (يعني ڪاٽي ويندا آهن) يعني اهي اکر مقرر ٿيل ماترائن کان وڌي وڃن ته ڪو هرج ناهي پر بيوس اها آزادي صرف ڪٿي ڪٿي ورتي آهي. مٿين ڇهن مصرعن ۾ ته هڪ هنڌ به اها آزادي ڪانه ورتي اٿس. وري جو قافيا ”مُٿي، سُٽي، ڪُٽي، ڀُڄي، وغيره استعمال ڪيا آهن ۽ اُن سان گڏ تجنيس (*Alliteration*) جو هنر هوشياريءَ سان ڪم ۾ آندو اٿائين ان ڪري سڀڌس ڪوتا ۾ بيحد ميٺاج ٿي پيو آهي. بيوس جا پيا پڙهه وزن آهن فاعلاتن...۽ مفاعيلن...وارا. اُنهن وزن ۾ هن هرهڪ مصرع جي اندر قافين سان قافيا ملائي ڪمال ڪيو آهي. هن ڏس ۾ بيوس جو فن لاثاني آهي.

اڄ مڙي، بادل ڪڙڪي، آيا ٽڙي نانگر به خوب
پڻ چڙي ناري نڙي، گهر ۾ گهڙي ٽڪار ۾
(برسات - شيرين شعر)

يا

ڦٽيون گونجن مڇهان ٽاريون، ليون نياريون، مزي واريون،
ڪليون خوشرنگ گلڪاريون، سمو هي سبز پوشن جو.

هنن سٽن ۾ ڏسبو ته شاعر ڪيئن نه قافين ۾ قافيا ملايا آهن جيئن ته مڙي، ڪڙڪي، ٽڙي، چڙي، نڙي ۽ گهڙي: اهي سڀ قافيا فقط

باغ ڊاڍ بغداد ٿيو، سکر - لگر، ڏک ڳانءِ،
ڪٿ هنسراج ڪٿ ڪانءُ، ڇا مولي ڇا مت لڳي.

(گنگا جون لهرون)

"وطن" ۾ ٻه بيوس جي اُڏام ڏسڻ وٽان آهي،
مٿان لهن نه مُور ٿا، پنهنجا پڌر پٽ،
جٽي سائين سر ڪي، سرس ڏني ٿي سٽ،
سوڀارن جي سوڀ لئي، وهه وهه جا واڄٽ،
فرحت ها سي ڦٽ، رالڌڻ رمڻي جي رسياه.

(وطن - شيرڻ شعر)

لوڙي بيوس بيتن جي فن (Technique) مان پوريءَ طرح واقف ڪونه هو ته ٻه هن صنف سان سٺي طرح نباهيو آهي.

گيت ۽ ڀڄن.

هندي ڇند وديا تي ٻڌل بيوس جا گيت ۽ ڀڄن گهڻا ڪونه آهن پر انهن ۾ سنگيت جو ساگر ڇلڪي رهيو آهي - شايد بيوس پهريون ئي شاعر هو جنهن سنڌيءَ ۾ گيت آندا سندس ٻاراڻا گيت جي "موجي گيت" ۾ شايع ٿيل آهن، اسان لاءِ سندر سوغات آهن. ڪالڪس اڳ مرزا قليچ بيگ ۽ ڪاڪي ڀيرو مل ٻه ٻاراڻا گيت، خاص طور درسي ڪتابن لاءِ لکيا هئا پر بيوس جا گيت پنهنجو مٽ پاڻ آهن. هندي ڇند وديا تي ٻڌل آهي گيت ٻار اڄ به ڳائي جهومندا ۽ نچندا آهن:

ڦوڪي ڦاڙ نه ڦوڪڙو، منهنجو آهه ملوڪڙو،

اچو نه نيڊڙي رلل ٻٽايون ٻاهه، ٻوءِ سان دود دکايون،
ڪري واءُ سان واهه جون واٽون، ڇهه ڇهه پيسا ٻه ٻه ٻايون.

(موجي گيت)

ٻاراڻن گيتن کان سواءِ، بيوس پنهنجي حياتي ۾ ٿي پنهنجا لکيل ڀڄن ۽ گيت رد ڪري ويو هو. اُن جو سبب اهو آهي جو هن اهي رچنائون هلندي هلندي ڳالهائيندي ٻولهائيندي

ٻاٽو وزن مفعول فاعلاتن اُجاري لکين امولي ۾ پيش ڪيو
آهي، جو سنڌيءَ کي بيوس جي بخشيش سمجهڻ گهرجي:

مکڙي بهار آڻيندو - گل پوش مُهن پُٺيندو،
ڪولي ڪٽور ڏيندو - آزاد حسن ٿيندو،
اينديءَ نسيم گهلندي،
سو ٻيا سڳند ڪلندي۔

(مکڙيءَ جي ٻتالي - شيرين شعر)

شعر بيوس ۽ شيرين شعر اهي ٻئي ڪتاب لڳ ڀڳ مٿين وزن تي لکيل آهن. علم عروض ۾ ٻيا به ڪيترا مٺا ۽ موثر وزن آهن، جن جي ڪم آڻڻ لاءِ علم عروض جي اونهي ابياس جي ضرورت آهي. بيوس اُنهن کي بلڪل نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي.

بيت ۽ ڏوهيڙا

بيت ۽ ڏوهيڙا، جي شاهه، سچل ۽ ساميءَ ڪانپوءِ لڳ ڀڳ مري چڪا هئا، تن کي بيوس وري جيئرو ڪيو. هن فارم ۾ بيوس "گنگا جون لهرون" ۽ نديءَ نهيءَ وارن لاءِ بيت لکيا آهن. جن ۾ وطن، ٻڌ ۽ ماکي جي مک، آگريون ۽ منڊي، ٻکي ۽ پڇرو ۽ ٽنڪ جهاز جو ٻڏڻ، جي سڀ **شيرين شعر** ۾ آيل آهن، تنهن ڪانسواءِ **شعر بيوس** ۾ به هڪ ڪوتا شروع ڪمار، هن فارم ۾ آيل آهن. بيوس جا بيت ڪافي دل ڇڪيندڙ آهن، پر اُهي گهڻا ٻيائي شعر جي روپ ۾ پيش ڪيل آهن. ان ڪري انهن ۾ اُڌما خواهه اونهائي گهٽ آهن، تو ٻي ٻولي سڀڪ ۽ سوادي آهي. پر "گنگا جون لهرون" ۾ خاص موج ۽ مستي آهي.

مان پيدا ٿي مان مڇهان، آءٌ مڇهاران آءٌ،
اڏو آيس آءٌ جي، پيو پاڇي ٿي لانءِ،

ٻيوس ۽ ڌرم

پرڀو ”وفا“ ڇڳاڻي

اڄوڪي ڏينهن سائين بيوس جي ورسي ملهائي رهيا آهيون. اڄوڪو ڏينهن اسان سڀني لاءِ هڪ وڏو ڏڻ آهي. خاص ڪري اسان لاءِ جي سندس شش آهيون، هڪ گرو پرب آهي. هن شڀ موقعي تي جي پيارا پل سائين بيوس جي سُوڀاري سنگ ۾ مون گذاريا آهن سي بار بار ياد اچي رهيا آهن. سندس سڀاجهي صورت، نماڻو نروار ۽ نهٺو سڀاءُ اڄ سنيما جي تصويرن سمان اکين سامهون ڦري رهيا آهن. سائين بيوس جي سمرتين جو هي ميلو شل هر سال ملهائيندا رهون ۽ مهاپرش مهان ساهتڪارن جا هيڙا جلسا ۽ جشن هر سال شل جاري رکندا اچون.

بيوس جهڙي شهباز شاعر ۽ درويش کي ڀلا ڪهڙو سنڌي ساهت پريمي وساري سگهندو؟ بيوس هميشه منهنجي ذهن تي ڇانيو رهي ٿو. بيوس اسان سڀني سان وڏو وڙ ڪيو آهي سليس ۽ سرل ٻوليءَ ۾ سندر ۽ گنڀير ويچارن جو اظهار ڪرڻ سائين بيوس جي لاثاني خوبي هئي. جو املهه ورثو اسان لاءِ ڇڏي ويو آهي، شل پوريءَ شرڌا ۽ حفاظت سان سنڀاليندا اچون ۽ سندس خزاني کي اڃا به مالا مال ڪندا رهون.

ڪاليج جي موڪلن ۾ جڏهن ڪراچي کان لاڙڪاڻي ايندو هوس ته دل چاهيندي هئي ته پهريون سائين بيوس سان ملان. ۽ ساڻس ملي آئون محسوس ڪندو هوس ته سندس سنگ ۾ ساڻس گڏ مان به مٿي چڙهندو ٿو وڃان. خوب گذرندي

وقت جي تقاضا انوسار، سرگس ۽ عام جلسن لاءِ رچيون هيون. ڇاڪاڻ جو اهي رچنائون خاص ڳائڻ لاءِ رچيون ويون هيون، ان ڪري ان زماني ۾ اهي گيت ۽ ٻيون ڪافي لوڪ پريه ٿي چڪا هئا. اُن هوندي به بيوس انهن کي رد ڪري ڇڏيو هو. زندگي جي آخرين ڏينهن ۾ بيوس پنهنجون پراڻيون ڪوتائن کي سوڌي ۽ سنواري لکيو هو، جنهن اُهي سندس يادگار- ڪوتائون ليکجڻ ۾ اچن. انهن ڪوتائن ۾ سندس گيت ۽ ٻيون شامل ناهن. جيڪي ڪوتائون هن سوڌيون هيون سي سندس ديهانت کان پوءِ **شعر بيوس** جي روپ ۾ ظاهر ٿيون آهن. جيڪي ڪوتائون هو رد ڪري ويو هو، سي ڪانئس پوءِ **بيوس گيتانجليءَ** ۾ شايع ٿيون آهن. ڇند وديا جي ڪسوٽيءَ تي اُهي ڪوتائون سڀ سون آهن، پر اوچائي البت گهٽ آهي- مينتاج ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

آخر ۾:

هن ٿورن لفظن ۾ بيوس جي شعر جي پرک. فني لحاظ (*Technique*) سو به خاص علم عروض کي خيال ۾ رکي، ڪئي وئي آهي. بيوس ڪي ڪو به اُستاد ڪو نه هو ۽ هن علم عروض يا ڇند وديا جا خاص ڪتاب ڪو نه پڙهيا هئا. هو جنمدي جام شاعر هو. پر اُن هوندي به بحر وزن جي خيال کان هن ڪٿي ڪٿي غلطيون ضرور ڪيون آهن، پر اُهي اٽي ۾ لوڻ مثل آهن. هونءَ به هن زماني ۾ نئين هوا هلي رهي آهي، جنهن ۾ ماترائن، ڇندن، وزن ۽ بحرن لي خير ڪو ڌيان ڏنو وڃي ٿو. اڄ ڪله آزاد نظمون مروج ٿي چڪيون آهن. ڪنهن به شعر جا ٻه ضروري حصا ٿيندا آهن: هڪ صورت ۽ ترڪيب (*Form*) ۽ ٻيو اُڏام ۽ اصليت. بيوس پنهنجي شعر ۾ علم عروض کي ضرورت کان وڌيڪ اهميت ڪا نه ڏني آهي. پر سندس ڪوتا ۾ اُمنگ ۽ اصليت ڪُوٽان ڪوٽ ڀرپور آهن.

”سائين، آريہ سماجي ويدن کي ايشور واڻي ۽ مسلمان قرآن کي الاهي ڪلام ڪري ٿا مڃين“ لڏهن جواب ڏيندو هو ”پيل وينا چون“ وري چوندو هو ڪيترن ڌرمي پستڪن تي وقت جي دز چڙهي ويئي ٿي ڏسجي، انڪري ”ڌرم ـ سنسڪرڻ“ اڄوڪي زماني جي اهم تقاضا آهي. امرت ۾ جو زهر مليو هو آهي انکي الڳ ڪرڻ اسان جو فرض آهي نہ تہ دنيا تباهہ ٿي ويندي. ڪڏهن غمگين ٿي چوندو هو: ”سماج ۾ ايڏيون نہ ڪراتيون، جڙتا، پاکنڊ ۽ دوکو ڀليو رهيو آهي جو ڪيترا آدمي ڌرم جو نالو ٻڌڻ ئي نہ ٿا چاهين. جاتيون ۽ جماعتون پاڻ ۾ جهڳڙا ڪنديون ٿيون رهن. مطلبي پانڊا ٻاوا ۽ جڙلو سادو عام جي وشواسي ۽ معصوم دل جو فائدو وٺي ڪين دوکي ۾ رکي لٽڻ جو رستو گهڙي رهيا آهن. سچ کي ڇڏي ٻاهي ٻنيان پٽڪندا ٿا رهون.“

لڏهن لکيا آهن:

ڳل گهڙيءَ پيل هار جو پاڻيءَ اندر پاڇو ڏنم
سچ ڇڏي ٻاهي پنيان پيو مفت واهڙ ۾ وهڻ
دل اندر جي ڪيت ڪونيون سي ڪري گروي ڏنم
ٻنهجي پريتم جي مندر ۾ ٿيو پراون جو رهڻ

پيوس چوندو هو، ڌرم آهي آتم شڌيءَ لاءِ. ڌرم جو پرايوجن آهي ٻنهجن ٻين گڻن جو وڪاس ڪرڻ تہ جيئن هرڪو هڪ ٻئي سان منشتا جو وهنوار ڪري سگهي. وشو سماج کي هڪ وشال ڪٽنب سمان سمجهڻ گهرجي. اهڙي ئي واتاورڻ ۾ هر منش هر جاتيءَ هر قوم کي سک جو سندپش پهچائي سگهبو. هر جيوڌاريءَ ۾ آتما جو نواس آهي.

لڏهن لکيو آهن:

”سونهن سچ هر چيز ۾، هر چيز پوڄا پوڳ آهہ
ديد لاءِ ديدار هر جا سرت لاءِ هر جا صواب“

هئي جڏهن ٻه ديوانا گڏ ويهي پاڻ ۾ روح رهاڻ ڪندا هئاسين. گهڻن ئي وشين تي ڳالهائيندا هئاسين بعضي ڌرم جي باري ۾ به ذڪر نڪرندو هو. ان سمي خليل جبران جي "دي پرافيٽ" جو مون انواد ڪيو هو ۽ ٻيوَس کي عرض ڪيو هوم ته نظر مان ڪڍي ڏيو. ان ڪتاب ۾ خليل به ڌرم جي باري ۾ لکيو آهي. گهڻي ڀاڱي ٻيوَس خليل جي خيالن سان سهمت هو پر خليل جي تصوف واري نقط نگاه جي باري ۾ سندس ويچار وقتي علحدا هوندا هئا. ٻيوَس لڪير جو فقير نه هو. ڪيس پنهنجي ترالب هئي ۽ پنهنجا نجا ويچار هئا. جو ڪجهه ڌرمي پستڪن ۾ پڙهندو هو ان تي گمڀيرتا ۽ گهرائيءَ سان سوچيندو هو ۽ سو ئي گرهڻ ڪندو هو جو قبول ڪرڻ جوڳو هوندو هو. جيئن طوفان کي جار ۾ پڪڙي رکڻ ممڪن نه آهي تيئن ٻيوَس جي آزاد ۽ اڏامندڙ آتما ۽ سندس وُسيع طبيعت کي ڪتابي قيد ۾ بند ڪرڻ ڏکيو هو. هن ڌرم جي تتوَ گيان کي پروڙيو ۽ پرمن جي پولن ۾ نه پيو. هن لاءِ ڌرم دنياداري يا ڏيکاڏيکي نه هو. ڌرمي رسمن ۽ رٿين کان مٿي هو. تڏهن ته ٻيوَس لکيو آهي:

"ڌرم رسمي ٿيو سچائيءَ جي اڳيان ازخود لهي
سج اُڀرئي ڏس ڏيئي جي روشني مٺجي وئي"

وري لکيو اٿائين:

"ڪٿي نه ٿيندي جنگ جاري ڌرم راجن واسطي
جو ڪتابي قيد لءِ تو تخت دل جي تان لهي"

ٻيوَس اندشرڌالو نه هو. ڪنهن ڌرمي ڪتاب کي الاهي ڪلام سمجهي نه پڙهندو هو. گيان وگيان سان ڇنڊڇاڻ ڪري پوءِ ئي سوڪار ڪندو هو. چوندو هو ڪڻڪ کي ٿُهن کان جدا ڪري پوءِ ئي واپرائڻ گهرجي. هڪ ڏينهن ڪيس چيم،

"هتي ناهين ڪٿي ناهين هيٺ ناهين ڪڏهن ناهين
جي ڳڻ ناهين سي هڏ آهين، ملڻ موقعو وري ڇاجو
وسين واجهو ڏيئين ۾ تو ٻران ٻردو وري ڇاجو
ٻئي خود ڀرڻ ٻرڻ جو وڇون واڇو وري ڇاجو"

ٻيوَس جي عقيدي موجب ڪرم ۽ ويچار ئي ڌرم آهن. ڌرم کي ڪرم کان ۽ شرڌا کي ٻڌيءَ روز مره جي زندگي کان جدا ڪري نٿو سگهجي. چوندو هو ڌرم مندرن، مسجدن ۽ گرجائن ۾ رهڻ واري چيز نه آهي. ڌرم هميشه رهڻ وارو آتما جو ڀاڱو آهي. ساري جيون سان ڌرم جو لاڳاپو آهي. ڪهڻيءَ ڪسان وڌيڪ رهڻيءَ کي توجهه ڏيندو هو. ٻيوَس لکيو آهي :-

"رهڻيءَ ۾ ناهه عامل، ڪهڻيءَ ۾ خوب ڪامل
اهڙي سکيا جو ٻين لئي مشڪل اثر اچي ٿو"

ٻيوَس هڪ مثال ڏيندو هو:

اُسَر جو اُٿي، سنان ڪري، ڌوپ واس ٻاري، پوڄا پاٺ ڪري واپاري وڃي ٿو دڪان کولي. دڪان ۾ لڪشمي ديوي يا جهولي لعل جي مورتي رکي اٿس. ان لئي گل چاڙهي گديءَ لئي وٺي ڌنڌو ٿو هلائي پر ڌنڌي ۾ سڄو ڏينهن ڪوڙ ڳالهائي ڪري پئسو ٿو ڪمائي. وري ان پئسي مان هڪ مندر يا ٽڪر ٿو ٺهرائي، ڪجهه دان ۾ به ٿو ڏئي. سوال جي صورت ۾ جواب ڏيندو هو: ڇا اهو ڌرم آهي؟ ڇا اهو دان آهي؟ سماج ۾ هي پاکنڊ ڏسي لکيائين:

"ورت رکين اپواس ڪيئن ڪرين ولڊر ڪمن ڪونن ۾
دان ڪرين سنمان ڪيڻ لاءِ ڏنڌ رڳو ڏيکڻ ۾"

ٻيوَس هڪ گرهستي هو. ڪڏهن گيڙو نه پهريائين. چولو نه چاڙهيائين. پر ٻيوَس هڪ آدرشي گرهستي هو. اعليٰ چرتر

يسوع پريم جو پوڄاري هو. هن لاءِ پريم ئي پرميشور هو. خليل جي ڪتاب جو ترجمو، جو ڪيس لطر مان ڪيو ڏٺم لاءِ ڏنو هوم اهو جڏهن موٽائي ڏنائين ته ان ۾ هي هيٺيون سندس هٿ اکرو نوٽ پڙهيم:

"پريم رچنا جو مول ڪارڻ آهي. ساز رچنا جي تار تار پريم جو رسيلو راڳ آلاپي رهي آهي. پريم دل جو ذاتي گڻ آهي جو نه سکي سگهجي ٿو ۽ نه سيکاري سگهجي ٿو. پريم ۾ سبب پڇڻ يا سلڻ لاءِ سمڪ ڪانهي. زندگيءَ جو وڌڪ پريم مان، پريم ۾، پريم ڏانهن آهي."

هي نوٽ مان اڄ تائين سانڍيندو آيو آهيان. اهو پڙهي سندس هڪ شعر دل تي تري آيو:

"غرق آهي چيز هرڪا پريم ساگر جي اندر
پريم روپي آگ ٻرندڙ آهه گهر گهر جي اندر"

يسوع قرب جو ڪُٺل هو. سندس عقيدو هو ته پريم سان پاپ ڌوپجي ٿو وڃي. تڏهن لکيائين:

"هٿئي جا سندن ۾ سمايل سخت دل جي داڻ داڻ
قرب جي ڪانيءَ لڳڻ سان سنگ جئن سنجي وئي"

خليل جبران وانگر يسوع به انهن ئي چوندو هو: "هيءَ ڏيهن راڄ وارو جيون ئي مندر آهي" يسوع به انسان جي دلين منجهه دلارا ڏسندو هو: لکيو اٿائين:

"ملڪ مڙئي مندر آهي، اگر سڀ جي اندر آهي
دلين منجهه دلارا، قدرت وارا."

يسوع پرميشور کي پاڻ کان ٻري ڪنهن پهاڙ تي يا ٻولاڙ ۾ وسندڙ يا انسان جي گناهن ۽ ثوابن جو حساب رکندڙ نه ڄمندو هو. يسوع لاءِ ايشور هٿئي ۽ هاڻي ۽ پريم جو اندر ساگر هو: تڏهن لکيائين:

بيوس کي مڙني لاءِ محبت هئي. نفرت هئس ته نفرت لاءِ، ظلم ۽ انياءَ لاءِ. غريبن لاءِ سندس هڏ ڪڙڪندو هو. هو روئندا هئا ته هي به رت روئندو هو. غريبن جو سچو همدرد هو. لکيو اٿس:

ڳوڙهن ۾ تنهنجي ڳالهڙ منهنجو به خون آهي
سوداءُ سر ۾ تنهنجي منهنجو جنون آهي

ساڌو واسواڻيءَ وانگر بيوس به غريبن جي جهوپڙن ۾ ئي ڀڳوان ڏٺو. لکيو اٿس:

”اڄ غريبن جون ڪکائون جهوپڙيون مالڪ گهمي
ٿو مڙهيءَ مسجد مندر ديول ٽڪائي ڪسان نهي“

شاهوڪار ۽ سيٺيون سندس دوست هئا پر مون ڏٺو ته شاهوڪار ئي سندس در لي ايندا هئا. بيوس ڪڏهن به سندن خوشامد نه ڪئي. کين للڪاري چوندو هو:

”سخت وله برسات ۾ ڪنهن رات سوڙن مان اٿي
ڏس ته باهر ئي اجهن سان وئل ڇا ڇا ٿو وهي“

سندن ڳاڙها ڳل ۽ ڀڀڪيدار پوشاڪ ڏسي پڇندو هون:

لال ٿيو تنهنجو دوشالو ڪنهنجي لوهو ڇاڻ مان
خون دل ڪنهنجو ٻڪيو تنهنجي ڳل ڳاڙهاڻ مان“

کين چتاوني ڏيندو هو ته بت لي لکيل چٽي پڙهو. وقت جي ورَ پلٽو کاڌو ته غريب مظلوم اوهان کان ور وٺندا ان ڪري پنهنجو رخ بدلايو. کين چيائين:

”جي رُسي مزدور بيوس ڪنهن وڏيري راڄ لي
هوند ٻهراڻ پؤر آڙا ڪنب لي ٿوڪي ڇڏي“

بيوس هڪ باغي شاعر هو. غريبن جا جهڳا ميڻهن ۾ جهرندا ڏسي لکيائين:

”الا جهري م شال غريبن جي جهوپڙي“

۽ شخصيت جو مالڪ هو. بيوس سچ ۾ پوڄڻ لائق هو. اُپواسن ۾ اعتبار نہ هوس پر سادو کائيندو هو ۽ سادو پهريندو هو. وچين وات سندس اڳواڻ هئي، لکيو اٿس:

"نہ آهہ اڻ ڄاڻ ڇڱي نہ آهہ ڇڱي ڄاڻ گهٽي
ٿئي سفر ساب وچينءَ وات جي اڳواڻ ڪري"

سندس ساري گهر ۾ پوترتائيءَ جو واحد مثال نظر ايندو هو. سندس پتنيءَ، ٻنهي ۽ پٽرن جي چهرن تي پوترتائيءَ جو نور جرڪندو نظر ايندو آهي. بيوس جي ويچارن موجب ڪنهن بہ انسان ۾ جي ڪو ڌرم جو انگ آهي تہ ان جي جهلڪ سندس روزاني وهنوار مان ملڻ گهرجي. انسان اندر جو آتمڪ سرور آهي ان مان ڌرم-گنگا کي ٻاهر نڪري وهڻ گهرجي.

بيوس هڪ وشو-مانو هو. بيوس لاءِ انسانيت کان وڌيڪ سرشٽ ٻيو ڪو ڌرم نہ هو. هندو ويرن ۽ مهاتمائن جا گڻ ڳائيندو هو تہ حسن ۽ حسين جي شهادت جون بہ سرڪيون پڙهندو هو. ڪي مسلمان شاعر بيوس جي مخالفت ڪندا هئا جو سندس سارو سهپ نہ سگهندا هئا. پر هن ٻار ڪڏهن بہ سندن ٻاري ۾ گلا جي گفتار نہ ڪئي. بيوس ۾ دُئي مُور نہ ڏٺي. هن لاءِ رام، رحيم ۽ ڪاڌ هڪ ڳالهہ هئي. لکيو اٿائين:

"ٻن لفظن هوندي ٻئي ابوس چيز تہ هڪڙي ڏسجي ٿي
هر مذهب جي اندر درس اميز تہ هڪڙي ڏسجي ٿي"

ٻئي هنڌ لکيو اٿائين:

"لنگ مذهب ۾ نہ ماڻهون قوميت ۾ جاءِ ڏي
ٻانهيءَ انسانيت روحانيت ۾ جاءِ ڏي
چنڊ دنيءَ جي ديد مٺري لون لون ۾ رهہ مان ٻئي رهان
ڪر دنيا ۾ دل وڏيري لون لون ۾ رهہ مان ٻئي رهان"

ٽئگور وانگر ٻيوس ته قدرتي نظارن ۾ الاهي نور جي جهلڪ پسي ۽ انسان جي ان محبت ڀريل نگاهن ۾ ايشور درسن ڪيو. ٻيوس لاءِ انسان جي هٿ کان بهتر ٻيو ڪو پوڄا ٻوڳ ٺاڪر نه هو.

خليل جبران وانگر ٻيوس پنهنجي چوڌاري نظر ڦهلائي ته ڏٺائين ته پرماتما ننڍڙن ٻالڪن جي معصوم ڪيلن ۾ ڪنڌي رهيو هو. ڪڪرن ۾ اڏامندو ٻجليءَ ۾ ٻانهون ڦهلائيندو برسات ۾ رم جهم لائيندو مکڙين ۾ مهڪندو ۽ مشڪندو، ولين تي چڙهندو ۽ پاڻ ڏي اشارو ڪندو پاتائينس.

تڏهن وجد ۾ اچي ورلاپائين:

"اڻ ڏٺل ڪي جي نصيبن سان ڏٺل اندر ڏسان
هوند هردي ۾ اٿل اڻ جيت راڄائي اچي
جاڻ جاڻل تان ٻوي جي جاڻ اڻ جاڻل سندي
نُور نيڻن ۾ نئين سِر سُرت ساڄائي اچي"

۽ چيائين:

"لالن لڳاءَ تنهنجو هر جا نظر اچي ٿو"



هن سٽ ۾ ڪيڏو نه درد جو احساس آهي. ڪيڏي نه پر-پيڙ جي ڀروُڙ. ڀيوَس خلق جي خدمت کي ئي سچو ڌرم سمجهو ٿي، تڏهن ته لکيائين:

”دنا ۾ جي بقا چاهين ۽ چاهين امرتي پيالو
ته ٻس شيوا جي چشمي مان ڪري پُر جام پيئندو آ
وڃو تجي مٿرا ۽ گوڪل ناهه جمنا جڳ-پتي
شهر شيوا ۾ وڃي پنچ مهاب مرليڌر ڪٿي
پاڻ آڪاس ۾ شيوا جي اُڏايان اڏرو
مثل عنقا نه، ليڪي مهنجو ڪٿي آکيرو

ڀيوَس هو ڪرم-يوگي. ”هٿ هاج ۾ دل يار ڏي“ اهو ئي هو سندس آدرش. ماستريءَ چاهي هوميوپٿيءَ اسپتال ۾ هن سچي شيوا ڪئي. ڪڏهن به مڃهس رتيءَ ماتر به پئسي جي طمع نه هئي. ڀيوَس کي ٻيءَ دنيا جي ڪانگهه نه هئي. سندس اکين ۾ ڪو سرڳ جو سهاوڻو سپنو پيل نه هو. ڀيوَس هن دنيا سان نباهڻ ٿي چاهيو. ان ڪري ئي سچي ڌرماتما وانگر آشاوادي ۽ سک درسي رهندو هو. نه دک ۾ دکي ٿيندو هو ۽ نه سک ۾ ڦونڊجي ويندو هو. هن جيون ۾ جس پاتو. ڀيوَس ٻن نه پنڪيو، ڏونگر نه ڏاريا ۽ جهر جهنگ نه جهاڳيا. پنهنجيءَ دل مان ئي هڪ دڳ لڌائين. انترگهٽ ۾ ئي ايشور جي کوج ڪيائين.

ڪنهن آتما گيانيءَ چيو آهي:

برهم کي ماري وشنوءَ ۾ جذب ڪري ڇڏيو
وشنو کي ماري شِوَ ۾ سمائي ڇڏيو
۽ شوَ کي ماري پنهنجي آتما ۾ ڇپائي ڇڏيو

شايد اهڙيءَ طرح ئي ڀيوَس ڪيو. ڀيوَس جي رڳ رڳ ۾ رام ٿي رميو. سندس منهن ۾ اکري مٺي هئي ۽ سڀ لاءِ قرب-ڪٽي هئي.

اوهان جيڪڏهن ڪيٽس جي ڪهاڻي.ڪوتا آئزابيلا پڙهي هوندي ته بي اختيار ٻيوَس جي مٿين بند پڙهڻ سان ڪيٽس جي هيءَ مصرع ياد اچي ويندي:

Those dainties made to still an infants' cries

اهي نفيس وستو جي هڪ ٻالڪ جي رودن کي شانت ڪرائڻ لاءِ جوڙيون ويون.

وَرڊ سورٿ قدرت جو ڪوي ڪري شمار ڪيو ويو آهي. ٻيوَس قدرت جي نظارن چٽڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي آهي. سندس ”ندي“ ڪوتا پڙهو يا ”نيلو آسمان“ سندس ڪڪرن جا بيان، تارن جي ٽم ٽم، نديءَ جو وهڪرو، اهي مڙئي پڙهڻ سان اوهان کي ورڊ سورٿ جي نظارن جا بيان دل تي تري ايندا.

شيلي موسيقيءَ جو استاد آهي، شعر ۾ سنگيت جي وصف جيتري شيليءَ جي ڪوِتا ۾ اوهان کي ملندي اهڙي شايد ٿي ڪنهن ٻئي ڪويءَ ۾ ملندي. ٻيوَس جي شعر ۾ سنگيت جو گڻ ڪوٽان ڪوٽ ڀريل آهي. ڪيترا شعر ته هن لکيا ٿي ڳائڻ لاءِ ممڪن آهي ته ڳائيندي ڳائيندي لکيائين، نه ته دکايل انهن گيتن سان سڌاڻن جي دلين ۾ اٿل پٿل ڪيئن آڻي سگهي ها. پر شيليءَ جي شعر جي بنيادي وصف اُنجي موسيقي نه آهي؛ هنجي فيلسوفي آهي— دنيا جي اُن سمي جي رواجن، حالتن ۽ پرستشن سان اَسنتوش ۽ سولهري زماني جي آمد جي آشا. هو چوي ٿو:

If Winter comes, can Spring be far behind?

اگر سيارو اچي ٿو، ته ڇا بهار گهڻو پٺتي هوندو؟

ٻيوَس آشاوادي ڪوي آهي، جنهنجو سونهري آئينده ۾ وشواس آهي. پر ساڳئي وقت شيليءَ جيان هن پنهنجي ٻڪ

آندريون اُڇل جي ڏيندو

ٻلديو ٽي. گاجرا

مون کان جيڪڏهن ڪو پڇي ته ”بيوَس“ جي سموري شعر مان ڪو هڪڙو بند، ڪا هڪڙي مصرع اون ٻڌائي سگهندين جا تنهنجي خيال ۾ اهڙي هجي جنهن ۾ بيوَس جي جيون فيلسوفي سمايل هجي، جنهن‌جي ڪري بيوَس کي اعليٰ ترين شاعرن جي قطار ۾ داخل ڪري سگهجي، جنهن بدولت بيوَس جو نالو هڪ شاعر جي حيثيت ۾ امر ٿيو وڃي، ته آءٌ جيڪر هوند سندس لميڙيءَ ڪوتا ”مکڙيءَ جي ٻيتاپي“ مان هيٺيون بند اُچاريان—

ايڏي اڪڙ اجائي، مکڙيءَ ڪٿي لڳائي،
آندريون اُڇل جي ڏيندو ٻاهريون ته ست جهليندو!

بيوَس جي مشابهت ڪنهن انگريزي شاعر سان ڪرڻي پوم ته مان هوند مجبهي پوان ته ڪنهن سان سندس ڀيٽ ڪريان. ڪيٽس کي سندرتا جو ڪوي ڪري ڪوٺيو اٿن؛ بيوَس به سونهن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ بعضي اهڙو ته اعليٰ ۽ اهڙي ته نفيسائيءَ سان جهڙيءَ طرح ڪيٽس جي سندرتا جي ورڻن پڙهڻ سان من ۾ ڪڏهن به واسنا جي ڀاونا نه اُٿندي، ليڪن بيوَس جي شعر پڙهڻ سان من ڪڏهن چنچلتا جو شڪار نه ٿيندو، البت شڌ ۽ پاڪ ٿي ويندو. سندس شڪنتلا جي ڪويتا ان ڳالهه جي تصديق آهي. بيوَس جو هي بند پڙهو:

ڏاڙ جهم ڏيڻ لي لٽن ڪهر جي وَهائي
سنسار ۾ سفر کان پهرين سمر اچي آ

يعني تون پل مون سان ٻرڌ اوستا ڏانهن وک، وڌائيندي هل چوڻ، جيون جو ٻهترين وقت ته اڃا اچڻو ئي آهي، اهو وقت جنهن لاءِ ئي ٻالڪپڻو ٺاهيو ويو آهي.

ٻيو، هڪ قدم اڳتي ٿو هلي. هو صاحب ته موت کي به ڪا ڏڪائيندڙ يا ڏهڪائيندڙ وستو نه ٿو سمجهي. موت ته پاڻ پيدائش جي اڻوٽندڙ پهلوءَ کي ختم ڪري، ائين جيون عطا ٿو ڪري. براؤننگ خبر نه آهي هي سٽون ڪنهن کي ٿو چوي:

Teach me — teach love as I aught
I will speak thy speech love, and think thy thought.

او منهنجا پريتم، موت کي ٻڌاءِ ته مان ڪهڙي نموني پاڻ کي هلايان؟ آءٌ توکي خاطري ٿو ڏيان ته مان تنهنجائي ٻول ٻوليندس ۽ تنهنجائي ويچار ويچاريندس.

جيڪڏهن رڳو ايلزبيٿ سندس خيال ۾ آهي ته به مبارڪ. پريم ۽ صدق ۾ ان معيار جي خود ارپنا لاءِ داد ئي ڏيڻو پوندو.

مهاديو ديسائيءَ لاءِ چوندا آهن ته ايتري قدر پاڻ کي مهاتما گانڌيءَ جي شخصيت ۾ سمائي ڇڏيو هئائين جو ڄڻ کيس پنهنجي الڳ هستي (وڪتيتو) هئي ئي ڪانه. گانڌيجي پنهنجي ويچار ڌارا پلجي ويندو هو پر مهاديو نه پلجندو. سندن جيون ۾ موقع آيا. جڏهن گانڌيجي مهاديو کي ڪجهه لکائيندي رڪجي ويندو هو ۽ کيس چوندو هو، ”مهاديو ڀائي، يه ڪاٽ دو، نهين لکو.“ پر مهاديو جي قلم اهي شبد لکيائي نه هوندا، سندس هٿ رڪجي ويو هوندو ۽ باپوءَ کي چوندو، ”باپوجي، مئين لکائي ڪهان هئي ڪ آپي ڪاٽ دون، مجهي تو معلوم ٿا ڪ آپ اس ڪو مٽائي ڪو بوليندگي.“

سان ناراضپي جو به اظهار ڪيو آهي. هن مزور جي حالت تي رنو آهي، ڪسان جي مفلسيءَ تي هنجون هاريون آهن، استريءَ جي نبلتا خلاف آواز ڪڍو ڪيو آهي. البت بيوس به اسان کي شيليءَ جي شعر جهڙيون دردي مصرائون ڪونه ملنديون:

I fall upon the thorns of life, I bleed,
A heavy weight of hours has chained and bowed one too
Like thee tireless and swift and proud.

مان جيون جي ڪنڊن ۾ ڪران ٿو، رت وهايان ٿو زماني جي بوجهه مونکي زنجيرن ۾ جڪڙي نمائي ڇڏيو آهي نه ته ته مان تو جيان نه رڪجڻ وارو، تيز رفتار ۽ غرور ۾ پُرُ هئس

بيوس ۾ ان قسم جي شخصي درد جي پڪار ڪانه ملندي، ڇو ته هو شيليءَ کان ان ڳالهه ۾ نرالو هو، جو هو هڪ سنتشت ويڪتي هو پر زماني سان بيوس کي به شڪايت آهي الڏهن ته پڇي ٿو ته شاهوڪار جو ڏيتو ڪنهنجي لال لوهوءَ سان رڱيل آهي يا هاري ڪنهنجي لاءِ ٿو ڏينهن رات پسيو وَهائي؟ ان کان، پنهنجي دک کي ڀلائي ٻين جي دک جو احساس هئڻ ڪارڻ ڇئبو ته بيوس شيليءَ کان مٿي آهي.

براؤننگ وري هڪ فلاسافر ڪوي آهي. هنجي هڪ هڪ سٽ ۾ ڪونه ڪو جيون جو سنديش سمايل آهي، ڪونه ڪو ڏيُ، مرم، ڪانه ڪا سکيا جيون کي سکي ۽ سنتوشي بڻائڻ لاءِ آهي ٿي آهي. براؤننگ ٻڍاپي اچڻ تي دکي اٿو ٿئي، انلندو اليزبيٿ کي چوي ٿو:

Grow old along with me, the best is yet to be
The last of life for which the first was made

هن جو زندگيءَ ڏانهن ڪهڙو رخ يا رَويو آهي. ان جيون جي ڳجهارت جو ذڪر ڪيو آهي ڇا ۽ جي ها ته انهو ڪهڙو حل ڏنو اٿس.

آءٌ هوند نارائڻ شيام ۽ گووَرڌن ڀارتيءَ کي الڳ ڪريان جي ان عام سڌانت کان ڪي قدر نرالا آهن ۽ ان ڪري سندن جيون ۾ ڪا فيلسوفي ڪنهن حد تائين ملي ٿي. ٻيو ڪو شاعر مون کي نه سجهي جو ان نقص کان ڇٽل هجي. آءٌ بيوَس جي "شيام" ۽ "ڀارتي" سان ڀيٽ نٿو ڪرڻ چاهيان ڇو ته هوُ اڃا پورا رسي راس ڪونه ٿيا آهن، اڃا ته ٺهجي رهيا آهن؛ تنهن سواءِ بيوَس ته ان نئين وچار ڌارا ۽ ان نئين يُگ جو پٿ درشڪ هو؛ ۽ پٿ درشڪ جو درجو اُتاهون آهي ئي.

بيوَس جي شعر جي فلاسافي ڪهڙي آهي، ڪهڙي واٽ هو جيون جي پٿ جي پانڌيئڙن کي ٿو ڏيکارڻ چاهي، ڪهڙي سکيا سندس شعر مان ٿي ملي؟ ان سوال جي جواب ڏيڻ کان اڳ هڪڙا ٻه ننڍڙا سوال وچار هيٺ آڻجن. هڪڙو هي ته شعر ۾ فلاسافي جو هجڻ ضروري آهي ڇا؟ شعر هڪ ڪلا آهي. هڪ سندر ۽ نفيس ڪلا، اهڙو سنديش ۽ سکيا سان ڪهڙو پرايوجن. ان جو ته مقصد هڪڙو ئي آهي، سونهن ۽ آنند ميسر ڪرڻ. ڪلا برائي ڪلا، ڪولا برائي ڪولا. اها هڪ وچار ڌارا يونان جي اوج واري زماني کان هلندي آئي آهي. وچارن جو مت ڀيد ٿي سگهي ٿو، پر منهنجو خيال آهي ته آخرين ڇيد ۾ سندرتا ۽ ستيه ٻئي هڪڙي ئي وستوءَ جا پهلو آهن. ستيم سندرم شوم ٽيئي ايشور جا گڻ آهن ۽ ٽيئي هڪٻئي ۾ اوت پروت آهن. ستيه کانسواءِ سچي سندرتا ملي نٿي سگهي. ڪيٽس، جو ان يونان جي وچار ڌارا جو

بيوس به ڀاڻ ارپڻ ٿو ڪري:

ڪيئن لڪان جانان رڳو ڇا لڪان سل ٿون،
پوري ڪندس ڀاسري ڦوڪيندين ڳل ٿون،
پند ڪرڻ مونکان پڇي، واٽ وٺي هل ٿون،
ڀاڄه ڀريا ڀل ٿون، بيوس ۽ بي زور جو.

ڇنبو ته بيوس اُهن ڇئني ڪوين جو سنگم هو. مئجهس ڪيٽس جي سندرتا ٿي ملي، شيليءَ جي آشا ۽ اسٽوش، ورڊ سورٿ جي قدرت نگاري ۽ براؤننگ جي فيلسوفي. مئٿيو آرنالڊ ملٽن جا گڻ ڳان ڪندي، ڪيس ٻن مهاڪوين جو مرڪب ڪوٺيو — هومر ۽ ڊانٽي جو. بيوس انگلنڊ جي ڪوتا جي سونهري يگ جي دؤر جي ڇئن مها ڪوين جو مرڪب هو.

مون ڄاڻي واڻي بيوس جي ڀيٽ ڪنهن سنڌي ڪويءَ سان ڪانه ڪئي آهي. گذريل زماني جي ٽن سنڌي نر شاعرن شاهه، سچل ۽ سامي ۽ ان بعد بيدل، بيڪس، روحل ۽ دَلپت ڪالپوءِ سنڌ ڪير ڪو معياري شاعر پيدا ڪيو، گهڻو ڪري اسان کي پارسي شاعرن جون نقلي ڪاپيون ملن ٿيون، ڦڪيون، بي جسيون ۽ ڪجسيون. نظم نويس گهڻا پر شاعر ڪير ڪو پيدا ٿيو. ڪچو ڦڪو شعر ڪٿي ڪي لکي ته ويا پيا ڪٿي ڪٿي ڪو چڱيرو دلڪش بند اوهان کي ڪٿي ملي به وڃي، پر ٻه ڳالهيون عدم موجود هونديون — هڪڙي اصليت ۽ ٻي ڪا ٺوس فلاسافي. جيوَن ڏانهن ڪو خاص مقرر رخ، ڪا درشٽي بندو، ڪا مسلسل ويچار ڌارا. ان يگ جي شاعرن ۾ ٿوڙي اڄ جي زماني جي اٺ ڏهن يا ڏهن تسليم ٿيل شاعرن ۾ اوهان کي ڪا جيون جي فلاسافي مشڪل ملندي. انهن ڪنهن شاعر لاءِ چئي نه سگهندا ته

اُنهن جي سچي تصوير هوندي. جتي چٽيل تصوير هڪڙي آهي ۽ نقاش جي شخصي جيون ٻئي قسم جي آهي، اُتي سچي معنيٰ ۾ شعر اُپجي نه سگهندو. اِن نقطه نظر کان ڏسندا ته جديد زماني جا ذري گهٽ ڪل ئي شاعر ان ڪسوٽيءَ تي پورا پوڻ کان قاصر رهجي ويندا، سواءِ ڪن ٿورڙن جي. اڄ هتي هندستان ۾ نارائڻ "شيام" ۽ گوردن "ٻاروي" کي وري به، اُن قطار کان نيارو ڪري ٿو شمار ڪريان ۽ سنڌ ۾ "اياز" ۽ جتوئيءَ کي. باقي اُنهن جي حالت ۾ اُوهان گهڻو لٽو ڏسندا ته شاعر جي جيوني هڪڙي آهي ۽ سندس شعر ڪجهه ٻيو.

دهليءَ ۾ سنڌين جي هڪ اُتسو ۾ ڪي سنڌي ليکڪراون فنڪشنل ٻراس ۾ چمڪندڙون منچ تي اُچي هڪ سنڌي ڪافي ڳائڻ لڳيون. آچاريه ڪرپلاڻي چيو "هي ڪليون سنڌي ڪافيءَ جو رس ڪيئن وڃائي سگهنديون، هنن کي درد فراق جي ڪهڙي خبر! سنڌي ڪافي نه ڪا فلمي ڳائي سگهندي، نه ڪا ناري ۽ مٽڪي تي" جڏهن ڪافي ڳائڻ لاءِ ئي جيون کي اُن سانچي ۾ وجهڻ جي ضرورت آهي، ته شعر لکڻ لاءِ ڪيتري وڏي ضرورت ٿئي! ٻيا اُپجي اُٿڻ ٿئي ته شعر پيدا ٿي نڪرن ٿيندو جڏهن اُپجي پنيان اُها سچائي هوندي، حقيقت هوندي. ان نقطه نگاه کان ڏسبو ته "ٻيوس" ئي ڳائي سگهيو.

"الا جهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي"

يا

"لون ۽ رهه مان ٻي رهان"

ٻيوس جي سچي جيون محنت ۽ پورهئي جي هٽي، ڪٻتن ۽ ڪشالن جي هٽي، ۽ اها حقيقت سندس "لڏي" ڪوتا

هڪ مکيه باني ڪري شمار ڪيو ويو آهي، ڪلا براءِ ڪلا ۽ جنهن ڇيو آهي ته هڪ سندر وستو خوشي ۽ آنند جو دائمي سر چشمو آهي "*A thing of beauty is a joy for ever*" تنهن خود اهو به ڳايو ته :

Truth is beauty, beauty truth
This is all, ye know on earth
And all ye need to know

ستيم، سندرتا آهي ۽ سندرتا ستيم. اهائي چيز آهي جنهنجي توکي هن ڌرتيءَ تي ڄاڻ آهي ۽ اها ئي چيز آهي جنهن جي ڄاڻ تو لاءِ ضروري آهي. ان کان به وڌيڪ صاف لفظن ۾ ڪيٽس ڪويتا ۾ ذڪر ڪيو آهي، ته:

The great end of poetry were to be friend,
To soothe the cares and lift the thought of man.

ڪويتا جو مهان اُديش آهي، متر ٿجي انسان جي چنتائن کي ميسارڻ ۽ هنجي وچارن کي آڪاش ڏانهن نيڻ. اگر ڪنهن محلن ۾ رهندڙ عياشي انسان، غريبن جي دکن اهنجن جو پنهنجي شعر ۾ ذڪر ڪيو ته اها فيلسوفي ڇٽي ڇا ته يا جيڪڏهن ڪو هوڏي، مغرور خود پرست شخص پنهنجي شعر ۾ ڪٿي نهٺائي يا نماڻائيءَ جو ذڪر تو ڪري ته هو اخلاقي اُستاد ڪري شمار ڪبو ڇا؟ ان قسم جون رچنائون محض دماغي آهن. سچو ڪوي هڪ پيغمبر آهي ۽ سندس ڪوتا الهام جو درجو ٿي رکي. برابر هرڪو ڪوي پنهنجيءَ جيون ۾ پيغمبر جي زندگي وتيت نه ٿو ڪري، مگر سندس ڪويتا، ڪويتا جو درجو تڏهن حاصل ٿي ڪري جڏهن هو جيڪي آهي سو ڳائيندو، سندس ڪوتا سندس جيون جو چٽ هوندي، ۽ سندس ٿي من جي

ٻوڙهيو ڪندي سڦلتا لاءِ جلدي ڪرڻي آهي يا ترت سڦلتا ۽ ملڻ سبب تراس ٿيڻو آهي. جڏهن ميوو رسي راس ٿيندو آهي، تڏهن پنهنجو پاڻ ڪري پوندو آهي. جڏهن سادڪ جي ساڌنا پوري ٿيندي، تڏهن ۽ تڏهن ئي، ۽ ان کان اڳ، هو خود آرپڻا جو ڦل پائيندو، مڪتي ۽ موکش جو آنند حاصل ڪندو.

"اندريون اڄال جي ڏيندو" ان اڌ مصرع ۾ ئي سڄو راز سمايل آهي. گرو پنهنجي شش کي، پتا پنهنجي ٻالڪ کي لک سکيائون ڏئي پر اثر مشڪل ٿو ٿئي پر جڏهن اندر جي سوجهه کلندي يا من جو اکو لڳندو ته خود ئي تبديل اچيو وڃي. فاعلاتن فاعلن جي رٽڻ سان ڪوئي شاعر اُٿو بڻجي جيسين اندر جي پرپڪتا نه آئي آهي.

جپ تپ ڪرڻ سان ۽ هڪ ٽنگ تي اڀڻ سان ڪوئي يوگي ٿوروئي بڻجي پوندو. زندگي گذري ويندي پر من جو ميت ملي نه سگهندو، هماليه جبل جي غفا ۾ ٻه دنيا جا سنڪٽ ۽ مونجهارا پيڇو نه ڇڏيندا. پر جيڪڏهن هڪ دفع آنند جي دري کلي پيئي ته پوءِ نه جپ تپ جي ضرورت پوندي ۽ نه هماليه جي غار ۾ وڃڻ جي. گانڌيءَ ڪهن چيو آهي "هماليه جي غفا ۾ مان پاڻ سان چورڻ ٿي ڪلاڪ ڪٽي تو گهمان." ڇا گانڌيءَ کي جبلن تي وڃڻ جي ضرورت پيئي؟

"اندريون اڄال جي ڏيندو، ٻاهريون ته ست جهليندو" جي راز جو وستار وسيع ۽ وشال آهي مگر اڄ ٿوري ۾ ذڪر ڪري ختم ڪندس. جڏهن ايشور ڪرپا ٿيندي، سائينءَ جي مهر ٿيندي، تڏهن ئي منزل مقصد تي پهچي سگهبو ۽ جيسين پرڀوءَ جي آسس نه ٿي آهي تيسين سمورو ٻوڙهه اجايو آهي.

مان ملي ٿي.

ساهي پٽي ڪٿي پي مون موج ڪين ماڻي،
هردم اُٿل پٿل ۾ وهندو رهي ٿو پاڻي،
وهندي وٺان سدائين، پهڪ ڪي موت جاڻي،
هينار ٿي هلان ٿي هردم لدي نماڻي،
آسا رهي اَندر ۾ ٿي سمنڊ ۾ وڃڻ جي،
پنهنجي پراڻي گهر ۾ ساهي وٺي کڻڻ جي.
(شيراني شعر)

مٿين سٽن ۾ جيون جي سموري فلاسافي سمايل آهي، فلاسافي جنهن بيوَس کي ڪشش ڪيو ۽ جنهنکي هن پنهنجي جيون ۾ پاليو ۽ ڦاليو. انسان اُيشور وٽان آيو آهي ۽ وري اُنوٽ ٿي ڪيس وڃڻو آهي؛ ان جيون ۾ رات ڏينهن محنت ۽ پورهيو ڪري پاڻکي ان لائق بڻائڻو آهي. سدائين وک اڳتي وڌائڻي آهي، ڇو ته جو هڪ هنڌ بيٺو تنهنجو ماسڪ ۽ آلڪ مرليو ٿئي ٿو، جيئن بيٺل پاڻي بانسي، ڪنو ۽ بيماريءَ جو باعث بڻجي ٿو.

آءٌ هي مضمون ان بيت سان ختم ڪندس، جنهن سان شروع ڪيو اٿم:

مڪڙي بهار ايندو، گل پوش مهن پٽيندو،
ڪوبو خلاص ٿيندو، آزاد حسن ٿيندو،
ايڏي ٽڪر اَچانئي، مڪڙيءَ ڪٽي لڳائي،
اَندرئون اَچل جي ڏيندو، ٻاهرئون ته ست جهليندو
(مڪڙيءَ جي بيتابي - شعر بيوس)

مٿان ڪو ڪهڙو ڦڪو ساڏڪ، ته گهڙيون ايشور جو پڄڻ ڪرڻ سان، يا ڪنهن غريب کي روٽي ٽڪر ڏيڻ سان پاڻکي جهٽ پٽ پراپورڻ سمجهي؛ لڪي وري ساڌنا ڪندي،

ويتر شاهه نه پيو ڏئي ڏلو آهي

پڇي جان پاڻ ۾، ڪير روح رهاڻ
نه ڏکو ڏونگر ڏيهه ۾، لڪا ڪيچن ڪاڻ
پڇون تيس پاڻ، سسئي لان سور هئا.

(سر سسئي آبري)

ساڌڪ جڏهن ان منزل تي پهچي ٿو تڏهن تون ۽ مان يا هو ۽ مان جو فرق ٿي نٿو رهي پوءِ ڪرپا گهرڻ وارو، ڪرپا ڪرڻ واري کان الڳ ڪٿي آهي ۽ پوءِ ڪرپا لاءِ نه ضرورت رهندي نه گنجائش. هائو، پر شرط اهو،

اندرون اُجل جي ڏيندو!

Oars alone can never prevail, to reach the distant coast
Heaven's breath must swell the sail, or all the toil is lost

محض ونجهه هلائڻ سان دوريءَ واري ڪناري تي پهچي نه سگهبو (اوڙي ڪٽي ونجهه هلائي نه چاڙهي). ايشور جو دم (هوا) جي سڙهه کي ڦوڪي اڙيءَ کي وٺي نه هلندو، ته مڙئي پورهيو اڪارت.

سادڪ مٿان گهڻن ئي پڇي وڃي ان لاءِ مٿي چاڙهيل ڳالهه ضروري آهي جيئن ٽيڪ کڻي لڻ ٻڙيءَ مان هڪ خطرو پيدا ٿي سگهي ٿو. ڪجهه ابرشا ۽ ناسمجهيا جنهن سبب سادڪ پاڻ ڪان ئي پڇي ٿو ته ڇا مان ڀڳوان جي رحم ڪرم جو محتاج آهيان؟ ۽ جي ها ته پوءِ منهنجي سادنا ۽ محنت سڀ وئرٿ آهي ۽ ايتري جفاڪشي ڪرڻ ئي ڇو؟ ان جو جواب آهي:

”تلسي ريکا ڪرم ڪي، ميٽت نه سڪي رام
ميٽي تو سمرٿ هئن، پر سمجهه ڪيئا هه ڪام“

ڪرم جي ريکا رام به ميٽي نٿو سگهي جيڪڏهن اٽل ڪرم جي ريکا رام ميٽي نٿو سگهي، پاپ جي سزا ڀوڳڻي ئي پوندي، ته پوءِ پاڻ ڪرم جي ريکا هو ڪيئن ميٽي سگهندو. هو لڪيرن جهڙي تپ ۽ سادنا جي دا. لاءِ بدل آهي. سادڪ جڏهن ان منزل تي پهچندو، تڏهن ڪيس رحم لاءِ پاڙڻو ئي ڪونه پوندو. خدا خود ئي اچي پڇندو ته توکي ڇا گهرجي. اردو شاعر چيو آهي

”خودي ڪو ڪر بلند اتنا ڪه هر تقدير سي پهلي
خدا بندي سي خود پوڇي، ڪهو تيري رضا ڪيا هئه“

سدا جوان آهي. هاڻ هلو ته بيوس جي بهاريءَ ري سدا بهار باغ جي ڪن ٻارن جو چڪر ڏئي اچون، ديدار ڪري اچون. ديدار سان روح کي راحت ۽ دماغ کي تراوت ملندي.

پارو پهريون: حسن!

باغ جي هڪڙي پاري ۾ هن حسن جو بوٽو لڳايو آهي. ان بوٽي ۾ ڇهه گل (مسدس) آهن. انهن گلن مان هڪڙو گل هن طرح جو آهي،

سارو سنسار تو پدمڻ جي اڳيان ڏاڻ ڏني،
جهول موتين سان ڀريو موج مان مهراڻ ڏني،
باغ گل، هار ڏني، عطر جي سرهاڻ ڏني،
لال، ياقوت رتن، سون، رپو ڪاڻ ڏني،

پهرين سٽ ۾ ڪويءَ دعوٰي ڪئي آهي ته ”اي پيار جي پدمڻ! توکي پوري پرٿوي ڏن ڏيندڙ آهي. سارو سنسار حسن جي حور کي سوغاتون ٿو ڏئي“. باقي ٽن سٽن ۾ هن دعوٰي ثابت ڪئي آهي، ثبوت پيش ڪيو آهي. چوي ٿو: جاگرافيءَ موجب ڌرتيءَ تي ٽي ڀاڱي چار ساگر آهي. ان جو ارٿ اهو ٿيو ته ٽي ڀاڱي چار جڳت موتين جا جهول جهليو سونهن کي سوکڙيون ڏئي پيو. باقي رهيو هڪ ڀاڱي چار. جيڪو به باغن ۽ پهاڙن جي نالن ۾ پورو ٿي وڃي ٿو. باغ گل ڏين، گلدستا ارپن، هير بوٽين ۽ سرهاڻ ڏين. پهاڙ پڪراج ڏين، سون ۽ چاندي به ڏين. بيوس انهي وڏي دعوٰي گهڙيءَ ۾ سولي ثابت به ڪري ڇڏي. اهڙي هام هڻڻ هڪ ڳالهه آهي ۽ نڀائڻ ٻي ڳالهه. پر اهو بيوس جو وس ئي آهي جو جيڪي چئي ويهي سو نڀائي اٿي.

بيوس جو شعر — هڪ جائزو

نيل ڪمل

بيوس جو شعر پورو، پختو ۽ اڪيلو آهي. پورو انڪري جو واسطو رکندڙ وشيه لي ان کان وڌيڪ چئي نه سگهبو. پختو آهي جو ان مان ڪٿان به، ڪو به لفظ ڪڍي ان جاءِ تي ٻيو لفظ رکبو ته معنيٰ ڦرندي يا خوبصورتي گهٽبي. اڪيلو انڪري جو بيوس پنهنجي شعر مان خود پڌائيو ويندو آهي. ڪيترا شعر بنا تخلص جي رچيا اٿس. سندس ڪوتا ”بيوس“ واري اُپ نام جي محتاج ڪونهي!

اهڙي پوري، پختي ۽ اڪيلي ڪوتا ۾ سونهن آهي، جواني آهي ۽ آتما پڻ. سونهن سبب وڻندڙ آهي، جوانيءَ ڪري ڪشش ڪندڙ ۽ آتما ڪارڻ پياري!

هن ڪوتا ڪماريءَ جو پتلو سوجهه ٻوجهه جي ويچارن مان ٺهيو آهي. ڪيس چونڊ لفظن جا ويس وڳا پهرائي مجسم جذبات جو روح ويهاريو آهي. بيوس جي هر ڪوتا سڄي سجائي، لٺي لوبلي دلهن آهي. ان ڪري ڪوتا رسيلي آهي، نشيلي آهي، چنچلي آهي، سريلي آهي ۽ البيلي آهي!

بيوسي-باغ ۾ انيڪ ٻارا آهن. هر ٻاري ۾ الڳ الڳ ٻوٽا آهن. هر ٻوٽي ۾ گهڻائي گل آهن. جن ۾ رنگ آهي، روپ آهي، ڪوملتا آهي ۽ مهڪ آهي. انهن جو رنگ ڦٽندو ڪونه، روپ مرجهائبو ڪونه، ڪوملتا ۾ ڪمي ڪانه پوندي ۽ خوشبوءِ ڪانه گهٽبي. بيوس باغيچو صدو بهار جيان سدا سائو،

مکڙي بهار ايندو، گل پوش مٿهن پٽيندو،
کولي کٽور ڏيندو، آزاد حسن ٽيندو،
ايندي نسيم گهلندي، سو پيا سڳند ڪلندي.

ٻـر

جيسين اچا ڪچالي، ڀوَس اندر سمائي،
تيسين لڪڙ اجائي، مکڙيءَ ڪٺي مچائي،
اندرئون اچل جي ڏيندو، ٻاهرئون نه سٽ جهليندو.

ڪويءَ جي ٺيڪ صلاح آهي ته او مکڙي! او اڄ جا گرنٿڪار!! تو اڄ ٿي ته آڱرين ۾ ليکڻ (ڪلڪ) جهلي آهي ۽ اڄ ٿي بيتاب آهين ته لکٺي اخبارن ۾ اچي، مئگزين ۾ ڇپجي. اهڙي اتاولائي نتيجو نه انتوتي آڻيندي. انڪري ايام ته ٽولاءِ نه بهار ايندو. گل پوش نه مٿهن پٽيندو ۽ ٻر ابهرائي اجائي آهي جيسين اندرئون اجهل ٿئي ۽ اچل ڏئي!

اهو سچ آهي ته جنهنجي هردي ۾ مٺاس ڪوانهي، مٺاڻ ڀري چاشني نيو ڪوانهي، ان جي ڪلڪ ۾ رس ڪٿان ايندو؟ ڀوَس جي اها درد ڌارڻا آهي تہ، جنهن پاڪمت ۾ پين خريدڻ لاءِ پئسا آهن سو هر حالت ۾ گرنٿڪار ناهي! ڪشمير ڏسڻ هڪ ڳالهه آهي ۽ لکڻ ٻي ڳالهه. تاج ڏسڻ لاءِ ڏوڪڙ کپن پر تاج چٽڻ لاءِ ڪئنڪ اِنڪ (*Quink Ink*) نه پر جگر جو خون کپي. اک چنڊ ڏسندي پر چنڊ ۾ چندرمکيءَ جو چهرو ڏسڻ لاءِ ڪلا گهرجي. ساهتيڪار اهوئي سڏبو جيڪو چندرما ۾ ڪنهن ماهروءَ جو مکڙو پسائي سگهي! اهڙي رچنا ٿي امر رهندي ۽ اثردار ٿيندي. ڀوَس ڪٿي چئو نه آهي:—

آهه هر هڪ لفظ اندر قيمتي رس جو قڙو،
ڪير چوندو شعر ڀوَس شاخ انگوري نه ٿي.

ساڳي ڳل ۾ ٻه ٻيون ٻيون به آهن :-

ڏاتي هر چيز ٻٽي سونهن جي سردار اکيان،
تابع هردل جون حدون حسن جي سرڪار اکيان.

مٿين سٽن ۾ چار لفظ آهن جنهنجي چونڊ ۾ ٻيوس وس ڪيو آهي، ڪمال ڪيو آهي. پهرئين لائين ۾ لفظ آهن ڏاتي ۽ سردار ۽ ٻيءَ ۾ حد ۽ سرڪار. ڏن ڏيو آهي سردار کي ۽ حد هوندي آهي سرڪار جي. جي سردار جي جڳهه تي سرڪار شبد استعمال ڪري ها ته نه وزن ٽٽي ها نه ڪافيو ٽٽي ها. پر ڳيان جي چاٽ جي ڪمي ضرور اکري ها، ڇو ته ڀيٽ ٻڌائي آهي سردار کي ۽ حد سنڀاليندي آهي سرڪار. چونڊ جو مطلب اهو ته ٻيوس کي اهڙي سوکيم سمجهه آهي ته ڪهڙو اکر ڪٿي ۽ ڪنهن سان پرڀوگ ڪجو ته ٺهڪي به ويندو ۽ چمڪي به پوندو!

ٻارو ٻيو:- مکڙيءَ جي بيتابي!

هن ٻاري ۾ ڪويءَ جيڪو پودو پوکيو آهي، انهو سرو آهي ”مکڙيءَ جي بيتابي“ ٻوٽي ۾ چار ڳل آهن. چارئي ڏسڻ وڻان آهن. ڳل هيءَ آهن.

سرهي سڳند آهيان، ٻاهر اچڻ ٿي چاهيان
هيءَ ڪومل ڪيئن ڊاهيان، پردي جو پٽ لاهيان؟
ڪڏهن بهار ايندو، ڪوبو هلاص ٿيندو؟

ٻيوس جي مهتا موجب مکڙي اڃا اسرندڙ ليکڪ آهي، نئول ساهتيڪار آهي. جنهنجو قلم اڃا ڪچو ۽ رچنا ٻي جهڙي. نه رنگ روال نه رس ڀڪل! ٻيوس چوندو هو ته جنهنجي ڪلڪ ڪچي تنهنجو قدم به ڪچو. اهڙي ڪچي قلم ۽ قدم کي ٻيوس جو وس وارو چتاءُ آهي، صلاح آهي ته:-

ٻارو چوڻون:- شاھوڪار!

شاعر ھن ٻوليءَ کي شاھوڪار ڪري پڪاريو آھي. مٿس پنجن گلن منھن ٻڌو آھي. ھر گل مان موجوده مشڪل سمسيائن لاءِ گلڪند ٿيندو. مون نموني طور ھڪ گل ٿي کنيو آھي.

ڦول ڦل سان ڇلڪندڙ نس پرٿوي ھيءَ سيٺ پال،
جت ٻٽي ڪکڙي کجي آس ڪومت کي کھڙي مجال،
لوڪان ٿي شايد اٿيو مشڪل. گذاري جو سوال،
تنھنجي خود غرضيءَ ڪٿي جيوس جيئڻ عيوض جنجال.

ڪولا ٻٽي ٻيوس شاھوڪار کي مخاطب ٿي چيو آھي ته ”اي سيٺ صاحب! ھيءَ پرٿوي ٿجا ماڻھن ۽ مون ٿجو پيٽ پاليندڙ آھي. جنھن جا ڦل ڦول ڇڻ رس جا، رنگ جا ڇلندڙ پيالا آھن. جا، ڪامنائن جي پورت ڪندڙ ڪپلا آھي، جا، من اڇا موجب پرندڙ ڪام ڏيندو آھي، اٿي غريبي ڇو؟ جتي ھڪ ڪکڙي ڪجي ٿي ٻٽجي. بعدو ھڪ ٻج سو ٻج ٿي واپس ٿو وري، جنھن ۾ رک ھڪ ۽ ڪڻ سو ھزار. لتي ڪومت ڪٿن؟ اٿي جيڪڏھن گذارو مشڪل آھي ته تنھنجي وجود ڪان. تنھنجي ٿي خود غرضيءَ ڪان جيوس جيئڻ ٻجاءِ جنجال ٿي لڳي“.

ساڳي سواس ۾ وري نئين ۽ نياري اموني ۾ لکشمي پتيءَ کي نيڪ صلاح ڏيندي ڪوي فرمائي ٿو ته:

لوڻ ڪان وڌ ڪوڙ کي سوڙھو ڪيو تو سوڙھ سان،
سر سٺيءَ سھڻي سڦڻي گھرج لوھي لوڙھ سان.

مطلب آھي ته امير لاءِ جا لوڙ آھي سا فقير لاءِ ڪرڙ آھي. ٻوڪيءَ لاءِ جا گھرج آھي ٻوڪيءَ کي سا لالچ ٿي لڳي. ٻيوس جي ڪوچ آھي ته پونجي پتي لوڻ اڪر ۾ ڪوڙ ڪرڻ

ليڪن نه آهي ته جيسين اکر ۾ رت جو رس نه ٿو ڀرجي تيسين اکر انگور ڪين ٺهبو، مائيدار ۽ ڳردار ڪين ٿيندو؟

ٻارو ڏيون:- تـاج!

هن ٻاري ۾ تـاج تالي وارو ٻوڏو ٻوڪيو اٿس. مٿس ڇهه قول ڦولاريا آهن. انهن مان حال هڪڙو ٿي ٿا ڇهون.

سنگ مرمر جي صفائي ۽ سهائي گڏجي،
ٿهجو چمڪاٽ ۽ چانڊاڻ چٽائي گڏجي
رات چوڏهين ۾ پون ڪير ملائي گڏجي.

بيوس ڪڏهن آگري وڃو ڪونه ۽ تاج ڏٺو ڪونه. پر سندس تصور جي ڪلا ڪمال جي آهي. ري ڏٺي ڪنهنجي مورت مڙهڻ خيالي اڏام جو وس بيوسي وس آهي. هتي ڪوي هوا-پريه جي پون تي پرواز ڪري تـاج محل پهتو آهي. ڇوي ٿو ۽ سرڪيون ڀري چوي ٿو ته:- اي تاج! سنگ مرمر جي صفائي ۽ چندرما جي سهائي يعني تهنجو چمڪو ۽ چنڊ جي چٽائي گڏجي اٿين ٿو پاڻجي جڻ ڪير ملائي اچي مليا آهن. تـاج ۾ سنگ مرمر تولس شيءِ آهي ۽ چنڊ جي چانڊاڻ پاڻياٺو پدارٿه. ٻيءَ تشبيهه ۾ ملائي تولس آهي ۽ ڪير پڻلو. گويا تاج اٿين نظر اچي رهيو آهي جڻ ملائي ڪير ۾ تري رهي آهي.

پيت ڏيڻ ۾ ٻي جا خوبي آهي سا اها ته سفيد سنگمرمر سان ڪوي سفيد سهائي گڏي آهي. جڻ صاف شفاف کير ۾ راٻيل جو گل رکي ڇڏيو اٿس. اڇاڻ جي اڇاڻ سان اپما ڏيڻ بيوس جي اڻ ڪس سوجهه جو اوچل مثال آهي. بيوس ان ڏس ۾ ٻ خاص آهي جو هو جدهن ڪي، جدهن سان مشابهت ڏئي ٿو سا ٿهڪندڙ آهي، چيل ڳالهه جو خلاصو ڪندڙ آهي. ان ڪري بيوس جون پيتون معنيٰ دار، موهيدار، ڳردار ۽ جلوه‌دار آهن.

بيوس جو بيان آهي ته ناريءَ ۾ ٻرڻ ۽ ٻارڻ جا ٻئي مصالح
موجود آهن. هڪ ئي جاءِ تي جلڻ ۽ جلائڻ جو بارود پيل
آهي. ان ڪري سندس تجربيڪار ۽ نڪ صلاح آهي ته اهڙي
ڦاٽڪندڙ بارود کي حدن ۾ رکجي. اڳتي هلي ٻرڻ ٻارڻ واري
مصالح جو چٽ ڪيو اٿس، ڪوليو اٿس، سمجهايو اٿس ته
ٻري ٿا ساڻ ٿي ۽ ٻاري ڪنهن ساڻ ٿي. لکيو ٿو:

پاڻ جلي ساڻ ٻري ۽ ٻاري ٿي جلوي ساڻ سگهي.

جلي ساڻ جلي ۽ جلوي ساڻ جلائي ٿي. جلي ۽ جلوو
ٻئي مجهس ئي موجود آهن. اهڙي خوبصورت پر ڪڏهن
۽ خطرناڪ ٿيندڙ هستيءَ لاءِ اخلاق جو ڪوٽ هجڻ ضروري
آهي. اڳتي مثال ڏيئي اچا ۽ سولو سمجهايو اٿس.

جنهن نديءَ چاڙهه ۾ ٻئي قيد ڪنارو نه ٽپيو،
پيچ لهجي تي رلل ملڪ ٿو آباد رهي.

اها نديءَ جا چاڙهه ۾ ٻئي قيد ڪنارو ڪونه ٿي ٽپي، الهيءَ
جي ئي پاسن تي وسيل ڳوٺ آباد ۽ آسودا رهي سگهندا.
ناري، جا انسانيت جي ماءُ آهي، اهو اولاد تڏهن ئي اوچو آڻي
سگهندو، سماج سڌار ۾ بهتر پائيدار بڻجي سگهندو جڏهن
ناريءَ جو پهنجو پاڻ تي ضابطو هوندو. آدمي ته ڪچو
مصالح آهي ۽ عورت اهو قالب! ڪچي مال کي جهڙو
سانچو ملندو اهڙي شڪل اختيار ڪندو. مصالح جي جوڙائي،
سٺائي ۽ صفائي قالب جي قسم تي مدار ٿي رکي.

استريءَ جي آزاديءَ جي اوٽ ۾ يورپ ڪان جا ڇڙواڳي
جي لهر لڳي آهي، ان اخلاق ڪيرايو آهي، طلاق آندو
آهي، بيماريون ڏنيون آهن. بيوس پارو بارڪ بين ڪوي
چٽائي چتاولي تو ڏني ته حسن جي حور کي عام نه ڪرايو،
ٻالم لاءِ بند ضروري آهن!

جو منصوبو ٿو ٻڌي. ان ڪري ئي سنسار ۾ سوڙهه آهي، تڪر آهي. گهرج اهڙي لوهي لوڙهه آهي جنهن سان سڀئي سر سٽجي، ڦٽجي ٿا پون. ڪڏهن ڪنهن دولتمند کان پڇيو ويو ته ”گهڻو حال آهي؟“ هن عجيب انداز ۾ چيو ”آءٌ ڏکي آهيان جو هفتي ۾ پنج دفعا فلم ڏسندو آهيان باقي ٻن ڏينهن لاءِ پئسا ڪواهن.“ ٻئي امير کان به ساڳيو سوال ڪيو ويو. ان به نرالي نموني ۾ فرمايو: ”مونکي ڪار آهي پر ڪڪي کي ڪونهي اڪري غريب آهيان، چنتا ۾ آهيان“. هڪڙي هنڌ ٿي جا گهرج آهي ٻيءَ جاءِ تي سا لالچ آهي. ضرورتن ۽ ترشنا جي وچ ۾ اهڙو نه هلڪو ليڪو ليڪيل آهي جنهن کي جيڪو جڏهن چاهي سو آسانيءَ سان لتاڙي سگهي ٿو. راجڪمار پلش پيل پلنگ تي به سکي ننڊ لاءِ سڪي ٿو. ٻئي طرف سادو پٿرن تي پوندي ئي سماڌيءَ ۾ ليٽي ئي وڃي ٿو. لوڀ ۽ ڪوڙ ويچارن جي اوچائي ۽ نيچائي جا ٻه سرا آهن.

وقت جي وٿين مان آرپار ڏسندڙ ڪرانتي ڪاري ڪوي ڀوس لکمي پوڄڪ کي مرم پري، پر صاف ۽ سڌي پڌائيندي ساڳي سڌانت کي خلاصو ڪري ساموندي سون ۾ اطلاح ٿو ڪري:

گهرج گهوڙي کان طمع - باز سدا آهه تکو،
اوڙ لتجي نه سگهي لهندي ڏئال ڏاڍ ڪري.

ٻارو پنجون:- ناري!

هن ٻاري ۾ وري ول لڳائي اٿس. نالو رکيو اٿس ناري. مٿس اڌ گل آهن. انهن مان اڄ صرف ٽن کي ئي ڪٽون ٿا.

جنهن ۾ ٻارڻ ۽ ٻوڙ جوڳ ٿو ٻارود رهي،
آهه ان لاءِ اها جاءِ جا محدود رهي.

آهي ۽ چُهندڙ چاڪو ڪهڙو آهي جو سدا گردن تي ڦرندو ٿو رهي.

وارن جو ذڪر ڪندي ڪوي هن ڳالهه جي ولکڻ ٿو ورڻن ڪري:-

وار واسينگ ڏنگڻ لاءِ ڇڏيئه جو جوڙي،
چوٽ چاليءَ تي سڄي رات سو اڄگر ٿي ڦريو.

وار ۽ ناگ جو ناڻ تي لڳ ڦٽائيندڙ آهي. پر لسانگن ۾ وري واسينگ ناگ سان پيوس جا پيت ڪئي آهي لڏهن تشبيهه کي وڌيڪ خطرناڪ ڪري ڇڏيو آهي. واسينگ ۾ صرف ڏنگهه آهي پر ڪويءَ وارن ۾ ڏنگهه سان گڏ موٽائي به ڏني آهي. انڪري هن اڄگر لفظ استعمال ڪيو آهي. گويا هن جي وار ڏنا آهن جن سڄي رات ڪيس لڳ نه ڪرڻ ڏني آهي سي صرف ڪلهن ناڻين ڪولهن، پٺيءَ ناڻين به نه آهن، ڪمر ناڻين نه ڪونهن، پر پڪ سان گوڏن ناڻين آهن. جڏهن ڏنگهه ۾ وار واسينگ آهن لڳي ٿولهه ۾ وار اڄگر آهن. وارن جو اهڙو ذڪر وار ڪالبارهندڙ آهي. احساس ڪرايو ته جڏهن چاليءَ تي موٽو، ڏکهو ۽ ڪارو اڄگر چوٽ مان پوري رات ڦريو هوندو ان کي آرام ڪٿان ايندو؟ واسينگ ۾ زهر آهي ۽ اڄگر ۾ زور به. ڄاڻن جو چوڻ آهي ته اڄگر شيءِ کي اهڙو سوگهو ۽ سوڙهو گهٽيندو آهي جو جاندار جي جان ٿي نڪرايو اچي. نظارو نهوڙيندڙ آهي ۽ احساس ڳاريندڙ! انهن ته وار وار ٿي آهن. وار اڪر ۾ ٿي ڪشش آهي، قيمت آهي ۽ مزو آهي. وڌيڪ پيوس جي طرز پياليءَ ته منجهس سوَ سڄ لڳائي ڇڏيا آهن!

ڏندن جو بيان ڪندي ڪوي نئين ڳل کي هن رات چٽيو آهي:

پڇم مان جا واسنا جي راھ ھلي آھي، تنھن عورت کي عيش جو سامان بڻائي ڇڏيو آھي؛ اوڀر ۾ استري اولاد پيدا ڪرڻ جي مشين آھي ۽ اولھ ۾ موڙي ماڻھن جي سامگري. عورت نہ گھر جي نہ گھاٽ جي! ناري ٻار ڄڻي ترسنگ ھوم ۾ ڇڏي ٿي اچي. واسنا جي وھڪ ۾ ماءُ بڻجڻ جو موقعو ۽ مزو ٻئي ڪانئس کسيا ويا آھن. نرس کي ماءُ بڻايو ويو، جو غير قدرتي آھي. ماءُ نہ نرس ٿي سگھي ٿي پر نرس ماءُ نہ. ماءُ ذات آھي پر نرس ڌنڌو. ماتا قدرتي ڪرشمو آھي ۽ نرس ھٿرادو ھنر. ماءُ ڄڻبي آھي ۽ نرس بڻائي ويندي آھي. ھڪ سڀاويڪ ھستي آھي ۽ ٻيو اسڀاويڪ وجود! استري- آزادگيءَ جي آڙ ۾ يورپ جا ڌارڻا رکي ٿو سا ڀارت لاءِ ھاڃيڪار آھي!

ٻارو ڇھون: عشق مجازي

اڪثر ٻڌبو آھي تہ ھوس برابر ھر وشيہ تي لکيو آھي پر عشق مجازيءَ تي ڪوڙ لکيو اٿس، اھو برابر نہ آھي. سنڌس مجازي شعر الڳ الڳ ٿانئن ۾ ٽڙيو پکڙيو پيو آھي. ھي ٻارو جو مون اڄ جي گھڻ لاءِ چونڊيو آھي سو نہ ڪنھن نانڪ مان آھي. منجھس جو پھريون نڪتو آھي ان کي ڪويءَ "ستمگر" سڏيو آھي. مٿس پنج گل آيل آھن. پنجئي دل ڌاريندڙ ۽ ھيٺون ھرڪائيندڙ آھن. پھريون گل آھي:

منھنجي گردن تي سدا ظالم جو خنجر ٿي ڦريو،
ظلم پنھنجي ڪان ذرو ڪين ستمگر ٿي ڦريو.

شاعر شعر جي پويڪا ۾ چوي ٿو: "منھنجي گردن تي ستمگر جو ستم ٿيندو ٿي آيو آھي ظالم جو خنجر سينءَ ۾ چڀندو ٿي رھيو آھي." ھيٺ ڏسڻو آھي تہ ستمگر جو ستم ڪھڙو

آهن، مارينديون آهن. اچانڪ ديد جڏهن ديداور سان ٽڪرجي ٿي لڏهن پاسندو آهي ته جڻ ڪي سفيد بادل آهن جي پاڻ ۾ اڙيا آهن. بس، ان وقت اندر ۾ گهگهوڙ ٿيندي آهي، غلغلو جاڳندو آهي، ڪنوڻ ڪڙڪندي آهي. ان وقت اک جي ادا لهوڙ پندي آهي، لسٽو ڪندي آهي.

مڙي پور، پرت لائيم، ڪٽڪ ۽ ڪتاڪلي اوليه ۾ جي ڪلائون آهن اهي حقيقت ۾ ادائون آهن. پلڪن، ڀرون، ٻانهن، سينءَ، ڪمر، پيرن ۽ انهي پائل جون ڪرامتي ڪلائون انوکيون ادائون آهن. جيترو گهمن اوترو گهائن. جي سچ جو اظهار ٿي ضروري آهي ته اهي ادائون ئي پر ڪلائون آهن. پيرن جي ٺرڪڻ سان ۽ پائل جي وڄڻ سان رڳون رقص ڇڏڻ شروع ڪنديون آهن. چت چريو ڪرڻ ڪاڻ چٽون جي چريو ۽ دل ٻارڻ لاءِ دلاور جي ديد ئي داد ڪندي آهي.

پنهنجين گل کي سينگاريندي ۽ شعر کي پورب پائيندي ڪوي ايوس چوي ٿو:-

چوٽ پهتي لڏهن پيوس جي چڪوري چت لي،
رخ دلبر جو جڏهن ماهه منور ٿي ڦريو.

چاهڪ جي چڪوري چت لي لڏهن چوٽ رسي وڃي جڏهن اونداهي رات ۾ ماهروءِ جي مکڙي چنڊ جي ڏيکاري ڏني. پاڻڪو! هيئنر اکيون پوريو. سمجهو ته اماوس جي ڪاري ڀاٽ رات آهي. پريان کنهن ڪوئي ٿان کير ڌول چوڏس چانداڻ ڇهرو ڪڙهيو پيتو آهي، نڙيو ايلو آهي، مڃهس چنڊ کان چوڻو چمڪ محسوس ٿيندو. سندس مکڙو جڻ اگ جو گولو لڳندو. ان آگ ۾ پرڪاش ته آهي پر گرمي ڪاهي. اهڙي عجيب آگ جي چٽون ۾ ٿي ڏسي سگهو ٿا. هي ۽ پاه

صاف ڏند ڏٺڙا سڄڻ! تاب ۾ موتي ڪان مٽي،
جنهن ڪان اِي قدر ٿي بازار ۾ گوهر ٿي ڦريو.

شاعر جو چوڻ آهي ته: "صراف بازار ۾ جڏهن موتي وڪامڻ آيا، تڏهن قدردانن سندن قدر ٿي ڪوڏ ڪيو. جوهرين ڏٺو ته جڏهن ڪان اسان سڄڻ جا سنهرا ۽ سهڻا ڏند ڏٺا آهن تڏهن ڪان ساموڻ‌ڏي سپن جا موتي، نه اک ۾ چڙهن ٿا نه طبيعت کي ڀاءِ ٿا پون." ٻيوَس اهڙا ته ڪي اجلا ڏند ڏٺا آهن جن ۾ پاڻي آهي، چمڪ آهي ۽ اجاڻ آهي. سندن آب ۽ اجاڻ اڳيان ملهائتا موتي ٻه موٽي ويا، قيمت ڪرائي نه سگهيا. ٻيوَس جي ڏند ڏٺا آهن تن ۾ موهڻ ۽ مارڻ جا ٻئي مصالح موجود آهن. ڪويءَ جي اِنڌي انيءُ جو عجب آهي جنهن انيءُ ۾ ڏند جي اُجلائپ اڳيان موتي مايوس ٿي موٽي وڃن. اهو ٻيوَس جي وس جو ڪمال ڪونهو!

چوٿون گل سائينءَ هن ريت پڙهيو آهي:-

مون ته پاڻهون ٿي اجها خون ڪان خالي ٿي دل،
نبض مهڻجي ٿي جڏهن ناز جو نشتر ٿي ڦريو.

نيڻهن وارن جي نبض ٿي ناز جو نشتر جڏن جڏن ڦرندو رهيو تڏن تڏن خون ڪان دل خالي ٿيندي ويئي. سچ پچ ناز وارن جي ناز ۾ عجيب قسم جو نشو آهي. هيءَ نشو پيئڻ سان نه ٿو ٿئي، پر خون پيئارڻ سان ملي ٿو. جڏن جڏن خون پيئاريندو وڃ تڏن تڏن نشو وڌندو رهي ۽ خمار چڙهندو رهي.

اک جي اَدا جڳ پسند آهي. جڏهن اُٿي ته دعا ٿي وڃي، جي جهڪي ته حيا ٿي پوي، جي ڦرڪي ٿئي ته جفا چوئي، جي ڦري وڃي ته قضا ٿي ڪڙڪي. نيڻن جي لوڙ ۽ اٿڻ واري ادا ۾ لطف آهي، لذت آهي، پر ڦرڻ ٿيڻ ۽ ڦري وڃڻ ۾ قيامت آهي، پرلءُ آهي. ڏسندڙ لاءِ چارئي گهائيندڙ

چڱو دوستا هاڻي رخصت!! پيوس جو شعر هڪ ڳالهڙي
۾ ٻهرايون ٻڌو ۽ ڪيرايون ٿا. پردي جي رنگت ڏس، رونق
ڏس، لواڻي ڏس ۽ نزاڪت ڏس، مڇهس کاڌيندڙ ۽ چوٽ
رسائيندڙ مڙني وصفون موجود آهن. پردي ڏسندي ئي دل
ڀاڄي آهي ۽ دل ڀري آهي. پاڻ اڄ اسان تي وڻي آهي.
پر هاڻ موڪلايون ٿا.



ساڳڻ ٻدران ٽاري ٿي! محسوس ڪرڻ ته اهڙي ماڪڙو مڪڙي مان جي چانڊوڻي ۽ روپي چاشني ۽ جون ڌارائون وهي رهيون آهن سي ٽوهين پي رهيا آهيو، ڪيترون ڏسي رهيا آهيو. ان چاشني ۽ واري رس جتي مٺي آهي لعي خمار واري پڻ.

ڇوري جا ٻه اهڪ قسم آهن. معصوم، مست، لهيدار، خوددار، چست ۽ چنچل. انهن ڪٽڻ ۾ وري جڏهن بادامي، گلابي، هلڪو گلابي، راپهلي ۽ ٽائون رنگ ٿو ڳڏجي ته چهرو چمڪي ٿو اٿي، پيارو ٿيو پوي، ڪشش ڪندڙ پڻهي ٿو وڃي. مصب جو اهڙو مکڙو، ماکڻي ٿو ٻاسي. مکڻ ته ڳانو، جڏهن ۾ رس، رنگ سٽپ، چمڪ، ڪوملتا ۽ قيمت به آهي. اهڙو ديدار دل ۾ درد جا دونهان ٿو اٿاري، چت ۾ ٿي چوٽون ٿو لڳائي!

پوس جو باغ پڻو پندار آهي. ان ۾ اهڪ بارا آهن، جي پري پري ٽانين چانيل آهن. اهڙو ڪهڙو مضمون آهي جنهن کي پوس جي پرڪتي هٿن مالا مال نه ڪيو هجي. درشن، وگيان، منو وگيان، راج ڌرم، سماجڪ ڌرم، آتمڪ ڌرم، ايشور، جيو، پرڪرتي، بار، بيدو، جوان، پرش، استري، پرندو، چرندو، ڏڻ-وار، پرب. سوڻ، اپسوڻ، مندون، وصال، وڇوڙي وغيره ٽالن وارا سندس باغ ۾ اهڪ بارا آهن. جن ۾ رنگ برنگي، رنگارنگي، چورنگي گل ڪڙيل آهن. انهن گلن مان نيل ڪمل ڪٽي گلقند ٺاهيو آهي ته ڪٽي عطر ڪڍيو آهي. گلقند اڄ جي ابهري ۽ ڪچي ساهتيه ۽ ساهتيڪار لاءِ صحت ڏايڪ ٿيندو ۽ عطر پڪي ڪلاڪار ۽ ڪلا ۾ مهڪ آڻيندو، سرهاڻ پرڻيندو. پاٺڪ! تون پڙهه، ٻي طرفدار ٿي ڪري پڙهه، نرپکش ٿي نهار. اها نهار تو ۾ ڪولا ڪلا لاءِ هڪ طرف اوٺهي ٻئي طرف اوٺهي پروڙ پيدا ڪندي!

پر هڪ اوائي آندي، جنهن هر هڪ پنهنجي سڳنڌ پکيڙي ۽ هندو پٽي جو انگ اساڻي روم روم ۾ ڪڙو ڪيو.

اهين برابر آهي ته بيوس کان اڳ پائي چندرا لعل (سامي ۱۷۳۳-۱۸۵۰) سلوس، سپڪ ۽ سلوڻي سنڌيءَ ۾ سلوڪ لکي، اسان کي ويدانت جي متن جا پاٺ پڙهايا. سندس سلوڪ، سنسڪرت، جي سيتلتا ۽ لڄ سنڌيءَ جي سڳنڌ سان مالامال آهن، جن ۾ آتمڪ گيان جي فيلسوفيءَ جي پلٽ پلٽان آهي ۽ ان ڪانڻ ئي اها رنگروٽن يا جيڪي گيتا جي ڪنهن مارگ (گيان، ڀڳتي يا ڪرم) جا پانڌيڙا نه آهن، تن لاءِ سمجهڻ ذرا مشڪل آهي، ليڪن بيوس دلخوش اوائي آندي ۽ سندس شعر هر جڳ ۽ هر عمر لاءِ مفيد آهي. هن ڪويتا جي ڪيتر ۾ هيناهينءَ سان هر ڪيڙهو آهي، جنهن ۾ لڄ سنڌي پڄ چٽيا اٿس، جن سهڻا سلا ڪڍيا آهن؛ ڪي وڏي وڻ ٿيا آهن، جن اهڙو ته مٺو ميوو اپن ڪيو آهي جو انهي چاٽ هميشه لئون چٽڪو ڏئي ٿي. پارسي لفظ جي اساڻي سنڌي ڪويتا کي پرائو جامو پائي رهيا هئا، تن جو هن خاتمو ڪيو ۽ چوڌاري ڌرمي ۽ ڪرمي خوشبوءِ سان پُر گيان گلزاري پيدا ڪيائين. اچو ته انهي سڳنڌ وٺون:-

پرو ٿي موح ۾ ارجن، جڏهن هارڻ لڳو هو من،
تڏهن ان کي ڏنو ڀڳون انل آڌار گيتا جو.

(۲)

پسي اڄ ڌرم جي هاڃي، وري ايندو وري ايندو،
ڏني تو آسرو گيتا اندر اوتار گيتا جو.

(۳)

ڪرم جي سنسار ۾، آجو نه ڪوئي ڪرم کان،
ڪرم ڪر، ڦل تياڳ، ڪر ڪومل چرن-ڀڳوان ۾.

بيوس ۽ نوائي

موتيلعل لڇيرام ڄٽاڻي

پيو پراڻي ڀي نوائيءَ جو جڏهن وس وڃو،
گرچ ڇهولو هو گڏو، خوب سو محبوب لڳو!
(بيوس)

اڻويهين صديءَ جي موڙ وقت ۽ ويهين صديءَ جي شروع ۾، سنڌي شعر اُگرو روپ اختيار ڪيو. هندو شاعرن جي غير حاضريءَ جو فائدو وٺي مسلم ڪوين پارسي غزل جو سهارو وٺي، سنڌي شاعريءَ چمن ۾ اُن جون پاڙون پڪيون جهليون. اهو شعر نه سنڌي سڀاءَ سان ۽ نه وري وايومنڊل سان ٺهڪيو ٿي، ڇو ته منجهس هتراد و جرئت لڳي پئي هئي. ان وقت جي رنگ روپ وارو مائيدار شعر، پارسي روپڪ جو پابند هو. مثلاً:-

اشڪباري ٿي ڪئي مون کي ڏسي رنجور شمع،
سرد آهن منهنجي ڪان ٿي پڪ قلم ڪافور شمع.
(٢)
زندگي منهنجيءَ کي ڪيو هجر بت گلفار تلخ،
عشق جو آغاز شيرين ٿيو مگر انجام تلخ.

اهيءَ طرح سنڌي ڪويتا کي پارسيءَ جي ٻهاڙ ۾ سٽيو ويو ۽ آئينده اونداهو نظر اچڻ لڳو. ليڪن ان وقت، هن صديءَ جي نامڪنٿي شاعر، اسانجي شيوا ڪئي ۽ نه رڳو سنڌيءَ جي اصلي سڀيتا ۽ النڪار کي وري ڪٽي ورتو،

گيت نه پڙهيو هوندو. ”سک جيون“ ۾ ڪوي چوي ٿو:

”ڪرائو راڳ ۾ رولد نه، نه ڪري،
غمن ۾ گهڙي ٻي نه گهارڻ کپي.“

ڀلا ٻيوس کان اڳ ڪنهن ٻارن ۽ شاگردن کي ياد ڪيو هو؟ اسين انهن چوڻ ۾ خوش ٿيندا سون ته ٻار آئينده جا ابا آهن، پر انهن ان لاءِ هڪ به ڪويتا ڪانه ٺهي. ولايت ۾ ٻارن لاءِ روز نوان گيت ۽ ڳالهيون ٺاهين. ٻيوس اها کوٽ پوري ۽ مٺي مڌر سولي سنڌيءَ ۾ اسانجي ٻچن کي سندر ساهتيڪ طعام ڏنا.

اڳ ديش ڀڳتيءَ جو، ڪويتا ۾ آلاپ، اهڙي سک ۽ شرڌا سان ڪنهن ڪٺايو هو ڇا؟ ”اهي ماتر ڀلي مرڪن“ اتوا ”هندي گلزار ۾ ٿيو عجب پرتاپ سنگهه راڻو“ شعر ته هر هڪ ساهتيه پريميءَ جي دل تي اڪريل آهن. ڪيس ويهين صديءَ جي سنڌي شاعرن جو سرتاج ۽ لوڪ ڪوي چيو وڃي ٿو، سو بلڪل صحيح آهي. سندس ڪويتا ۾ ڪيتري ڪلپنا آهي، ويچار جو ويس ڪهڙو آهي، اوچي سوچ ۽ ڀاشا جي سندرتا جو ڪيئن پرورش ڪرايو اٿس، ڪهڙا بحر ۽ وزن ڪتب آندا اٿس، تن جو هت ورڻن نٿو ڪجي. هيءُ ليک ٻيوس جي شعر ۾ اعليٰ علمي لياقت ظاهر ڪرڻ لاءِ نه لکيو ويو آهي، پر ڪويتا جي کيتر ۾ هن ڪهڙا نوان گل آندا آهن، جن جو گلدستو هڪ نئين سڳند ڏئي ٿو، انهي اظهار ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي وئي آهي. ڀلا اڳ مزور ۽ هاريءَ کي ڪنهن ياد ڪيو هو؟ هاري هرڻن ۽ مزور مردي مثل هو. ڪانگريس *Socialistic Pattern of Society* ساميواد جو سر ته هاڻ سٺايو آهي. ٻيوس پورهيت جي پورهئي جي عزت ڪئي ۽ سنديشو ڏنو ته ڪرتوا ۽ ڪرم سان ڪرتار

عطر ۽ جوهر ڇڪايل آهه گيتا جي اندر،
سار ويدن جو سمايل آهه گيتا گيان ۾.

ڪنهن ٻي اکر هندو ڌرم جي گوناگون رچنائن لاءِ اهڙي سندر ۽ سليس سنڌيءَ ۾ سمجهاڻي ڏني؟ هن ئي سنڌي شبدن جو ٻي آسرو ورتو، نه ته سنسڪرت ڪويتا سنئين ٻارن ٻڪي آهي. سنڌي ڪويتا جا پارکو، جن بيوس جي شعر جو آنند ۽ الهاس ماڻيو آهي ۽ اڳين شاعرن جي شعر سان ڀيٽ ڪئي آهي، ان کي نه رڳو بيوس جي ڦول مالهائن ۾ (جي هن مهاتمائن جي چرنن ۾ ڀيٽ رکيون آهن ۽ ٻين جدا وشين تي هٿ هلايو آهي، ان ۾ نوانيءَ جو نور لظو ايندو) پر سندس ٻيا سينگار ۽ سوليءَ سنڌيءَ ۾ پڻ نوان جي سڳنڌ ملندي. بيوس جي ڪويتا پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ڪنهن شبد ڪوش جو ساٿ نه گهرجي، سندس هرهڪ شعر گيت آهي، جو من کي موج، روح کي راحت، تن کي تراوت ۽ آتمڪ آنند ڏئي ٿو. ڪيول سندس سٽاءَ ۾ نه، پر سندس لکڻيءَ ۾ به مڌرتا، شانتي، نماڻائي ۽ نهٺائي آهي، جا پڻ هڪ نوانائي آهي. پنهنجي شعر لاءِ لکي ٿو ته:

ٻنس پوريءَ ۽ سنئينءَ ۾،
ڦوڪ ڦوڪي پاڻ ٿو،
ورا بيوس جي سخن ۾،
آهه ڇا؟ سمجهي ڇڏو.

سنڌي ساهتيه ۾ مذاقي رچنائن جي ڪمي آهي، خاص ڪري شعر ۾ ته اسم غائب آهي. بيوس کان اڳ ڪنهن به ڪويءَ، دل خوش ڪويتا ڏانهن ڌيان نه ڏنو هو. ڪوي ڪشنچند ٻي پنهنجي "موجي گيت" ۾ موج واڻي ۽ اهو أصول ڌاريو ته کل ۽ خوش ٿيءُ. "ٽهڪ ڏي" بيوس جو

ڪانگريس ديس کي آزاد ڪرڻ لاءِ ڀڃ ڪئي، انقلاب جو نعرو بلند ڪيو، انهيءَ هلچل هيٺ و هل هنگامو ڪيو، ۽ ڪن ڪوڙن لاءِ ڪمند کي وهاڻو. بيوس آواز ڪڍو ڪيو ته:-

١. جسم ديسيءَ ۾ نه ڍڪجي، دل وديسي ٿي سُهين
ملڪ کي ماري ٻکن ۾، ڪين ٿو جو پيٽ ڀار.

٢. ملڪ صدقي ڪاڻ قرباني ڪرڻ آهي روا،
جي ٻچي ٻيو ڪين لوڪان، دل ڀلا ديسي نه ڏار.

هنجي نثر ۾ ڀ اصليت ۽ لواڻ آهي. سندس مضمون "ڪم جي موج" (ڇپيل "سنڌو" رسالو- فيبروري ١٩٣٤، صفحو ١٧٣-١٧٦) انجي ثابتي آهي ۽ هت فقط سندس شعر جو وزن ڪريون ٿا.

بيوس جي نون ويچارن جي جهلڪ ۽ جلوو، جي انجي اندر آتما جي اوناهين ۽ اڀياس جو پرڻام آهن، سي ڪن شاعرن جي سمجهڻ کان ٻاهر هئا. جڏهن بيوس جو اسرڻ ۽ انهن جو پوسرڻ، هڪ ٿي پاري ٿي پهتا، تڏهين بيوس آخر بيوس ٻڌي موٽ ڏني:-

نظم مغزي ڪومت ڪوتان، شعر ٻلتان ٻلت دل،
ڪاغذي گل ڇا لڳي، ڇا لڳي بيوس گلاب!

پائي سگهجي ٿو. جن جي ٻورهٽي ۽ پسيڻي مان اسان ٻنسا پيدا ڪريون ٿا، تنهن دکدائي حالت جي ڪٿهن لئي اڳ ڪلپنا ڪئي!

اڄ غريبن جون ڪکايون جهوپڙيون مالڪ گهمي،
تو مندر مسجد مڙهيءَ ديول ڏڪاڻي ڪان نهي.

هن مزور جو مان ڪيو، هاريءَ جي همت وڌائي، ٻورهيت کي پورن سانت ڏنو ۽ ڪويتا جي الهاس ۾ نئون ورق ورائي، ان جو دائرو وڌائي، منجهس اصليت ۽ نوائيءَ جي ڦوڪ ڦوڪي. ٻيوس جو "مزدور" پڙهڻ سان، سندس دلڪش ۽ دلسوز خيال جو پتو هڪ طرف پوندو ۽ غريب جي ٻيوسيءَ جو احساس ٻئي طرف ٿيندو. شاعري آهي دل جي درسني، جنهن وسيلي ڪوي جڳت جي جگر جو هر پهلوءَ کان درشن ڪري، انهي انڪ کي ڪلپنا جي ڪلهن تي کڻي، خيال جا کنيڙا ٻڌي، ڀاشا جي ٻروسي لي، ڀاؤن ۽ امنگن ساڻ، سڀ سيمائون ٽپي، آڪاشي اُڏامڪ ٻڌو ٻوي، اهڙي ڪويءَ جي ڪويتا ۾ ڪشش آهي ۽ سندس رچنا پڙهندي لونءَ لونءَ ۾ لرزش پيدا ٿيو وڃي. ان ۾ جي نوائيءَ جي نزاڪت آهي، نظر لنگ نه آهي، نه انکي شيڪهن ڪلهي جاڙهڻ لازمي آهي. ٻيوس کان اڳ سنڌي مهاڻائن جي استتيءَ جا ٻجن، وڏن ڏڻن جي معمولي ۽ مهما جا نظم، گرنٿن جي گيان جا گيت، جڻ نه هئائي ڪول. هن ٿي ڌرمي ڪمر ۾ اول ٻيو پائي اوتار جي اڇڻ جو سنيهو ڏنو:-

ڌهو ٿو ٻوي ۽ ٿو ڌمڪو اچي،
ٿو چانڊاڻ ڇهري جو چمڪو اچي،
هي ٻيوس الهيءَ جي اڇڻ جا امام،
جڳان جڳ اڇڻ جو ڏنو جنهن الهام.

گهر جي ڪوٺي ۾ وڃي اهي پرهلاد ڀڳت ۽ ٻين اهڙين ڇوڪرن جا ٻيت زور سان اچاريندو هوس. اهي مون لاءِ کيل جي دؤر جي تياري هئي.

ٻپهرن جو اوطاق ۾ سامهون پيل پلنگ، اسٽيج ٺهيل هو. امڙيءَ کان ٻه چار چادرون وٺي پردو ٺهيل هو. ٻار ميڙي تماشبين ڪري ويهاريا هوا. پوءِ ڏسو اسانجو ناٽڪ! ٻه قدرشناسي ٻيوس جي هٿ جو اهي ناٽڪ سندس لکيل هوا.

ٿوري عمر وڏي ته سندس عام لاءِ تيار ڪيل وڏن ناٽڪن ۾ مون کي ڀاڱت ڪرڻ جي آڇ ٿي. سندس سڀاس جو لڏهن وڌيڪ الڳو ٿيو. ٻيوس ڀاڻ ٿي هدايتون ڏيندو هو. ڪنهن ڳالهه جي ڪهڙج ٿئي ته جنهن طرز ۾ چاهجي، انهيءَ نموني الي جو انهي پڻ تيار ڪري ڏيندو هو: ٻارن لاءِ ٻاراڻا گيت ۽ وڏن لاءِ سرپلا گانا.

ٻالڪن جي ٻاريءَ جي شروعات ٿي. اخبارن ۽ مخزنن ۾، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين اهي مضمون پڙهندي خيال ظاهر ڪيو ته اسين روبرو ڇو ڪين ٿا هڪٻئي سان گڏجون؟ آءٌ ٿن ڏينهن ڪراچيءَ ۾ هوس- ۽ ٻارن کي اخبار ذريعي ٿي جڏهن گڏجڻ جي تيمد ڏني ويئي ته ڪيترا نه ٻار اچي ڪنا ٿيا!

انهيءَ ڪاميابيءَ جو اظهار پڙهي، ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ اتي پتل ٿي. ٻر ٻهرڻانين انهي انتظاري لاڙڪاڻي ڏيکاري. ٻارن کي جاڳايو ويو ته ڪو وڏو سڄو اوهانجي نظرداري ڪرڻ لاءِ تيار هجي ته شاخا شروع ڪريو. انهن اڳيئي ٻارن کي پيار ڪندڙ "ٻيوس" جو نالو سجهايو. انهيءَ کان وڌيڪ چڱي چونڊ ٻي ڪهڙي ٿي ٿي سگهي!

جيستائين ٻيوس رهندو هو، انهيءَ گهر جي ٻاهران ٿي، پتر ۾، ٻالڪن جي ٻاريءَ جا ميڙ ٿيندا هوا. راندڀون، راڳ،

ٻيوس ۽ ٻار-ٻالڪن جي ٻاري

دادا شيوڪ ڀوڄراج

رات کي الوداع ڪري پرڀات قدرت جي سهڻيءَ ۾ هئي، پرهه پاکون ڪڍي، اهڙي اُسر وِلي، آءٌ جڏهن ليٽيڙو(?) هوس، لاڙڪاڻي ۾ گهٽو ڪري گهمڻ لاءِ نڪرندو هوس.

آرتوار ٻا ڪو موڪل جو ڏينهن هئي، اُنهن ڪين، نه نه ٻين ڏينهن لئي، سج جي ڪرڻن اڃا گرميءَ جي لرزش ڪا پيدا نه ڪئي هوندي، جو نت نئون گهاڙ واهه جي پاڻيءَ پر ڪان ڪو سانين لوڪ پرين ٻنڌ وهندو ڏسندو هوس.

ڪير ڄاڻي، ڇو ائي اڄ جا مارڻ الاجي آءٌ ننڊڙو ۽ هو وڏڙو: آمهون سامهون ٿيون، پر ڪڏهن هڪ ٻئي سان ڳالهايوسون ڪين. انهن ضرور من ۾ سمجهندو هو ته اهو سچ ڪنهن مٺيا وارو ماڻهو آهي.

ڇڪ بيشڪ هئي. پڇا ڪير ته اهو انوکو انسان آهي ڪير؟ پتاپيون ته اهو آهي ڪشنچند ڪتري، ولين جي پرائمري اسڪول جو هيڊماستر- يعني ٻارن جي وچ رهندڙ- اها به ڄاڻ پيئي ته "بيوس" جي تخلص سان شعر لکندو آهي.

آئون سوچيم: واهه شاعراڻو شعاع آءٌ پرکي ڪين سگهيس! ٻالڪن جي ڪردار جي پرجهه ڪاڻ پير! منهنجي طبع ٻڌ شاعراڻي هئي، ۽ ٻالڪن جو ڪم ته منهنجي جيءَ جو جيابو- سو انهيءَ ۾ ڪهڙو آر جو خود بخود آءٌ ڏانهنس مائل ٿيس.

سنڌس لميڙا، ٻارن لاءِ لکيل ناٽڪ، مون وٽ اڳ ۾ ئي هوا.

ويو. ٻار موٽر بسن ۾ چڙهي موهن جي دڙي جو سير ڪري آيا.

جهڙو اوچتو مونکي جيل ۾ اماڻيو ويو هو، تهڙو ئي اوچتو وقت سر مون کي ڇوٽڪارو مليو. ۽ ڪراچيءَ مان هڪدم لاڙڪاڻي اچي، ٻارن جي انهيءَ مهڙ ۾ شامل ٿيڻ جو لاڀ مليو.

انڪل ٨٠٠-٧٠٠ ٻار اچي ڪٺا ٿيا هوا: هندو، مسلمان، پارسي سک، عيسائي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون - سڀيئي اهڙو ئي هڪٻئي سان رليا مليا، ڄڻ ته ورهين کان هڪٻئي جا واقف هوا. جتي ڏسو اتي ٻيوس ٻالڪ ٿي سڀ کي نظر مان ڪڍيو. آخرين ڏينهن، جڏهن لاهورين جي پاسي، لڳين تيار ٿيل سدا واهه جي ڪپ تي سڀيئي ٻار گڏجي ٻراٽي ٻوجن لئي ويٺا، تڏهن نظارو ملائڪن جي ڏسڻ ٻسڻ وٽان هو. هرڪنهن جي وات ۾ واهه واهه هئي، ۽ آءٌ کهڙيءَ طرح ٻيوَس جي ساراه مان ٻياپان يا ڀيڪ ٻريان!

ٻالڪن جي ٻاريءَ جي ڪاري، ڪرلائن جي ٻهرلين مهڙ جو شرف به لاڙڪاڻي کي مليو، سو به ٻيوَس جي ڪوڙري ٿي. اتي ٻارن لاءِ ٻين ٻين وشين ٻابت ويچار ڪيا ويا هوا ۽ انهن نون ويچارن جو گهڻو ٿڌو حصو ٻيوَس وٽان ئي هڪيو لکيو مليو هو.

وري سنڌ مان سويل، ١٩٣٤ ۾، مونکي لڏڻو ٻيو. ٻمبئيءَ ۾ اچي رهيس، ۽ ٻالڪن جي ٻاري سڄي هندستان ۾ ڦهلجڻ لڳي. ٻمبئيءَ مان ٦٠-٧٠ ٻار وٺي لاڙڪاڻي ويو هوس. ٻيوَس کهڙو نه خاطر خواهه بندوبست ڪيو هو: ٻارن کي کارائڻ ٻيارڻ، گهمائڻ گهتائڻ ۾ اهڙو نه خوش رکيائين جو اهي سنڌي، گجراتي، مرهٽي، پنجابي، مدراسي، بنگالي ٻالڪ جي هيئر وڏا سڀا ٿي ويا آهن، تن کان اڄ به اهو سير وسري نه وسرندو آهي.

ٻوليون، آکاڻيون، کيل شغل، سڀني ۾ ٻيوس پنهنجي مٽ پاڻ هو. لاڙڪاڻي جي ٻارن جو نصيب زور هو.

ٻارن جي وچ ۾ ٻيوس "ٻار" هو. سدائين مشڪندو مرڪندو. ساڻن ڳالهين ٿان ڳالهيون ڪندي، اهڙا خاصا چرچا گهڻا ڪندو هو، جو اهي کلي کلي کيرا ٿيندا هوا.

"گلستان" ٻارن لاءِ ٻهراڻ ماهوار مخزن نڪتي ته ان کي سينگارڻ ۾ ٻيوس جيڪا مدد ڪئي، تنهنجي ڪهڙي تعريف ڪجي! اسان وقت ڪا مورت هجي ۽ ڇنڇس الهيءَ لي گيت لکي موڪليو ته تُرت تيار ڪري موڪليندو. ٻار ٻ چاه سان ڳائيندا: "ٽوڪي ٽاڙ ٻ ٽوڪڙو، منهنجو آهه ملوڪڙو!"

هاڻ سڀيءَ سنڌ جي ٻارن اڄا ڏيکاري ته اسان سڀني جو هڪ هنڌ ميلاپ ٿيڻ گهرجي. ٻيوس ٻهادريءَ، وڏيءَ دل سان ٻنهي ڏني ته هرڪنهن شهر ۽ ڳوٺ جا ٻار لاڙڪاڻي ۾ اچي ڪٺا ٿين.

اتفاق سان آزاديءَ جي هلچل ۾ اچانڪ انهيءَ مهل مون کي قيد ڪيو ويو. ٻيوس نياپو موڪليو: "توکان سواءِ ٻارن جو ميڙ ڪرايون؟" مون ورائيو: "ٻارن ڪهڙو ڏوهه ڪيو؟"

ٻوءِ ته بدمر، جٿن ته ٻرڻ جي وارڻن ۽ اوڪ ڪٽائن ۾ هوندو آهي: اناج وارن وٽ ويا، ٻار ٽا مهمان ٿي اچن، اناج ڏيو. ٻاجهن وارن وٽ ويا، ٻار ٽا مهمان ٿي اچن، ٻاجهيون ڏيو. مودين وٽ ويا، ٻار ٽا مهمان ٿي اچن، سيڌو ٻاڌو، گيهه وغيره ڏيو. کير وارن وٽ ويا، ٻار ٽا مهمان ٿي اچن، کير ڏيو.

ٿورن ئي ڏينهن ۾ سڀڪجهه ميسر ٿي ويو. ٻارن کي رهائڻ لاءِ اسڪول جي جڳهه ملي. ڪن شخص ڦرٽيون، چوڏيال وغيره. هٽائي ڏنا. رانديون ۽ ناٽڪن جو بندوبست ٿي

ڪوي بيوس ۽ ٻال ساهتيه

پرنسيپال (ڪماري) ڪرشما پمياڻي

ڪنهن کي چوندو ٻڌم، ”ڪوي بيوس ۽ ٻال گيت! ڪوڙوني ڳالهه لڳي. هو نه فيلسوف ڪوي آهي. هن جون ڪها رچنائون اڌيائم جو گيان ڏيڻ واريون آهن، يا سماج جي مسئلن جي ڇنڊڇاڻ ڪري حل ڳولهڻ واريون آهن يا قدرت جي سندر درشين جو روچڪ نمونو ورڻن ڪرڻ واريون آهن. هو پاڻ نه نهايت گهرو ۽ گمڀير هو ۽ پنهنجي ڪوتا ۾ نه قدرت جي گهراين ۾ خوب ٽٻيون هڻي مهراڻ مان موتي آڻي ڪٺا ڪيا اٿس. بيشڪ سندس لڪ لڪ ۾ عجيب تاثير آهي پر هن جا ”ٻال گيت“ مون نه ڪڏهن نه ٻڌا آهن، نه پڙهيا آهن.“ اڙي ڀائي! تنهنجي معنيٰ ته تو ڪوي بيوس جي شعر جو چڱيءَ طرح ابياس ڪونه ڪيو آهي. برابر، هن جو شعر فيلسوفيءَ سان ڀريل آهي، هن جي خيالات برابر اوچي درجي جي آهي پر پنهنجي رچنائن ۾ هن ٻارڙن کي به ڪين ڀلايو آهي. هڪ استاد، هڪ ماستر ڀلا ڪيئن پنهنجن وديارٿين کي ڀلائيندو. هن ٻارن لاءِ گهڻائي گيت لکيا آهن. ۱۹۲۵ ۾ جڏهن ٻارن لاءِ هڪ رسالو ”گل ڦل“ نالي سان نڪرڻ لڳو تڏهن سائين بيوس پنهنجيءَ ذات جي الوکي سوغات ٻارن کي ڀيٽ ڏني. ٻاراڻا گيت ”گل ڦل“ ۾ اچڻ لڳا ۽ ٻار انهن کي پڙهي ڳائي خوب موج ۾ اچي نچڻ لڳا. هن کان اڳ ٻارن لاءِ شعر ڄڻ نه هئا ڪين هو. سائين بيوس انهيءَ کوٽ پوري ڪئي. سندن وندر لاءِ خوب مال موجود ڪيو.

اهڙو هو ٻارن لاءِ ٻيوس کي قدرتي ٻرام، مقناطيس واري اهڙي ڪا ڪشش هوس، جو ٻار نه ڪيس ڇڏيندا ڪين هوا. سندس گهر جا ٻار، ڪي پاڙي جا ٻار، اسڪول جا ٻار، اڻوا ٻالڪن جي ٻاريءَ جا ٻار، ڇهوٽا ٻار، ٽوڙي نوان ٻار، سڀئي سان ٻيوس کي هو هڪ جهڙو ئي معصوم پيار!



هئي ۽ نه ئي ٽرن سان رهاڻ. چنڊ کي هڪ شاعر واري ڪوڙ سکيو آهي. هر شاعر سندس صفت ڳائي آهي ۽ عاشقاڻي شعر ۾ نه چنڊ کي وڏي اهميت ڏني وئي آهي. پر اُستاد ڪوي "ٻيوس" ٻالڪن جي نظر سان ڪيئن ڏٺو آهي ۽ سادي سلوڻي ٻولي ۾ سندس ساراهه جون سڪيون ٻراون آهن.

"چمڪ چمڪ تون چنڊ مثال،
چوکي لهڪي چنچل چال.
آڀ ۾ اُڀري تُو لڪ ٽارو،
تو راجا بڻ آهه اڌارو،
تارن جي توسان نه مجال،
چمڪ چمڪ تون چنڊ مثال.

مها ڪوي ٻيوس قدرت جي هر ڪرشمي جي چٽا نه وڻهي نقش نگاري ڪئي آهي! هوڏانهن وري سماج جي مختلف مسئلن کي به ڪين ڇڏيو اٿس جهڙوڪ ڏاجي ليتي، شرابخوري، جوئا، غريبي ۽ شاهوڪاري ۽ جو ڀيد، ناري ودپا وغيره وغيره. خيالن جي خوب وڻهي چنڊچاڻ ڪئي اٿس. روحانيت جا راز به واهه جا سليا اٿس. هڪ ٽوبي وانگر اندت جي ساگر ۾ ٽٻيون هڻي ماڻڪ موتي لعل اسان کي آڻي ڏنا اٿس. شل انهن جو قدر سڃاڻون. پر اهڙن گنڀير ۽ معقول ٻرال شعر جي وچ ۾ موج مزي ۽ ٽچڪن ٽوڪن وارا ڪيترا ٻارڙن لاءِ لکي هن وڏو خال ڀري ڇڏيو. سائين "ٻيوس" واقعي ٿي وڏن ۾ وڏو ۽ ننڍن ۾ ننڍو هو. ٻالڪن لاءِ ڪڏهن ڪاغذ جون ٻيڙيون ٺاهيون اٿس نه ڪڏهن ريل جو کيل ڏيکاريو اٿس. چوي ٿو،

آيو پاڻي لهٽ ڪري، ڪاغذ جي هي ٻيڙي ٽري
ڪاريگر جي ڪاٺ نه ڪائي، مون هي پنهنجي پاڻ ٺاهي.

ٻالڪ، جو آئينده جو اهو آهي، جنهنجي مٿي مهالٻي، پيار ڀريو دل، ٻالي ڀولي صورت ۽ مٺڙن ٻولن استاد بيوس جي هردي ۾ گهري ڇاپ ڇڏي آهي. انڪري ڀيران ڀيران ٻالڪ کي پڪاري چوي ٿو ته —

ٻالڪ ننڍڙا! توُن گل ڦل

١- رهين سڀ سان ٿي رلِ مِلِ
پيار ڀري تو ٺارين دِلِ

٢- صورت تنهنجي ٻالي ڀولي،
ڇا ٻاٻلي تنهنجي ٻولي.

٣- ڪپڙو ڪومل صاف سڀاءُ،
جنهن ۾ آهه نه واءُ وڏاءُ.

٤- ”بيوس“ ٿولي ٻاري ٻار،
آئينده جو سڀ مدار.

ٻارن جو پيار ٽڪرن ٽوڙن سان ذرا زياده ٿيندو آهي ته انهن ڏانهن اشارو ڪندي چوي ٿو،

”ڪوڏ، ٽڪر ۽ ڪاڳر، ڪانا،
ٺاٺا تو لئه خاص خزانا.“

ٻارڙن کي چنڊ تارا ڏاڍو وڻندا آهن. رات جو آڪاس ۾ پيا نهاريندا آهن ۽ چنڊ تارن جي ٻاري ۾ سوال پڇندا آهن. قدرت جي انوکي سونهن کين ڇڪيندي آهي. سائين بيوس جي به معصوم دل ان سونهن تي عاشق ٿي ڪيئن ڪجهه ظاهر ڪرڻ کانسواءِ رهي سگهي. ڳائڻ لڳي سندس دل:-

اڪ ٻوٽي، اڪ ڪولي تارا،
ڪن تا هڪبئي ڏانهن اشارا،
ڪن پيا ڀڄ ڀڄ ۾ ڪا ٻاٽ،
ٽمڪ ٽمڪ تاريلي رات.

گڏ گڏ پيا ٿيندا آهن. ان اڻوَليءَ کي جاڳرت ڪرڻ لاءِ ڪوي ٻڌوس گهڙي، ڪٽي، ٻڌڪ، ڪڪڙ ۽ ٻٻيهوري وغيره لئي به گيت رچيا آهن.

'ڪڪڙون ڪُون" واري ڪويتا ۾ چئي ٿو،

ٿاڏن ۾ ٿو لاءِ گهڙيال،
وقت جو جهڙمان جاچڻ حال،
جاڳين ٻهر، ٻجا، ٻلڪون،
ڪڪڙونڪون ۽ ڪڪڙوڪون.

ٻار جڏهن اهڙيون ڪويتائون ڳائيندو جنهن ۾ قرب، پيار، همدردي، سچ ۽ ٿڌهن سان گڏ نيم واري جيون ڏانهن اشارا هوندا ته ازخود ٻارن لئي سٺا اثر پوندا ويندا. ٻڪهن ٻسن جي عادتن ۽ الهڏي جيون جي ٻاري ۾ ٻارن کي هڙي ولندر واري نموني ۾ سمجهاڻڻ ڪيڏو نه سٺو ۽ اثرائتو طريقو آهي!

"واريءَ جو گهر" واري ڪويتا ۾ سائين ٻڌوس ٻارن جي اڱڻن ۾ ٻکر سنسار ۽ جيون جي فاني پڻي جي ڳالهه اهڙي سهڄ نموني ۽ وچ جي ڇمڪ واريءَ ٺهڙيءَ سان ڪئي آهي جيئن ٻار گهر ڊهڻ جو افسوس نه ڪري ۽ کيس خبر پوي ته هڪ ٻي چوليءَ جي اچڻ سان گهر جو نالو نشان ئي رهندو جيڪو گهر ڪيڏيءَ ــ موج مان، خوشيءَ وچان ٺاهڻ واهي ڏاهيو اڻائون.

سائين ٻڌوس چون ٿا،

سمنڊ ڪناري آيا پيار،
راند ڪڏڻ جي ڪندا پچار،
جتي وڏا هئا واريءَ ڍير،
پهتا ساڄهر الئي سوير،
هڪٻئي جي واهر جي ور،
ٻار مڙئي ٿي پيا شير.

ڦوڪ ڏيڻ سان اڀرون ٿينديون، ٻيڙيءَ کي سڀ ڳڻ اڏائيون
کين ڪمائي ٻارڙو ڏيندي، مفت ۾ ايندي، مفت ۾ ويندي.

وري اُٺتي هلي ريل جي ٻاري ۾ ٻارڙن کي سڏي چوي ٿو،

اچو ته ليڙي ريل هلايون،
ٻاهر ٻيءَ ۾ دُوڙ دکايون،
ڪري واڪ سان واهه جون واهون،
ڇڪ ڇڪ پئسا ٻه ٻه پايون.

ٻارن جي پينگهه به ڪوڙ وساري اٿس. هڪ ساهيڙي ٻيءَ ساهيڙيءَ کي سڏي چوي ٿي،

آءُ ته ادڙي! راند ڪُڏون،
لٺتي واري پينگهه لُڏون،
هڪڙي هيٺ، مٿي ٻي ٿيندي،
پينگهه مزي سان لوڏا ڏيندي.

ڦوڪڻن سان ٻارن کي خاص دل هوندي آهي. اصل جنسي چرٻا هوندا آهن رنگبرنگي ڦوڪڻن پٺيان ڦوڪڻو ڦوڪي ٻا ڦوڪائي رکندا ۽ ٻئي کي چوندا ته،

ڦوڪي ڦاڙ نه ڦوڪڻو،
منهنجو آهه ملوڪڙو.
ڦاٽي پوندو، سڀي نه سگهبو،
ڪونئر لئيءَ سان لمبي نه سگهبو.
ٺوڪر ڏيندي ٺوڪرو،
ڦوڪي ڦاڙ نه ڦوڪڻو.

ٻارن جو ڏاڍي طرح ٻون پکيءَ سان به پيار ٿيندو آهي. ڪتي جي پُرسان وڃي مٿس هڙڙا گهمائيندا، گهوڙي کي ڏسي

بيوس ۽ سنڌس ٻولي

("شعر بيوس" جي آڌار تي)

پروفيسر ٽي. ڪي. مشاراماڻي

جڏهن بيوس شعرگوئي ۽ شعرخواني شروع ڪئي تڏهن اڃان سوڌو فارسي زبان ۽ ادب جو سنڌ ۾ ٻول ٻالا هو ۽ فارسي شعر جو تتبع ڪرڻ ۽ فارسي سخن جي صنفن جي پوئواري ڪرڻ يا فارسي ادب، تواريخ ۽ ڏند ڪٿائن وغيره جا حوالا ڏيڻ هڪ فيشن هو يا ڪٿي چئجي ته علميت جو نشان هو. ان وقت جا ٻه بزرگ شاعر هئا سانگي ۽ قليچ بيگ. جنهن جي شعر ۾ جي به اشارا ۽ تلميحون (*Allusion*) هيون سي سڀ فارسيءَ تان نقل ڪيل هيون. نه صرف اهو پر سنڌي ٻولي پڻ فارسي پرڌان هئي. جنهن وقت بيوس شعر لکڻ شروع ڪيو تڏهن ان طرح جو شعر سنڌس آڌو هو.

شعر بيوس پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته بيوس نه فقط سنڌي ٻوليءَ ۾ مهارت حاصل ڪئي پر هليءَ چليءَ موجب فارسي ٻوليءَ جو پڻ اڀياس ڪيو. نه فقط اهو پر فارسي شعر ۾ ڪم ايندڙ اشارن ڪنايُن ۽ تلميحن جو به ڀليءَ ڀت اڀياس ڪيو. سنڌس ڪويتا مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته بيوس فارسيءَ جو چڱو ڄاڻو هو. "ساهوادي سپون" ۾ ڪيتريون ترڪيبون آهن جي فارسي وياڪرڻ تي ٻڌل آهن. مثال طور زير اضافت جو استعمال، جو فارسيءَ ۾ ٿئي ٿو ان جو استعمال ڪافي مقدار ۾ ڏسجي ٿو جئن ته صفحه ۸۴ تي ماهِ بدر، صفحه ۸۸ تي ملڪِ جشن، صفحه ۹۴ تي خونِ شهيد وغيره. صفحه ۹۸

ننڍڙن ٻارن لئي جيڪي اثر ٻڌون ٿا سي قائمي دائمي آهن، ان کان ڪو انڪاري ڪونه آهي. سائين ٻيوس اهو بخوبي ڄاڻو، ٻالڪ هڪ قابل استاد هو. پنهنجين رچنائن ذريعي ننڍڙن ڪچڙن دلين لئي ڏاڍي سهڄ نموني ۾ گڻن جا ٻج ڇٽيا اٿس. "مندي ۽ آگرهون" واري ڪوتا ۾ ڪهڙي سهڻي ۽ وندرائيندڙ ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ نهٺائيءَ نماڻائيءَ واري گڻ جو ذڪر ڪيو اٿس.

وري "ٻڪون ۽ ڪتي" واري رچنا ۾ ڏسو ته ڪيئن نه همدرد دل وارٻون ٻوليون اٿس.

چوي ٿو،

نه وڃ منهنجي ٻڪن سنين ڏي، ڪتا،
هجن شل هي قائم سدا اي ڪتا.
مون پاليون نپايون هي ٻاٻوه سان،
نه ڄهل تن کي ڏوڙي اچي ڏوه سان.

اهڙيءَ طرح ڏسنداسين ته اسان جي مهاڪويءَ پنهنجي شعر ۾ ٻارن لاءِ رچنائون رچي ٻال ساهتيه ۾ هڪ وڏو خال ٻريو آهي. رچنائن ۾ ولدر ۽ سکيا ٻئي موجود آهن، ٻار جنن ڳائيندو تنهن موج هڪ طرف ماڻيندو ۽ سياڻيڪ طرح سان سندس دل لئي گڻن جي ڇاپ ٻئي طرف لڳندي ويندي.



ٿل آهن، پر حقيقت ۾ هرهڪ نظم ۾ ڪيترا فارسي لفظ ۽ ترڪيبون ۽ حوالا ڏسڻ ۾ ايندا.

فارسيءَ سان گڏ هندو ڌرم يا هندن جي فلاسافيءَ سان تعلق رکندڙ هندي ۽ سنسڪرت لفظ به ڪتب آندا ويا آهن. جهڙوڪ: گنگاجل، ڪلپ ورڇ، آتما، سمادي، يوگ جي شڪتي، سادنا، مڪت مارگ، وشيءَ ڀوڳ، واسنا، ڀڳوان، اهنسا ڌرم، جوڳ، جپ تپ، ڀڳتي، ديالو، درگا ۽ ڪالي يا شيام ۽ مرليڌر، مٿرا، گوڪل، جمنا، بندرابن، اوڌو، ڪام، دام، جوڻ چڪر وغيره.

بيوس ٺيٺ سنڌي لفظ، اصطلاح، پهاڪا پڻ کليءَ طرح استعمال ڪري ٿو. ان ڪانسواءِ جي سنڌ جون لوڪ ڪهاڻيون آهن تن ڏانهن پڻ شعر ۾ اشارا ڪندو رهي ٿو. جنهن صورت ۾ سندس شعر هندو توڙي مسلم ڏانهن خطاب ڪيل آهي تنهن حالت ۾ سندس شعر ۾ هرطرح جو ساز ۽ ميل جول نظر ايندو. ”ساموندي سپون“ جي ”سورهين پور“ ۾ اڪثر سڀني سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي نائڪائن يا نائڪن جو ذڪر آهي.

جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، هن صاحب ڪي پهاڪا يا چوڻيون پڻ پنهنجي بوليءَ ۾ ڪم آنديون آهن جي ٺيٺ سنڌي آهن. مثال طور: ”لاچار آهه، آچار ناهه“، ”ڪوٽ ۽ لهه لعل ڪي“، ”ڪٽي مان ڪيچ ٺهڻ“، ”ليش آهي لوش ۾“، ”پينگو پڌڻ“، ”پاڻا پينگ ٺهڻ“، ”چالنبو مکسي ٺهڻ“ وغيره.

جيتري قدر منهنجو ويچار آهي بيوس جي بوليءَ تي انگريزي زبان جو بلڪل ٿورو اثر ڏسڻ ۾ ٿو اچي. ”شعر بيوس“ ۾ صرف ٻه چار لفظ انگريزيءَ تان کنيل آهن جهڙوڪ ”اٽيڪ“، ”بم“، ”ٽڪيٽ“، ”پمپ“. ان مان اهو نتيجو

تي "آهه بيمائي برائي چشم بيما واسطي" ذري گهٽ فارسي جملو ٿيو لڳي.

ڪيترائون تلميحون فارسيءَ تان ڪيل آهن جهڙوڪ صفحي ٩٧ تي شيرين فرهاد ڏانهن اشارو:

فڪر سان ڦولا ڪهي هر هنڌ شيرين ٿي لهي
پر اسان ۾ تو جهڙو جذبو ڪٿي فرهاد آهه؟

مسدس شعر ۾ "سهراب ۽ رستم" ڏانهن اشارو يا "طور" جبل تي نور جي ظهور ٿيڻ جي واردات يا "عنقا" پکيءَ جو ذڪر ۽ مصر ۽ حسن يوسف طرف ڪنايو ۽ ان طرح جا ٻيا ڪي مثال ثابت ٿا ڪن ته شاعر بيوس کي فارسي زبان تي دسترس هئي.

بيوس ڪيترائي فارسي ۽ عربي لفظ جا بجا استعمال ڪيا آهن ۽ شايد اهو وڌاءُ نه ٿيندو جيڪڏهن ائين چئجي ته بيوس تمام گهڻي انداز ۾ انهن کي پنهنجي شعر ۾ داخل ڪيو آهي. منهنجو اهو چوڻ جو مطلب ناهي ته فارسي لفظن يا ترڪيبن جي ڪارڻ بيوس جي ٻولي اُسياوي آهي؛ بلڪ آءٌ ان چوڻ کان نه هٻڪندس ته جنهن نموني، هن ٻولين جو ميلاپ ڪيو آهي سو قابلِ داد آهي. ڪي فارسي ۽ عربي لفظ هيٺ ڏيان ٿو جي بيوس جي شعر ۾ استعمال ٿيل آهن:
عابد، معبود، زيبا، زينت، نيش و نوش، نالان، ارزان، زاهد، مجوري، زنبور، متعجب، شتاب، ڪليد، عقيد، بعيد، مردود، ماهِ ڪنعان، ميعاد، شبنم، آفاق، مجالس، افلاڪ، (پويان ٽي لفظ ته عربي لفظن جا جمع آهن)، ڪدورت، هفت رنگي، زلف، ابرو، دونِ دنيا، گران قدر، گران بار، رزاق، غربا، شرفا، دامگه، ستون، نقش و نگار، حماقت، لوح محفوظ، طلا، باران، خنده زن وغيره وغيره. هي لفظ صرف اصولي طور

۽ براهمڻ ٻڀڙن جي پيچ کان هٽي، زماني جو آواز اولالي سنڌيءَ ۾ نئين شاعريءَ جو بنياد وڌو. سنڌي، هندي ۽ فارسي ٻولين مان موزون ۽ هم آهنگ لفظ چونڊي انهن کي موزون قالب ۾ وجهي هڪ انوکو مرڪب پيش ڪيو جو سنڌي قوم جي هر هڪ فرد ۾ مقبول ٿيو ۽ مقبول رهندو. سندس اها ٻولي بلاشڪ سهڻي ۽ سوادي آهي ۽ سادي هوندي به جهمڪار ۽ سهڪار واري آهي. پر ڪنهن به حالت ۾ اها اسهاوي ۽ مصنوعي ۽ گهڙگهڙي ڪونه آهي.



لٿو لکي سگهي ٿو. انگريزي ٻوليءَ جو هن جي شعر جي
ٻوليءَ تي ڪو به اثر آهي.

”ضرورت الشعر“ (*Poetic Licence*) موجب بيوس لفظن ۾ ڦيرڦار ۽ ڀڃ گهڙ به ضرور ڪئي آهي جيئن ته ”همالہ“ ۾ ’بي مثال‘ بدران ’بي مثالي‘ يا ’قديم سالي‘ ترڪيب جو استعمال، ”مڪان“ بدران ”مڪانو“ ڪم آڻڻ؛ ”رت راڙي“ جي ترڪيب (صفحه ٨٦) ”ميز“ بدران ”ميزي“ (صفحه ٨٦) ”اڻيڪي“ (صفحه ٩١) يا صفحه ٩٢ ۽ ٩٣ تي ”جاڳڻ“ مان اسم ذات ”جاڳتا“ ۽ ”ساڪه“ مان ”ساڪيا“ يا صفحه ٣ تي ’اڻ عزازت‘ جي ترڪيب. ’پريم پتر‘ لفظ ۾ ’پريم وَدا‘ شڪنتلا جي سهيلي آهي ان کي ’پريم ڍِوِ‘ بڻايو ويو آهي ۽ ساڳيءَ لفظ ۾ ”دشينت“ جي اچار کي بگاڙيو ويو آهي.

مجموعي طور اها راءِ ڏيئي سگهجي ٿي ته سواءِ ڪن جزوي غلطين جي بيوس جي ٻولي صحيح ۽ لفظن جو استعمال موزون آهي ۽ سنڌن سنڌي اچار ادا ڪيل آهي ۽ نه فارسي يا هندي. ڏار ڏار ٻولين جي معقول آميزش يا ميلاپ سبب هنجي شعر ۾ هڪ قسم جي لئه ۽ ترنم آهي جو بي جوڙ آهي. فارسي لفظ ان طرح ڪم آندا اٿس جيئن ڪنن کي وڻن ۽ ناگوار نه لڳن. سهڻيءَ جو ڪمال پڻ سندس شعر ۾ پڌرو آهي جنهن ڪري به ٺٽب ٺٽب يا مصنوعيت ظاهر نه آهي. لفظن جي چونڊ ۽ انهنجي لئه ۽ ترنم کي ٻوڙيءَ طرح نباهي بيوس گهِرن خيالن جو خزانو پنهنجي شعر ۾ پلٽيو. ٻوليءَ، مضمون يا موضوع ۽ طرز بيان يعني ٽنهي ماڻن ۽ ماڻن جي نقطہ نگاه کان هنجو شعر اوچ ڪوٽيءَ جو آهي. ۽ هنکي جيڪڏهن سنڌي شعر جي جديد سڄاڳيءَ واري دور جو باني ۽ باغي شاعر سڏجي ته روا آهي. هن باشعور شاعر پنهنجي شعر کي وقت جو آئينو بڻايو

روع ڪيو اسڪول ۾ نوڪري ڇڏي اچي ڪالپوءِ غريبن
بيمارن جي شيوا سندن نيم ٿي ويو. ڪجهه اڀياس ۽ تجربو
ون. ١٩٣٠ ڌاري کين ڪنهن ملتاني عزيز وٽان ڪي هوميوپيٿڪ
لاج لي ڪتاب مليا ۽ کين ڪجهه دوائون به مليون جن جي
ياس ڪري ۽ بيمارن تي ڪم آڻڻ سان کين چڱي سڦلتا ملي
جنهن ڪري هوميوپيٿڪ دوائون اي جوڪيون، سستيون
وٺڻ ۾ سوليون هئڻ الڪري هوميوپيٿيءَ جو اڀياس
ڌايائون

ان ساڳئي سمي يعني ١٩٣٢ کان ١٩٣٥ تاءِ مان ڪلڪتي
هوميوپيٿڪ ڪاليج ۾ پڙهڻ ويو هوس. منهنجو سائين بيوس
ن سان رستو ننڍي هوندي کان شروع ٿيو جو ٻالڪن جي
اري ۽ قومي هلچل ۾ ١٩٣٠ وقت سندن وڌيڪ ويجهو آيس.
جڏهن سائين بيوس کي خبر پئي ته مان ڪلڪتي هوميو
پيٿڪ ڪاليج ۾ داخل ٿيو آهيان تڏهن مون ڏانهن همتائيندڙ خط
لکي موڪليائون. ته چڱو اڀرو پر ڪي دوائون ۽ ڪتاب به
وٺي موڪلڻ لاءِ لکيائون. جڏهن مان وئڪيشن ۾ لاڙڪاڻي
ايندو هوس ته مونکي پنهنجي اسپتال ۾ مريض ڏيکاريندا
هئا ۽ پڻ بيمارن جي ٻاري ۾ چوندا هئا ته مان پنهنجن
پروفيسرن سان صلاح ڪري کين دوائون لکي موڪليان
جڏهن مان ١٩٣٥ ۾ پنهنجو ڪورس پورو ڪري آيس ۽
ساڻن گڏجڻ ويس ته چيائون ته اچي هي دواخانه هلاءِ. جيئن
ته مونکي سائين بيوس لاءِ گهڻي شرڌا هئي ان ڪري مون
پنهنجن مائٽن سان صلاح ڪري سائين بيوس سان گڏ ٢٠
سيپٽمبر ١٩٣٥ ۾ ”بيوس شفاخانه“ جي نالي سان اسپتال ڪڍي.

جلد مونکي خبر پئي ته سائين جن جو هوميوپيٿيءَ ۾ چڱو
اڀياس ٿيل هو. پوءِ ته آهستي پوالي دوائون پڻ

ڪوي ۽ حڪيم ٻيوس

ڊاڪٽر گوبندرام دادلاڻي

گھڻن کي شايد ڄاڻ نه هوندي ته سائين ٻيوس ڪو هڪ هوشيار هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر به هو. سچ ته ائين آهي ته حڪمت ڪرڻ سندن خانداني ورثو هو. سندن ناناڻان حڪيم ڪوڙومل وارا شڪارپور ۾ مشهور حڪيم هئا. سائين ٻيوس جن جو پيءُ حڪيم ٽيرٿداس به ناناڻن وٽان حڪمت سکي لاڙڪاڻي ۾ اچي دواخانو وڌو. هو يوناني حڪمت ڪندا هئا ۽ ايشور کين چڱي هٿ شفا ڏني هئي. سائين ٻيوس سنڌي فائينل پاس ڪري ٽريننگ ڪاليج ۾ داخل ٿيا. سندن ٻيو ڀاءُ شري ٽولارام ميٽرڪ پاس ڪري انگريزي اسڪول ۾ ماستر ٿيو. سندن ننڍو ڀاءُ شري مولرام ڪورٽ ۾ ڪلارڪ هو. ٽئي ڀائر اڃان پڙهندا هئا جو سندن پيءُ حڪيم ٽيرٿداس سرڳواس ٿيو انڪري سائين ٻيوس لاءِ جلد نوڪري ڪرڻ ۽ گهرو جوابداريون سنڀالڻ ضروري هيون سائين جي پتاجن جي پرلوڪ پڌارڻ کانپوءِ سائين ٻيوس جي ماتا گهر ۾ حڪمت ڪندي هئي. کيس ٻارڙي جي ڏاهي ڪري چوندا هئا. ڪنهن جو ڪاڪڙو ڪٽڻ ڪنهن کي مالش ڪرڻ ڪنهن کي سيڪون ڦڪيون وغيره لڳائي ڏيڻ. مطلب ته هر نموني ٻارڙي جون بيمر ۽ ڀائر ٻارن کي کڻي وٽس دوا ۽ ڏس پتي وٺڻ لاءِ ايندا هئا.

سائين ٻيوس کي اردو ۽ فارسي ٻولين ۾ ايندڙون هيون کين ڪجهه يوناني دوائن جي ڄاڻ به هئي هن ڪجهه ڪتاب پڙهي ۽ وڏن جا نسخا هٿ ڪري گهر ۾ يوناني دواخانو

اسين سڀئي مٺو سمدن ان قسم جي وارتالاپ جو لاڀ وٺندا هئاسين. هو صاحب سٽسنگي هئا، گيان گفتار وقت کين پنهنجي سرير جي سڌ ٻڌ ڪانه رهندي هئي. افسوس جو ١٩٤٦ ۾ "گيان باغ" ۾ سٽسنگ ڪندي کين ڪنهن جيت چڪ پاتو. ان وقت ته ڪو خيال نه ڪيائون پر ان زهري جيت جي چڪ سبب ٻنهي پيرن ۾ خارش ۽ ملو شروع ٿين ۽ پوءِ ان اگرو روپ اختيار ڪيو. پيرن کان ٽنگون ۽ ٽنگن کان پيٽ ۽ ٻنا پکڙيا. سائين جن خود حڪيم هئا پر پاڻ لاءِ هئا بيوس.

ڪئين حيلا وسيلا هليا، دارون درمل، دوائون ڊاڪٽرون آيون پر ڪين فرق نه ڪيو چوندا آهن، "ڊاڪٽرون فرق نه ڪن، جيسين امر ٿئي الاهي." ليڪ بيماري وڌي دل ۽ ڦڦڙن تي آئي. خارش ته لڳري هئي ليڪ ڪرڻ نه ڏنائين. پوئون مهنو اپ ساهي ٿيندي هئن. اسين سڀ سمدن حالت ڏسي رئندا هئاسين، پر سائين جن منهن جي مرڪ ڪين ڇڏي. چوندا هئا، "بيوس جو وس ڪهڙو؟ جيئن سائين جي مرضي!" عجب ته اهو ته ان اگريءَ ۽ لڳريءَ بيماريءَ هوندي به صبح جو سوير اٿي گيئن کي ڪاڏو ڪارائيندا ۽ پيار ڀريا هٿڙا گهمائيندا هئا، شام جو بيمارن جو پڇندا هئا ۽ سنجها وقت ڪرشن مورتيءَ اڳيان روزاني ٿيندڙ آرتيءَ ۾ شامل ٿيندا هئا. سمدن ڌرمپتني، اڄ به نيم موجب اها آرتي ڪندي رهندي آهي.

سائين بيوس جو هوميو پئٿيءَ ۾ اعتقاد هئو ۽ چاهيندا هئا ته گهر گهر ۾ هوميو پئٿي دوائن جي پيٽي هجڻ جڳائي. پنهنجين ڀاڻين کي شاديءَ وقت ٻين سوکڙين سان گڏ هوميو پئٿيءَ جي دوائن جي پيٽي به ڏيندا هئا. سمدن پيون نمبر ڪڪيءَ شاديءَ بعد پنهنجي گهوٽ کي به هوميو پئٿڪ

ڪري صرف هوميوپيٿڪ علاج شروع ڪيو هن. سائين ڀوس ٻڌائين نصيحت جا موتي ڏني سا هئي، "حڪيم جي دل صفا، اک صفا ۽ پوءِ ٻڪ نيمدي هٿ شفا". ۽ مان اڄ قبول ڪندس ته سندن ان نصيحت موتي جهاليءَ ۾ ڪامياب ٿيڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

اسانجي اسپتال ۾ شهرين کان وڌيڪ ٻهراڙيءَ جا ڳوٺاڻا (هندو توڙي مسلمان) ايندا هئا. سائين ڀوس ۾ سندن صدق ۽ ويساهه هو. نالي ماتر دوا جا پئسا ورتا ويندا هئا، وانر ڀوس جي همدرد سڀاءَ ۽ ٻهڪجائيءَ واري ورتاءَ سبب بيمار ٻيو ڪٿي نه وڃڻ پسند ڪونه ڪندا هئا جيسين ڀوس صاحب اهو ضروري سمجهي ڪين آپريشن وغيره. لاءِ سرڪاري يا خانگي اسپتالن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هدايت نه ڪن.

حڪيم ڀوس بيمارن کي هميشه اهو چوندا هئا، "ابا، مان نه آهيان ڀوُس. ڀوَس جو ڪم آهي وَس ڪرڻ باقي ته سڀ آهي اُن مالڪ جي وَس." اهي به چوندا هئا ته "شفا سائينءَ جي وَس آهي، ڏيندو مٿان ٻر ڪنهن جي هٿان."

روڳين جو علاج ٻنهي ڳالهين جيان ڪندو هئو. روڳ جو ۽ روڳ جي علاج جو اڀياس فرصت ۾ ويهي ڊاڪٽري ڪتابن پڙهڻ سان ڪندا هئا. جيسين ڪو نسخو ڳولهي نه ڪيلدا هئا تيسين آرام ڪونه ايندو هون. ڪو نسخو نظر ۾ ايندو هون ته نشان ڪري مون لاءِ رکندا هئا ۽ پاڻ نسخو ۽ صفحو به ياد ڪري ڇڏيندا هئا. ڪتاب پڙهڻ سندن شوق هوندو هئو. ڊاڪٽري ڪتاب پڙهندا هئا ته ان وقت ٻي چرچا ڪندا هئا ۽ جي اَدبي ڪتاب نه ورق ڳالهه. ولهه ٿي اهڙي. ٽئگور جي گيتانجلي ۽ ساڌنا سان ته سچ پچ ساڌنا ڪندا هئا. هر آرتوار شام جو "گيان باغ" ۾ گيان گفتگو ڪندا هئا.

ٻيوس جي شعر ۾ قدرت جو ورڻن

پروفيسر ايسوري جوٽواڻي

جنهن ملڪ جي مٽيءَ نوري اماڻيءَ جهڙن اعليٰ فيلسوف ۽ درويش ودوانن کي جنم ڏئي ڀارت کي آتم راشٽر، ڪيترو ۾ شرفدار بڻايو آهي، اهيءَ سونهاري سنڌڙيءَ ٻيوس جهڙي هردلعزيز شاعر کي پيدا ڪري سنڌين کي هڪ لاثاني سوغات عطا ڪئي آهي.

ستارا آسمان جي سونهن کي سرس ڪن ٿا ۽ روشن دل شاعر ادبي آڪاس جي حسن ۾ اضافو آڻين ٿا. شاعر ان شمع مثل آهي جو پنهنجي شعر جي شعاع سان ڪيترن جي راهه روشن ڪري ٿو. خليل جبران "شاعر جو آواز" ۾ چوي ٿو ته

ليل الاهيءَ سان آهي دل منهنجو پرپور
رڪان الڪي ٿو پنهنجي دريءَ ڪان
جيئن چمڪي نمر ۾ نور
نور اهو شال بڻجي پانڌيئڙن جو رهبر.

شاعري الاهي بخشش آهي. شاعر انهيءَ برڪت سان قدرت جا ڳجهه اسرار کولي عام جي اک کي درشن ڪرائي ٿو. ان ۾ ڪو به وڌاءُ نه آهي ته "جتي نه پهچي ٿو روي اتي پهچي ٿو ڪوي!

شاعر کي هڪ نه پر انيڪ زبانون آهن. ڪيس ۾ نه پر بيشمار اکيون آهن. سندس هڪ هڪ شعر آهي سندس زبان! ٻيوس ٿو چوي:-

ڊاڪٽر ٻڌائي ڇڏيو، هو صاحب دهليءَ ۾ وڏو بئنڪ ۾
آفيسر آهي ۽ ٻئي ڀيري ڀيري هوميوپئٿڪ اسپتالون به
هلائيندا آهن. حڪيم ايوس جو اهڙو پٽ شام سعدر دهليءَ
۾ الحڪيم آهي، سو پڻ گهر ۾ ان قسم جي مفت اسپتال
هلائيندو آهي. اهين ڪري چئجي ته سعدن پٽ ۽ ڀيرون،
ڏهٽرون ۽ ناٺي سعدن ٻرپاءِ سبب حڪيم ٿي پيا آهن ۽ خلق
جي خدمت پنهنجو ڌرم سمجهن ٿا. سائين ايوس جي هڪ
ست جا پاڪ اسپتال ۾ ويٺي ويٺي اندر جي آواز مان لکي
هٿائون، سعدن حياتيءَ جو راز سلي ٿي:-

"دنيا ۾ خلق خدمت کان، ته پانيان بندگي ٻهتر"



ٻٽڪا ڪندي اچي هوا جهنجي ٻڌن منجهان
ڇٽڪار مٺڙن ٿو ڪري ڇڻڪي ڇڻن منجهان
قدرت سندي ڪمال صحت لاءِ سوکڙي
الا ڇهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي !

جهونڪ سلاست سندس شعر جو سينگار آهي ۽ منجهس جيڪا صداقت ۽ همدردي آهي تنهن واقعي ڪنهن لوڪ ڪويءَ جو پد عطا ڪيو آهي.

شعر جي نه فقط عبارت عاليشان اٿس ۽ تجنيس خطي ڪتب آڻڻ سان ته ڪمال ڪيو اٿس تشبيهون وري اهڙيون ته ڪم آنديون اٿس جو اهو نظارو هوبهو اکين اڳيان اچي. هڪ هنڌ هماليه بابت ڇا ٿو چوي؟

سورج، هوا هٿن سان ٻٽي ڪنيون سمنڊ مان
ڪيلاس پرسان چاڙهي ٿو ٻاڦ ٻرڦا
ڏارا جتان لهي ٿي، پاڇيڙي ٿي وهي ٿي.
آڪاس گنگ اولي، هر روز ڪير اوتي
برفيءَ جي برف ارسي، چوٽين مٿان ٿي چمڪي
هنگلو ٿي شام ڀاري، اڀ، چنڊ ملڪ چاڙهي

هڪڙي ڪئي نه وري تشبيهون اهڙيون ڪتب آنديون اٿس جو منجهائن سنڌيت پڌري ليڪا پائي. جيئن بسنت بابت چوي ٿو:-

گينڊو، گلاب ڏيڍ ڪي ڏني اشرفين انعام
شبنم وسائي شوق مان موتين منهون مدام

۽ وري ٻئي هنڌ چوي ٿو:-

نڪ نڪ وڃن ٽيون ٽاڙيون آئي ٻون ٻين ٿي
وڻ ڏار جي ڏنڪن (ڏونڪن) سان
ڇمڇون نه ڪنڻ هٿن ٿا!

گنج خانا گهڻ غيبي خاص کولڻ واسطي
آهه قدرت کان مليل ڪامل ڪونسر کي ڪليد

الاهي رحمت جي بارش جڏهن ڪويءَ تي وسي ٿي تڏهن هو وجد ۾ اچي وڃي ٿو ۽ سندس مک مان ڪويتا اُچلون ڏيئي ائين ٻاهر اچي ٿي جيئن زمين اندر لڪل پاڻي اوچتو ئي اوچتو ائين سندس سيني کي چاڪ چاڪ ڪري چشمي جي روپ ۾ ڦٽي ٻاهر وهڻ شروع ڪري ٿو. جڳ پرسڌ ڪوي ٽئگور الهيءَ ٻخشش لاءِ چوي ٿو:-

تنهنجي امر ڇهاءُ سان منهنجي ننڍڙي دل
حد مان وڃيو لاحد ٿي پهچي ٿي
بيشمار سر سرلا خاموشيءَ ۾ گنگنائي ٿي!

ٻيوس لاءِ ٻه لکيل آهي ته جڏهن اجا ١٦ ورهين جو هو ته هڪ شام برسات وسندي ڏسي موج ۾ اچي برسات تي هڪ سندر شعر رچي وڌائين. اها هنجي شاعري جي شروعات هئي. حقيقت پرڪرتي شاعر جي پرڀرتا آهي ٻيوس کي ڪائنات اهڙو ڪشش ڪيو آهي جو هنجو شعر گهڻو طبيعي شعر آهي. هنجي شعر جو ابياس ڪندي معلوم ٿئي ٿو ته هن صاحب سنڌي شعر کي نئون موڙ ڏنو، منجهس نوان اُمنگ ۽ نوان احساس اوليا اٿس، حسن جي نئين روپ کي ڏسڻ لاءِ انسان کي جڳ اک عطا ڪئي اٿس. هنجي نگاهه نرالي ۽ پرک علحدي آهي. جتي ٻين کي ڪا سونهن نظر نٿي اچي اتي ٻيوس کي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مسڪين جي ننڍ ڦڏل جهوپڙيءَ جو ڪهڙو نه دلڪش چٽر چٽي سندن لاءِ دعا پني اٿس!

سج چنڊ واجهه ٿو وجهي جنهنجي واٽن منجهان
ترڪو اچن ٿا تورا، تارن ڪنڊن منجهان

مٿس وجداني ڪيفيت طاري ٿئي ٿي. پوءِ ته جڏهن اها بيخودي غالب پيئي آهي ته هو صاحب چوي ٿو:-

اَنهد ناد وڄي لت آدي، سوهنگ سڻ سواسن ۾
سرت شبد جو ميل ملائي، چاڙهه گڏيءَ کي گگن ۾

۽ هرهنڌ هر مڪان محبوب جو جلوو ۽ جمال ڏسي فرمائي ٿو:-

سرس تو صاحب سندي آهي صفت ساراهه کان
خاص خوبين جو خزانو ۽ گڻن جي کاڻ تون

سندس اکين ۾ اهڙو ڪو الاهي نور اچي ٿو چمڪي جو سندس چت محدود کان کڄي وڃي لامحدود تي رسي ٿو ۽ قدم سندس فرش تي هوندي اڏام عرش تي اٿس جڙي هو وڃي "سوامي جي سر" کي ڇهي ٿو:-

"اروپا! روپ مندر ۾ جلائي پرام جي اگني"

حقيقت ۾ هي حواس آتما جون دريون آهن. جيئن ٽوري شاعر هڪ هنڌ انگريزيءَ ۾ چيو آهي جنهنجو ارٿ آهي ته:-

حواس تنهنجا آهن دوار آتما جا
رک پاڪ تنکي ته پسين محبوب هر جا (۵)

پوءِ ته چيو آهي ته:—

"ٿي سگهي ٿو ڪو حواسن جي حڪومت کان پري
هوند هر چيز ۾ دلدار جو ديدار ڪري!"

۽ ان دلبر جو دلڪش ديدار ڪندي هو آنند ۾ جهٽ اڇلندي آکي ٿو:—

"سوامي، سڀ هر چيز ۾، هر چيز پوڄا جوڳ آهه.
ديد لئه ديدار هر جا، سرت لئه هر جا ثواب"

انت ۾ راز سمجهندي پڪاري پوي ٿو:-

جتي سندرتا آهي اتي شاعر جو سجدو آهي. حقيقت ۾ حسن پرستي شاعر جو ڪاڄ آهي. جبران چوي ٿو، "شاعر آهي اهو ورڪش جو سندرتا جي شاهي لهر جو پاڻي پيئي ٿو........" البت مشاهدي ماڻهو جي قوت سيني جي ساڳي ٿي لڀي سگهي. ڪائنات جي ڪڻي ڪڻي ۾ سمايل سونهن کي ڏسندي بيوس بيخود ٿي چوي ٿو:-

سونهن ۾ صورت سڄڻ جي ٿي سراپا سر ڏئي،
هر هنڌان مصري مٺيري مون چکي چوڌر ڏئي.

سلاست سان گڏ سندس شعر ۾ لطافت ۽ نزاڪت به نرالي آهي. ٻئي هنڌ چوي ٿو:-

هر اُٿي ۾ گرچ جلوو آهي تنهنجي جوت جو
پر سدا "بيوس" سڄڻ جي باغ ۾ بهار ڏئي

سو ڪيئن؟ گلستان ۾ گلن مٿان ڪرڻ ماڪ ڦڙا سج جي پرڪاش ۾ پهڪندا ڏسي ڪوي کين آبدار موتيءَ و خطاب ڏئي ٿو. اها ڪويءَ جي ڪراماتي ڪلپنا آهي جا شبنم جي هڪ ٻوند ۾ "سونهن جو سندو" ڳاهو ڪري ٿي ڇڏي! پر بيوس گل کي ڏسي فقط ائين نٿو چوي ته

"پلڪ لوڙائي نظر ۾ ڇا نزاڪت گل جي!"

پر ان حسن پنهان جو جالب جو لافنا جمال آهي اهو ڏ ي چوي ٿو:-

"حسن جي آئيني ۾ عڪس حقيقي گل جو
آهه ديدار ۾ ڪي رونق رنگت گل جي!"

پرمانند ۾ جو اُٿي پهر انهد شبد پيو وجي، اهو شبد ڪوي ڪيتري قدر ٻڌي سگهي ٿو ۽ ڪيترو پاڻ ۾ جذب ڪري سگهي ٿو اهو هرڪنهن شاعر جي اڀيو ۽ منزل تي منحصر آهي. ڪوي جيئن جيئن اهو منو ۽ حيرت پرلو آلاپ ٻڌي ٿو تيئن

بيوس جا ناٽڪ

داس طالب

ادب جيوت جو چٽ آهي، هڪ اهو چٽ جنهن ۾ ماضيءَ جا نشان موجود آهن ته حال جي حالت به آهي. پر صحيح ادب اهو آهي جو حال جي جيوت کي جاچي، اڳتي رفتار کي نظرانداز نه ڪري، مستقبل جا ڪرشما پسائي. ادب جي مڙني ونڊن ۾ ناٽڪ هڪ نرالي وٿ آهي ۽ شعر وانگر فقط لفظ، احساس ۽ شاعراڻي انداز يا تصورات کان دور، ڪهاڻيءَ يا قصي جي خيالي واقعن ۽ ڪردارن کان پري، مضمون جي بيان بازيءَ کان پرڀرو هڪ مڪمل جيوت آهي، جا رنگ منچ تي ويشڌارين دوارا پيش ڪئي وڃي ٿي. شخصي طور هي داس اڃا به انهيءَ راءِ جو آهي ته ناٽڪ ساهتيه کان وڌيڪ، ڪلا جو هڪ مکيه انگ آهي ڇوته اصولي طور هر ڪلا جو بنياد ناٽڪ آهي ۽ ياد رکڻ جڳائي ته ناٽڪ هر وقت گفتگوءَ جو محتاج ڪونهي. اڻ، ان گفتگوءَ، نيڻن جي اشارن، چهري جي هاوَڀاوَن ۾ ٿيندڙ ڦيرگهير ۽ مطلب يا معنوي ڀري چرپر ۾ به ته موجود آهي.

بيوس جي ناٽڪن جو ذڪر ڪندي، "سنڌي ناٽڪ" جي تواريخ جو ٿوري ۾ ٿي ذڪر ڪرڻ ضروري ٿيو لڳي. سنڌي ناٽڪ جو ابو هو شري خانچند درياڻي. ان کانپوءِ شري نانڪرام ڌرمداس ميرچنداڻي، مرزا قليچ بيگ ۽ ليلارام خاڪي ناٽڪ نويسيءَ ۾ ڳڻيا وڃن ٿا. بيوس جي ناٽڪ نويسي انهن کان پوءِ جي آهي. جيئن ٻيا ناٽڪ نگار هدام ليکراج عزيز، منگهارام ملڪاڻي، ناگراڻي وغيره.

اهڙي درسن لاءِ ڪوليو شهسواري ٿي اچي،
دل اندر دربار لڳندي ذات باري ٿي اچي،
ڪنهنجي آمد لاءِ هي پيوس لڳو جلسو جنهن،
غيب جي پردي منجهان ڪهڙي ڪماري ٿي اچي؟

سنڌس قدرتي شعر اڻاڻ آهي، هت محدود ورقن ۾ مون فقط ٻه ٽي گل ڦل چونڊي سهڻو ۽ سڳنڌي گلدستو ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.



معقول چولڻ سڀ (يعني دل و جان) سان ڪرڻ ضروري آهي. سرو هروڀرو گمراهه ڪندڙ نه نه هجي پر سار کي محفوظ رکندي درشڪن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جي توفيق رکندڙ ضرور. سري جي اهميت جو هلڪو وستار، اجهو هي اردوءَ جو شاعر امجدي طرح هن ان سٽن ۾ ٿو ڪري. ڇي،

"بشر دل-ي-راز ظاهر ڪر، خراب و خوار هوتا هئي
نڪل جاتي هئي جب خوشبو تو گل بيڪار هوتا هئي"

ليکڪ لاءِ، عام طور اها چوڻي پرسڌ آهي ته ليکڪ اهو آهي جنهن ڏٺو آهي ۽ سٺو آهي. پر ناٽڪ ڪار اهو آهي جنهن ڏٺو ۽ سهڻ سان گڏ، انهن کان متاثر وٺي، عوام جي حالتن کي جاچي، وقت جي تقاضائن جو اڀياس ڪيو آهي ۽ هڪ چست ٿي وڌيڪ سوچيو آهي ته ڪهڙي فن ۽ قابليت سان هو پنهنجون قلمي شيوائون سماج کي، انجي بهتريءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ، آڇي سگهي ٿو. نه وسارڻ گهرجي ته هن ڏس ۾ ساهتيه جي ڪابه شاخ ناٽڪ سان بر نه ٿي مڇي سگهي.

ايبسن جي پين ناٽڪن جهڙوڪ "پرنس بوجارڻ" ۽ "انبلانٽ" جي سٽن ناٽڪن مان هرهڪ ۾ آتمڪ وڪاس، اخلاقي ساوڌانيءَ ۽ مڌي خارج رسمن کي للڪاري ڏني، حق جي واٽ وٺڻ جون جهلڪون ملن ٿيون! جن ۾ ڪٿ ڪٿ هن مذاهب جو دامن پڪڙيو آهي ته ڪٿ شوخيءَ جو ۽ انهن ٿي پنهنجن ناٽڪن ۾ هن خرابين کي ڪيرايو آهي، خوبين طرف ڦيرايو ۽ انهن ماحول جي پالڻي ۾ ٻوٽواري ڪندڙن کي هيرايو آهي. پر انهن جي باوجود به، ايبسن جي ناٽڪن جي گفتگو، ڪيترن جڳهين تي، ٻوليءَ جي لحاظ کان، اڻٺري يا اڻڙي موزون نه آهي جهڙي هئڻ گهرجي هئي، البت اهو سڀ ڪجهه پارکوءَ کي ٿي نظر ايندو ۽ هير ڪو ڪنهن ناظرن يا درشڪ کي.

ٻنهي جي ان مڪمل ناٽڪن جهڙوڪ "خوبصورت بلا" "پرهلاد ليلا" ۽ "نل دمينتي" جا مرڪزي خيال وقت جي تقاضائن جا ترجمان آهن ۽ نقطن نظرن سان قلمبند ڪيل آهن پر تہ بہ اردوءَ جو اثر مڙني تي حاوي آهي.

ٻيو ناٽڪ يعني "خوبصورت بلا"

فقط انهي عنوان يا سري جي ڇيد ڪرڻ سان، ٻيان ٻڌڻ يا ڏسڻ جي معلوم ٿئي ٿو تہ ان جي ورقن ۾ ذڪر ڪيل هوندو ڪنهن ناريءَ جو، جا ٻاهرڪي دلڪش هوندي، پر اندرڪي زهريلي. عنوان ۾ ئي ناٽڪ جي ذخيري جو ذڪر ڪري ڇڏڻ سان ناٽڪ نويس جي قابليت بدلي ڪمزوري ظاهر ٿئي ٿي. ناٽڪ پڙهڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ اهو عنوان مطابق، صاف ٿو ڏيکاري نيڪي ۽ بديءَ جي لڙائي، جا سوڪيم روپ ۾ هردم ۽ هرگهڙيءَ انسان جي من ۽ چيتن وچ ۾ جاري آهي. جيئن تہ........

من ڇوي ڇاجو ڀڳوان، قدم قدم تي ڪر بدڪاري
ڇوي چيتن تون مڃ نہ من کي، راه پڪڙ ٻلماس واري
(طالب)

(٢) "پرهلاد ليلا" ۾ پڻ، "ليلا" جو لفظ وجهي، ناٽڪ نگار، ناٽڪ جي اسم کي ڇڙڪ ڇڏي ڏنو. ٽيون ناٽڪ بعنوانِ "نل دمينتي" جنهن ۾ پوراڻا ڌرم جي پوئواري ۽ جوتا جي ڪلورن جو ڪٿن ٿيل آهي، سو مذڪور ان ناٽڪن جي دائري اندر داخل ٿيل شمار ڪرڻ ٺيڪ ڪونهي. جيتوڻيڪ ناٽڪ جو ٿوروئي گيان رکندڙ، انهيءَ حقيقت کان ڪڏهن بہ انڪاري نہ ٿيندو تہ ناٽڪ جو سرو انجو سِرُ (مٿو) آهي ۽ سر يا سري ۾ اگر ناٽڪ جو سار اچي وڃي تہ انهي ڪاميابيءَ جي، هر حالت ۾ اميد رکڻ عبث آهي. سري جي

ناٽڪ کي اهڙو وزندار نہ ٿو بڻائي جهڙو جيڪر اهي وزن ڀر موزون لکيت. اها ڀيوس سائينءَ جي جاکوڙ هئي جو ان ويساراڻن جي وچ ۾ گفتگوءَ کي شاعريءَ جي جامي کان پري رکيائين.

هن داس جو وطن بہ اهوئي آهي جو ڀيوس سائينءَ ۽ سروُشري هري دلگير، هوندراج دکايل، پروفيسر رام پنجواڻيءَ، رلن چڳاڻيءَ، پرڀو "وفا"، سمڪ اسراڻيءَ، ارجن "شاد"، گوبند ڀاٽيا، واڙهي مل دوداڻيءَ جو هو ۽ هن داس کي ٻڌو ياد آهي تہ ڪيئن نہ ڀيوس سائينءَ جا ناٽڪ اوڪوپا لائق ٿيندا هئا. ورهاڱي بعد بہ هن داس ڀيوس سائينءَ جو لکيل بعنوان "پوڙهي جو پڙلاءُ"، پنهنجي هدايتڪاريءَ هيٺ ۽ سنڌي ساهتيہ منڊل بمبئيءَ طرفان، ساليانيءَ اتسو ۾ "سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول" جي رنگ منچ تي پيش ڪيو هو ۽ ياداشت انوسار ڪافي ڪامياب ثابت ٿيو هو. ڀارت جي ورهاڱي بعد ڀيوس سائينءَ جو مذڪور ناٽڪ، پهريون سنڌي ناٽڪ هو جو رنگ منچ تي پيش ٿيو هو.

ڪردارنگاري ۽ واقعہ نگاري:- جيوت جي لاهين چاڙهين جي اُپٽ کي ناٽڪ جو بدن ڪري مڃيو ويو آهي، جي واقعن ۽ ڪردارن مان جڙن ٿيون. ناٽڪ مزاحيہ هجي يا سنجيدہ، تواريخي هجي يا ڌرمي، سماجڪ هجي يا لوڪڪ، جسماني يا روحاني، عاشقاڻو هجي يا ڀارتي، ناٽڪ ۾ واقعات ۽ ڪردارن ڏانهن معقول توجہ ڏيڻ اشد ضروري آهي. ٻنهي مان هڪ جي بہ ڪمزوري ناٽڪ کي نبل ڪري ٿي ڇڏي. ڀيوس جا ناٽڪ انهيءَ ڪارڻ ٿي انهيءَ الاهين لائين ٻنهي نہ سگهيا جي جيڪر ڪافي معيار وارا ٿي سگهن ها اگر واقعا زوردار يا ڪهاڻيءَ جي ڪڙين سان جڙيل ۽ اوسر سان متفق

”اِنڊلائٽ“ ۾ ست ايڪانڪي ناٽڪ مرتب ڪري شايع ڪيل آهن. منجهانئن هرهڪ ناٽڪ، وقت جي، ڪنهن نه ڪنهن، پر الڳ مسئلي جو ذڪر ڪري ٿو ۽ گهڻي قدر، مڙني ۾، اصليت نمودار آهي. البت، جيئن مٿين پراون ۾، ڪٿ، ذڪر ڪيل آهي ته ناٽڪ، ساهتيه ڪان وڌيڪ ڪلا آهي؛ جنهن ڪري بهتر آهي ته ناٽڪ ساهتيڪار ڪان بهتر ڪو ڪلاڪار پيش ڪري؛ ان بعد به جي ڪميون رهيون ته ناٽڪ نگار لئي جهجهي جاءِ ڪري سگهجي ٿي. ليڪن ڪلاڪار نه هوندي به، بيوس ناٽڪ نويسيءَ جي ڏس ۾ قلم آزمائي ڪئي آهي، سا حقيقت بذات خود قابلِ-داد آهي. مذڪور حالت ۾ بيوس جي ناٽڪن مان ناٽڪ نويسيءَ جي اصولن جي پابنديءَ جي اميد رکڻ عبث آهي، پر از حد داد جي قابل آهي بيوس سائين جي دورانديشي. جو، اُن سمي، منورنجن واسطي، گفتگو وارن (ٽاڪين) فلمن جو رواج گهٽ هو [يا ائين ڪٿي چئجي ته فلمون سئنيما گهرن ۾ ڏيکاريون وينديون هيون پر انهن ۾ ڪهاڻيءَ هوندي به گفتگو نه هوندي هئي.] بيوس سائينءَ جي وطن، لاڙڪاڻي ۾ ٣ سئنيما گهر هوندا هئا يعني ١- رائل ٢- ڪئپيٽال ۽ ٣- ڪرائون. پوءِ به سئنيما گهرن ۾ ائين بندوبست ٿيل هوندو هو. ناٽڪ يا ترڪيب ٿولي لاءِ رنگ منچ ته فلم لاءِ اڇو پردو. وقت جي تقاضا مطابق اڇو پردو هٽايو يا هيٺ لاٿو ويندو هو. هي دَور، سچ ته ناٽڪ منڊلين جو هو، جي اردو ناٽڪ تيار ڪري شهر شهر ۾ رنگ ڪنديون رهنديون هيون ۽ پوئين فلمن جي زور پڪڙڻ تائين هي منڊليون ئي مشهور هيون. سائين بيوس ٿي انهن منڊلين جو اثر ٿيل آهي پر ڪويءَ هوندي به هن دماغ هلايو ۽ سوچيو ته گفتگو جو شعر ۾ هئڻ،

کي يا انهن جي ليکڪ کي ڪو به ڏوهه ڏيڻ نٿو سگهجي. البت ڪن آڳرين کي ڪٿ جهڙين حالتن ۾ ناٽڪ جا ويساري خلقڻ ۾ پيوس سائين ميزان ڪان مٿي هلندو ويو آهي، جو سقم، ڪنهن ڪارڻ به روا ٺهرائي، نظرانداز ڪري نٿو سگهجي.

هدايتڪاريءَ جا ارشاد ڪيترن ضروري جڳهين تي عدم آهن ته ڪيترن حالتن ۾ اڻسڌا ۽ دائري کان ٻاهر. پيوس سائين، اگر پاڻ سٺو اداڪار، ڪلاڪار يا هدايتڪار هجي ها ته هن ڪميءَ کي ڪي قدر نظرانداز ڪري سگهجي ها. (جيئن ته ڪ زمان، مڪان ۽ الڳ پيش ڪندڙن جو ويچار ڪري مذڪور ارشاد درج ڪرڻ آهن ضروري ڇو ته انهن ڪندي ليکڪ جي پيش ڪرڻ جي ڍنگ کي شڪست مور نه ملندي.)

آخر ۾ اهو لکڻ ضروري آهي ته، پيوس سائينءَ جي حاصل ڪيل اسڪولي وديا، ان وقت جي ناٽڪ جي ترقيءَ ۽ چاڙهه، پيوس سائينءَ جي ناٽڪي وديا ۽ سندس ناٽڪ نويسيءَ جي اسلوب ۾ گهرو وڇوڙ ته هڪ حقيقت صاف ڏسڻ ۾ ايندي ته ناٽڪ جي وقت، وڪاس ۽ (پيوس جي) وديا جو ويچار ڪبو ته اندر وارو هڪدم چئي ڏيندو ته پيوس سائين نه فقط ناٽڪ نويس هو پر پنهنجي ايامڪاريءَ جو هڪ ڪامياب ناٽڪ نويس هو.



ڪري آندا وڃن ھا. واقعن جو اڻسڌو تعلق گفتگوءَ سان آھي پر ذھين لئي اھيءَ حقيقت کي پروڙڻ گھرجي ته اھو گفتگو نه آھي جو واقعي کي وجود ۾ ٿو آڻي پر واقعو ئي، گفتگوءَ جو جنم داتا آھي. واقعو زوردار يا وزندار ھوندو ته ڪردار انکي سٺو ڪري سمجھندا ۽ انجي ھميشھ لاءِ حل جي ڏس ۾ ڪين گفتگوءَ يا اھيءَ ”ناٽڪي گفتگوءَ“ جي درڪار ٿيندي، جنھن ۾ لفظن جو سنجم ڪندي ۽ جواب اھڙي معقول ۽ موزون ڪرڻي آھي جو لفظن ۾ وزن به ھجي ته وس به ۽ مسئلي کي ھٿان ھلي وڃڻ لاءِ نه واھ ڏئن نه راھ ڏئن. پيوس سائينءَ ھن لحاظ کان پنھنجن ناٽڪن ۾ ڪو خاص ڀاڱو موڪيو ڪونھي.

ناٽڪ نه بيان بازي آھي ۽ نه سڌي زمين تي سڌي سنواٽي اھولي ھلندڙ ڪنھن پانڌيئڙوءَ مثل. ”آنڌ مانڌ“ (*Suspense*) ناٽڪ جي جان آھي ته واقعا آھن انجا ارڪان.

رنگ منچ جي آرائش مان ناٽڪ جي معيار جو ملھ ڪٿڻ برابر ٿيندو انسان جي حيثيت کي ھنجا فقط وستر ڏسي فيصلو ڪرڻ، جو خطاوار ته اوس ثابت ٿيندو. وقت ھو جنھن وقت رنگ منچ جي روپ کي ايتري معتول ڪانه ھئي پر اڄ رنگ منچ جي فقط پيھڪ مان ئي ناٽڪ جي پس منظر جو اڌ مسئلو حل ٿي ٿو وڃي. رنگ منچ جي صرف سينگار مان ئي معلومات ٿئي ٿي ناٽڪ جي محور جي! از اسواءِ پيسي ۽ وقت جي بچت کي وڌيڪ ۾ رکي، اڄڪالھ، ھر ناٽڪ (وڏي چاھي ننڍي) ۾ ڪوشش ڪئي وڃي ٿي ته اڙ ھڪ ئي ”جوڙ ۽ جڙت“ (*Set & Setting*) ۾، اول کان آخر تائين ھلي. پيوس سائينءَ جي ناٽڪن ۾ ھي اسر جيتوڻيڪ نابود آھي پر نه ته ان لاءِ پيوس سائينءَ جي ناٽڪن

ڪيڏا هيٺا، اهي ڏسي "بيوس" جو قلم رهي نه سگهيو. هو غريب ۽ شاهوڪار جي وچ ۾ پيسي جي بنياد تي ٻڌل ويڇو وساري نه سگهيو ۽ هڪ باغي ٿي همٿ سان شاهوڪار کي للڪار ڪري چوي ٿو:-

"آسودگيءَ ۾ تنهنجي منهنجو نه آهه وارو،
منهنجي سُڃي رهڻ ۾ اوکي نه آهه گهاٽو."

ڪيڏو نه حقيقي چٽ آهي! ان کان ڪير انڪاري ٿيندو ته شاهوڪار جي آسودگيءَ ۾ غريب جو نه حصو آهي ۽ جي گدا سڃو رهيو ته ان ۾ شاهه کي ڪو نقصان آهي، ڇو ته ٻيو ڏکيو ڪجهه نه ڪري سگهي ٿو. پوءِ هڙتالون ڪري يا گهيراوَ!

اڳتي هلي شاهوڪار کي مخاطب ٿي چوي ٿو:-

"لال ٿيو تنهنجو دوشالو ڪنهنجي لهو چاڻ مان؟
خونِ دل ڪنهنجو ٻڪي ٿو تنهنجي ڳل-ڳاڙهاڻ مان؟"

ظاهر آهي ته شاهوڪار جي ڳل جي ڳاڙهاڻ جو سبب آهي غريب جو چوسيل خون. ساڳئي نظم ۾ هو شاهوڪار کي "مفت کائو"، "رت چوس" ۽ خود غرض نه سڏي ٿو. شايد ان ۽ اهڙن ٻين شعرن جي بنياد تي ٿي پروفيسر رام پنجواڻيءَ ١٧ سيپٽمبر ١٩٦٧ جي "هندواسي" ۾ لکيل پنهنجي ليک ۾ چيو هو ته "بيوس" سوشلزم جو سهاڪ هو ۽ ڪميونزم جو حامي هو. ساڳئي نظم ۾ اڳتي هلي بيوس چوي ٿو:-

"جنهن وڌيو ڌن، مال، رتبو، شان شاهوڪار جو،
تنهن وڌيو دنيا ۾ باعث زار جي آزار جو."

ڪيتري نه حقيقت آهي ان گفتي ۾! اهي ايءَ ڳالهه چوڻ وڌاءُ نه ٿيندو ته "بيوس" پهريون سنڌي شاعر هو، جنهن روس جي "زار" جو سنڌي شعر ۾ هڪ قاهر (قهري) ۽ ظالم طور علامتي استعمال ڪيو. ان مان هڪ ٻي ڳالهه ٿي نه

بيوس جي شعر ۾ حقيقت نگاري

واسديو "نرمل"

ڪشنچند تيرٿداس کتري، جنهن پنهنجو تخلص "بيوس" رکيو، انهي شعر ۾ رهسيه واد ۽ آدرشواد ته آهي ئي، پر سندس شعر ۾ يٿارٿ واد به ڪافي نمايان آهي. هن جي ڪيترن ئي شعرن ۾ حقيقت نگاري سج جيان عيان آهي.

"بيوس" جنهن دور ۾ شعر چوڻ شروع ڪيو، ان دور جي سنڌي شاعرن تي عربي، فارسي ۽ اُردو شعر جو ڪافي اثر هو ۽ سنڌي شعر ۾ ان دور جي ماحول ڏي جان لسان گهٽ توجه ڏنو ويندو هو. انهي سرڳواسي سڳڻ آهوجا جو شعر ياد ٿو اچيم:-

فنِ شعر ڪيل قيد هو، لفظين جي لبن ۾،
صوفين جي سماگم ۽ اميرن جي گهرن ۾،
"بيوس" ئي اچي تنهن کي هو آزاد ڪرايو،
جنتا جي گهُرن - گهرج جو اظهار بنايو.

انڪري ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته "بيوس"، هاري، پورهيت، مزورڻ، شاهوڪار وغيره موضوعن تي شعر لکي، حقيقي زندگيءَ جا چِٽر چٽيي، سنڌي شعر ۾ هڪ قسم جي نئين جاڳرتا آندي ۽ اهڙيءَ طرح جديد سنڌي شاعريءَ لاءِ هڪ نئين راهه کولي، جيڪا آهي حقيقت نگاريءَ جي راهه..

ان دور ۾ سرمايدار، زميندار، وڏيرا وغيره مسڪينن، مزورن، هارين ۽ پورهيتن تي جيڪي ظلم ۽ ستم

”اوڻ پهڙ ٻيڙين تي رسن جا ۽ تاڪين تي نڪر،
تي حمالي بار پوڻ لاءِ رهن نت منتظر،
ڪارخانن ۾ وڃائين صبر سان پنهنجو پگهر،
سهن شڪتيءَ تي مگر هرگز نه تنهنجو آئو اثر!“

۽ مزورن جي سهن شڪتيءَ کي داد ڏيندي، مسدس اي داغ حسن جي ثنا ۾ جي ٻه مصرعون چيون اٿائين، ان مان مزور طبقي جو پنهنجي سوڀان ۽ عزت کي محفوظ رکڻ جي اي جوڙ شڪتي جرڪي رهي آهي. چوي ٿو:-

”حسن جي حالت ۾ پڻجين بد نگاهن جو نشان،
ها رکين بيداغ داڻ عرش جي عصمت سمان.“

پنهنجي نظم ”هاءِ هاري!“ ۾ ته هاريءَ جو هوبهو چٽر چٽيو اٿائين. چوي ٿو:-

”نهنجي اصوار منجهان قوم جو کنياءُ بکي،
نهنجي فرياد مان بيداد جو ورتاءُ بکي،
نهنجي بدحال منجهان عام جو ابداءُ بکي،
مات نهنجيءَ مان غضبناڪ تو غوغاءُ بکي،
جان جند پنهنجي جفائن ۾ پگهاري ڳاري،
نه ته دلاور تي اڃان دل نه تو هاري، هاري!“

اڳتي هلي، هاريءَ جي افسوس ناڪ حالت جو هيئن ٿو ورڻن ڪري:-

”تو ڏٺا پوکي گهٽا، پر نه کنيان قوت ڪٽا،
جي رڙا ها نه رجهڻ جا، سي چپيا سخت چٽا،
نهنجي ڳنڍڻن ۾ گهڙڻ لاءِ گهٽائي ها گهٽا،
مال ڪاڇي ويو، رهيا باقي تهن جا ڪي ڪٽا!“

۽ جڏهن چوي ٿو:-

روشني پوي ٿي ته "ٽيگور" روس جي "آڪٽوبر انقلاب" ۽ "سوشلزم" جي اصولن کان به واقف هو. ان ڏس ۾ سندس هيٺيون شعر مثال طور پيش ڪري ٿو سگهجي:-

"پنهنجي شاهي محل مان گهٽ جي ڪنڊن هڪ ڪوٺڙي،
اي اڇي مون جهڙي لاءِ پوندي نهي سا جهوپڙي!"

ڪاش، اڄ جا سرمائيدار، "ٽيگور" جي ان سمجهاڻ جي پيروي ڪن!

"ٽيگور" پنهنجي شعر ۾ پورهيت طبقي جا چٽر خوبيءَ سان چٽيا آهن. پنهنجي شعر "پورهيت" ۾ اڃا هيئن ٿو چوي:-

"زرُ زراعت مان اُپائي، پاڻ ٿو اي زرُ رهين،
اي گرهه بيگر وَهين ۽ اي سمر، اي گهر رهين."

ڪيتري نه سچائي آهي ان شعر ۾! ڪهڙي حساس-دل شاعر کي پورهيت جي ان سقيم حالت تي قياس نه ايندو؟ تڏهن "ٽيگور" پورهيت کي مشرقي لوڙي مٿراءِ واءِ سواءِ سڏائيندي چوي ٿو:-

"أتي آئي جاڳو نظر سان ڏر اصيبن تي نظر
جا بجا پورب پڇم ۾ آهه پورهيت جي پڪار!"

۽ پوءِ سندس صبر کي للڪاريندي پڇي ٿو ته ڪيسين تائين انهن ظلم جي گهاڻي ۾ پيڙهبو رهندين؟

"مالڪاڻي چيڙي ۾ پيڙجڻ ڪيسين روا؟
پنهنجي دل جي پيڙ اندر پيڙجڻ ڪيسين روا؟"

نظم "مزور" ۾ ٻار پوئيندڙ حالتن، رستي تي پٿر پوئيندڙ مزور، نڪر ناڪيندڙ مزور ۽ ڪارخانن ۾ خون پسينو هڪ ڪندڙ مزور جو ڏسو ته ڪيئن نه ڇٽيءَ چٽر پيش ڪري ٿو:-

خوش نصيب آهن، ڇوته ڪيترائي غريب آهن جن کي رهڻ لاءِ جهوپڙي به ڪانه هوندي آهي. ۽ اهڙو غريب ولهه، با رسات ۾ ڪيئن گذاريندو هوندو، ان جو ويچار ايندي ئي لڱ ڪانڊارجيو وڃن ۽ جڏهن "بيوس" ڀڳهڙي گهر ۾ مزي سان سوڙ ويڙهي سمهندڙ کي عرض ڪري ٿو:-

سخت ولهه برسات ۾، ڪڏهن رات سوڙن مان اٿي،
ڏس ته ٻاهر بي اجهن لاءِ ولڙ ڇا ڇا ٿو وهي!"

تڏهن دل پرجهو اچي. ۽ اهڙن لکين بلڪ ڪروڙن انسان جون بنيادي ضروري گهرجون نه پوريون ڪونه ٿينديون آهن ۽ اهوئي سبب آهي جو "بيوس" جي هڪ شعر ۾ "غريب" هيئن ٿو چوي:-

"دم بدم محتاج آهيان، ٿيو گهرجن جا سهان،
عمر پوري ٿي اچي، خواهش مگر پوري نه ٿي."

غريب ته ڇڏيو، پر وچولي طبقي جي ماڻهوءَ لاءِ به جيئڻ اڄ پيٽ پالڻ مشڪل آهي، ليڪن "بيوس" جي زماني ۾ به مشڪل هو. تڏهن ته چوي ٿو:-

"گهر جي گهاٽي مٿان ٿي ٻڙ ٻڙان ٻڙجي،
ٿيو وچولي شخص لاءِ اڄ پيٽ پالڻ ۾ عذاب!"

"بيوس" جي شعر ۾ حقيقت-نگاري جان کان سرس آهي. ۽ انڪري سندس شعر فني ڪمين بيشين جي باوجود هڪ اتهاسڪ اهميت رکي ٿو، جنهن لاءِ سنڌي ساهت سندس ٿورائتو رهندو.

"جنهنجي رحم ساڻ رهيو، هون سان پنهنجي ٿو حريف،
هاء، اي قوت رهي پاڻ، سو هنري ۽ حريف!"

انڌن هر حُساس دل انسان جي هاريءَ سان همدردي ٿيو وڃي! جنهن پنهنجو خون پسينو هڪ ڪري هر ڪيڙاو، لاءِ ڇٽيا، رهج ڏنو، اپو اونڌو ٿي رولين ۾ ڇپله ڇڏي ڪئي، پير پاٽيءَ ۾ نپايا، اهو- اَن اپائيندڙ هاري- پاڻ بکيو رهي- ان کان وڌيڪ قياس جوڳي حالت ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

"پوس" جي غريبن سان همدردي، "جهوپڙي" ۾ لکيل سندس مشهور معروف نظم مان پڌرائي عيان آهي. ان نظم ۾ ور ور ڪري جيڪا مصرع دهرائي اٿئين، ان ۾ جيڪو درد سمايل آهي، اهو هڪ درد شناس انسان ئي ڄاڻي سگهي ٿو. چوي ٿو:-

"اَلا جهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي!"

ان غريبن جي جهوپڙيءَ جو کهڙو نه حقيقي نمونو ورڻن ٿو ڪري!

"سج چنڊ واجهه ٿو وجهي، جنهنجي ونين منجهان،
ٿرڪيو اچن ٿا ترورا ٿارن کٽين منجهان،
پٽڪا ڪندي پڇي هوا جنهنجي پٽين منجهان،
چٽڪار مينهن ٿو ڪري ڇٽڪي ڇتين منجهان!"

اها جهوپڙي- جنهن ۾ زر جو غرور نه ڪهڙي سگهي، جتي چنڊ جي چوچڙي نٿي جلائي سگهي، جيڪا بنا ڪلف ۽ ڪڙي جي محفوظ ٿي رهي سگهي، "جنهن ۾ مزو مٺي پوپٽي جو ٿار ئي". ان غريبن جي جهوپڙي جو، جنهن نمونو ئي پيرا لفظن ۾ وٺهي ورڻن ڪيو اٿائين، اهو لاشڪ لاثاني آهي.

پر انهن پراڻن پکن مان جڙيل جهوپڙن ۾ رهندڙ غريب نه

پنجاب وانگر سرسبز ٿيو ۽ سنسڪرتيءَ جي وڪاس ۾ به قدم وڌايو. سنڌي ٻولي سنسڪرت جي وڏي ڌيءَ آهي. جنهنجو وڪاس سياڻپ ڪرائڻ سان ٿيو آهي. وديشي شاسڪن ۽ ٻين کان "سنڌي" مڪت رهي آهي. ليڪن سنڌي فارسي دور ۾ عوامي ٻولي جو درجو حاصل ڪرڻ ۾ قاصر رهي. ان جهنگل مان سنڌي ٻولي کي بيوس لباس ڏياري. مادام "سنڌي ڪوتا" کي اٿاريو.

بيوس ۾ اڏام جو مادو لامحدود هو. سنڌي ڪوتا کي لوڪپريه بڻائڻ جو شرف ان مسڪين ماستر کي رهندو. هن پنهنجي ڪوتا ۾ شخصي آزمودن ۽ تلخ زندگيءَ جي ترجماني ڪندي غربت جي ڪهاڻي آلاپي آهي. ۽ غريبيءَ کي گناهن جو ڪارڻ ٻڌايو آهي ۽ سڄي سماج يا نئين سماج لاءِ هڪ للڪار ۽ سراپ ڪري ڏيکاريو آهي. گل و بلبل، حسن و عشق جي استعاريڪ ۽ هوائي ۽ مدت خارج موضوعات کي الانگهي ڏيهي ساٿينءَ جي صفت جو قدرت جي سونهن جي ورڻن دوران اظهار ڪيو آهي. ساهت ۾ ٻارن ڏانهن اڪثر لاپرواهي ڏيکاري ويئي آهي. بيوس ساٿينءَ ٻارن لاءِ سرل ٻولي ۾ سندر ڪوتائون رچي "ٻال ساهت" کي ڪرانتيڪاري روپ-رنگ ڏنو ۽ ميدان تيار ڪيو. "شيرين شعر" جديد سنڌي ڪاويه جو شاهڪار ڪري ياد ڪيو ويندو. راقم الحروف جي جيون تي "شيرين شعر" گهاٽو اثر ڪيو ۽ حب الوطنيءَ جو جذبو پيدا ڪيو. مثال طور:

"عقل آزادگي اقبال ۽ آسودگي عزت
الي ٿي ٻيو پائيندا سڀئي جت ملڪ لئه محبت"

ٻئي هنڌ چيل آهي:

ٻيوس ۽ ڀارتيندو

ٿهلرام "آزاد"

جديد هندي ساهت جو ابو ڀارتيندو هرشچندر نه رڳو هندي ساهت پريمي ۽ ساهتيڪارن لاءِ هڪ آدرشي اديبن ۽ ادب نواز طبقي لاءِ پريرڻا جو سر چشمو رهيو آهي ۽ رهندو ايندو، منهنجي وچار ۾ جديد سنڌي ادب ۽ انهي شاخ "شاعريءَ" تي ٻيوس جي ڇاپ گهري آهي. ڀارتيندو هڪ پرش هو ڇاڪاڻ ته هو ٻهومکي ڪلاڪار هو. ٻيوس ٻهومکي فنڪار نه هوندي به سنڌي شاعريءَ کي نئون موڙ ڏنو ۽ شاهه، سچل، سرمست ۽ ساميءَ کانپوءِ سنڌيءَ ۾ سڀ کان مقبول ٿيو ۽ ان ريت هو جديد سنڌي شاعريءَ جو باني ٿيو. ان چوڻ ۾ مبالغو ڪونه ٿو سمجهان.

شاعري پيغمبري آهي، اهو ٻنهي مهان ڪلاڪارن جي ساهتيڪ امرت وڪا مان ثابت ٿئي ٿو. "ذات ناهي ذات تي، جيڪو وهي سو لهي." هي شاعراڻو واڪيه ٻنهين هڪ جي امر ڪوي ٻيوس سان بخوبي ٺهڪي ٿو. ٻيوس شاعر جي روپ ۾ آيو. ڀارتيندو کان صرف اٽڪل ٻٽيهن سالن کانپوءِ ٻيوس منظر ۾ آيو. ٻيوس هڪ رواجي پرائمري ماستر هو، جنهن کي ماستر ڪشنچند کٽريءَ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. ٻيوس سندس تخلص آهي. اهو سنجوڳ چئجي جو ٻيوس سنڌ سونهاريءَ جي ان ڪيندر ۾ جنم ورتو، جنهن "پارلي سيتا" جو مرڪز "موهن جو دڙو" آهي. "موهن جي دڙي" جي کوٽائي ۽ سکر بئراج جي اڏاڻ سان سنڌ

تنهن شاگردن ڪاوڙ ۽ سنگيت جي ڪيتر ۾ پنهنجي استاد ٽيوس جي پرمپرا کي اڀاريو آهي. تنهن ڪلاڪارن هڪ سُر ۽ هڪ آواز ۾ ٽيوس کي پنهنجو اُستاد تسليم ڪيو آهي. ٽيوس جي ان ڪان وڏ هڪ ٻي ڪهڙي ڪمال حاصلات ٿي سگهي ٿي؟ هري 'دلگير' "ڪوڙ" ۽ "ٻهوڻ" رچي گروءَ جو نالو روشن ڪيو. هولدراج 'دکايل' "سنگيت قول" رچي ٽيوس سالن کي ارپڻ ڪري ايشور ڀڳتي ۽ ديش ڀڳتيءَ جو ناد وڄايو. پروفيسر رام ڀجواڻي سنڌيت جي چيڪا ارمل گنگا وهائي آهي ان ۾ وڏو هٿ "ٽيوس" جي آشيرواد ۽ رهبريءَ جو آهي. ٽيوس جي درياه دلي ۽ مانوتا پريم جو درشن سمايل آهي ٽيوس جي رچنائن ۾. اهڙو سنگره ظاهر ڪري تنهن شاگردن گويا گرو دکشنا جو فرض ادا ڪيو.

ڀارتيندو صرف پنجٽيهه ورهيه زنده رهيو. ليڪن ان مختصر جيون ڀاڱا ۾ هن سرسوتي پتر انيڪ هڪ سؤ چاليهه ڪتاب لکيا. ڪويتا، ناٽڪ، اتهاس، ڪهاڻي، مضمون، آلوچنا (ادبي تنقيد) ۽ ترجما. مطلب ته ادب جي هر هڪ شاخ تي ڪامياب طبع آزمائي ڪئي. انهي طرف ٽيوس سالن صرف ڪاوي ڪيتر ۾ ئي پاڻ موکيو. هڪ فرق اهو سمجهڻ گهرجي ته شاعر يعني نظم رچيندڙ نثر نويس به ٿي سگهي ٿو، ليڪن نثر نويس مشڪل سان نظم نگار ٿي سگهي ٿو. ڀارتيندو ۽ ٽيوس بنيادي طور "شاعر" هئا. ڀارتيندو-يگ کان اڳ هندي ادب ۾ نظم يا ڪاوي جو ئي دٻدٻو رهيو آهي. نثر انگريزي اَدب جي ديڻ آهي. ڀارتيندو اهو گهٽتائي ۾ گهٽ اپيوگ ڪيو. ڀارتيندو وڏو وَڙ ڪيو جو سنسڪرت جا اوچ ڪوتيءَ جا ڪاوي. ناٽڪ سرل هندي نثر ۾ رچيا. طنز ۾ ته ڀارتيندو کي ڪمال حاصل هو. 'اندير نگري چوپٽ راجا'

"اهي مائر ٻلي مرڪن جي ٻارن ۾ لولي ڏين
۽ صدقي ديش تان تن من ڪري جهڙي ٿا اِي خدمت"

گانڌي ڀڳت ۽ آزاديءَ جي آندولن ۾ جن سنڌين ڀاڳ ورتو، انهن کي پرارٿنا بيوس جي مٺين ڪوتائن مان ملي. اسڪولن ۾ درسي ڪتاب طور "شيرين شعر" سنڌ جي سڀني مدرسن ۾ پاڙهيو ويندو هو. پرارٿنا لاءِ گيت ۽ بيوس جي "شيرين شعر" مان سرڪاري طور منتخب ٿيل هو.

"اساڻي حال تي هردم، سڀاجها ٻاجهه ڀينهجي ڪر
ڀلارا ڀال ڀينهجي سان اساڻو ڀانڊ ڀالهو ڀر"

جهڙي سنگيت مٺي، سهڪ، سلوڻي ۽ سرل سنڌي صرف "بيوس" جي شعر ۾ ٿي ملندي. بيوس جي ٻين شاهڪارن ۾ "گنگا جون لهرون" قابل ذڪر آهي.

بيوس آستڪ ۽ هو ۽ سچو سماجوادي ۽ هو. جهونپڙيءَ ۾ دريدر نارائڻ جو هن درشن ڪرايو. بيوس شاعري يا ڪاوِ جي ڪلاپڪش جي لحاظ کان اوچ ڪوٽيءَ جو ڪوي ڪري ٿا ٿي ميڙيو وڃي. ڪڏاچت بيوس رواتي سنڌي ڇندن کي ۽ فارسي ڇند-روپ سان جوڙي ڇڏيو هجي. ليڪن ورهين گذرڻ کانپوءِ ۽ بيوس جو شعر سدابهار، تازگي ۽ نواڻ جي سرهاڻ سان ڀڪندڙ، تخليقي قوتن سان مالامال، سلاست جو ڀنڊار ۽ مخصوص ٿيو لڳندو. هنجو هرهڪ شعر سنگيت مٺ آهي. شاهه، سچل، سرمست ۽ ساميءَ جي ٿريوڻيءَ جي ڪوالن جي ۽ وڏي ۾ وڏي خوبي اها آهي جو اهي سڀ سنگيت جي سر، لئه ۽ تال سان رچيل آهن. بيوس حاذق حڪيم هو يا نه، ليڪن هو ڪامل استاد لاشڪ هو. سنڌي ساهت کي "بيوس ڪاوِ" کان وڏيڪ ورثي ۾ بيوس ڏنا ڀينهجا ٽي رتن: هري دلگير، هوندراج دکايل ۽ رام پنجواڻي.

کي انگريزن جي خلاف قومي ڀاونا پيدا ڪرڻ لاءِ سلسلا ٻوروڪ استعمال ڪيو. ڀارتيندو کان اڳي شرڌر پاٺڪ، للسيداس جي نقش قدمن تي هلي ڀارت ورش کي "ديو روپ" ڏنو. گپت گووند جي طرز تي "ڀارت ائشو" جڙ. جگديش هري جي طرز ۾ ڏنائون. راشٽر ڪوي مٿلي شرڻ گپت ۾ "ڀارت ڀارتي" ۾ پراچين ڀارت، جديد ڀارت ۽ ڀاوي ڀارت جي ورڻن سان "راشٽريه ڪويتا" جو انوکو سنگم پيش ڪيو آهي. ليڪن انهو شري گڻيش ٿيو ڀارتيندو هريشچندر جي راشٽريه ڪويتائن ڏنائون. ڀارتيندو "ڀارت جنني" ۽ "ڀارت-درد شا" ڪاويه ناٽڪن ۾ ڀارت جي درد شا ۽ ودروهه جي ڀاونا جو پردرشن هن ريت ڪيو آهي:-

رووهو سب ملڪي آوهو ڀارت ڀائي
ها ها! ڀارت درد شا نه ديکي جائي!

ڀارتيندو کان متاثر ٿي مٿلي ٻابو ڀارتواسين جي وطن کي ڇهنبڙي ڀالي هٿي:

"جسڪو نه نج ڳورو تٿا نج ديش ڪا ايمان هئہ،
وہ نر نهين، نر پشو نرا هئہ اور مرتڪ سمان هئہ."

ڀارتيندو جي ديش پريم جي ڪائن ستياگرهي ويرن جي قومي گيتن ۽ ترانن لاءِ ڏِشا تيار ڪئي، جنهن ڏنائن ستياگرهين کي اتساهه ۽ آشا جو سنديش ۽ تياڳ ۽ اهنسا جي سکيا ڏني وئي. ماکن لال چترويدي (ڀارتي آتما)، گيا پرساد "شکل" (ترشول)، بسمل، ماڌو شکل، نوين شرما "اگر"، رام نريش ترپاٺي- ان اسڪول جا شاگرد هئا- ڀارتيندو اسڪول جا.

جنهن نيوس جي حب الوطني جي جذبي کي دکاهل

ٽانڪ اهو سونهري مثال آهي. سماج ۽ شاسن جي ترانن ۽
ڪرسمن تي لٽين انداز ۾ چوٽ هڻڻ جو هنر پارليمنٽ جي
ساهت جي خوبي هئي.

هندي ڀاشا سنڌي ڀاشا جي برعڪس هڪ ودروهي ڀاشا
رهي آهي. ان ودروهه يا بغاوت جو روپ صرف ترقي پسند ئي
نه بلڪ دقيانوسي به رهيو آهي. پارليمنٽ هندي ڀاشا کي
پنهنجي ساهتڪ رچنائن دوارا نئون ۽ سياوتڪ جامو پهرايو.
سول ۽ سرس بڻايو. ان پرمپرا کي شري مهاوير پرساد دويدي
۽ منشي پريمچند خوب نڀايو. هڪ نظر ۾، اُهي ٽئي ۾:
پارليمنٽ - يگ وانگر دويدي - يگ ۽ پريمچند - يگ هندي
ساهت ۾ قائم ٿيا. ليڪن سنڌي ادب ۾ ديوس کانپوءِ اهڙو
دؤر ڪوانه ڏٺو. ان ڪري سنڌي ڪاوِيه جي جديد دؤر جو
مکيه باني ديوس کي سمجهڻ گهرجي.

پارليمنٽ ۽ ديوس پنهنجي ساهتڪ رچنائن دوارا
سانسڪرتڪ نؤجاڳرڻ ۾ وڏو پارٽ ادا ڪيو آهي ۽ يوگدان
ڪيو آهي. گهري سوجهه ٻوجهه، هردي جي وشالتا ۽ اداريا،
بيدارڪ ذهنيت هندي ۽ سنڌي ساهت ۾ سون تي سهاڳو ڪيو
آهي. ديوس جهان پارليمنٽ جو نه ڪلاپکش چاهي اوچ ڪوٽيءَ
تي نه پهتو هجي ليڪن هن جي پرتال ڀاو پکش ۽ ڦهلاءُ السا
ڦوڪيو: هندي ڀاشا جي ودروهي روپ سڌمت تي سماجڪ،
سانسڪرتڪ ۽ عوامي هلچل جو روپ ڌارڻ ڪيو. اسانجي
ديش ۾ قوميت تي ڌارمڪ اثر پرڀال آهي. ڌارمڪ پرڀاو
قوميت جي هلچل کي ڌڪ به هنيو آهي، رڪاوٽون به پيدا
ڪيون آهن، ليڪن دوراندش راجنيتي اڳوان لوڪمانيه تلڪ
جهڙن ڌارمڪ ۽ سانسڪرتڪ پرمپرائن کي راشٽريه سروپ ڏئي
راشٽريه ايڪتا ۾ اهم ڀومڪا نڀائي آهي. جهڙن "گڻپتي اتسو"

اوستا ۾ ورهاڱي جو شڪار ٿيو ۽ جڏهن سال ديش آزاد ٿيو، ١٩٤٧ ۾ ئي پرلوڪ پڌاريو. ڀارتيندو ١٨٨٥ ۾ سرڳواس ٿيو هو.

ڀارتي سنسڪرتي ۽ اتهاس ۾ ٻنارس ۽ لاڙڪاڻي کي نرالي اهميت آهي. ٻئي ساهت، ڪلا ۽ سنسڪرتي ۽ پراچين سڀيتا جي عظمت جا ڪيندر رهيا آهن. ڀارتيندو جو ڪرم کيتر ٻنارس هو ۽ بيوس جو لاڙڪاڻو.

ڀارتيندو جي پهرين مکيه رچنا ”پريم جوڳني“ (١٨٧٥ ۾) شايع ٿي. براهمڻ هوندي به ڀارتيندو جا وچار اڳتي پسند هئا ۽ اهو وڏو ورثو کيس پتا کان مليو جو صرف ٣٧ سالن جي اسولڙي جوانيءَ ۾ پرلوڪ پڌاريو. هو اوچ ڪوٽيءَ جو ناٽڪ نويس هو. هنديءَ جو پهريون شڌ ناٽڪ ”نهوش“ هريشچندر جي پتا گرڌر گوپال لکيو هو.

١٥ ورهين جي اوستا ۾ ئي ساهت سرجڻ سان گڏ ڀارتيندو سماج سيوا ۾ به لڳل رهيو. ڀارتيندو ”اخبارنويس“ به هو. ڪهڙو نه نرموهي هو! لکي ٿو:-

”موهي نه ڌن ڪي سوچ ڀاڳ بس هوت جات ڌن
پئي پرڌن سو ديس لئه هوت ٻهو دکي من.“

ڀارتيندو جي مختصر جيون ۾ مکيه رچنائن ۾ ”مدرا راڪشس“، ”ستيه هريشچندر“، ”وديا سندر“، ”اندير نگري“، ”ستي پرتاپ“، ”چندراولي“، ”ماڌري“، ”ڀارت دردشا“، ”ڀارت جنني“ قابل ذڪر آهن. ولڀ-سمپرداءِ جهڙي ڪٽرپنٿ سان سنبنڌ رکندي به ڀارتيندو جو جيون-آدرش هو ”پريم“.

ڀارتيندو کي انهن شرڌانجلي ۾ ”رسڪ شرومڻي“ چيو ويو هو. ليڪن دريتا ۽ ارادي جي پختگي هنجو خاص گڻ هو. بيوس سائينءَ جي جيون ۾ ڀارتيندو جي هنين گڻن جو درشن

سنگيت- لوڪ سنگيت سان سنواريو—

”اڃا ٻي جي اچڻ کان تون ڪندين انڪار آزادي
نه ڏسندين نوجوان جون سيون ڏڙ ڌار آزادي“

پارليندو ۽ ٻيوس، مهان ڪلاڪار هئا. انڪري نه نه ڪين دنيا جون نعمتون ميسر هيون. ان لحاظ کان هو آرٿڪ بدحالي جا مجسم هئا. ليڪن هو نمرتا جي کاڻ هئا. پارليندو ڏ هڪ شعر ۾ ”جديد هندي ساهتيه جو جنم داتا“ مڃيو ويو آهي ۽ وڏن وڏوان هن جي جيون سنبنڌي وڏا پستڪ لکيا آهن. ليڪن ٻيوس کي اڃا اهڙو سؤڀاڳيه حاصل ڪونه ٿيو آهي. ممڪن آهي هي ٿي سيمينار ان ڏس ۾ پهل ڪري.

ٻنهي ڪلاڪارن زندگيءَ سان نباهيندي ڀارتي درشن جي مول سدانت اوسار جيون ۽ ان سان سنبنڌ رکندڙ پدارٿن کي فاني سمجهيو آهي. آتما کي امر مڃيو آهي. انسان جو ڌيان به ان پهلو ڏانهن وڃڻ جڳائي. ڪوي ۽ ڪلاڪار جي رچنا ۾ هن جي آتما جو نواس رهي ٿو. ان ڪري ٻنهي فنڪارن کي دنيوي پدارٿن ۽ گهٽنائن جي چنتا ڪانه رهي. جيتوڻيڪ دنيوي فرض کان هنن منهن ڪونه موڙيو.

”شاعري پيغمبري آهي.“ ان واڪيه ۾ سچائي آهي. ڪوي يا ڪلاڪار جي نجي جيون ۽ سڀاو جو هن جي ڪلا يا رچنا سان خاص ميل نٿو ٿئي. والميڪ ڌاڙيل هو، ڪاليداس خشڪ ۽ مورک هو، تلسيداس اناٿ هو. ليڪن صدين پڄاڻا به هنن جا مهاڪاويه اڄ به ڀارتي سنسڪرتيءَ جو خزانو آهن. پارليندو براهمڻ هو- غريب براهمڻ ۽ ٻيوس معمولي ماستر. ٻنهي جو جيون سنگهرش جي دل ڏاريندڙ ڪهاڻي آهي- دک ۽ درد ڀريو داستان. پارليندو قوت جوانيءَ ۾ راه رهاڻي وٺي، ٻوڙن کي آسهاء ڪري ويو ۽ ٻيوس رنانرد

ٻيوس، نئين يگ جو نرماتا

ليکراج "عزيز"

"بيوس" جو نالو جڳ ۾، هيڪ امر رهندو،
جيڪو به شعر پڙهندو، بيوس ٿي پوندو.

سنڌي شاعرن ۾ شري بيوس جو نالو امر آهي ۽ امر رهندو. ڪي ان ڪري ته بيوس جا شعر بيوسي ۽ لاچاريءَ سان ڀريل آهن، ڪي ان ڪري ته "بيوس" سنڌي قوم کي ڪي نوان خيال ڏنا آهن؛ ڪي ان ڪري ته "بيوس" پرماتما جي رنگ ۾ رڱي، اِي خوديءَ ۾ اچي، محبوب جي ديدار جا چٽ چٽيا آهن؛ ڪي ان ڪري ته "بيوس" جا شعر انوپراس النڪار يا تجنيس حرفيءَ جي تاثير ڪري پڙهندڙن جي دلين کي ڌوڏيندڙ آهن؛ پر ان ڪري ته "بيوس" نئين يگ جو نرماتا هو. "بيوس" ڪهنن قصن کي ڇڏي عام-خاص واقعن، شين، ماڻهن ۽ جانورن جو چٽ چٽيو؛ پيار ۽ محبت جي ڳجهن کان پاسيرو ٿي قادر ۽ قدرت جي گوناگون ڪارنامن جو پَٽ کوليو.

بيوس کان اڳ جا سنڌي شاعر- شاهه ڪريم، شاهه ڀٽائي، سچل، سامي، بيدل، بيڪس، دلپت وغيره ٿيا، تن ڪنهن نه ڪنهن اصولي صوفي مت يا ويدانت جو ئي پرچار ڪيو. سڀني جو مقصد هڪ ئي هو. وڪارن کي تياڳي پرماتما ۾ لين ٿيڻ؛ بوند جو ساگر ۾ سمائجڻ؛ روح جو لاهوت يا نروا پد تي پهچڻ.

البت بيوس کان اڳ مرزا قليچ بيگ، سانگي صاحب

ملندو. جهڙوڪ: سڄڻ جو مان، جنتا جو رس مڱ، جيون، مهامتر، آدرش استاد، لوڪ پريه (هردلعزيز)، ڀارت جي ڀهبودي، صرف سنڌ جو سهارو، سنڌي ۽ وشواس پاتر، شاعر معروف.

ڀارتيندو "ڀارت ڀوشڻ" ۽ بيوس "سنڌ جو سرتاج" هو. ڀارتيندو "ٻلبل - هند" ته بيوس "ٻلبل - سنڌ" هو. هڪ هندي ساهت جو رتن ته ٻيو سنڌي أدب جو اي اها مڻيو هو.



ڪي فارسي دان شاعر ٻاڻ کي بيوس جو به گرو سمجهن ٿا. ڇاهي انهن طرز-بيان بيوس جو ئي کنيو ن آهي. اها ڳالهه نرالي آهي ته جي ڪو شاگرد ڪڏهن پنهنجي گروءَ کان به وڌي پد ئي وڃي پهچندو آهي ته انهن ڪوله ڇنبو ته هو پنهنجي گروءَ کان به اڳ جاڻو آهي.

پنهنجي ساراهه جا ٻڌا ٻڪ ٻرڻ يا ٻارن دوستارن کان پنهنجي ساراهه جا گيت ڳارائڻ وارا شاعر هر قوم ۾ آهن. بيوس پنهنجي ٻاڻ ڪٿي به ساراهه نه ڪئي آهي. بيوس سچ پچ جيڪو به شعر چيو آهي، سو بيوسيءَ ۾ چيو آهي. بيوسيءَ کي مان ئي خودي لئو چوان. بيوس جي بيوسي اها هئي ته هلندي چلندي، اٿندي-ويهندي، پڙهندي-لکندي، ڪو شعر جو پد سندس زبان تي اري ئي آيو، پس ان پد جي آڌار تي سڄي شعر جي رچنا ڪرڻ ڪالسواءِ کيس آرام نٿي آيو. هو ان پد جي آڌار تي شعر رچڻ لاءِ بيوس هو. اهوئي ڪارڻ آهي جو بيوس جي هر شعر جي پهرين سٽ لاجواب آهي، الدر جو آواز آهي ۽ باقي شعر زاچڙ جون ڪڙيون.

بيوس جي ان شعر گوئيءَ تي اڄوڪن شاعرن کي پنهنجو پنهنجو راڳ لوڪ اڳيان آلاپڻ لاءِ اتساهت ڪيو آهي. بيوس جي شعر تي دلگير، دکايل، شيام ۽ وفا جهڙا شاعر پيدا ڪيا آهن. بيوس جي شعر جو ساٿو اڄ هر نوجوان شاعر جي قلم کان، سندي ڪولاڏراڻيءَ تي ڇانيل ٿيو پسجي. ان ڪري اهو چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ته بيوس نئين سندي شاعريءَ جي ٻڪ جو نرمالا هو.

ان چوڻيءَ جي سچائي ثابت ڪرڻ لاءِ بيوس جي شعر جا ڪجهه مثال ڏيڻ اجايا نه ٿيندا.

۽ ڪل پنهنجي ڪن شعرن ۾ ان وقت کان ڪنارو ڪري ڪجهه واقع نگاري به ڪئي آهي. پر بيوس والٽ وٽمن جي وقت لئي پنهنجي قلم-آزمائي ڪانه ڪئي آهي. بيوس پنهنجي شعر ۾ فرش کي به جاءِ ڏني آهي ته ڏاڪ کي به، هماليه جو چٽ به چٽيو اٿس ڪاهيءَ جو به؛ ڏاوان سان گڏ غريب کي گڏيو اٿس ته جهوپڙيءَ سان پڻ محل جي ڪئي اٿس؛ عاليشان جهاز جو ذڪر ڪندي، ٻڏندڙ ٻيڙيءَ جو ورڻن به وساريو اٿس؛ وطن جي حب سان گڏ ڌرم کي به پاليو اٿس؛ پرماتما سان گڏ قدرت جا ڪارناما به چٽيت ڪيا اٿس.

بيوس پنهنجي شعر ۾ شاهه، سامي ۽ سچل وانگر گهر ٻار ۽ دنيا کي ڇڏڻ جي صلاح ڪانه ٿو ڏئي. هو دنيا ۾ رهي، دنيا جو ٿي، دل ۾ دنيا کي سرهو ڪرڻ جي پرچار ڏئي ٿو. سنسار کي سپنو نٿو سمجهي پر ان کي حقيقت ڄاڻي، حق ۽ انصاف سان ان پر ورتڻ لئي زور ٿو ڏئي. سندس خيال موجب سنسار ۾ رهي، سنسار کان نيارو رهڻ جي ضرورت نه آهي پر پنهنجي اوچ اعمالن سان ان کي اُجرو رکڻ جي ضرورت آهي.

سچ پچ بيوس جي ان نئين خيال ۽ ڍنگ اڄوڪن سنڌي نوجوان شاعرن کي هڪ نئين روشني ڏني آهي. بيوس کان اڳ فقط ڀڳوان جا ڀڳت ئي شاعر ٿجي ٿي سگهيا پر بيوس جي نئين روشنيءَ ڪيترائي سندس شاگرد پيدا ڪيا آهن جن مان ڪي سچ پچ سندس سنگ ۾ شعرگوئي سکيا آهن ته ڪي سندس شعر پڙهي نون نون وشين تي شعرگوئي ڪرڻ لڳا آهن. صبا، دکايل، هري دلگير، شيام، وفا، رام پنجواڻي پاڻ کي بيوس جا شاگرد چوائڻ ۾ فخر وٺن ٿا ۽

بيوس ٽئين نھيءَ کي راھه ڏيکاري ته شعر ۾ اھڙا پڌرن
ڀي واجب آھن. شعر اندر جو آواز آھي، نه ڪنھن رازي،
واڍي جو ڪم. مثال طور:-

جا آھه جائداد نه ورثي وبال ڪان،
ٿيندي نه زرپار جا، گرويءَ جي خيال ڪان
اولاد نه جنھن کي آھه ڪو، جوکي جنجال ڪان.
("ڪان" "جو" ٺيڪ ڪپي)

وبال، خيال ۽ جنجال لفظن جو قافيو عربي قاعدي سان ڀلي اٽھورو لڳي، پر اردو قاعدي موجب بلڪل پورو آھي. اردوءَ جا ھي شعر ڏسو:-

(١) درد منت کش دوا نه ھوا، مين نه اچها ھوا، برا نه ھوا
(٢) ٽيڙگي ٻڌ ھئي مگر خوب ھئي گيسو کي لئي،
ھئي ڪجي عيب مگر حسن ھئي ابرو کي لئي.

ھنن ٻنھي شعرن ۾ دوا ۽ برا، گيسو ۽ ابرو لفظن جا قافيا غلط چئي نه سگھبا. بيوس ته اھڙا قافيا ٺيڪ سمجھيا آھن. چاھي اھڙا قافيا شعر جي سندرتا ۽ مٺاج کي ڪجھه ماٺو ڪن ٿا.

بيوس صاحب سنڌي شعر ۾ ھندي شعر وانگر انهن لفظن جي سَنڌي ڪري حرف اضافت کي اڏائي ڇڏڻ جي پھل ڪئي. ھن صاحب ڪيترن ئي نون لفظن جي رچنا ڪري سنڌي ٻوليءَ کي مالا-مال ڪيو. عربي فارسيءَ جا غير مروج لفظ سنڌيءَ ۾ پرايوگ ڪري، ھر-وزن جي پورائي ڪرڻ ڪان، بيوس سولا سنڌي لفظ ٻڌڻجي روپ ۾ ڪم آڻڻ کي شرف ڏنو. ان طرح بيوس سنڌي ٻالڪن کي عربي-فارسي ڊڪشنريءَ جو محتاج نه بڻائي، ھر شعر مان نثون رس وٺڻ جي آزادي ڏني.

هيٺيون شعر بيوس جي انوپراس النڪار يا تجنيس حرفيءَ جو هڪ موزون مثال آهي:-

ڇمڪ مٽي، ڇمڪڻ مٽي، ڇمڪون مٽي، ڇمڪن مٽي،
تا ڇون *ڇوڇ-ڇيڇ مٽي، ڇمڪي ڇڳي ڇالاڪ ٿي.

(*ڇمڻ ڇڄڻ واري مٽي)

هن ٻن ٻڌن جو مطلب ڪجهه به هجي پر "ڇ" اکر جو پرايوڳ ڪهڙي نه سندرتا سان ڪيل آهي. اهڙڪن شاعرن جو به شعر جي مطلب سان ڪو واسطو ڪونهي. هنن جو اهوئي عام راڳو آهي ته "شعر آهي سندرتا جو شغل." "ڪوتا، ڪوتا لاءِ آهي." ٻيءَ ول "شاعر جو مطلب سان ڪهڙو واسطو؟" ان مان ظاهر آهي ته هاڻوڪي شاعريءَ جو سنڌيءَ ۾ بنياد بيوس صاحب ئي وڌو.

پورهيت تنهنجو پلڙو ڀاري، تو ڇا ڪاڻ دل هاري!
تنهنجي محنت مزدوريءَ جي، قيمت آ، پڪ ڀاڪاري.

هيٺيءَ جا وروڌي انقلابي، ويچار ظاهر ڪندڙ هي پد نه ڏسو. هڪ پد ۾ پورهيت جو پلڙو ڀاري آهي، جنهنجو قدر وڌندو ٿو وڃي، هن کي دل هارڻ نه کپي. ٻئي پد ۾ هنجي محنت جو قدر ئي ڪونهي، ڪهس رڳو پڪ ۽ ڀاڪاري پلئه پون ٿا. اهوئي آهي انهن ڀڪ جو موزون شعر، جنهن ۾ خيال کهڙا نه هجن، مالا ۾ موتي ڪوڙا ئي هجن پر مٿان سون جو ملمع ضرور چڙهيل هجن، مالا سندر ضرور رهجي.

ان مان ظاهر آهي ته شعر ۾ هڪ ٻئي جا وروڌي، انقلابي ويچار ونڊڻ جو نرمالا به بيوس صاحب ئي هو.

بيوس ئي پهراڙون شاعر هو جنهن پنهنجو شعر عربي علم العروض جي قاعدن سان ٺهڪائيندي به عربي لفظن جي جزم، شد، زبر، زير جو قائدي ۾ ڪو به ٻڌڻ ضروري نه سمجهو.

ٻيوس ۽ پارٽيندو

مسٽر لولارام گدواڻي

اصل نسل ۽ ڪوتا جي ذات:- جڏهن ڀارت جي راجائن ۽ مهاراجائن الوقت جي وائسراءِ لارڊ لٽن ۽ شري هريشچندر جي ساهتيه شيوا جو قدر ڪيو ۽ هن کي ڀڳراهه خطاب مليو "پارٽيندو" ته ٻڌائين عام جي اندر مان آواز آيو، ليکن دلين مان ٻاهمراد ڊيڪو "سائين!" پارٽيندو جا ٻوڙ وڃن دهليءَ مان قرندا اچي ڪاشيءَ ۾ ٻيهڻا ۽ اساڻهي سائينءَ جا وڏا ملتان مان لڪري اچي لاڙڪاڻي ۾ ديرو ڪيائون. پارٽيندو جو پيءُ شري گوپالچند خود پرسڌ ڪوي هئو، جيڪو فقط ٢٧ ورهيه هن پرٿويءَ تي رهيو ۽ ته چاليهه ڪن ڪتاب لکيائين. سائينءَ جو پيءُ شري امرداس آيورويد ۽ يوناني حڪيم هئو. ڀارٽيندو پنهنجي ڪوتا جي ذات پيءُ کان ورثي ۾ ورتي، پر سائينءَ هيءَ ذات ڏاڏائن کٽي آهي. پارٽيندو ٽين ورهين جي ڄمار ۾ ئي ڪويءَ جا گڻ پرگهٽ ڪيا جو هن کي موقعو ميسر هئو، پر سائينءَ جي عمر ڪافي پڪي آهي ته هن ڪوتا رچڻ شروع ڪئي، مگر پنهنجي جوڻ ڪوتائون ١٦-١٧ ورهين جي اوسٿا ۾ ئي عام جي اڳيان آيون ۽ پنهنجي جوڻ جنتا ۾ مقبول ٿي ويون.

صورت، سيرت، ورثو ۽ تعليم:- قدرت ۾ ٻئي هڪ جهڙا، پر پارٽيندو جو مهن الپ وڏڪرو، ٻهڻالي پنهنجي ڪليل. پنهنجي جوڻ اکيون تمام وڏيون ڪين هيون ۽ نڪ سنهڙو سڌو. پنهنجي کي ماڻت نيڻي جهڙي ويا.

وڃو ڏسي مٿرا ۽ گوڪل، اُساهه جمنا جڳ-پتي،
شهر-شيوا ۾ وڃي لڳي، محب مرليڌر ڪٿي؟

هن بند جو مطلب پڙهندڙ مرضيءَ سان ڪو ڪيئن به ڪڍي پر ڪجهه نه ڪجهه، مزو ضرور ماڻيندو. ڇاڪاڻ ته ٻولي بلڪل سرل آهي.

مٿين مثالن مان ظاهر آهي ته ڪوي ٻيوس شعر ۾ گوناگون وشين، نون خيالن، نون لفظن، نئين ٻوليءَ ۽ نئين ڍنگ جو بنياد وڌو، ان ڪري ٻيوس کي ”نئين دؤر جو اڳواڻ“ چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو.

هوا. پورن انسان ۽ مهان آتمائون هوا. انهن شخصن رسڪن جا
پابند هوا، مگر ٻئي ڌارمڪ خيال رکندي به رسمي ڌرم
کي پسند ڪين ڪيو. ٻئي سماجڪ نابرابريءَ جي برخلاف،
غريبن جا همدرد ۽ انهن جي اٽل نيم مچيندي پرشارٿ ۾
وشواس رکندڙ هوا. جهڙي اميرن جا پونڇڪ نه ٿين ان خوشامدڙن
جي ڪل لاهيندي ٻنهي وانر ڪين وڏي آهي. سڌيءَ طرح
راجسيءَ ۾ ٻيو ٻنهي ڪوڙ ورتو، پر دل ۽ دماغ سان هو
آزاديءَ جا اپاسڪ ٿي رهيا. ٻئي سڪندرشي شاعر، سماجواد
جا سمرٿڪ ۽ ڪميونزم جا ڪانگي آهن. ٻئي صحيح معنيٰ
۾ درويش ۽ توڪلي، جنهن مسڪينن لاءِ هٿ ٿو ڪري،
مگر پروهتن جو پاسو ڪٽيندي ڀڳوان ڪان بيزار لٺا ٿي وڃن.
هو انهن کي اماڻن جو مائٽ ۽ اي وسهڻ جو وسيلو ٿا سمجهن.
ڏيکاوَ ڪان ٻئي ڏهه ڪوهه ڏور ڀڄندڙ ۽ واهه واهه ڪان
وڻ ۽ ويندڙ.

پنهنجي خيالن جي پرچار خاطر سنستائون ۽
ڪتائون: ٻنهي مضمون ٿورا لکيا مگر ٻنهي وانگيادي طرح شاعر
۽ ناٽڪ نويس ٿي رهيو. پارليمند به ٻئي ۾ انهن ٿي ڪيو
آهي، پر جنهن ٿن ۾ مذاقي لنڪ رهيو آهي، اوري ٻيوس
۾ گنيرتا آهي. ٻيوس جا ناٽڪ اسٽيج تي آڻڻ لاءِ ٿي ناهيا
ويندا هوا مگر پارليمند جا ٻهران لوڪن جي پڙهڻ خاطر.
ٻيوس انهنڪري سنو ناٽڪ ڪار ۽ هدايتڪار ٿي گذريو،
مگر پارليمند کي اسٽيج جو هنر (*Stage Craft*) ڪهڙو ڪو
هئو. ٻنهي ۾ ڪولا رنگ جي شڪتي تيز رهي. ٻئي ڪڏهن
جي به دل نه ڏکوئيندڙ، قرب ڏيڻ وٺڻ جا ڪوڏيا ۽ ناهوڪڙا
هوا. پارليمند ساٿوري رنگ جو هئو. ٻيوس ”پراپڪار منڊلي“
ٺاهيا ڪئي ۽ پارليمند ”ڪولا ورڌلي سڀا، ٻنگ ڪين

پارليمينڊو اسڪول ۾ انگريزي پڙهيو ۽ جلدئي تعليم ڇڏي
پوءِ ٽرينٽي ڪاليج مان سکيا پرائي ۽ انگريزيءَ
جو اڀياس گهر ۾ وهي ڪيائين. هن جو اشت ڏيو ڪرشن
آهي، ۽ گيتا جا پيروڪار آهن. پارليمينڊو کي مائٽاڻي ملڪيت
جي وراثت ۾، ٽوڙي پنهنجي ناناڻي ملڪيت جي ورثي
۾ ڏوڪڙ مليو، ته به هن جو جنم شاهوڪار گهر ۾ ٿي ٿيو هو.
هن پوءِ ڪجهه وقت مالي تڪليف ڏٺي، پر سائين پوءِ
جي مالي حالت مٿس ڪان ٿي پوري ساري رهي. هن ٿي رضا
ٿي راضي رهڻ وارا هوا جنهن ڪري هن جو هٿ ڪڏهين
ڪين منجهيو. پوءِ ماستريءَ جو ڌنڌو اختيار ڪيو ۽
پارليمينڊو گهر ۾ اسڪول کولي ماستر ٿيو. اسڪول ٻڌا ڪرڻ
سان هو اسڪول جو منيجر ٿي پيو. هن کي ٻارن جي
تعليم ۽ اخلاق جو اونو هوندو هئو. پارليمينڊو کي البت پان
کائڻ جي عادت هئي، ته ته ڪاڏي وسعر ۾ بيٺي سادا، هٿسا
کان نفرت، گهٽ پوچاري ۽ سرهشت چلن. هن هوميو پيٿي
پسند ڪئي ۽ پوءِ ته ماڳهين اهو پچاڙيءَ ۾ پنهنجو
پيشو ڪيو.

سنڌ ن سپاهه ۽ ڪوتاڻن جي ڪيفيت:- هن جي
ڳالهائڻ ۾ مٺاج، فصيح زبان، آڪڙ کان آجا، نهنا، نماڻا ۽
پرام جون موڙليون هوا. سماج سڌاري لاءِ پاڻ پتوڙيائون:
هن هوليءَ لاءِ ڪتاب رچيا. هن ٿي بيدار دماغ ۽ ذهن.
هٿي همدرد ۽ دمساز دوست، آدرش پڻي ۽ پتا ٿي رهيا.
ديش ڀڳت، انقلاب جا اپاسڪ، سرمائيداريءَ جا وروڌي ۽
هر ڪرپال ۽ آزاريل جا همراز ۽ غمگسار. هيءَ ڪاشي ۽ سنڌ
جا ڪوي، زندگيءَ جي هر راهه ۾ ترقيءَ جا باني ۽ ملمع بازيءَ
جي طريقن ڏاڍهن ٻي خوف باغي ۽ اصليت جا اڳرا پوچاري

جو جنم ٿيو ۽ گوپا جو ڪارڻ ڀارتيندو اُتر پرديش اوراضي ۾ ڪيو، اھو ساڳيو سندس ڪٽنب سائين بيوس سنڌ اندر پڌاريو ۽ اھو سلسلو جاري رکيو. بيوس جو ڪٽنب ڀارتيندو کان وڏو ٿيو. ٻنهي جي پاڙيءَ جي بيماري انگھل رھي: ڀارتيندو کي سل جو روڳ، ۽ بيوس کي ڇاتيءَ جو ملو. ڇڱي ڀڙا ڏٺائون، پر صبر سان سھن ڪيائون! "تيرا ڀاڻا، ميٺا لاڳي"، ڪري ڀوڳيائون. ڀارتيندو کي مسافريءَ جو شوق ھوندو ھئو، مگر بيوس ٻاھر گھمڻ لاءِ نڪرڻ پسند ڪين ڪندو ھو. ڀارتيندو جي بيماري اُڌيور جي سفر وڌائي، ۽ بيوس جو روڳ وڌايو ديش جي ورھاڱي. دم ڇڏڻ وقت ڀارتيندو چيو، "شري ڪرشڻ! راڌا ڪرشڻ! اچان ٿو، منھنجو ڏيکار!" ۽ سائين بيوس چيو، "ڇا ڪريان، دل اڙھندي وڃي ٿي. وري عجب ۽ اھو آھي جو جڏھن اوڙي کي کي جھليان ٿو، ھٿ ۾ ھليو ٿو اچي. ائين ڪنارو وڃي ٿو دور پوندو ۽ آءٌ.......!" سائين بيوس سورج سان گڏ اَستَ ٿيو ۽ ڀارتيندو رات جو پوڻين ڏھين ٻجي چولو ڇڏيو، جڏھن ڪ الھي ۾ صبوح جو چيو ھئائين، "منھنجي جيون جي ناٽڪ جو پروگرام ھميشھ لکون ڇپجي رھيو آھي...... ڏسون ۽ لاسٽ نائيٽ ڪڏھن ٿي ٿئي!" پرنس آف ويلس جي ڀارت ۾ اچڻ جي موقع تي ڀارتيندو کي ھڪ خطاب عطا ڪيو ويو ھئو ۽ ۱۹۱۱ع جي دھلي دربار وقت بيوس جي ان موقع لاءِ ٺاھيل ڪويتا برٽش سرڪار جي ھدايت سان سونھري اکرن ۾ آرٽ پيپر تي ڇپائي لنڊن ميوزيم ۾ رکائي وئي.

شاعريءَ ۾ نئين يُگ جا باني:- ٻنهي ۾ خاص ۽ اھم ھڪجھڙائي اھا آھي جو ٻئي ترقي پسند شاعريءَ جا باني آھن: ڀارتيندو ھنديءَ جو ۽ بيوس سنڌيءَ جو. اھا ڳالھ

ايسوسيئيشن، ڊبيٽنگ ڪلب“ وغيره اسٿاپن ڪيائون. پارليند و
سالڪ رچيا، ۽ خود ٺهيو، مگر بيوس اهو ڪين ڪيو. پارليند و
”ڪوي وچن سڌا، هرشچندر مئگزين، هرشچندر- چندرڪا،
باليوڌني ۽ نو اُدتا هرشچندر چندرڪا“ اخبارون ڪڍيون، مگر
بيوس ٻهرڪاريءَ جي جهجهٽ ۾ ڪين پيو. ٻهي گڻوان،
ڪلاوان، ودوان ۽ شاعر جو آدرسڪار ڪيو، دان دکين
جي پيڙا دور ڪئي ۽ ٻر انهن سيتي ڪندي، هندکي ڪتابن
پنهنجي سخا، ڪوتا شڪتي آديءَ لي اهڪار ڪين ڪيو.
هو سڀاءَ ۾ ئي نماڻي طبيعت جا هوا. سنسارڪ سک پائڻ لاءِ
هن ڪنهنجي خوشامد ڪرڻ واجب ڪين سمجهي. ايتي
ستيه پريمي هوا، جنهن ورته ڪي هن ٿوڙ ٿالين لباهيو. ٻهي
جو چوڻ آهي ته سماج ڌرم آهي جو ديش ڪال انوسار
سڌاري يا بدلي ٿو سگهجي. ڪيترائون ڳالهيون جيڪي سماج
خلاف مڃڻ ٿيون، مگر ڌرم شاستر ۾ جنجو وڌان آهي، تن
کي ۽ بند ڪرڻ جڳائي. ٻهاڙيءَ جي سمي ۾ بيوس ڪيان باغ
۾ گيتا جي ڪٿا ۽ وياکيا ڪندو هئو، ۽ پارليند و رام ڪٿورا
باغ ۾ ڪندو هئو. هو بنارس انسٽيٽيوٽ، برهما مرلو رشٽي،
ڪاشيراج جي ڌرم سڀا وغيره جو سهائڪ ٿي رهيو.

هنڌجو بن ۽ ٻهاڙي:- پارليند و آنري مئجسٽريٽ ۽
ميونسپل ڪمشنر ٿيو ۽ بيوس سنڌي اسڪول جو هيڊ ماسٽر
ٿي نوڪريءَ ۾ گهڙيو ۽ هيڊ ماسٽر ٿي پينشن تي ويو. ايتي
سنسارڪ ۽ مايا موهه جي جهنجهٽن کان دور، سدائين
سوديش ۽ مالرياشا جي سيوا ۾ مشغول رهيا. پنهنجي ميٺڙي ٻسبت
هنجي ساڌو ورتي هئي، ۽ سڀاڻي جي چنتا ٻنهي من ۾
ڪين رکي. قدرت الاهي جو پارليند و ٦ جنوري ١٨٨٥ع ۾
هيءَ دنيا ڇڏي ۽ ٢٥ فيبروريءَ ١٨٨٥ع تي بيوس

ٻيوس - هڪ مهاڪوي

گوورڌن شرما "گهايل"

ڪوي ٻيوس هڪ مها ڪوي هئو يا نه. ان لاءِ مختلف رايا ٿي سگهن ٿا. بعض اديب پنهنجي جواب ڏيڻ لاءِ يا ڪنهن بعض سبب مڃيءَ مان ڪندا ڪيڻ يا مڪڻ مان وار ڪيڻ هڪ طرف ۽ ٻئي طرف عقيدت ۽ صدق وچان صحتمند تنقيد ڪري ۽ سائين ٻيوس جي شان ۾ گستاخي سمجهڻ جي دقيانوسي ويچارن کي پاسيرو رکي، هڪ ساهتڪ پارکي، هڪ سچا پارک جي حيثيت ۾ مون "شعر-ٻيوس" ۾ خصوصاً انهن ڪمزورين تي ڳالهيون ڏنيون آهن جن جو هيٺ ذڪر ڪندس، جي "ٻيوس" کي ٿين يگ جو ڀائي شاعر، شاعرن جو سرتاج ۽ هڪ مها ڪوي جو ممتاز درجو عطا ڪن ٿيون.

منهنجي ناقص عقل انوسار هڪ مهاڪويءَ ۾ هيٺيون خصوصيتون هجڻ لازمي آهن:

(١) شعر جو ڀاوَ-پکش ٻي نظم ۽ با اثر هجي.
(٢) ڪلام عروض جي قانونن مطابق ۽ چستو ۽ هجي. البت هن نڪتي کي ايتري اهميت نه. آهي جيتري مضمون کي.
(٣) ڪويءَ ساهتڪ کي ڪا ذات ذني هجي، ڪي نوان گهاٽ گهڙيا هجن.
(٤) ڪوي عوام ۾ مقبول هجي.
(٥) ڪلام ستيم شوم ۽ سندرم جي ڪسوٽيءَ تي کرو هجي.
ادب براءِ ادب ۽ ادب براءِ زندگي واري سدانت جي

چٽي ڪرڻ لاءِ مون هيءُ پڇاڙيءَ ۾ آندو آهي. پارليندو
سنسڪرت ۽ هندي ڇندن ۾ اُردو ۽ پارسي عروض آندو ته
افسوس عربي ۽ پارسي نظم کي سنڌي سروپ ڏنو. انهيءَ هروڀرو
مارائن جي مطبع کين ٿيا، پر پنهنجي روائتي ۽ مثاس قائم
رکيائون. انهي روائتي شرنگار رس کي لياڪي ڇڏيو. انهي
پنهنجي شعر ۾ مذڪور خيالن جي اوت اوتان ڪئي آهي،
پر حقيقت اها آهي ته هنن جي شعر مان هرڪو رس وٺي
سگهي ٿو. ان ۾ فصاحت، بلاغت، سلاست ۽ جدت آهي.
انهي کي يگاني اهميت آهي، جو هن ڪوتا ۾ هڪ
نئين ڌارا پيش ڪئي. انهي کي پنهنجي دور جو اڳوان
ڪري ٿو تسليم ڪجي. هن پنهنجن خيالن کي ظاهر ڪرڻ
جو ذريعو نرالو اپنايو. هن لڪير جي پوري تان هلڻ کان انڪار
ڪيو. هو ڪو پنهنجو نئون نمونو ايجاد نٿا ڪن، پر انهن
پراڻين صراحين ۾ هڪ نئون آب ٿا اوتين. هنن جي ڪوتا ۾
اجائي لپاڙ ڪاڻهي ۽ هموارو درشن ڪيئن. انهي ۾ اهميت
۽ نوانئي ڪوتان ڪوٽ پرال آهي. هنن جي شعر ۾ نوٽ
سڌيون تصويرون ڪين آهن. هنن جي شعر ۾ امنگ ۽ آس،
سيتلتا ۽ نرملتا آهي. لفظ لفظ جادوءَ ڀريو. سڀ سارو انهن
جوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪين ٿيندو ته افسوس آهي سنڌ جو
پارليندو ۽ پارليندو آهي ڪاشيءَ جو افسوس. انهي جي
ڪوتائن مان مثال طور ڪي ٽڪرا ڏيئي مان هن مقالي کي
وڏو ڪرڻ نٿو چاهيان!

۽ ڪنهن مان نه چوڪون ڪيڏي پنهنجي طبع کي خوش ڪندا.

(الف) بحر متقارب جي وزن: "فعولن فعولن فعولن فعو"
تي "بيوس" چڱي قلم آزمائي ڪئي آهي:

مثلا: (۱) بسنتي هوا برج ۾ ٿي گهلي
نڙي نار هرڪا گلن سان جُهلي
پرلتو ڪنول گل نه دل جو کلي
اُڇل سان اکين مان ٿو پاڻي ڇُلي

(۲) چڙهي مڪس-مارگ سندي ڪوٽ تي
رسي گيان ۽ ڌيان جي چوٽ تي
اچي ساڌنا يوگ جي اوٽ تي
ڪرئس ڪنڌ پر ڪام جي چوٽ تي

(ب) بحر مضارع مثمن اخرب مڪفوف محذوف جي وزن:
مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن جو هڪ سنڌر مثال ڏسو:

جنهن ۾ غرور زر نه سراسر سکهي گهڙي،
الا! جهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي.

(ت) بحر هزج جي وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن
تي به بيوس صاحب چڱوئي ڪلام رچيو آهي.

مثلا: گلابي رنگ جا پيالا ڏنا نرگس کي ٿي لالا،
ڪڪوريا ليخ مدوالا عجب اظهار اکڙين جو.

ٻيا

ٻڌي مهراڻ موجن جو مٿا آنند مان ڇلڪي،
پرين هن پرام نگريءَ ۾ عجب امرت جي ڌارا ٿو.

(د) بحر رمل سائين بيوس جو پيارو بحر رهيو آهي.
انيڪ نظم هن بحر ۾ چيا اٿس. خاص طرح هن وزن تي:
فاعلاتن فاعلاتن فاعلن. مثلا:

ٻولين اڌ سان مان شامل آهيان. ادب زندگيءَ جو آئينو آهي. مٿي ذڪر ڪيل خاصيتون مون کي بيوس جي شعر ۾ ڏسڻ ۾ آيون آهن، اگر هر هڪ خاصيت جو وستار ڪرڻ وهندس ته هڪ چڱو خاصو ڪتاب ٺهي پوندو ان ڪري هت فقط ڪي ٿورا مثال پيش ڪري اها ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ته بيوس هڪ مهاڪوي هئو.

”بيوس“ نازڪ ويچار ڪهڙي نه سهڻي ڍنگ سان پيش ڪيا آهن:

”سونهن جي سولي مٿين ۾ مرم جو مولي جڙيو
ڪم لڱاڪندار ٿي ويو وصل جي ويچار جو“

ٻيا

ليڪ جن اکين ٻٽائي سي نه اي مقدار ها،
ڏنگهه آئي ليڪ ۾ ڇا ڪان پيا سمجهي ڇڏيو؟

هڪ ٻئي هنڌ چيو اٿس:

ڏاڍو جسم ڏيڻ سان لڱن ڪمر جي وڃائي،
سنسار ۾ سفر ڪان پهرين سر اچي ٿو.

ٻيا

زلف مژگان، ابرو دلبر خود ۽ خود آيا نظر
روشنيءَ سان گرچ ڏسڻو هو رڳو هڪ خال کي

منهنجي خيال موجب بيوس پنهنجي بيوسي اجها هيئن ظاهر ڪئي آهي:

بس پوريءَ ۽ سنئينءَ ۾ ٿوڪ ٿوڪي پاڻ ٿو،
ورنه ”بيوس“ جي سخن ۾ آهه ڇا؟ سمجهي ڇڏيو.

هاڻي اچو ته ڏسون ته بيوس صاحب جو ڪلام علم عروض جي قانون تي آهي يا نه؟ اِهي اها ڳالهه صاف ڪرڻ ٿو چاهيان ته جن کي صرف عيب جوئي ٿي ڪرڻي آهي، سي

ڪيترائي نوان لفظ ٺاهيا. پريت-پوڄارڻ، سک-ٻگري،
ونهن-ديوي وغيره وغيره. ان طرح چئي سگهجي ٿو ته
اعر بيوس نه صرف هڪ مهاڪويءَ جا فرض پيا آڳميدي
پهنجي زماني جي صحيح ترجماني ڪئي پر سنڌي ڪلام
ٻيت ۽ ٻين هندي ماترائن ۾ جوڙي صنف سخن ۾
اضافو به آندو.

بيوس جي لوڪ-پريتا مقبوليت لاءِ گهڻو ڪجهه نه چئي
قط ڪي مثال پيش ڪريان ٿو- اڄ به اهي هر دل ۾
زا آهن:

١) نرمل جوٽي نور نظارا — قدرت وارا
٢) اسانجي حال ۾ هردم سباجها ٻاجهه ٻهڄي ڪر
٣) گرو ديو ٽانڪ سچو پاتشاه
٤) اهي ماڻر پلي مرڪن، جي پاروٽن ۾ لولي ٿين
نه صدقي ديش ٽان ٿن من ڪرڻ جهڙي ته اي خدمت

ٿئين ٻگ جي مهاڪوي "بيوس" جو ڪلام ستيم شوم
سندرم جي ڪسوٽيءَ تي پورو ڪري ثابت ٿيو آهي ان
ڪري سنڌي شعر جي تواريخ ۾ بيوس صاحب جو نالو
پهنجي اڳاٽي جڳهه تي ئي برقرار رهندو. ان ۾ ڪو به شڪ
نه آهي ته (سندس ئي لفظن ۾):

"هڪ صديءَ کان پوءِ به شايد سنڌ ۾ ڪو ڪر ڪٿو،
شعر خوانيءَ لاءِ گهرندو "شعر بيوس" جو ڪتاب."

ڪر دنيا ۾ دل وڏيري تون نه رهه، ماڻ ٻي رهاڻ،
آڻ من ۾ وريءَ ۾ ڦيري تون نه رهه، ماڻ ٻي رهاڻ.

ٻيا

سوهڻي ۾ صورت سڄڻ جي ٿي سراپا نُور ڏٺي،
هرهنڌان مصري مٺيري مون چکي چوڌر ڏٺي.

(ڏ) بحر رمل مضارع مثمن اخرب جي وزن: ”مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن“ تي نه بيوس صاحب ڪلام رچيو آهي.

مثلاً: اي هند جا سهارا ٻڪراج تاج وارا
ڌرتيءَ مٿان وسين ٿو آڪاس سان گسين ٿو

انهن بحرن ۽ وزن کانسواءِ بيوس هيٺين وزن تي نه قلم آزمائي ڪئي آهي:

(١) فاعلاتن فعلاتن فعلن. بحر رمل
(٢) فعلن فعلن فعلن فعلن. بحر متدارڪ مثمن اثلم
(٣) مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن بحر هزج مثمن اخرب

علم عروض جون ٻيون ڪي اهڙيون خوبيون جهڙيون نه صنايع و بدايع (*Figures of Speech*)، صفتون، تجنيس زائد، تنسيق الصفات، تضاد، ايهام، مبالغو، سوال ۽ جواب، تڪرار وغيره جون جهلڪون نه بيوس جي ڪلام ۾ موجود آهن. پر ان کان ڪو نه منڪر نه ٿيندو ته بيوس مٿين مڙني قاعدن حدن ۾ ٻاڻ کي بند رکڻ جي ڪڏهن ڪوشش نه ڪئي. ان لاءِ چيو اٿائين —

نظم مهڙي ڪوٺ ڪوڏان، شعر ٻلتان ٻلت دل،
ڪاغذي گل جا لڳي ۽ جا لڳي ”بيوس“ گلاب.

بيوس سنڌي شاعريءَ کي نئين زمين ڏني، نوان موضوع ڏنا، نئون انداز عطا ڪيو. نوان تجربا ڪيا ۽ نوان پيچرا گهڙيا بيوس صاحب ٻوليءَ کي نه مالامال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

ھوَس دنيا ۾ ڪائي ڏوھ مڃائي نہ سگھيو. ھن صاحب پنھنجي زندگيءَ ۾ ٻہ مھاڀاري لڙائيون ڏٺيون، روس جو انقلاب ڏٺو، ڀارت جي آزاديءَ لاءِ ھلندڙ ھلچل ڏٺي، قوم جي معمارن کي پاڪستان جا جھنڊا جھليندا ڏٺا. رنگ نسل، قوم ۽ مذھب جي قربان گاھن تي رت جون نديون وھنديون ڏٺيون. پر حساس ھوَس، اي حس ھوَس نظر ٿو اچي. نازڪ طبع ھوَس جي دل کي صرف ڪي چھنڊڙيون پيون ٿيون لڳيون. ھڪ طرف مزدور کي ھمت ٿو ڏياري ۽ کيس پنھنجي شڪتيءَ کان واقف ٿو ڪري ۽ گڏو گڏ سرمائيدار کي للڪاري ٿو ۽ اوائط جو چوغو پائي ترقي پسند راھن تي ھلڻ لاءِ خواھشمند ۽ قائل نظر اچي ٿو:

جي رسي مزدور "ھوَس" ڪنھن وڏاري راڄ اي
ھوند ٻھراڻ ٻوڙ اُترا ڪنڌ تي اوڪي چڙي

(شاھوڪار)

۽ ٻئي طرف سندس طبيعت سمجھوتي پرستيءَ ڏانھن مائل ٿي نہ سچي ڏھن چوي ٿو:

"نت رھي اڄ جيت ٿو ننھنجي قناعت جو قلعو
تون گھرجن تي ڪري آسودگي آسوس ٿي"

(مزوري)

مندر جي مھمت جو اپديش پائي جگياسو رضا تي راضي رھي، پنھنجي قناعت جي قلعي ۾ خوش آھي! جنھن پورھيت جو پل پل ڳڻڻ ۾ گذرندو ھوندو، تنھن لاءِ بہ ھوَس کي خاطري آھي تہ:

اڳيو سٺيو، سادو سوڙو، پاڻ پيو جھڪي پٺيو،
رامہ ڏينھن پنھنجي ڳھڻ کي ٿو ڳڻڻ ڳڻيءَ سان ڳٺيو.

(مزوري)

بيوس جي شعر جو جائزو

ڊاڪٽر ارجن ”سڪايل“

اديب ۽ شاعر هن وشال سرشٽيءَ جو انش آهي. هن جو زندگيءَ سان نهن-ماس جهڙو ناتو آهي. ان ڪري کيس ذوق-حسن سان گڏ شوق-عمل جي درڪار آهي. باغي فنڪار ماحول جو محتاج نه آهي. سنسار ۾ جيڪي به نامورا اديب ۽ شاعر ٿيا آهن، انهن وقت جي حالتن سان ٽڪر پئي کاڌو آهي ۽ ناستڪي لامذهبيت ۽ ڪفر جا، ڪرانتيءَ، جنسانيت ۽ بغاوت جا الزام پئي سٺا آهن. هو صاحب زبان ڪٽائڻ لاءِ تيار ٿيا آهن پر زبان بند ڪرڻ کان انڪاري. ڪوي بيوس جي سامهون خيام ۽ حافظ کانسواءِ غالب ۽ حالي، ٽئگور ۽ اقبال، شاهه ۽ سچل جا چارا به هئا ته سندس شاگرد دکايل جي للڪار به، جنهن حق جي پڪار ڪندي قيد ۽ بند جا عذاب سهڻ قبول ٿي ڪيا. بيوس جي اڀياس بعد منهنجي خيال موجب بيوس هڪ صاحب دل شخص هئو. سندس دل ۾ درد ڪوٽان ڪوٽ ڀريل ٿو ڏسجي پر سندس فڪر جي پختگيءَ ۽ جذبات جي تازگيءَ وارا احساس کيس ٽئگور جهڙو، شاهه ۽ سچل جهڙو، خيام ۽ اقبال جهڙو مقام ڏياري نه سگهيا.

سندس ئي لفظن ۾:

”ڪاڻ آڏو نه اٽڪ آهي، جي بيوس نه اڏرن
آهه دنيا ۾ اگر ڏور مڃائڻ جو خيال“

اهڙي بلند خيالي ڏيکاري به اهڙي وس ۽ وسعت وارو

پيل ٿي رهي! ڌرم ۽ مريادا جا آدرش سامهون رکي ڪهڙو ڪري، ڪو چئي، مت-ڀڳو زوردار پيغام ڏئي سگهندو؟ (شايد ڌرم جي معنيٰ ۽ ماستريءَ جو ڌرم رکي محبوب شاعر ٿيو، لڪي ٽلوار جو ٽيلو ڏيکارڻ کان هٻڪيو هجي، البت اشارا ضرور ڪيا اٿس. شايد ماستري ڌرم سنڌس لاءِ ڪي محدود دائرا مقرر ڪيا هجن، جو هو هڪ آدرش اڏيائڪ بڻ هئو.)

بيوس، زمان حال سان ڪي خوشگوار ٿاٿا ضرور جوڙيا هئا ۽ ڪي مستقبل جا اشارا بڻ ڏنا هئا، ان هڪ ٿي بنياد ٿي، هن ڪي پنهنجي دؤر جي صف-اول ۾ اچڻ جو حق حاصل ٿي وڃي ٿو:

"بلبلين سان باغ ۾ اڄ پيو بيداد آ"

هڪڙي زمان حال جي چٽي ۽ تز چترڪاري چئي سگهجي ٿو. پر وري اهي مصرع پڙهي عجب ٿو لڳي (۽ اپريل صدا سرد پئجيو ٿي وڃي) ڏسو، پڙهو ۽ سوچيو:

"ڇا ڪندي تدبير اُس، جت سخت دل صياد آ"

هن پڙهڻ سان ٿي لڳي ٿو ته بيوس کي دنيا جي ظلم-ستم خلاف شڪايت آهي ۽ مظلوم لاءِ همدردي، پر اها همدردي سنڌس من ۾ بغاوت پيدا ڪرڻ بدران ڇهبڙيون ٿي پائي ۽ مجهول مايل نااميديءَ جو اظهار ٿي ڪرائي. ٻئي موضوع جي لحاظ کان بيوس جي رچنائن جي چمڪ سنڌس ان همعصر شاعرن کي بيشڪ ڦڪو ڪرڻ جي قابل آهي. بيوس جو پور هيئت، هاري، مزورڻ، استريءَ، جهوپڙيءَ وغيره کي ياد فرمائڻ ٿي پنهنجي ليکي انهسين جوڳو قدم آهي، تنهنڪري بيوس جي ڪوتا کي قدامت پسند قرار ڏئي سنڌس شاعريءَ ٿي ڇوٽ لڳائڻ مناسب نه ٿيندو.

حاليءَ جي هن اصولي شاعر مظلومن کي لولي ڏيئي سمهاريندو ۽ کين سندن غفلت کان بيدار ڪرڻ بدران غافل ٿي رهڻ لاءِ شاباس ڏيندو ته. ان کي باغي شاعر چوڻ بدران ماحول جو محتاج ٿي چئبو. لڳي ٿو ته ايوس صاحب جي ڪنن تي هي (هيٺيون) پڪارون نه پيون هجن شايد:

١. "جس کيت سي دهقان کو، ميسر نهين روزي
اُس کيت کي هر خوشهٔ گندم کو جلادو"

(اقبال)

٢. "هم کو معلوم هي جنت کي حقيقت زاهد
دل کي بهلاني کو غالب يه خيال اچا هي"

(غالب)

ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته ايوس پنهنجيءَ زخمي دل جا ڪي نوحا ڪيڏيا آهن، اهي ڏسندي هن جي روح کي سلام ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. هن صاحب نئين زماني جي تصوير ڪڍي ڪندي، ڪي عارفانه، عاقلانه ۽ فيلسوفانه نقطا به بيان ڪيا آهن، ان ڪري ڪيس سچو ڪرڻ لاءِ دل تيار ٿي ڏئي. وقت سان همقدم ٿي هلڻ لاءِ هن ڪي پير کنيا آهن، اهو پسي مٽس آفرين جا گل وسائڻ لاءِ همت وڌي وڃي ٿي. هو هنجي جدت ۾ شدت ڪانهي. سندس هر نقطو نيم بيهوشيءَ جي عالم ۾ آهي، سندس هر صدا جهيڻي ۽ وڏوا جي ورلاپن جيان همدرديءَ لاءِ پانڌيندڙ نظر اچي ٿي. پروفيسر اَجواڻي صاحب جي لفظن ۾ "ايوَس جي ڪوتا ۾ شڪ ۽ شرم، مرياد ۽ مروت، نياز ۽ ساز، انڙن تماڻن ۽ نهٺن شبدن ۾ پورل آهن جو پڙهندڙ جي طبيعت تي هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿي ٿئي جنهن ۾ هن جي دل

”ٻرڪتي ٻاڙن سان سندهجي زور تو ٻاڻي ضعيف
تو ٻلي رت لي راهم ۽ خون لي سندهجي خراف“
۽ وري:
”سندهجي لصولر منجهان قوم جو ڪنهاڻ ٻڪي“

ڪهن سندن حق ۾ هلندڙ ٻين القوامي هلچل ڪان ٻ روشناس تو ڪرالي ۽ سرمائيدارن لاءِ اڳڪٽي ٻ ڪري تو چئي:

”اٿي آئي جاڳو نظر سان ڏر لصين لي اڻار
جا ٻجا ٻوڙب ٻچر آهه ٻورهمت جي ٻچر“
(ٻورهمت)

”جي زمي مزدور ٻيوس ڪنهن وڏيري راڄ لي
هولڊ ٻهرائين ٻؤر الوا ڪنڌ لي لوڪي چئي“
(شاهوڪار)

ٻيو سجاڳ هوالدي ٻ ۽ هيٺرو لڪندي ٻ منهنجي خيال موجب ٻيوس ٻهنجي ڪلار دڻاران، سندن جي واديءَ ۾ ڪو ٻيون رنگ جماڻي ۽ سگهيو ۽ اٿل پٿل مچائي نه سگهيو. سندس زماني جي دؤر موجب منجهالٿس اسان اعائي اميد لي رکي، ٻر ٻيوس هڪ ٻ ٻر ٻ ٻيوس نظر تا اچن. هڪ جي اندر ۾ ٻغاوت مچائيندڙ باغي ولٿل هئو ۽ ٻئي جي اندر ماستري مرياداڻون. شايد ٻهراون ٻيوس دڪاهل جي اندر جاڳيو، جنهن دونهي دکائي، غلاميءَ خلاف آواز ٻلند ڪيو. ڳليءَ ڳليءَ ۾ ٻرپات قيري ڪري سڀني کي جاڳايو، ڪمزورن کي اڀاريو ۽ ان جي عيوض ملهل عذابن جو سواگت ڪيو. آزاديءَ جو نعاد وڄايو ۽ انقلاب جي ٻولي ٻولڻ ۾ اڳرو رهيو ۽ ٻيو ٻيوس ماستر ٻڌجي دل جي ٻولي ٻولڻ ۽ خون جا قطرا وهائڻ لڳو، جنهن هن خود لي چيو آهي:

”آهه هرهڪ لفظ اندر قيمتي رت جو قطرو“

"اڄ غريبن جون ڪکايون جھوپڙيون مالڪ گھمي
ٿو مڙهيءَ مسجد مندر ديول ٽڪاڻي کان نهي."

وستاروادي ذهنن لي ۽ ٻوس آگر ڪنهن آهي :

"ملڪ گيريءَ جي هوس هن ٻوت چنتا جي سمي؟
خون غارت جي اڇا "ٻوس" سپنا جي سمي؟"

وهم پرم رسمون ۽ قسمت:

"سهائيءَ کي رکي اڳيان، نه رسمي ٻند ۾ ڦاسي
نه جهڪي ڀرم کو پاسي، هجي آزاد سا عادت"

دک ۽ سک کي قهري ههن سان خلقيل اٿو چاڻي. ٻوس جو اعلان آهي ته تفاوت حالتن جي پيداش آهي ۽ هئرادو آهي:

"حالتن سارو تفاوت آهي تر تر لي رکيل
جو پلا هڪ شاه ٿيو ٻيو ٿيو گدا سمجھي چئو."

سرمايداري: شاعر کي ڏنوان ۽ ڏنو ۾ اٿو وٽي. ٻهراني ته ڪالتس پڇا ٿو ڪري:

"لال ٿيو تنهنجو دوشالو ڪنهنجي لهو چاڻ مان؟"

وري ڪيس سندس لٽڻ جي ياد گيري ٿو ڏياري:

"پڙ بيت جو گگدام جي گردن کي ڪٽي ڪر
هر روز گهٽا ٿي ۽ سکهن اون ذوه اٿي ڪر."

پنهنجو سوڌال سچ هيئن ٿو سٽائي:

"ٿو سٺيءَ جي پاڪڙي مان ٿي سکهي اٿ جو گذر
پر نه جنت جي پٽي مان ذن-ذٽي اڄ دل لڳهيا"

ڪسان ۽ مزدور:- ٻوس مزدور جي مفلسي ۽ هاريءَ جي بدحاليءَ لي جهڪي همدردان لڙڪ هاريا آهن، انهن جو ملهه مولهن کان ۽ مهانگو آهي. هنن ستم رسيده طبقن جي حق ۾ ٻوس جون هي ۽ سٽون پنهنجو مت پاڻ آهن:

ٻيوس جي شيرين شعر

ارجن "حامد"

شيرين شعر ننڍي هوندي اسڪول ۾ پڙهيو اٿم، ڪيتري ڪلاس ۾ سو ياد ڪيو اٿم. ان ڏينهن ۾ مان شاعر نه هوس ۽ نه وري شاعر بڻجڻ جي ڪلپنا ئي ڪئي هئم. "شيرين شعر" جا شعر ايترا مٺا ۽ پيارا لڳندا هئا، سوچيندو هوس ته هنن شعرن جو لکندڙ ڪيڏو نه اوچ ۽ اعليٰ انسان هوندو! هڪ شعر شيرين ٻيو وري استاد صاحب جي سمجهاڻي! ان وقت "شيرين شعر" جا شعر ڏاڍا رسيلا لڳندا هئم پر هاڻي "شيرين شعر" پڙهي ايترو اداس ٿيو آهيان.

ٻيوس صاحب جي شعر ۾ ڪافي غلطيون آهن. نسبت جون، بندش جون، لفظن جون، ٻوليءَ جون، وزن جون ۽ قافين جون به. فقط سرٽيفڪيٽ جا راءِ نه ڏيئي ڪي اوس مثال پيش ڪندس.

"شيرين شعر" جو پهريون شعر آهي "قدرت وارا". پهريون مصرع آهي "سڀ ڪن لهجي ساراهه قدرت وارا" هن ۾ "ساراهه" لفظ ڪم آڻڻ سان وزن ٽٽي ٿو. "ساراهه" کي "سارا" ڪري پڙهبو ته وزن ٺيڪ ٿيندو پر معنيٰ غلط ٿي ويندي. ساڳي ڪوتا ۾ ٻئي هنڌ آهي "جن جو انت نه پارا" جو هئڻ گهرجي "جن جو انت نه پار". اها بندش جي غلطي آهي. "پار" کي "پارا" ڇو واجب آهي؟

ٻيو شعر آهي "ڏاڍيءَ در واهي":

سندس دل جي ڏک ھوندراج کي ”دکايل“ بڻايو، سندس ڪوملتا، اُرملتا ۽ بيوسيءَ ھريءَ کي ”دلگير“ ڪيو، سندس حياءُ ۽ حليمائيءَ پرڀوءَ کي ”وفا“ بڻايو ۽ سندس ڪرشن ڀڳتي، مڌرتا ۽ مرليءَ ”رام“ جي ڳلي ۾ ٿوڪ ٿوڪي ۽ سندس خلق خدمت، گوبندرام کي عوام جو ڊاڪٽر ۽ حڪيم بڻايو.

”ڪوي ڪشنچند کي سلام، شاعر بيوس کي پرڻام“



يا "رکڻ کي موٽ ڇاڻي ('ٿڪ' جي معنيٰ ٿاوس يا ڊوڙل آهي، نه ڪِ ٿڪڻ).

چوٿون شعر "برسات" آهي. ان ۾ شاعر لکي ٿو:

"اڄ مڙي بادل ڪڙڪي آيا، ٽڙي ٽانگر ۽ خوب،
پيا چڙي ٽاري لڙي، گهر ۾ گهڙي ڏلڪار ۾."

توهان ڏسندا ته شاعر مڙي، ڪڙڪي، ٽڙي، چڙي، لڙي، گهڙي لفظ ڪم آڻڻ جي موهه ۾ هڪ عجيب شعر واهي گهڙيو آهي. جنهن کي ڪاٿ مطلب پري معنيٰ ڪانهي، نه وري اهي لفظ ڪاٿين طور ڪم آندل آهن. ٿي سگهي ٿو ته اهڙي قسم جي لکڻي ٿن ڏينهن ۾ مقبول هجي ڇاڪاڻ جو هر دور جي پنهنجي ٻاشا ۽ ٻاشا جي پنهنجي سونهن ٿيندي رهي آهي. ان ڪري مان شاعر کي هروڀرو قصور ڏيڻ واجب نٿو سمجهان پر گرامر جو ڌيان رکڻ ضروري ٿو سمجهان.

"ٽڙي ٽانگر ۽ خوب" بدران هئڻ گهرجي "ٽڙيا ٽانگر ۽ خوب". "آيا" ۽ "ٽڙيا" سنڌ ڪن رس ڏين ها، هوانئن ۽ نه "بادل ڪڙي آيا" لکڻ غلط ٿي آهي نه!

بيوس صاحب جو شعر مکڻ وانگر بلڪل سٺو چڪنو آهي، اکين ۽ دل کي نه موهي ٿو، پر دماغ کان ڪم وٺڻ لئي الڳ شڪايتون اڀري ٿيون اچن جن کان بچ، مڪر نه ٿي سگهبو. پنجون شعر "باغ ۽ بهار" لاءِ ڇا چئجي؟ هن ٿي شعر ۾ چار وزن ڪم آندا ويا آهن. ٻهران چئن مصرعن جو وزن آهي: "مفعول فاعلان مفعول فاعلان." پنجين کان اٺين مصرع جو وزن آهي "مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن." ناين ۽ ڏهين مصرع جو وزن آهي "مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل" ٻارهين ۽ کان چوڏهين ۽ ناين مصرعن جو وزن آهي "مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات." ۽ پوين چار مصرعن هنڌي چند

”پڙهون جهڙي ڏراون دل ۾ عمل لئي علم سان شامل
لئين سر چاهه پيدا لئي، فضيلت ۽ ادب خاطر.“

ٻهراڻ مصرع کي خيال ۾ رکي ٻيءَ مصرع کي ڏسو ته ”لئين سر چاهه پيدا لئي“ لفظن کي ڪهڙي معنيٰ آهي؟ ٺيڪ ڪهرجي: ”هميشه چاهه ڏارئون شل فضيلت ۽ ادب خاطر.“ اها آهي نسبت جي غلطي.

ٽيون شعر آهي ’ندي‘. وزن انس مفعول فاعلاتُ مفعول فاعلاتُ. شروع جون مصرعون آهن:

”آڪاس ۾ ڪڪر ٿي ڪڏهن دم هو ڦرڻ منهنجو،
سرديءَ کان برف ٿي ٿيو چوٽين تي ڪرڻ منهنجو،
گرميءَ جي جوش کان ٿيو واديُن ۾ سُرڻ منهنجو،
ڪهاڻن جي ڪهر ۾ ٿيو غلبي کان ڪهڙڻ منهنجو.

ٽڪري ٽڪر ٽڪر سان سر خوب مون گسايو،
آخر اچي هتي ٿي مون پاڻ کي بچايو.“

ٻهراڻ چئن مصرعن جو وزن غلط آهي. ٻوٽن ان جو صحيح آهي. ڦرڻ، سرڻ، ڪرڻ ڪهڙڻ لفظن کي شاعر ’فاع‘ ڪري ڪم آندو آهي، جو غلط آهي. وزن موجب اهي ’فاع‘ نه پر ’فعو‘ آهن. ساڳئي شعر ۾ هيءَ هند:

”هردم اٿل پٿل ۾ ٻولدو رهي ٿو پاڻي.“

جو هنڌ ڪهرجي:

”هردم اٿل پٿل سان وهندو رهي ٿو پاڻي.“

اڳتي هلي ٻيوس صاحب لکيو آهي:

”وهندي ولان سدائين ٻهڪ کي موٽ جاڻي“

جو سچپچ هنڌ ڪهرجي.

”وهندي ولان سدائين ٻهڪ کي موٽ جاڻي“

ٻيوس ۽ ناريءِ چترڻ

ڪماري هريبنس سنگتاڻي ”هير“

ادبي آڪاس جي روشن ستاري سائين ٻيوس جو شعر اهو ادڀي ڦول آهي جو جدا جدا رنگن ۾ ٻهڪندو روپ ڏيکاري ٿو. جنهن ۾ اصليت، مٺاڄ ۽ سلاست روپي اها سڳنڌ آهي جا هردل ۽ دماغ کي معطر ڪري ٿي ۽ اندر کي آنند بخشي ٿي. اهو ڦول الڳ الڳ رنگن سان جدا جدا طبيعت وارن کي ٻهڪندي ٻهڪندي لڳي موهي ٿو. سندرتا جو پوڄاري ۽ سُڪون ڀائي ٿو ۽ آدرش وادي ۽ آنند سان پڙهي ٿو، قدرت جو شائق ۽ شوق سان اهو واس وٺي ٿو ۽ ننڍڙو ٻار ۽ سندس شعر پڙهي جهومي ٿو.

اهو گل جدا جدا رنگن سان هر هردي کي ڪشش ڪري ٿو. ڪٿي غريب جي غربت جو چٽر آهي ۽ ڪٿي امير جي عيش جو اظهار آهي، ڪٿي قدرت جو دلڪش ورڻن آهي ۽ ڪٿي ناريءَ جي من جو چترڻ آهي.

ان بابت لئي ٻول شعر جي ڪيترن ئي قطرن ۾ ناريءَ جي روپن جا اکيچار عڪس لڀان آهن. هندي ساهتيه جي مهان ڪوي ميٿلي شرڻ گپت ناريءَ کي جيترو مهان چيتر آهي، سندي ساهتيه ۾، سائين ٻيوس ۽ استريءَ جو اوترو ئي آدر ڪيو آهي! سندس ئي لفظن ۾ ڏسو:

ڀاوَ-ڀڳتي سان ڀرپل ٿو ۾ ڪلا ڪا ”ٻيوس“
جنهنجي لشڪري ۾ ٻي ٻهت ٿي ٻيسود رهي!

سڄي سنسار جو وجود آهي ئي استريءَ سان، هوءَ الڳ

"ماترائن" ۾ ٺهيل آهن. هرهڪ مصرع ۾ ٽيهه ماترائون آهن. ڇا ٻيوس صاحب کي ڇند-وزن جي ڄاڻ بلڪل نه هئي؟ ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي، ڇو جو سندس ڪيترائي شعر وزن ۾ بلڪل پورا آهن. اٺائين نمبر شعر "ڪٿڪيڙو" ۾ ٻه وزن جون چوڪون آهن. ڇهيئس حرفيءَ جي موڙ ۾ شاعر ايڪ غلطيون ڪيون آهن. سورهون نمبر شعر "لنڊر-ڏي" ۾ ٻه وزن جون چوڪون آهن. (ان ۾ ڪڏهن به اديب دوست سان بحث ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.)

ههڙو سڀ لکڻ بعد به مان پنهنجي راءِ جو آهيان ته ٻيوس صاحب کي وزن وغيره جي پوري ڄاڻ هئي. هو صاحب چاهي ها ته سواءِ ڪنهن غلطيءَ جي هوند سهڻو ۽ سٺو شعر لکي به سگهي ها. پر شايد ان دؤر جي حالتن کي خيال ۾ رکي ٻيوس صاحب مطلب کي سليس ٻوليءَ ۾ بيان ڪرڻ خاطر ڪيترن هنڌ وزن جا بندن ٽوڙڻ واجب سمجهيا ٿا لڳن.

ٻيوس جي هن مجموعي "شيرين شعر" ۾ ڪي شعر ته ڪافي سهڻا آهن. مثال طور "وطن"، "محنت"، "نيڪي"، "گلزار-حيات"، "محبت" ۽ "ٽٽندڪ جهاز جو ٻڏڻ". ٻيوس صاحب سنڌي شاعريءَ جي تواريخ ۾ نئين دؤر جو باني آهي. ان کان ڪير به انڪاري ٿي نٿو سگهي. شعر جا موضوع اوان آهن بلڪل ۽ نرالو ۽ پيارو آهي. هو صاحب روايتي شاعريءَ کان گهڻو اڳتي اڀري آيو آهي. هر شعر ۾ ڪا نه ڪا نصيحت آهي، آدرشواد آهي.

ٻيوس جو شعر غلطين هوندي به اهڙو اديبانه ۽ دلڪش آهي جو پڙهڻ ۾ مٺو ٿو لڳي. اندر ۾ لهي ٿو وڃي ۽ شعر ۾ رهيل خاميون ذهن تان لهو وڃي.

"پرم جل اوجل مٿان، نرمل ڪنول جو گل رهي،
دل پٽل مان واس ڏئي پڻ سڀ جي هٻڪار جو!"

اندر ۾ اونڌ هوندي به ناريءَ جي مک اِي مرڪ رهي ٿي. ٻاهر جي جل ۾ هوءَ ڪنول جي گل جيان رهي ٿي.

استري سڄي سنسار جي جنني آهي، چئو جو:

"ڏيهه جا روشن ڏيا ٿي ناٿ مان پرگهٽ ڪري،
ٿي اندارو گم ڪري اگيان جي اندڪار جو!"

ناريءَ ۾ اها شڪتي آهي جو جڳ کي هوءَ پنهنجيءَ ٿي اچي نه سچي ڪائنات کي بدلي سگهي ٿي. ناري جيون مان اهڙي اميد رکي آذونڪ پڳ جي جڳ پرسڌ سنڌي صوفي سنت ۽ شاعر "نوري لماڻي-دادا واسواڻيءَ" نه اهڙي قدر چيو آهي:

"The woman soul shall lead us upwards, onwards and Godwards."

"ناري - آتما انسان کي هميشه اڀوري اوچائي ڏانهن وٺي هلي ٿي."

۽ ناريءَ ۾ اها شڪتي اچي ٿي پوترتا سان. استريءَ جي پوترتا جي اوچائيءَ جو بيان ڪندي "نوري" شاعر چيو آهي:

"Purity is the crown of woman's life!"

"پوترتا ئي استري جاتيءَ جي جيون جو ڇٽر آهي."

جڳ کي هوءَ پوترتا آهي نه پنهنجي سيس جي آگ سان ڪنهن ناپاڪ نظر کي جلائي ڀسم ڪري سگهي ٿي. ڀوس سائينءَ چيو آهي:

"چانڊوڪيءَ کي مثال آهي چپر اک جو ڪٽي،
تاب ڀلي ڪان زياده لڄ جي تلوار جو!"

ناريءَ جي لڄ حياءَ جي تلوار نه ڀوس سائينءَ اهڙي

روپ اختيار ڪري سنسار جو چرخو هلائي ٿي. ڪڏهن ڌيءَ، ڪڏهن ڀيڻ، ڪڏهن پريمڪا، ڪڏهن پتني ۽ ڪڏهن وري ماتا بڻجي سڄي سنسار کي ممتا جي مهراڻ ۾ سمائي ڇڏي ٿي. تياڳ جي تصوير، ممتا جي مورت، سُندرتا جي صورت، ناريءَ جو چٽڻ بيوس سائينءَ ڪهڙي نه سندر ڍنگ سان ڪيو آهي:

"قرب سان قربان ڪئا ۽ جان ٿي گهوري گهمي،
جس پرايو ان جو جنهن "بيوس" سدا اپڪار جو!"

مئٿليشرڻ گپت پڻ چوي:

"أبلا جيون هاءِ تمهاري يهي ڪهاني،
آنچل ۾ هي دوڌ اور آنکون ۾ پاني!"

پر بيوس سائين ناريءَ جي پڻ جو ڪهڙو نه سندر چٽڻ ڪيو آهي:

"هڪ نظر جي چوٽ ڪيرايا ڪوٽ پڪي گيان جا
زور بر-جرمن کان زياده حسن جي هٿيار جو!"

تحقيق "ناري ابلا نه پر بل جي کاڻ آهي. اهو هٿڻي ها سچتو، ٻر نشاني ٿي لڳي وڃي ٿو. هڪڙي مار کائي ڪوئي جوڳي بڻجي ٿو ڪوئي ڀوڳي ٿئي ٿو" حقيقت آهي. ناريءَ وٽ حسن روپي اهو هٿيار آهي جنهن جي اڳيان ڪنهن جي نه جيت ٿي ٿي سگهي.

ناريءَ جي سونهن جي ڪهڙي نه سهڻي تشبيهہ ڏئي ورڻن ڪيو اٿس:

"سونهن جي سوني مٽي ۾ موم جو موتي جڙيو
ڪم تراڪندار ٿي ويو وصل جي ونجهار جو!"

ناريءَ جي سونهن نه ڇڏيو، سندس سيرت جو نه دلڪش چٽڻ ڪيو اٿس:

ذات وحدت کي اچي جو شوق ٿيو اظهار جو،
حسن هرڪاڻ لئه ٻاهرو ٿيو چولو لباس جو!

انهن مصرعن مان ظاهر آهي ته بيوس سائين ٿي هڪ اهڙو شاعر هو جنهن ناريءَ کي اهڙو اوچ درجي تي رکيو. استري ايشور جو روپ آهي. ڪيترو نه مهان درجو ناريءَ کي عطا ڪيو اٿائين. اها حقيقت آهي. سمرتي شاسترن ۾ به چيو آهي:

”جتي ناريءَ جي پوڄا ٿئي ٿي اتي ديوتائون وسن ٿا ۽ جتي هن جو اپمان ٿئي ٿو اتي سڀ ڪارج نسڦل ٿين ٿا.“

جنهن اعليٰ انسان ناريءَ جي جيون جي اهڙي مهما ڪئي، اهڙي اعليٰ شاعر سائين بيوس جي قدمن ۾ ڪوي دلگير جي هيٺين سٽ شرڌانجليءَ طور رکي نمسڪار ڪريان ٿي:

”آفتاب آهين ادب جو، شاعريءَ جو شاهه تون“

چٽي آهي جيئن ٻالڪ ڪنهن ڪماريءَ جي دل مان ٻهڪي لکيو هجي:

"ڇوري دل لکي ڏي، لڄا ٿي جهلي،
ڏرم ۽ ڀرم ٿو پريم کان ٽلي،
حياءَ جي حڪومت هٿن ٿي هلي،
ڪيان ٿي، سگهان سوز-دل ڪيئن سلي؟"

ڪوي ٻيوس جي ناري-چترڻ ۾ ڪي مصرعون ته اهڙيون ملنديون جدهن اُنهن لڳندو ته ٻيوس سائين ڪو وڏو منو وگياني هو. انسان جي خيالن جو ڪيڏو نه اثر ٿئي ٿو! ٻار جي صورت ٻيءَ سان ڇو ٿي ملي؟

"ڪرپولي گرڀ ۾ ڌاري ٻئيءَ جي مورتي،
ڏس ٻئا سان ٿو ملي اڪثر مهانڊو ٻار جو!"

سو سختيون سهي ٿي ناري ڪيئن نه پنهنجي ٻار جي پالنا ڪري ٿي. هڪ مزور جو ٻيوس سائينءَ چٽر ڏنو آهي:

"سخت مشغوليءَ ۾ ٻڌا اولاد ٻالڪ ٻار ناهُ
ڪاٿي دائي يا دوائي يا مدد درڪار ناهِ"

استريءَ جي سونهن ٻل سٺي، پر اهائي سونهن ڪڏهن ڪڏهن سندس لاءِ سراپ ٿيو پوي ٿي. هڪ غريب عورت جيڪا پورهيو ڪري ٿي، ڪپڙا ڦاٽل جنهن مان سندس سونهن ٻيٺي ليئاڪا پائي پر تنهن هوندي به هوءِ ڪيتري نه پاڪ آهي!

"حسن جي حالت ۾ ٻٽيون بدنگاهن جو نشان،
پر رکين ٿي داغ دامن، عرش جي عصمت سمان!"

سائين ٻيوس نه ناريءَ جو اهڙي قدر اوچ درجو ڏنو آهي نه حق ٻئي اهڙو ڪي اچي شوق ٿيو پنهنجي سونهن جي اظهار ڪرڻ جو الڪي ناريءَ جو روپ ورنائين:

ته شاعر ۾ ويچار جي سنجوڳ ۽ ڀاشا جي مرڪب استعمال
جي شڪتي هجي.

ويچار جي سنجوڳ جو مطلب آهي ويچار کي سار ۽ سونهن
روپ ۾ بيان ڪرڻ. هن لحاظ وارو شاعر، واسطيدار
ويچار يا ڌارڻا جي وڏائي جا مڙئي ڀاسا ڪٿي. ڪيري،
ويچار کي چٽن لفظن جي روپ ۾ پيش ڪندو آهي، اهڙن
لفظن جي آڌار تي پاٺڪ کي سموري ويچار جي انڀوتي
ٿيندي آهي.

ڀاشا جي مرڪب استعمال جو مطلب آهي ڀاشا جي سونهن.
هن قسم جي استعمال ۾، لفظن جي وچ ۾ ايندڙ ڳالهيون جزا
غالب ڪري، لفظن جا جهڳٽا يا فقرا (*Phrases*) ٺاهي ڪم
آڻيا آهن. اهڙن استعمالن سبب ڀاشا ڏاڍي ڪتيل ٿي وڃي
آهي جنهن ڪري هرهڪ بيت مان رواجيءَ کان وڌيڪ
معنوي چٽائي سکهي آهي.

هن مضمون جو آڌار "شعر-ايوس" ڪتاب جي ٢٥ پوُرن
مان ڪٺ ڪيل سامگريءَ تي آهي. هرهڪ "پوُر" هڪ غزل
آهي. اهڙيءَ ريت هيءُ مضمون ٢٥ غزلن مان ڪٺ ڪيل
سامگريءَ تائين محدود آهي. هيءُ مضمون ڀاشا وگيانڪ
درشٽيءَ کان لکيل آهي، نه ساهتڪ درشٽيءَ کان
ڪيل بيان، شخصي تاثرات جي بنياد تي بيٺل آهي تو ٻر
ڀاشا وگيانڪ درشٽيءَ کان ڪيل بيان واسطيدار سامگريءَ جي
چنڊڇاڻ جي آڌار تي ٿيل ٿو.

هن مضمون جو مقصد اهو ڏيکارڻ آهي ته ايوس جي
ڪوتا، خاص ڪري مڪتڪ ڪرڻ ۾ ڀاشا جي مرڪب استعمالن
جي گهڻائي آهي ۽ اهڙن استعمالن مان ڪيترن جي گهڙت،
ايوس جي موُلڪتا جو ثبوت آهي.

بيوس جي ڀاشا ۾ مُرڪبي گهڙت

ڊاڪٽر ستيش ڪمار روهڙا

سنڌي شاعريءَ ۾ بيوس جو درجو نرالو آهي. بيوس نئين سنڌي شاعريءَ کي جنم ڏنو، ان ڪري کيس يگ نرماتا چئجي ته به وڌاءُ نه ٿيندو.

رچنا شيليءَ جي آڌار تي ڪوتا کي ٻن قسمن ۾ ورهائجي ٿو. هڪ کي چئجي ٿو ”مُڪتڪ ڪوتا“ ۽ ٻيءَ کي چئجي ٿو ”پرٻنڌ ڪوتا“. مڪتڪ ڪوتا، ان ڪوتا کي چئجي ٿو جنهن ۾ وچار جو لاڳاپو هڪ ڪوتا کان ٻاهر ٻيءَ ڪوتا سان جڙيل نٿو ٿئي، يعني وچار جي خيال کان هر هڪ ڪوتا (يا شعر) پنهنجو پاڻ ۾ پورڻ ٿئي ٿي. ان جي ابتڙ پرٻنڌ ڪوتا، اها ڪوتا آهي جنهن ۾ وچار جو سلسلو سموريءَ رچنا (جنهن ۾ ڪيترائي شعر يا ڪوتائون اچي وڃن ٿيون) ۾ سمايل ٿئي ٿو.

بيوس جيتوڻيڪ پرٻنڌ ڪوتا به لکي آهي (جيئن گروالڪ جيون) مگر بيوس جو گهڻو شعر مڪتڪ ڪوتا شيليءَ جو آهي.

سنڌيءَ ۾ جن پارسي ڪاويه روپن جو استعمال ٿيندو آيو آهي، تن مڙني ۾ مڪتڪ ڪوتا لاءِ بيحد موزون آهي غزل. غزل جي خوبصورتي ۽ ڪاميابي ان ۾ لڪل آهي ته ان جو هرڪو شعر (ٻن ٻن سٽن جو بند) سهڻو هجي ۽ هرڪنهن شعر جا ٻئي بند (يعني سٽون) يڪسان ۽ دلڪش هجن ۽ هر شعر ۾ هڪ خيال مڪمل طرح سان ظاهر ٿيل هجي جيئن هڪ شعر جي چٽائيءَ لاءِ ٻئي شعر جي حوالي جي گنجائش نه رهي. مُڪتڪ ڪوتا جي ڪاميابيءَ لاءِ اهو لازمي شرط آهي

بيوس جي شعر ۾ ان قسم جي اضافتي صفتي رچنائن جو خوب استعمال ٿيل آهي. هيٺ اهڙا ٢-٤ مثال ڏجن ٿا. مثال ڪانئو براڪيٽ ۾ پهرين پُور جو نمبر ۽ ٻيو شعر جو نمبر ڏنل آهي.

أمرتي („ امرت جي) وٽي	(پُور ٢-١٤)
ونڪي („ ونڪ جو) ٿنڀ	(” ٢-١٦)
صرافي („ صراف جي) پرک	(” ٢-٢٣)
وصالي („ وصال جو) مرهم	(” ٣-٣٠)
ڪاغذي („ ڪاغذ جو) گل	(” ٩-٩٤)
مغزي („ مغز جي) ڪومت ڪوتان	(” ٩-٩٤)

جيتوڻيڪ اضافتي صفت سنڌيءَ جي رچنائڪ پالهي موجب اسڀاوڪ ناهي، تڏهن به هرڪنهن اسم مان اضافتي صفت ٺاهڻ جو سنڌيءَ ۾ رواج ناهي. مثال طور "بدن" مان "بدني" (جيئن بدني طاقت) جو استعمال ته هلندڙ آهي مگر "ٻُت" مان "ٻُتي" يا "قد" مان "قدي" ٺاهڻ جو رواج ڪونهي. ان خيال کان ڏسجي ته بيوس گهڻن ئي نين صفتن جي رچنا يا گهڙت ڪئي آهي. هيٺ بيوس دوارا ڪيل اهڙن نون استعمالن جا ڪجهه مثال ڏجن ٿا.

ٻانڪ مان	ٻانڪي	"ٻانڪي ٻڌر"	[پُور ١-٣]
ٻرهمز ”	ٻرهمزي	"ٻرهمزي مزو"	[” ٥-٤٨]
مغز ”	مغزي	"مغزي مزو"	[” ٥-٤٩]
طنبور ”	طنبوري	"طنبوري تار"	[” ٧-٦٩]
زنبور ”	زنبوري	"زنبوري ڪار"	[” ٧-٦٧]
ولس ”	ولسي	"ڪهڻب ولسي"	[” ٨-٨٥]
جوڀن ”	جوڀني	"جوڀني جمال"	[” ٢٠-٢٠٠]

عام طرح سان هن قسم جون اضافتي صفتون اسم خاص مان نه ٺهي سگهنديون آهن، مگر بيوس اسم خاص مان به ان قسم

ڀاشا جي مرڪبي رچنا، ڀاشا وگيانڪ درشٽيءَ کان، هڪ قسم جي ڦريزي رچنا (*Phrase structure*) آهي، جنهن ۾ هڪ کان وڌيڪ لفظ، گهڻي رچنائمڪ ڳالهائي سبب، پاڻ ۾ گڏجي، جملي ۾ هڪ اڪائي (*Unit*) وانگر استعمال ٿيندا آهن. هن قسم جي رچنا ۾، انهن لفظن کي ظاهرانءَ طرح ڳنڍيندڙ جزا غائب ٿي ويندا آهن.

ٻوس جي شعر ۾ جن مرڪبي رچنائن جو استعمال ٿيل آهي، انهن مان هيٺين رچنائن جو بيان ڪرڻ هن مضمون جو مقصد آهي:

١. اضافتي صفتي رچنا.
٢. زير-اضافتي رچنا.
٣. سماسي رچنا.

اضافتي صفتي رچنا

اضافتي صفت، اها صفت آهي، جيڪا اسم جي پٺيان گهڻي ڀاڱي 'اِي' پڇاڙي جوڙي ٺاهي ويندي آهي. هن صفت مان اضافت يعني سمبنڌ جي معنيٰ نڪرندي آهي. جيئن "ڪتابي ڪمرو". هتي "ڪتابي" اضافت صفت آهي، جيڪا "ڪتاب" اسم جي پٺيان "اِي پڇاڙي" جوڙي ٺاهي وئي آهي ۽ معنيٰ ڏئي ٿي "ڪتاب جو". انهيءَ ڪري "ڪتابي ڪمرو" اضافتي صفتي رچنا آهي. هيءَ هڪ قسم جي مرڪبي رچنا آهي ڇاڪاڻ جو "ڪتاب" ۽ "ڪمرو" کي ظاهران ڳنڍيندڙ جزو "جو" هتي غائب آهي. رچنائمڪ ڳالهائي سبب، "ڪتاب جو ڪمرو" بدران "ڪتابي ڪمرو" ٿي پوي ٿو، جنهن جو جملي ۾ استعمال هڪ اڪائيءَ وانگر ڪري سگهجي ٿو.

حوالي طور هيٺ ڪجهه مثال ڏجن ٿا.

شهر-شيوا = شيوا جي شهر	[پوُر ١-٣]
شير-دل = دل جو شير	[" ٥-٤٥]
آرزو-دل = دل جي آرزو	[" ٤-٤٢]
باغ-دنيا = دنيا جي باغ	[" ٨-٧٨]
بوند-شبنم = شبنم جي بوند	[" ١٣-١٣٥]
دور-دنيا = دنيا جو دور	[" ٢٣-٢٤٠]
دائري-امڪان = امڪان جي دائري	[" ١٤-١٥٢]
جمال-جاني = جانيءَ جو جمال	[" ٣-٣٣]

بيوس زير-اضافت جي استعمال ۾ به لواڄ ڏيکاري آهي. عام طرح سان زير-اضافت جو استعمال پارسي-عربي لفظن ۾ ٿي ڪيو ويندو آهي؛ پر بيوس ڪن سنڌي يا سنڌيءَ لفظن خواه سنسڪرت جي لفظن ۾ به زير-اضافت جو استعمال ڪاميابيءَ سان ڪيو آهي. ڪن سنڌي لفظن ۾ زير-اضافت جو هڪڙو استعمال هيٺ ڏجي ٿو.

"نوڪري ڪچري (= ڪچريءَ جي نوڪري) مان
تو ڪيئن سونهين ڪمخواب؟" [پوُر ٨-٧٩]

سنسڪرت لفظن سان گڏ زير-اضافت جي استعمال جا ٻه مثال هيٺ ڏجن ٿا.

"شهر-شيوا (شيوا جي شهر) ۾ وڃي ٿو،
مهيب مرليڌر ڪٿي؟"
[پور ١-٣]

"ٿي محل-مايا (مايا جي محل) اندر محلات جي راڻي رهي"
[پور ٨-٨١]

زير-اضافت جي استعمال ۾ بيوس هڪ اهڙي نئين خوبي ڏيکاري آهي. عام طرح سان زير-اضافت ۾ سنسڪرت لفظ

جون صفتون ٺاهي ٿو ۽ سندس وڏي خوبي اها آهي جو اهڙيون ٺهيل صفتون به ڪٺن ڪونه ٿيون. هتي هڪڙو مثال ڏجي ٿو.

"شوق مان وٺ شهر-دل لي شمس تبريزي مزو"

[پور ۵-۴۵]

هتي اضافتي صفت "شمس تبريزي" اسم خاص "شمس تبريز" مان ٺهيل آهي. اها ڳالهه ٻي آهي ته ان قسم جون صفتون اسم خاص جي بدران اسم عام جي معنيٰ ٿيون ڏين.

زير اضافتي رچنا

فارسي شعر جي اثر هيٺ سنڌي شاعريءَ ۾ زير-اضافت جو واهپو شروع ٿيو.

زير-اضافت اها نثري رچنا آهي جنهن ۾ ان اسمن جو واسطو ڏيکاريندڙ حالت اضافت جي نشاني (جو، جي وغيره) غائب هجي ۽ اسمن جو سلسلو بدلائي انهن جي معنيٰ ڇڏائجي. مثال طور "شير-پنجاب" زير-اضافت واري رچنا آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "پنجاب جو شير". "پنجاب" ۽ "شير" جو واسطو ڏيکاريندڙ حالت اضافت جي نشاني "جو" هتي غائب آهي ۽ "پنجاب جو شير" معنيٰ ڪڍڻ لاءِ انهن اسمن جو سلسلو بدلائڻو پوندو، يعني "پنجاب" کي پهريان ۽ "شير" کي پوءِ رکڻو پوندو.

هن قسم جي رچنا سنڌيءَ جي رچنا-سڀاءَ سان ٺهڪندڙ نه آهي. ان ڪري سڀاوڪ گفتگوءَ ۾ ان قسم جي رچنا جو استعمال نه ٿيندو آهي. ساهتيه (خاص ڪري شعر) ۾ ان قسم جي رچنا جو استعمال ٿيندو آهي.

پورس جي شعر ۾ زير-اضافت جا به گهڻائي مثال ملن ٿا.

زير-اضافت ۽ سماسي رچنا ۾ مکيه تفاوت اهو آهي ته، زير-اضافت ۾ ڇڙو حالت اضافت جي نشاني غائب ٿيندي آهي پر سماسي رچنا ۾ ڪنهن به حالت جي نشاني غائب ٿي سگهندي آهي. نه ڇڙو ايترو پر سماسي رچنا ۾ حالتن جي نشانين کانسواءِ ٻيون ڳنڍيندڙ نشانيون به غائب ٿي سگهنديون آهن. زير-اضافت ۽ سماسي رچنا ۾ هڪڙو تفاوت اهو به آهي ته زير-اضافت ۾ اڳل لفظن جو سلسلو بدلائي معنيٰ ڪڍڻي پوندي آهي پر سماسي رچنا جي لفظن جو سلسلو بدلائڻو نه پوندو آهي. مثال طور ”خواب-دنيا ۾ نه آهي ڪا سچائي“ هن سٽ ۾ ”خواب-دنيا“ هڪ مرڪبي فقري رچنا آهي. هاڻي جي ان جي معنيٰ زير-اضافت جي خيال کان ڪڍبي ته معنيٰ ٿيندي ”دنيا جي خواب ۾ ڪا سچائي ڪانهي“. پر ساڳيءَ رچنا کي سماسي رچنا سمجهي معنيٰ ڪڍبي ته اها ٿيندي ”خواب جي دنيا ۾ ڪا سچائي ڪانهي“. سماسي رچنا سنڌيءَ جي رچنا-سڀاءُ موجب آهي ڇاڪاڻ جو سنڌي هڪ ڀارتي آريائي ڀاشا آهي.

بيوس جي شعر ۾ سماسي رچنا جو خوب استعمال ٿيل آهي. سماسي رچنا جي ڀيٽ ۾ زير-اضافت جو استعمال بيوس جي شعر ۾ گهڻو گهٽ آهي.

بيوس جي شعر ۾ گهڻو ڪري سڀني قسمن جي سماسي رچنائن جا مثال ملن ٿا پر تتپرش سماس جو استعمال ٻين سماسن جي ڀيٽ ۾ گهڻو آهي. هتي هڪ ڳالهه ڌيان ڇڪائڻ بي جاءِ نه ٿيندو. بيوس جڏهن زماني ۾ شاعري شروع ڪئي، ان وقت سنڌي شاعريءَ ۾ پارسيءَ جي اثر سبب زير-اضافت جو ئي رواج هو. بيوس جي رچنائن ۾ سماسي رچنا جو پرلوڳ کيس ان وقت جي شاعرن کان جدا ۽ نرالو ڪري ٿو ڏيکاري.

(يعني زير-اضافت واري رچنا ۾ ٻنهي لفظن ۾ معنيٰ جي خيال کان 'جو' 'جي' ڪارڪ لفظ اڪيلو ٿي هوندو آهي) ۽ پوءِ ڪيترن هنڌن تي اهي اڪيلي لفظ جي بدران پوري فقري (يعني هڪ کان وڌيڪ ڳنڍيل لفظن) جو استعمال ڪيو آهي. مثال طور باب ۹ جي ۹۴ شعر جي هيءَ سٽ ڏسو-

"نظر مهري ڪوهه-ڪوڻان، شعر پلٽان پلٽ دل"

هن سٽ ۾ 'پلٽان پلٽ دل' زير-اضافت جو استعمال آهي، معنيٰ اٿس 'دل جي پلٽ پلٽان' هتي سمبندڪ لفظ جي جڳهه تي پلٽ پلٽان (وزن جي پوراءِ لاءِ شعر ۾ 'پلٽان پلٽ' ڪري لکيل) پورو فقرو استعمال ٿيو آهي.

هڪ ٻيو مثال وٺو.

"اڄ تماشا گاهه قدرت ۾ اُگهاڙو ناچ آ"

[باب ٦-٥٩]

هن سٽ ۾ 'تماشا گاهه قدرت' زير-اضافت جو استعمال آهي، معنيٰ اٿس 'قدرت جي تماشا گاهه'. هتي به سمبندڪ لفظ جي جڳهه تي 'تماشا گاهه' فقرو استعمال ٿيو آهي.

سماسي رچنا

سماسي رچنا، سنسڪرت ڀاشا جي مشهور مرڪبي رچنا آهي، جنهن جو استعمال، هندستان جي اڪثر ٻين آريه ڀاشائن ۾ ٿئي ٿو. هن قسم جي رچنا ۾، لفظن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ وارين حالتن (Cases) جون نشانيون يا ٻيون ڳنڍيندڙ نشانيون غائب ٿي وڃن ٿيون ۽ اهي شبد پاڻ ۾ جڙي هڪ اڪائيءَ وانگر استعمال ٿين ٿا. مثال طور "راجا جو ڪمار" مان حالت اضافت جي نشاني "جو" ڪڍي "راجڪمار" ٺاهجي ته اها سماسي رچنا چئبي.

”ڪر“ جي معنيٰ آهي ”گهٽ“ ۽ لياقت جي معنيٰ ”ٻوگيتا“. مطلب ته معنيٰ جي خيال کان رچنا جي ٻنهي ڀڃن مان ڪو به پد اهميت وارو نه آهي.

دونڊ سماس

”رات-ڏن“ (ٻور ١٩-١٩٥) دونڊ سماس جو مثال آهي، ڇاڪاڻ جو رچنا جا ٻئي پد اهميت وارا آهن ۽ اهي ڳنڍيندڙ ٽهاڻي ”۽“ جي غائب ٿيڻ سبب ڀاڱن ۾ ڳنڍجي پيا آهن.

سماسي رچنا ۾ به ٻاهوس پنهنجي هنر ۽ اصليت ڏيکاري آهي، جو اهڙا استعمال به ڪيا اٿس جن ۾ ٻن کان وڌيڪ لفظ آهن. هونئن سنسڪرت ۾ اهڙن سماسي رچنائن جي کوٽ ڪانهي جن ۾ ٻن کان وڌيڪ لفظ هجن پر هندي وغيره ۾ جيڪا سماس رچنا ٿئي ٿي ان ۾ گهڻو ڪري ٻه ئي لفظ هوندا آهن.

هيٺ ٻاهوس جي شعر مان ڪجهه مثال ڏجن ٿا جن ۾ ٻن کان وڌيڪ لفظ استعمال ٿيا آهن.

”عشق شيشي راه ٿي لڙڪي نڪو ڪيڙو قدم“

”عشق شيشي راه“ هڪڙي سماسي رچنا آهي، معنيٰ اٿس ”عشق جي شيشي جي راه“. هن رچنا ۾ ٽي شبد آهن. رچنا تتپرش سماس جي آهي. ٽنهي شبدن جي وچ جون حالت اضافت جون نشانيون هتي غائب آهن.

هڪ ٻيو مثال وٺو.

”ساٿ ڪٿا شردا ڦلن مٺ ڀوڳ ٻنا واسطي“

هن سٽ ۾ ”شردا ڦلن مٺ“ سماسي رچنا آهي، معنيٰ اٿس ”شردا جي ڦلن جي مٺ“. هن رچنا ۾ پڻ ٽي شبد

هيٺ پورس جي سماسي رچنا جا ڪجهه مثال ڏجن ٿا.

آويهي سماس

لاتمنا، بي تعلق ٿي مڙهين حقدار ٿاهه“
[پور ١٩-١٩٨]

”لاتمنا“ ۽ ”بي تعلق“ ٻئي آويهي سماسي رچنائون آهن، ڇاڪاڻ جو ”لاتمنا“ جو ”لا-“ ۽ ”بي تعلق“ جو ”بي-“ پورا شبد نه آهن، اويه آهن.

تتپرش سماس

جڳ-پتي (،، جڳ جو پتي)	[پوُر ١-٣]
شيوا مندر (،، شيوا جو مندر)	[” ١٣-١٣٨]
گهرج-گهوڙي (،، گهرج جي گهوڙي)	[” ٢٤-٢٤٩]
طمع-باز (،، طمع جي باز)	[” ٢٤-٢٤٩]
دوس در (،، دوس جي در)	[” ٢٣-٢٣٣]

مٿيان مڙئي مثال تتپرش سماس جا آهن. انهن سڀني مثالن ۾ حالت-اضافت جي نشاني غائب آهي.

ڪرم ڌاريه سماس

گهٽ گنگا	[پوُر ٢-١٤]
سخت دل	[” ١٣-١٣٤]

مٿيان مثال ڪرم ڌاريه سماس جا آهن. پهرين مثال ۾ ”گهٽ“، گنگا جي صفت آهي ۽ ”گنگا“ صفاتي آهي. ٻئي مثال ۾ ”سخت“ صفت آهي ۽ ”دل“ صفاتي آهي.

بهو وريهه سماس

’ڪم لياقت‘ [پور ١٥-١٦١] بهو وريهه جو مثال آهي. معنيٰ اٿس ”اهو شخص جنهن ۾ لياقت ڪم يعني گهٽ هجي“. اها معنيٰ رچنا جي ٻنهي پدن مان، ڪنهن مان به ڪانه ٿي نڪري.

سائين بيوس ۽ روحانيت

لمرنق سهاڻي

سائين بيوس ۾ ايشور لاءِ اُڪير، پريتم لاءِ پياس اڻمٽ ۽ اٿاهه هوندي هئي. سندس سکيا موجب سائينءَ لاءِ سچي سِڪ ۽ آتم-سمرپڻ ۾ ئي سڀڪي، سنتوکي ۽ سالڪ جيون جو رهسيه سمايل آهي. سچي سِڪ ۽ اُڪير مان شردا اڀري ٿئي ٿي ۽ سچيءَ شردا مان آتم سمرپڻ.

اڌياتمڪ جيون جو بنيادي ڌاڳو آهي سِڪ ۽ شردا.

بيوس چوي ٿو:

گهٽ گهٽ دل جي مندر ۾، پرڀو پوڄا واسطي،
ساڄ ڪڄ شردا ڦلن سڻ پوڪب، پريتا واسطي.

پريم ۽ شردا جو ورڻن ڪري بيوس پڇي ٿو:

منهنجي دل جا ديوتا! تنهنجو لهان مندر ڪٿي؟
عشق جو جنهن ۾ اجالو، آهه سو اندر ڪٿي؟

ڪيڏي نه اُڪير ۽ اُڪنڊ سان آراڌنا ڪري ٿو، منهنجي دل جا دادلا! تنهنجو مندر ڪٿي آهي؟ تنهنجي رهڻ جو آستان ڪٿي آهي؟ مان دربدر آهيان، ٻڌاءِ تنهنجي بيٺڪ ڪٿي آهي، جتي پهچڻ جي ڪوشش ڪريان، جيئن مون کي ڪا ٻي ڪاڻ ڪڍڻي ڪين پوي.

مالڪ ڪٿي آهي، تنهنجو ورڻن اينءَ ڪوتا ۾ ڪري ٿو:

آتما روپي اندر ۾ ئي امر جوتي جڳي،
ڪوش ڪهڙا پردهن پيا، موهه ئي مٺي سهي،
ديد لهه ديدار هرجا، شرط لهه هر جا ثواب.

آهن. هيءَ رچنا ۽ تتپرش سماس جي آهي، شبدن جي وچ مان حالت اضافت جون نشانيون غائب آهن.

ٻئي مثال مان اهو ٻڌرو آهي ته بيوس هڪ ئي سٽ ۾ هڪ کان وڌيڪ سماسي رچنائون ڪم آڻي ٿو. هن سٽ ۾ "شردا ڦلن مٿ" کان سواءِ "يوگ-ٻيٽا" ۾ سماسي رچنا آهي. هيءَ دوندو سماس جي رچنا آهي ۽ معنيٰ اٿس "يوگ ۽ ٻيٽا".

هن ئي حوالي ۾ بيوس جي هڪ ٻيءَ خوبيءَ جو بيان ڪرڻ به لازمي آهي. بيوس ڪڏهن هڪ ئي مرڪبي رچنا ۾، زير-اضافت ۽ سماسي رچنا جو استعمال ڪري ٿو. ثبوت لاءِ هيٺ هڪڙو مثال ڏجي ٿو.

"ٿو ٻان 'هرچيز دنيا' 'چاه چنتا واسطي'"
(ٻوُر ١٤-١٤٩)

هن سٽ ۾ 'هرچيز دنيا' ۾ زير-اضافت آهي، معنيٰ اٿس 'دنيا جي هرچيز'. 'چاه چنتا' سماسي رچنا آهي. هي دوندو سماس جي رچنا آهي، معنيٰ اٿس 'چاه ۽ چنتا'.

مضمون پورو ڪرڻ کان اول هڪ ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ضروري ٿو سمجهان. بيوس جي ڀاشا جي اڀياس جا انيڪ پهلو ٿي سگهن ٿا. خود بيوس جي مرڪبي رچنا جا ٻيا ڪيترا ئي نمونا آهن. هن مضمون ۾ بيوس جي ڀاشا جي هڪ پهلوءَ جي، محدود سامگريءَ جي آڌار تي ڇنڊ-ڇاڻ ڪئي وئي آهي. پر جهڙيءَ طرح ڪنهن طعام مان ذري چکڻ سان ان جي سموري سواد جي ڄاڻ پئجي ويندي آهي، ساڳيءَ طرح سان هن ڇنڊ-ڇاڻ مان بيوس جي ڀاشا جي هڪ پهلو، مرڪبي رچنا بابت انومان ڪرڻ ممڪن ٿي سگهندو.

جڏهن اسين "مان" "مان" ڪندا سون ته ٻاران ڪٿي نه ڏسڻ ۾ ڪين ايندو. جڏهن اسين آئي کي الوداع ڪندا سون، تڏهن ئي ٻاران پسڻ ۾ ايندو، ته ته اسين ٻاهر ئي ٻالڪي ٻاهر (ٻاهرئين) کان ٻري تا ڪري ڇڏيون.

ٻڌايو اٿس:

چئه ڪر دل منتظر ٿيئي نظر سان ڪير آهه؟
آهه دروازي تي دلبر، در کلڻ جي دير آهه!

دلبر در تي بيٺو آهي، در کلڻ جو انتظار ڪري رهيو آهي. اسين ڪيس در نٿا کوليون. در ته کلندو ڪيئن، جيڪڏهن آپو اسان تي سوار هوندو.

اسان ئي در بند ڪري ڇڏيو آهي. آڏ کان آهيون سندس گود ۾، پر هوش ڏئي، در کي کلڻ کان روڪي رهيا آهيون. ڪيترن ته ڪامنائن کي اسين اندر ۾ جڳهه ٿا ڏيون ؛ پنهنجي هردي ۾ مالڪ جي مندر کي اجڙ ڪري ڇڏيو اٿسي.

ٿيو اجڙ دل جو مندر دلبر جو گهرُ ويران آهه
ڪام راجا جت وسي، ڪيئن رام ويچارو رهي؟

دل ۾ ڪام يا رام هڪ رهي سگهي ٿو. ساڳئي وقت ٻئي رهي نٿا سگهن.

ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن به ساڳيو ويچار پرگهٽ ڪيو آهي ته ايشور اوسيڙي ۾ ويٺو آهي، اسان کي پنهنجي گود ۾ وٺڻ لاءِ. رڳو اسين پنهنجو هردو ڏانهس کوليون.

ڪوي رابندرناٿ ٽئگور جا اکر آهن:

"ڇا سندس خاموش آهٽ نه ٻڌان ٿو؟ هو اچي پيو، هو اچي پيو- پيو اچي پيو."

پريتم جو پيار اساڻي اندر ۾ ٺوڪيندو رهي ٿو. اسين جي رڳو پنهنجي هردي جو دوار سندس دائما اچڻ لاءِ کولي

سائين ٻيوس جو وشواس هو تہ ايشور روپي جوت هر ڪنهن جي اندر ۾ جڳي رهي آهي. الاهي نُور جو پرڪاش هر ڪنهن جي اندر ۾ آهي. هر جا، هر جڳهه، هر هنڌ هوُ ئي وسي رهيو آهي. مالڪ ۾ ايڏو تہ صدق اٿس جو چوي ٿو: "ٽوڪي ڏسان ٿو آڏو، دشمن اگر اچي ٿو." دشمن ڪيس هيانءَ ۾ هو تہ ڪونہ، پر تہ بہ جي ڪٿي ڪير پاڻ کي هن جو دشمن سمجهندو هو، تہ ان جي سمڪ اچڻ سان بہ مٿس ڪيس ايشور پسڻ ۾ ايندو هو.

چوي ٿو هر چيز ۾ سائين جي سونهن آهي. هو سروو وياپڪ آهي. ان ڪري هر چيز پوڄا جوڳي آهي، هر جاءِ پوِتر مندر آهي. دلبر جو ديدار هر چيز ۾ ڪري سگهجي ٿو.

ٻئي هنڌ چيو اٿس:

جي پسان پوشن پنهان، هڪ روءِ روشن يار جو
دور ڏارئپ ٿئي ڏريان ٿي، پيش پنهنجائي اچي

ان يار کي سڀني جي اندر ۾ پسڻ سان، ٻيوس جو اهڙو آهي تہ نيڻن ۾ نوراني نُور اچي واسو ڪندو، ڏارئپ دور ٿي ويندي، ڪنهن کي بہ ڏاريو ڪين سمجهبو. ڪير بہ پرايو ڪين ڀائبو.

سائين ٻيوس جو، مٿي ورتل ڪلام جي سٽن ۾ اهو بہ اشارو آهي تہ اهم ڀاونا جو، پردو هٽائي، "مان" "تان" جو تياڳ ڪري، روءِ روشن يار کي ڏسڻ سان ئي ڏارئپ دور ٿي ويندي ۽ پنهنجائي پيو پائيندي. پوءِ پريم جي گنگا وهندي رهندي، اندر ۾ پريم، پيو اڇلون ڏيندو.

چيو اٿس:

ساهن ۾ آهن پران، ماهن اندر ساهن منا!
ٻاڻ ٿا ٻاڻ ڪان پنهنجي ٿيون، پري ٻاڻ ڪري

مالڪ وسي ٿو غريبن جي ڪکائن جهوپڙن ۾. انهن ٻوڪڙن ۾ لڪل، لتاڙيل جيڪي رهن ٿا، جي آهن مالڪ جا ڪوڏل چونڊ. ٻارڻ کي ٻاهر لاءِ انسان کي هيٺاهين ڳوٺن ۾ ٿي سوس جهڪائڻو آهي. ٻاهي مسجدن، مڙهين، مندرن، گوڪل ۾ جڳ-يڳ ڪوا ملندو. مالڪ جي احساس ۾ ئي معراج ملي سگهندو.

سوامي وويڪانند جا اکر ٿا دل تي تري اچن:

”ڪيڏانهن ٻيو ايشور کي ڳولڻ لاءِ پڪڙين؟ جا غريب، دکي ۽ اڀاڳ ۾ ايشور نه آهي؟ ٿورن انهن ٻوجا جو ڪين ٿو ڪرين؟ پستڪ، پوٿيون، علم ۽ گيان، يوگ ۽ اپسياتون خلق جي خدمت اڳيان خاڪ برابر آهن. خلق جي خدمت خدا جي بندگي آهي. مهنجو اهڙي ڌرم ۾ ڪوڏيءَ جو به وشواس ڪونه آهي، جو ڪنهن ودوا جي ڳلن تان ڳوڙهن ڳوڙها نه ٿو اگهي سگهي، جو ڪنهن يتيم جي ٻڪيءَ واسطي ٽانڊي روٽي ٽڪر پهچائي نه ٿو سگهي.“

مالڪ کي ملڻ لاءِ ٽين ڳالهه آهي نماڻائي، نمرتا ۽ نهٺائي. سائين ٻروس نمرتا ۽ نماڻائيءَ جي نه مورتي هو. سندس مک تي نماڻائي سدائين نمودار هوندي هئي.

اوچ ڪرنيءَ جو ڪري هو. شاهه، سچل، ساميءَ کانپوءِ هو ٿي ٻيو ۽ انهن شاعر ڳڻيو ٿو وڃي، نه به هن ٻاڻ کي ڪڏهن به داد ڪين ڏنو. غرور ۽ ابهمان ڪڏهن به سندس اندر ۾ پيرو ڪين پاتو. ڪيڏي نه نمرتا هئس:

ڪيئن لکان چانڊاڻ ڏيو، چا لکسان سل تون
ڪندس پوري پسري، ٿوڪيندا ڳل تون
ٻنڌ ڪرڻ مون کان پڇي، واهه وڃي هل تون
ٻاجهه ٻرندي ٻل تون، هن ٻدوس ۾ ڏور جو-

چڙئون. هو نه سهائتا ڪرڻ لاءِ سدائي آتو آهي. سچو وٽو
آهي نه. رڳو اسين هردي سان ڪيس پڪاريون.

ڀڳوَس ٻيءَ ڪوٺا ۾ چيو آهي:

لِپڻ درسن لاءِ ڪوليو، شهسواري ٿي اچي،
دل اندر دربار لڳندي، ذات ٻاري ٿي اچي.

ليڪ اسانجا ڪليل نه آهن، پر پريتم جي شهسواريءَ جو
درشن ڪيئن ڪري سگهنداسون؟

اهنڪار جي اکين سان ڏسڻ ٿئي نه هوس جو،
جلائي جان چندن جان سڙي سرهاڻ ٿيڻو آهه.

اهنڪار کي جلائڻ بعد ئي اکيون مالڪ جو مشاهدو
ماڻڻ لائق ٿي سگهنديون.

ٽين پٽي لو ترس تڏهن، مون جڏهن ٻوليون ٻئي
پنهنجي آزادي کي سمڪ ڪري، ڀڳوَس پنهنجي اليوءَ
جو اظهار ٿو ڪري ته منهنجا مالڪ! مون جڏهن پنهنجون
ٻئي جسماني اکيون پوريون، تڏهن تو منهنجي ٽين اک ٻئي
لعني اليوءَ جي اک پٽي ۽ سڀ ڏٺم.

ڀڳوَس پڌايو آهي ته پريتم کي پائڻ لاءِ هڪ ته آپي جو
تياڳ ڪرڻو آهي، ٻيو دل اندر درد ڌارڻو آهي. درد غريبن
لاءِ، محتاجن لاءِ، ٻي اجهن لاءِ:

مل هلي مهراج کي محتاج جي احتياج ۾،
پُول ڪا دردي دکي دل، شيام شيوا واسطي.

*

اڄ غريبن جون ڪکايون جهوپڙيون مالڪ گهمي،
ٿو مڙهيءَ، مسجد، مندر، ديول، ٺڪاڻي ڪان ٿهي.

*

ولو اچي متڙا ۽ گوڪل، لساه جمنا جڳ. پٽي
شهر. شيوا ۾ وڃي ٻاڇ محب مرليڌر ڪٿي؟

۽ ڏاهپ لاءِ ٿئي. ٻڌاري، ڪٿي ۽ ڪلپنا جي اڏام، خيال جي بلندي، شاعريءَ جي اُڇل، جذبات جي گهرائي!

ساس اندر جو ساس کڻي ٿو
ٻُڌس انهد ناد وڄي ٿو
لُڙهن لهرن نظارا — قدرت وارا

ملڪ مڙئي ٿي مندر آهي
آڳو سڀ جي اندر آهي
ڏاهن منجهه ڏگارا — قدرت وارا



بس پوريءَ ۽ سنئينءَ ۾، ڪوڪ ڪوڙين ٻاڻ تو
ورلي بيوس جي سخن ۾ آهه ڇا؟ سمجهي ڇڏ.


پروفيسر ايل. ايڇ. اجواڻيءَ ”شعر بيوس“ جي مهاڳ ۾ لکيو آهي:

”بيوس جي لکڻي، بيوس جو نياز پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ڀلا شاعر جي پاڻ کي اولياءَ ۽ اوتاري پرش نه ٿا سڏائين ته اکثري ايترو نه دعويٰ سان چون ٿا ته سمي گڏرلي مهل ماڻهون اهي پٽ پولدا، پر انهن جو شعر قائم رهندو.

شيڪسپيئر اهڙي دعويٰ ڪئي ته ملٽن ۽ رائون هڪ سر آکيو. فردوسيءَ هام هڻي ته عجم (ايران) کي مون جياريو، ته حافظ هيڏانهن سمرقند ۽ بخارا ۽ هوڏانهن عرش ۽ فرش لي قبضو ڪيو. رومي ۽ شاه الهام جي پدويءَ لي پهتا ته سچل ۽ بيدل اِيءَ رنگيءَ جي رنگ ۾ رنڱيا رهيا، پر بيوس هميشه پاڻ کي بيوس ۽ واڇارو، نمالو ۽ نبل، مسڪين ۽ سوالي ڪوٺايو ۽ ٽاگور وانگي ايترو به نه وڇاريو ته پنهنجي راڳ دواران دربار ۾ ليمث پهچي وندس. بيوس لي گهڻو اثر گرو نانڪ صاحب جي ٻاڻيءَ جو اهل تو نه سڄي. جيئن گرو نانڪ ۽ سندس پوئن پاڻ کي داس سڏايو ۽ حد انڪسار ڪئي، عرش لي هولدي فرش اختيار ڪيو، تيئن بيوس ۽ هڪ اوچ ڪوٺيءَ جو ڪوي هولدي ۽ سماڄيءَ جو سوڀاڳي رهندي، پاڻ کي نه مالڪ سڏايو نه سالڪ، وڃان لي بيوس....“

بيوس اپالظهار جي اسعتيءَ ڪندي، امنگ ۽ الساه، موڄ ۽ مستيءَ ۾ اچي بيوس جهڙ عرش لي اڏاملو آهي. ڪٿا ته سندر ۽ نزاڪت پريا اکر، سندس الفر آلما جي اواڻيءَ مان جهڙ اپري نڪتا آهن. ڪهڙي نه پوليءَ جي مدرتا، ڪندي

اگر جي ڏسبو ته اهڙن گڻن ۽ آدرشن سان ڀرپور سائين "ٽيوس" هو. پنهنجي وقت جو هڪ اعليٰ درجي جو استاد هو. سائين ٽيوس پنهنجي اڳيان هڪ اکري آدرش اڳ رکي هڪ سچو ويوهارڪ آدرش رکيو. سو به منووگيانڪ بنياد تي. اهڙي طرح هن پنهنجي آدرش ۽ پاڪ دامن زندگيءَ جو سفر وڏي سڦلتا سان طئه ڪيو. جنهن سڦلتا جا ثبوت آهن اهي سندس ياد ۽ سيمينار، ورسيون. سندس ڪيل ساهتيڪ ۽ سماجڪ سيوائون. جنهن بنياد تي هن پنهنجي زندگيءَ جي رٿا جوڙي، ليکي تو اها هن ريت هئي:-



علمي يوگيتا:- (حوالو- شري ليمڻ لهالاڻي جي ليک مان) "سوره پت پنهنجن ۽ ٻڌرا." اها چوڻي 'ٽيوس' سان پورو ميل ٿي کائي. هو جنهدي ٿي چام هو. غريب ڪٽنب ۾ جنم ورتدي ٻ ودبا سان ڇگو چاه ڏيکاريائين. ذهن

ٻيڀوس هڪ آدرش اڌياپڪ

رام پاڄنداڻي "گيان"

سائين ٻيوس جي زماني جي ماستري

سائين ٻيوس جي جيون ۾ جڏهن سرسري نظر وجهبي ته سندس ساري جيون ۾ "ماستري" چاليل نظر ايندي. جنهن پٺيان سکيا منوو گيان جي پوري جهلڪ پئي نظر ايندي. سائين ٻيوس جي زماني جي ماستري آدرش جو مرڪز ليکي ويندي هئي. ان وقت جي ماستر جي ڪٿ سندس شخصيت ۾ ئي ڪئي ويندي هئي ۽ نه سندس پگهار ۾. معمولي پگهار هوندي به ماستر جو مان وڏو هوندو هو. ان وقت جي ماستر آدرش کي پوران رکيو، پگهار کي پوء ۾ ته. خاص ڪري سنڌ جي ڳوٺن ۾ "ماستر" ۽ "مرشد" کي هڪ ئي شرڌا ۽ سنمان جي اک ۾ نهاريو ويندو هو. ساڳئي وقت ماستر کي "استاد" سڏائڻ جي حاصلات ۾ پنهنجي لياقت ۽ قابليت جو جوهر به ڏيکارڻو پوندو هو. ٿوري ۾ چئبو ته ماستر جي منهن تي مرڪ، اکين ۾ علمي شعاع، طبيعت ۾ ڳيري جهڙي لڄ ۽ زبان ۾ بيربل جهڙي حاضر جوابي ۽ صلاح مصلحت ۾ هڪ وزير جهڙي اميد رکي ويندي هئي. اهڙو ڪٽوان چرتروان ماستر ئي ان وقت جي عوام-دلين ۾ راڄ ڪري ٿي سگهيو ۽ سچي معنيٰ ۾ "صاحب" "سائين" "استاد" يا "وديا گرو" سڏجي ٿي سگهيو.

ڀارت جي ٻڪي سر ٻڌي نه سگهندو. سو هن ٻالڪ کي
ڙن گلن ۽ مکڙين جيان منوويگيانڪ سطح تي تازو رکڻ ٻڌائجي
رش جو اديش سمجهيو. هو هڪ هنڌ ٻالڪ جي ڪوملتا
و ورڻ هن نموني ڪري ٿو:

”ٻالڪ آهيون ننڍڙا ننڍڙا
پر اسانجا ڪوڙا ڪوڙا.“

ٻارن کي ڪهڙي والدر ورونهن- سو سالن ٽيوس ٻڌائجي
ورڻ جي دريءَ مان ٻارن جي من ۽ ٻڌي کي ڏيان ۾ رکي
ڙاون سرل ڪوتائون ۽ امت رچيا، جن کي ٻار سولائي سان
ڪنٺ ڪري ٿي سگهيا. ٻوءِ چاهي هو اهي گيت ڪورس
ڳائين يا اڪيلائيءَ ۾ گنگنائين. ”ٽيوس“ ان ونڊر جي
نل منائي ۾ سکيا جو سٽپ نه ڪافي ٻرائندو رهيو. جو
مدس سکيا منووگيان جو ڪامياب اڀراو رهيو. ”شيرين شعر“
موجي گيت“ ۽ ٻيا ان جا زنده ثبوت آهن. جن مان ڪي
يت ۽ ڪوتائون اڄ به سنڌي اسڪولن جي ٻائي پستڪن ۾
ٽيوس جي آدرشن جي ياد کي تازو ڪري رهيا آهن.
سائين ٽيوس کي اهو پڪو نشچو هو ته جيڪڏهن ’ماسٽر‘
ڻ ۾ آتم وشواس رکي، ٻار، سماج اتوا ديس لاءِ ڪوبه
هبوديءَ وارو ڪارج، ڪوار همت ۾ ڪٽندو ته ان ۾ هو ڪهڙو
ڪجهه ڪري سگهندو ۽ اهو چوڻ هر طرح صحيح آهي:
ان چوڻي کي “The teachers are the builders of the nation.”
عملي روپ ڏيڻ لاءِ ٽيوس ٻار، سماج چاهي ديش جي نماڻي سيوا
ڏي دل سان ڪئي. خاص طور هن جي ساهتيڪ سيوا ته
ڪڏهن به ڀلائي نٿي سگهجي. اها سيوا ساهت جي ان
سمن [١] ”شاعري“ (ڪاويه)، [٢] ”ناٽڪ“ تي وڌيڪ
رسڻ رهي. سنڌس شاعريءَ جي ساک سنڌ چاهي هند ۾
هندڙ سنڌين ۽ ٻين ۾ اڄ به جهڙن جو تيئن آهي.

انهيءَ جو فائينل جي امتحان ۾ سڄيءَ سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو. ان سبب سرڳواسي ڪوڙيمل چندومل، ان وقت جي تعليم کاتي جي انسپيڪٽر کيس سونو تمغو عطا ڪيو هو. سادي رهڻي اوچ ويچار سندس جيون جو مول منترُ هو. نوڙت ۽ نياز جو پتلو هو. تعليمي کيتر ۾ چاهه هئڻ ڪري پرائمري اسڪول جو ماستر ٿيو.

(حوالو شري ديودت شرما جي ڪوي شري مالا تان صفحو ٢٦) "پوءِ ٽيچرس اسڪول جي پڙهائي پوري ڪري سرڪاري نوڪريءَ ۾ ماستريءَ ۾ گهڙيو ۽ آخر تائين سنڌ جي ڳوٺن ۾ ماستر رهي پينشن ورتائين."

(صفحو ٢٧) ڳوٺاڻن کيس ماستريءَ جي ڪار، ڪرڻ لاءِ ئي جنم ڏنو هو. وديارٿين سان سندس لڳاءُ پيءُ جهڙو آدرشي وهنوار رهيو جو ان ساري زندگي ۾ پنهنجي ، ٻار کي ڏک نه هڻيون." (سکيا مدو گيان جو سڌانت)

"انگريزي ۾ گهر وٺي اڀياس ڪيل هوس. روي بابو ۽ شيڪسپيئر جون رچنائون چڱيءَ طرح سمجهي ويندو هو. انهيءَ قدر جو ڪڏهن ڪاليج جا وديارٿي به شيڪسپيئر جي ناٽڪن ۽ روي بابو جي ڪهاڻين جو ارٿ سمجهڻ لاءِ وٽس ايندا هئا. پاڻ لاڙڪاڻي جي گيان باغ ۾ ڪهاڻين تي پروچن ڏيندا هئا." (ڪوي شري مالا صفحو ٢٧)

مهو گيانڪ درشٽي:- سکيا جي کيتر ۾ هُن "ٻالڪ" کي ئي اڳيان رکيو. ان کي ئي سکيا جو مرڪز ٺاهيو. سائين پوءِ ٻالڪ يا ٻالڪا کي مستقبل جي چمڪندڙ سماج جو ديپڪ سمجهيو. سندس من ۾ ٻالڪ لاءِ اهوئي ڌيان رهيو. "*Child is the father of man.*" ٻالڪ جيسين جسماني طور ۽ مانسڪ طور مضبوط ۽ سوتنتر ناهي، تيسين هو سماج جي

ٻيو آهي رام پنجواڻي، جو عوام جي مکن لي پروفيسر رام
پنجواڻي سان پرسڌ آهي ان لاءِ ڪيس (اڊاپٽ) ڇوڻ جو
ٻيو ڪهڙو ثبوت ڏيان. ٻيون آهي دادا "دڪاڻل"، جو سنڌي
گايڪ ڪوي ۽ هنديءَ ۾ "دڪي" جي نالي سان پڻ پرسڌ
هجي پر اڄ ڪالهه به هو لطيفي ڪئنر ۾ (ڪالڊيڊار) سرگرم
آهي. اڊاپٽڪن سان هو ڪافي گهرو آهي. ٽنهي صاحبن کي
پنهنجي سنڌي ۽ سنڌو سماج ۾ ڪير نه سڃاڻي؟

ڌارمڪ سکيا:- جو جنهن ڌرم، ذات يا مذهب ۾ جنم
وٺي ٿو ان کي ننڍپڻ ۾ ئي وڏن (ماءُ، پيءُ، استاد) کان
ڌارمڪ سکيا ته ضرور ملڻ گهرجي جنهن سکيا جو بنياد
"انساني ڌرم" ۽ پريم ۽ "ٻڌن وشواس" هئڻ گهرجي. اهڙي
سکيا جي پايه (بنياد) تي جنهن جيون جي عمارت اسرايل
هوندي اها طوفانن جي يا ٻين ڪشمڪشن جي وچ ۾ به برابر
سلامت بيٺي هوندي. سالن پوءِ ان ڏس ۾ نه صرف پاڻ
اڳرو رهيو پر اهڙا سنسڪار ان وقت جي ٻارڙن ۾ ان جنهن
جو ٻيڻن پريا. سٿ سنگ لاءِ چاهه، پرو ڇن ڏيڻ، ڌارمڪ
گرنٿن جو گهرو ابياس ڪري آدرش زندگي جا هر روز جا نيم
پالي چڪا. پنهنجي اشٽديو "ڪرشڻ" جي ڀڳوت گيتا، ٺاڪور
جي گيتانجلي، گرو نانڪ جي باڻي (گرو نانڪ ڪتا ڪوتا ۾
ڪمال ان جو مثال) جي ڇاپ سندس زندگي تي آخر تائين
رهي. هن جي اکين ۾ مندر جي اندر بيٺل ڪرشن نه پر
ڪرم يوگي ڪرشن وسي رهيو هو.

١. ڪرم:-

"وٺو لهجي متِرا ۽ گوڪل، ڇاڏ جمنا جڳ-پتي
شهر-شيوا ۾ وڃي پهچ، مصب موليڊر ڪشي"

”بيوس“ جي شاعريءَ ۾ ٻالڪ کي پنهنجي ٻالڪپڻي جون ڳالهيون ڏسڻ ۾ اينديون، استريءَ کي پنهنجي عزت جو اپاءُ ملندو، ڀڳتي سڌارڪ کي امنگ ۽ وطن دوست کي جذبو ۽ جولان ملندو.“ (هندواسي ٽان)

هندي ساهت کي جيئن ڀارت-اندو هرشچندر ناٽڪ ۽ ٻين ساهتڪ رنگن ۾ نئون موڙ ڏنو آهي، تهڙيءَ طرح ”بيوس“ به سنڌي ساهتيه ۾ نئون موڙ ڏنو. هن ٻارن جي سکيا لاءِ پرهلاد ڀڳت، ڌرو ڀڳت ۽ وڏن لاءِ هرشچندر، ڀرت. پوڄارڻ، سورداس ڀڳت، ٽيڪي پدي ۽ ڪرسمن کي دور ڪرڻ لاءِ شراب، ڏيتي ليتي، ماس نه ورائڻ تي ڪافي ناٽڪ لکيا جي اڪثري لاڙڪاڻي جي چانڊڪا اموئيچر سوسائٽي جي سهاري هيٺ لاڙڪاڻي ۽ سنڌ جي ٻين وڏن شهرن ڪراچي، حيدرآباد، سکر، شڪارپور، جيڪب آباد وغيره ۾ اهي ناٽڪ ڏيکاريا ويا.

شاعريءَ جي شاهي راهه تي سائين بيوس ٻارن کي استاد نه سڏايو هجي پر پنهنجن پيدا ڪيل شاگردن جو هو اڄ به امر استاد آهي، الهنجو ”سائين بيوس“ آهي. نه صرف انهن جو پر ٻين سنڌين جو به ”سائين بيوس“ آهي. ”سائين بيوس“ جو جيئوتيڪ پورو نالو ڪشنچند ليلاداس کٽري آهي نه ته هو ٻراءِ ۽ ٻرسڻ ”سائين بيوس“ سان وڌيڪ آهي. تعجب اهو جو ان آدرش اڌياپڪ جا ان وقت جا پيدا ڪيل جي شاگرد هئا سي به اڪثري پنهنجي جيون ۾ هلي آدرش اڌياپڪ ثابت ٿيا آهن. ان کان وڌيڪ ”سائين بيوس“ کي ”آدرش اڌياپڪ“ مڃڻ لاءِ ٻيو ڪهڙو ثبوت پيش ڪرڻو پوندو؟

سائين بيوس جي مکيه شاگردن ۾ ”سائين دلگير“ جو نالو آهي جو اڄ تائين به ”آدرش اڌياپڪ“ (پرنسپال) رهيو آهي.

۽ (شايد ۴۳-۴۴ع) سنڌ جي ٻالڪن جي ٻاريءَ جي السو لي سپاهيءَ جي حيثيت ۾ آيا هئا. اڏهن هن اها مٿين ڳالهه خانگي ملاقات ۾ ظاهر ڪئي هئي. (مان ٻالڪي خوشنصيب ٿو سمجهان جو ان وقت اهو سندس مون لاءِ ٻڌايون ۽ ٻڌايون درشن هو.) ڪيترو نه مهان تياڳ هو سندس جيون جي هر ڪارنامي ۾ سمايل. هن ۾ ديش ڀڳتي ۽ ڪٽرتا ڪوٽ ڪوٽ ڀريل هئي. اهي صرف اکر، ٻر دلي. مثلن ٻارن جي مائرن ۾ ان ويرس جي ڪهڙي نه غضب جي جهلڪ ڏني آهي—

”اهي مائر ڀلي مرڪن جي ٻارون ۽ اولي ڏين
۽ صدقي ديش تان تن من ڪري ڇڏي ۽ اهي خدمت
جڳو پنهنجا ڪيڏي ڏيندا ون، مئو اولاد موڪيندا ون
اهائي ٻاس ٻاسيندا ون، ته رهجي ملڪ جي عظمت“

”سالن ٻوس“ جڳ جڳ جيئين. تنهنجون لاثاني لائون دل جي تار تار ۾ جهنڪار ڀرينديون رهنديون جيسين هي دل زنده آهي. زنده آهين تنهنجا آدرش جي اڄ جي اڏيائڪن کي آدرش ٻطائڻ جي پورتا ڏيندا رهندا.

٢. آدياتمڪ درشٽي :-

"آتما روپي اندر ۾ ٿي امر جوتي جڳي
لاٿن لڪاءُ ٿنهنجو هرجا نظر اچي"

يا "اپاري آد ڪان ٿي، تو ڪين ٻي الست رچنا مان
ٿي ٻي رنگي، رچائي رنگ پور ۾ رنگ نيارا تو"

٣. سر درشٽي :-

"ذات ورڻ رنگ روپ جو سانئين وٽ نه ڪير
هو حب هرڪنهن سان رکي، رکي نه ڪنهن سان وير"

پارس جي مهان آتما ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن، جو نه اصل ۾ پنهنجي زندگيءَ ۾ آدرش آدياتمڪ ٿي رهيو هو، چيو آهي ته ٻي سکيا سان گڏ ٻالڪ کي ڌارمڪ سکيا ڏيڻ تمام ضروري آهي. ۽ ٻي اهڙي آتما آهي اڄ جو اسانجي گجرات جو راڄ پال شري من نارائڻ، جو نه ڪنهن وقت آدياتمڪ هو، اهو نه ڌارمڪ سکيا تي وڌيڪ زور ڏيئي رهيو آهي اڄ جي هن ٽيڪنيڪل پڙهائي کي. هنن جا واکيان ۽ ليک اِن ڌارمڪ سکيا تي پڙهڻ وٽان آهن.

سانئين ٽيوس پنهنجي رهڻ ڪاڻ نه پنهنجي زندگي کي سماج جي سيوا (خلق جي خدمت) کان آجو نه رکيو. هنجي هڪ دلي تمنا سندس دل ۾ اچا ۽ اڇلون ڏيئي رهي هئي. اها هئي سندس شروع ڪيل "ٻاڪيا اسڪيم". جنهن اسڪيم جي بنياد هيٺ ڪو آرٿڪ سوارٿ ڪونه هو پر مقصد هو سنڌي سماج جي ٻچن (ٻالڪن) کي تنديڻ ۾ شڪ ڪير پيار ڏيڻ. يعني ڪين جسماني طور نه تاڙو توانو ۽ سگهارو رکڻ. "تن درست ته من درست." جنهن سماج ۾ ٻار تندرست هوندا (ڪمزور نه ڏکي نظرا) ته اها سماج اڳتي هلي هر ڪنهنائي جو خوشيءَ سان مقابلو ڪري سگهندي. جڏهن هو سکر سند

ٿيو جنهن لئي اسلامي سڀيتا جو گهڻي ۾ گهڻو اثر هو ۽ جتي ادبي اصول ايران ۽ عربستان مان ايندا هئا. هندو ڌارمڪ وشواسن جي لحاظ کان پنجاب جي نانڪ-پنٿ سان جڙيل هئا ۽ هنن کي آريه سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو جيڪو ڪجهه علم هو سو پڻ وٽان حاصل ٿيل هو. سنڌ ۾ جيتوڻيڪ ويدانت جي فلسفي ۽ معني جي متعلق ڄاڻ گهڻن کي نه هئي، پر ويد وياس جو لکيل مول پستڪ شايد ئي ڪنهن پڙهيو هجي. بيوس جو جنم انهيءَ زمين تي ٿيو ۽ وڏي ۾ هن کي مليا پارسي شاعر ۽ اهي سنڌي شاعر جيڪي خود ڪاويه-ڪلا جا پورا ڄاڻو نه هئا. نتيجو اهو ٿيو جو بيوس خود سڀاڳ شخص هوندي به ارجمند شاعري نه ڪري سگهيو. پوءِ، جن-جيون، آچار، وهنوار، پرين-پوڄن جي ايڪ روپتا نه هئڻ ڪري هو پنهنجي اندر ڪاويه-سنسڪار نه پيدا ڪري سگهيو. بيوس جي شاعري پڙهندي لڳي ٿو ته نثر پڙهي رهيا آهيون ۽ اهو نثر نه ڪو وچارن کي اڀيما ڏيندڙ ڪونهي. ڪويتا ۾ جذبن رس ۽ ڀاؤ ڪٿ وڪٿ پرواز ڪندا آهن ته اهو ڪاويه جي رچنا ٿيندي آهي. بيوس جو نه اهڙو اڀياس هو، نه محنت پچائل هئس ۽ نه وري ڪن استاد شاعرن جي سنگت ۽ رهبري ٿي مليس. ورنه هو اڀ-ترليب خيالن جا ڪچا پار نه پا گهٽ پيدا ڪري ها ڇو ته خيال نه سڀني وٽ هوندا آهن پر فن انهن خيالن کي ٺيڪ ڍنگ سان پيش ڪرڻ جو شعور عطا ڪندي آهي.

ڪلا پکش:-

ڪاويه (ساهتيه) للت ڪلا جو هڪ انگ آهي. انڪري پهريون پاريندو ۽ بيوس جي ڪاويه جي ڪلا پکش تي وچار ڪيو ويندو.

ببوس ۽ ڀارتيندو

عاجز بيدي

پرمپرائون لکت ڪلائن ۾ پراڻ ڦوڪين ٿيون. پرمپرائن کان ڪٽيل ڪلاڪار لاءِ ڪلا جي استاپنا لاءِ پوءِ تيار ڪرڻ تمام مشڪل ٿي ٿو وڃي. پرمپرائون ٿي آهن جيڪي ڪلاڪار ۾ ڪي خاص سنسڪار پيدا ڪن ٿيون ۽ هن کي جنم-جنمن جي ورثو آڻين ٿيون.

ڀارتيندو جو جنم ڪاشيءَ ۾ ٿيو. ڪاشي جيڪا ڀارت جي سنسڪرتي ۽ سڀيتا جو هڪ پراچين ڪيندر آهي. جنهن جي چوگرد ڀارت جي پرمپرائون ولهن جهان وڪوڙيون پيون آهن. جنهن پوءِ ٿي ڀارت جي جدا جدا درشنن جا پرڪاش پنڊت براجمان رهن ٿا. جيڪا پوءِ ٿو پوئي سنگم جي الوهم چوٽا جي گهٽا سان هردم ڇانئي رهي ٿي. ڀارتيندو ان پوءِ ٿي ٿي ماتا سرسوتيءَ جو پٽن-پوڄن ڪيو هو. هن کي ورثي ۾ مليا هئا چار ويد، ارڙهن پراڻ، ڇهه شاستر، سنسڪرت جو ساهتيه. پنڊار، تلسي، سور، ڪبير، ميران ۽ ان سان گڏ الهڪ ورڻڪ ڇند، ماترڪ ڇند، النڪار، ڪاويه سڌانت، پهر ورن ۽ انداز-بيان. فقط پنجٽيهن سالن جي ننڍڙي حياتي حاصل ڪري به انڪل ڏيڍ هزار صفحا ڪوتا جا لکيا ۽ اڍائي هزار صفحا نثر جا لکيا ثابت ٿا ڪن ته هن ساهتيه کي هڪ شغل نه سمجهيو هو، پر پنهنجي زندگي سمجهيو هو، زندگيءَ جي منزل ۽ مقصد سمجهيو هو، هڪ پوڄا آراڌنا سمجهيو هو.

ببوس سان اهڙو ورڻ نه ٿيو. هن جو جنم ان ٿي سنڌ ۾

ڪهڙي نه غلط، عمر شاعراڻو ۽ نفيس ترتيب!
ٻار ليکندڙ جو هڪ پد ڏسو جنهن ۾ هن راڌا ۽ ڪرشڻ
جي سنگم جو شرنگار ٻاڦوت ٿي آڌار رکندڙ ورڻن ڪيو آهي:

घन गरजत बरसत लखि दोऊ औरहु लपटि लपटि रहे सोय,
श्यामा-श्याम इकंत कुंज में अह तीसरो निकट नहिँ कोय.
दामिनि दमकत ज्यौं ज्यौं त्यौं त्यौं गाढ़ी भरत भुजा की होय,
"हरिचँद" बरसत घन उत, इत रस बरसत पिय-प्यारी दोय.

جيون ۽ ڪلا ۽ نيتي

ڪلا، ڪلا لاءِ نه سهي، جيون لاءِ ٿي سهي، ڇو ته هوندي به زندگيءَ جي رکيءَ، ڦڪيءَ ۽ اڃائيءَ وياڪيا يا ورڻن کي ڪلا نٿو سڏي سگهجي. اها اظهار جي ڪمر ٿي سگهي ٿي. در اصل ڪلا جيون کي ڇهي، ۽ جيون جي ڪملان ڏاڍي نه ورهي.

نئوس جهڙي جيون کي ڇهيو آ، حقيقت نگاري ڪئي آ، انهي خمرليس کان اوچو نه ٿي سگهيو آهي. سندس ناصحانه شعر ۽ نظم ان جو ثبوت آهي. مثال:

چوٽ چاڙهيءَ تي وڃي پهتو هي جالي جهڳڙو،
هو اڳي هيٺ ۾ ليو هاڻ ولالي جهڳڙو!

هي سراسر نثر جو ٽڪرو آهي. جي ان کي نظم ڪوٺيو ته لکندڙ جي خالي ۾ ٿي وڃي سگهجي. نئوس شراب تي لکي يا جوئا تي، ٽاريءَ تي يا استريءَ تي، هيٺين وياڪيا ۽ انداز-بيان ۽ ڪلپنا جي آڌار ۾ ڪو فرق ڪونه ٿو اچي. اهي ٿي چار ٻيج وزن، ٻوليءَ جا اکر، نثري انداز، سطحي انڀوچ ۽ لکندڙ.

ٻر ٻار ليکندڙ لاءِ الين اڄو ڇئي سگهجي. هو مٽيءَ کي مٺيو بڻائي سگهندو هو. مثال ايپاس جي ڪري هن وقت

اندازِ بيان

بيوس وٽ اندازِ بيان ڪونهي. هن جي لفظاً سهڻي شاعري اڪري معنيٰ (ابدا-ارٿ) قافين تي محدود آهي. ان ڪري اها سطحي آهي. هو پارليمينٽ جي ٽس ٽس ۾ ڪانگريس-سنسڪار پيال هئا، ان ڪري هنجي نظر چاهي نثر ۾ شعروشاعري ايتري ماٺي آهي. جيئن بيوس

پنهنجي ڏنهن اچي ونهي. انڌاري جي اندر ٽڙندي
وڳو نه صاف سورج لي ڪڪر ڪارو وري ڇانجو؟

يا ليڪو هڪڙو ۽ قدر وارن لاءِ ڪهڙو ڪيميا،
پو لڪو، لفرلي ناقص نظر ناپاڪ ۾!

جهڙي سطحي، بيوس ۽ نثري شاعري ڪري ٿو، اهي پارليمينٽ ۾ خيال ۽ هو پاڻ کي رسملو ۽ آنندمئي، ظاهر پيش ڪري ٿو. مثال:

हमैं नीति सों काज नहीं कछु है, अपनो धन आपु जुगाए रहो,
हमरी कुल-कानि गई तो कहा, तुम आपनी को तो छिपाए रहो.
हमसों सब दूर रहो "हरिचंद" न संग में मोहि लगाए रहो,
हम तों बिरहा में सदा ही दहैं, तुम आपनो अंग बचाए रहो.

هن "سوانئي" جي آخري سٽ ۾ جنهن انداز سان لفظ پراميءَ لي طنز ڪئي ويئي آهي اهو نه ڪي رسڪ لي سمجهي سگهندا.

ڪلاتمڪ رچنون

ڪلاڪار جون ڪلاتمڪ رچنون لي وشيءَ ڪي شاعراڻا پڻ لفظن لڳون. سطحي ڪلاتمڪ رچنون هئڻ ۽ ڪلا جي نفاست سان پوريءَ طرح هم-آهنگ نه لڳڻ جي ڪري بيوس "شاعر" لي نه، فقط هڙي لي ڪلپنا ٿو ڪري:

تو ۾ هر دل جي نڪڻ لاءِ لوڻ جام ڪهي
هر زماني جي غذا تو ۾ ڪهڻ لاءِ ڪهي

جا اهڃاڻ گهڻا آهن. پر ڇولدڙ اهڙا ڳالهه ڀلائي ٿا وڃن ته جي
سادگيءَ سان پرڪاري، سرلتا سان هوشياري ۽ ڀولائيءَ سان
شوخيءَ جو سنگم نه ڪرايو ويو ته ڪلاڪاريءَ جي پدوان
ڪنهن درسي ڪتاب جي سوالن جو ٿي جنم ٿيندو.
پارڀيندو پرام-پياسي اکين جو ڪهڙو نه رس-مئي ۽ سرل
بيان ڪيو آهي:

घर में छिनहूँ थिर न रहैं,
दौरि दौरि झांकत, दुआर लखि,
पियको दरस चहैं.

النڪار، ڇند، وزن.

بيوس گهٽ ڪري تجنيس خطيءَ ۽ تجنيس حرفيءَ ۾ ئي قائل رهيو. ڇوته هن کي اها ڄاڻ ئي ڪانه هئي ته سنسڪرت النڪار شاستر ڪيترو نه وياپڪ آهي. پر پارڀيندو النڪارن جو، پوءِ چاهي شابدڪ چاهي آرٿڪ، چڱو اپيوگ ڪيو آهي. ساڳي حالت ڇند ۽ وزن سان به آهي. بيوس جا وزن ٺيٺ آهن. پارڀيندو بلڪل پختو شاعر آهي. هن نه فقط هندي ڇندن جو ٺيڪ پرايوگ ڪيو آهي، پر اردو وزن جو به صحيح استعمال ڪيو آهي. جيڪي سچي وزن جي ٺٺڙ کي اوڻ ۽ ٿوري ۽ شاعر جي آزاد طبيعت جي نشاني سمجهن ٿا، انهن کي اهو ڄاڻي ڇرڪ کڻبو ته صحيح وزن ڪم آڻڻ بيوس جي عادت هئي ۽ غلط استعمال هن جي مجبوري هئي. فعلن ۽ فاعلاتن ۾ تقريباً سڄي شاعريءَ جو بنياد رکندڙ بيوس، جي وزن کي صفا ترڪ ڪري ها، ته پوءِ بيشڪ نواڻ جو باني چوائڻ جو مستحق ٿئي ها. ٺيٺ وزن جو چولو پائڻ بيوس جي شاعري رحم جي حقدار آهي.

ڪلپنائن جي ڪمي ڪانه هئي. خود ٽائيڪار ۽ مڙيئي ڪلاڪار هٿان ڪري هن کي مارڪسي اڪون چوندڻ جي ڄاڻ هئي، ڇوته هميشه عام جنتا سان هن جو واسطو پيو پوندو هو. ان ڪري "ٻڪري - ولاپ" جهڙي خشڪ وشيه تي به ڇا منوهاري ڪوتا لکي سگهيو آهي:

दूध देत, नित तृन चरत करत न कछू बिगार,
ताहू पे मम यह दसा, रे निर्दय करतार.
पुत्र-सोगिनी ही रह्यौ जो पै करनो मोहिं,
तौरे विधि मम रचन सों कहा सिरान्यौ तोहिं.
कहाँ जायँ, कासों कहँ, कोउ न सुनिबे जोग,
खाँव खाँव कर धाय सब, हमहिं लगावत भोग.
जदपि नारि दुख जानहीं मेरो सहित विवेक,
पै ते पति-मति मैं रंगी, बरजहिं तिन्हैं न नेक.

هنديءَ ۾ لکڻ جي تعداد ۾ چند هٿان سبب پارايمندو وشيه جي انوسار الهندي چوانڊ ڪري نه سگهيو. سنسڪرت جو سٺو گيان هٿان ڪري هن جي ڪوتائن ۾ رس ۽ مڌرتا گهڻي انداز ۾ آهي. لنگالسار ابياس جي ڪري هندي شاعري ٻوليءَ جي لفظن کان گهڻي آجي آهي.

نيتي:

پيوس جون نيتيءَ تي لکيل ڪوتائون خشڪ ڀاشڻ جا نمونا آهن. هوڏانهن پارتيندو ۾ نيتيءَ کي به رسولتي ڏٺو آهي. ڪلا ڌرم - ڪرانت يا نيتاڪريءَ وارو ڀاشڻ ڪونه آهي. ڪلا ۽ ساهتيه جي ڪيتر ۾ هر خيال مثالي ادا سان اچڻ گهرجي، مزدور جي ڪلهن تي رکيل ڏ - مٺي ڳوڻ وانگر نه.

سادگي ۽ سرلتا:

ڇيو ويندو آهي ته پيوس جي ڪوتا ۾ سادگي ۽ سرلتا

۽ هوليءَ ۾ ذرا سندس ڇيڙڇاڙ جو لطف وٺو:

गोरी कौन रसिक संग रात बसी?

भरी खुमारी, नैन खुलत नहिं, सिरतें सारी जात खसी !

بيوس شاعريءَ ۾ لطيفيت جا معرڪا ڀلي هڻيا هجن، پر هو رس ڌارا نه وهائي سگهيو آهي. ان ڪري هو پارکندڙن جي سامهون ٿلهو، ليکڪ ۽ غير شاعراڻي طبيعت وارو شخص لڳي ٿو. بيوس جي ڪلا ڪشش تي نظر وجهڻ سان پتو ٿو پوي ته هن اهڙي شاعري ڪئي آهي جنهن ۾ شعريت ۽ شعور بلڪل ڪونه آهي. ڪلا ته اڃا ڪافي دور جي منزل آهي.

ڀاو ڪشش:

اهو چيو ويندو آهي ته بيوس سنڌي شاعريءَ ۾ نئين دور جو باني آهي. اصل ۾ هن پنهنجي وقت جي مسئلن تي قلم هلايو ۽ وشين جي هڪ نئين فهرست ساهتيه کي ڏني. مان وري به دهرائيندس ته فن ۽ خيال جي ڪميءَ سبب بيوس جي شاعريءَ کي ليکڪيءَ واريءَ سطح تي رهي ٿي صبر ڪرڻو پوندو.

بيوس جي شاعريءَ جو معيار وڌائڻ جي اُمنگ ۾ ڪي صاحب هنجي شعرن جون سائنٽيفڪ (Scientific) تشريحون ڪندا آهن ۽ دعوا ڪندا آهن ته بيوس پنهنجي شاعريءَ ۾ سائنس جا قاعدا، قدرت جا قانون ۽ ڌارمڪ فلسفي جا اصول پيش ڪيا آهن. پر ڇا شاعريءَ جي پرک اها وڃي پئي؟ مان اهڙن صاحبن کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته شاعري جسم جو نه، پر روح جو سالو آهي. امرسنگهه سنسڪرت ڪوش ڪوتا ۾ لکيو آهي، پاڻينيءَ سنسڪرت وياڪرڻ ڪوتا ۾ لکيو آهي. ڪيترائي وئدڪ ڪتاب ڪوتا ۾ لکيل آهن. ته ڇا انهن کي لکندڙ ڪوي ٿي

ڀاشا

ٻيوس اچارن جو غلط روپ پيش ڪيو آهي. ٻهاڪن ۾ چوڻين جو پرايوگ ٿورو ۽ ڪٿي ڪٿي غلط ڪيو آهي. هنجا مرڪب لفظ ڪنهن قاعدي تي ٻڌل ڪونه آهن. ڀاشا ۾ چستي ڪونه آئس ۽ لفظن جي چونڊ ڪچي ۽ ڪسي آئس.

هو پارليمدوءَ موقعي ۽ محل مطابق اچارن جا روپ رکيا آهن. برج ڀاشا ۾ جيڪي لفظ جنهن روپ ۾ پرچلت آهن، هن انهيءَ اهو ئي روپ رکيو آهي. "رسا" تخلص سان اردوءَ ۾ شاعري ڪندي پارليمدوءَ لفظن جا عربي ۽ فارسي اچار ئي قائم رکيا آهن. مثال:

"رسا" حاجت نهين کچه روشني کي ڪنج مرقد مين
جلاتي شمع يهان داغ جگر هر وقت جلتي هين

جتي ٻيوس "شمع" کي وزن ۾ ڪٿي فاع ۽ ڪٿي فعو ڪري ڪميو آهي، اتي پارليمدوءَ "شمع" کي سدائين فاع ڪري ئي ڪميو آهي، جيڪو ئي ان جي صحيح اچار جو وزن آهي. پارليمدوءَ اردوءَ ۾ ۽ چڱي شاعري ڪئي آهي ۽ ان زبان ۾ ٻه ٻن ۽ خيال جي لحاظ کان پاڻ کي پختو شاعر ثابت ڪيو آهي. هن ٻهاڪن جو ٿ گهٽ اپيوگ ڪيو آهي ۽ هن جا مرڪب لفظ سنسڪرت جي سماس-نيمن تي ٻڌل آهن. هنجي ڀاشا ۾ چستي آهي ۽ لفظن جي چونڊ وشيه کي وڌيڪ صاف ۽ چٽو ڪندڙ آهي. "پرام" ٻابت سندس سٽون پڙهو:

जेहि लहि फिर कछु लहन की चाह न हिय में होय,
जयति जगत-पावन-करन, प्रेम बरन यह दोय.

۽ گنگا ٻابت سندس پد ۾ ربط انداز- بيان ڏسو:

गंगा पतितन को आधार,
यह कलि-काल कठिन सागर सों, तुमहि लगावत पार.

وڏنگ (طنز) جهڙو ادب ڪاوڙ ۾ لکيو ويندو آهي، پوئس
وٽ اهو آهي ئي ڪونه. پر پارليندو ته طنز ڪرڻ ۾ ان
جي مثال هو. سندس پرهس "الڊاپر لکري چوٿت راجا" کي
ڇا ڪوئي ڀلائي سگهندو؟ ان ڪانسواءِ هن ڪيترين طنزي
ڪوتائون به لکيون آهن.

پارليندو جي موليءَ کان پوءِ مهڙو پوءِ پوئس جاڳو هو.
ان لفاظ کان جيڪو ليڪ هن جديد دؤر ۾ شاعري ڪئي ته ان
مهمجو ڀهمجو رااو اهو آهي ته پارليندو پوئس جي ڀيٽ ۾
گهڻو مٿي آهي. مون اهو رااو، ڀهمجي پڙڪ سان، انهي
جي رچنائن جي من ۽ خيال جو جائزو وٺندي ناهيو آهي.
ان حالت ۾ پوئس لاءِ اڳاهه عزت الم. هي صرف لفظا جي
خيال کان ولن ڪيو الم. الهن برابر آهي ته پوئس الهن
پڪ جي ترجماني ڪئي.



ويا؟ هرگز نہ. امرسنگهہ ڪويءَ جي اسالي نہ ٿو ڪوشڪار جي لائي مشهور آهي. ٻاٽڪيءَ کي سڀ وياڪرڻ جو آچاريہ ٿي مڃيندا آهن. ڪوتا جي ڪيتري ۾ اهالي ڇنز اگهڙي، جنهن ۾ ڪوتا-رس آئنا هوندي. ٻنهي جو ”ووڪي ٻمب“ وارو شعر ڪيترو نہ نمرس آهي. ان جي ٻيٽ ۾ ٻهاريءَ جو هي دوهو ڏسو:

कोऊ कोटि जतन करै, पड़ै न प्रकृतिहि बीच,
नल-बल-जलऊंचो चढ़ै, अंत नीच को नीच.

شاعرانہ ۽ غيرشاعرانہ طبيعت صاف ظاهر ٿي پئي آهي.

ٻنهي ساماجڪ ڌارمڪ ۽ ديش ٻرام جي وشين تي قلم هلايو آهي. ٿو سندس لڳ ڀڳ هر تصوير ٻيجان ۽ بي روح آهي. پارتيندوءَ هر وشيہ ۾ جان ڦوڪي آهي. انگريزي، گرجيونٽ، پيتا، ريل، اخبار، شراب، خطاب، وغيره وشين تي سندس مڪرين اي مثال آهن. مثال ڏسو:

रुप दिखावत सरबस लूटै,
फंदे मैं जो पड़ै न छूटै.
कपट-कटारी जिय में हूलिस,
क्यों सखि सज्जन? नहिं सखि पूलिस.

ڌارمڪ وشين تي نہ پارتيندوءَ انيڪ رچنائون لکيون آهن. ٻرام، ڌرم، ٻرڪرتي ۽ ديش هن جا ٻريہ وشيہ هئا. ديش دردشا تي لکي ٿو:

रोवहुँ सब मिलिकै आवहुँ भारत भाई,
हा हा, भारत-दुर्दशा नाहिं देखी जाई.

۽ پارٿ جي ٻمسيءَ جو هُنَّ تو ذڪر ڪري:

कोऊ नहिं पकरत मेरो हाथ,
बीस कोटि सुत होत,
फिरत मैं हा हा होय अनाथ.

پوڄاري هو. پر هن پنهنجي عهدي جو مرم سڃاتو. هن درجي جي نازڪتا کي محسوس ڪيو ۽ سونهن کي ڪنهن حسين عورت جي ڳلن، لبن، اکين، ابرن، چاليءَ ۽ ان ظاهر ۽ باطن سرواڻ جي اڳين ۾ ڳولهڻ بدران هن وسيع قدرت کي پنهنجي نظر جو مرڪز بڻايو. هن ڇڪيءَ کي چنڊي ساگر کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي. اکين جي اڇلاڻ ۾ پاڻ کي گم ڪرڻ بدران وشال ڳگن ۾ پرواز ڪيو. ۽ اهڙي امرائي رس ۽ پوک جي اوپري پوتري والڪر نه پاڻ پريشان ٿيو ۽ نه ودياٿين لاءِ اهڙو ڪو مثال پيش ڪيائين. جسماني سونهن هن لاءِ هيچ آهي، سو سندس هيٺئين خيال مان ظاهر آهي —

ڪاٿ ٻي سونهن سڀئي چيز نئي فطرت ۾،
جا پيا حسن حقيقت جي صفا صورت ۾. (حسن)

آدرش استاد جو فرض آهي ٻارن ۾ سٺيون عادتون پيدا ڪرڻ ۽ افسوس پنهنجي ان فرض ۾ پنهنجي ڪوتاهي آهي. هن جوئا، شراب جهڙن خراب عادتن کي پنهنجي ڪلام ذريعي ننديو آهي ۽ سادگي، سچائي، تندرستي ۽ قرباني جهڙن اصول ڪٽڻ جي مهما ڳائي شاگردن ۾ اهڙي قسم جي ڀاونا پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

جوئا:- ٻري هيءَ آهه بدچالي پسائي نيٺ بدحالي،
جهڳو برباد، گهر خالي ڀٽائي ٿي پراوا در.

شراب:- هن برائيءَ جو اثر بد پيا ته، ٿا لوڙڻ لڳن،
ملڪ مفلس، گهر دکي، اولاد بد خانو خراب.

سادگي:- هلڪي رهي جهان ۾ آهي جي پار ڪان،
پر جو نه ٿي خوشيءَ سان ڪٽي پار سادگي.

تندرستي:- پل نه سو سک پيا هجن، دولت جهجهي عهدو وڏو،
پر صحت ڏاران نه سي آهن ڪنهن نه قطار ۾.

ٻيوس - هفت رنگي شخصيت

ٽيرٿ پرڪاش

هفت رنگي انداز وارو ٻيوس انوکي شخصيت جو مالڪ هو. هو خوابن جي ڪائنات ۽ صفتن جو ساگر هو. تمام ٿورا ماڻهو دنيا ۽ دين سان نڀائي سگهندا آهن. گهر ۽ سماج ۾ هڪ جهڙي عزت پائي سگهندا آهن. ۽ هر ڪم ۾ جنهن ۾ پير رکندا آهن، ڪاميابي حاصل ڪندا آهن. سچ پچ اهڙا انسان جزوي ٿي هوندا آهن. ۽ شري ٻيوس اهڙن خوشنصيب ۽ قابل-داد شخصيتن مان هڪ هو.

هو صاحب اخلاق جي مجسم تصوير، هڪ آدرش ۽ ڪامياب اڌياپڪ، قدرت جي سونهن جو سچو پوڄاري، غريبن ۽ مظلومن جو سچو همدرد ساٿي، هڪ سڌارڪ، ديش ڀڳت، وشو-پريمي، سادگي، سچائي ۽ انيڪ گڻن جو مالڪ ۽ هڪ فيلسوف هو. ساگر جي گهرائي ۽ آڪاش جي ڪشادگي رکندڙ شخصيت هو.

(۱) آدرش ۽ ڪامياب ماستر جي روپ ۾:-

ٻيوس جا مايہ ناز ۽ قابل-داد شاگرد:

شري هري دلگير، شري رام پنجواڻي ۽ شري هوندراج دکايل ٻيوس جي ڪامياب ماستر هئڻ جو قوي ثبوت آهن. پر هتي سندس ڪن رچنائن جو مثال ڏيئي سندس ٻئي گڻ ثابت ڪبا.

شاعر سونهن جو پوڄاري آهي. اها سونهن جي ڪشش آهي جا انسان کي ڪوي يا شاعر ٿي بڻائي. ٻيوس ۾ سونهن جو

عام سان ٻانهو سڏاري ٿي اگر چاهه رکين،
هوند حالت نه رهي لڏهندي لماڻي ڪڙمي.

خاص ڪيتيءَ سندا اوزار نوان ٿيا ايجاد،
ڏيندو ٻج ٻاڻ لٿون جام ڪمائي ڪڙمي.
(ڪڙميءَ جي آس)

خاص رحمت ملڪ خاطر آهه سهڪاري مٺو،
مغربي ملڪن مان ان جو ٿو ٿئي ٻورو پٺو.
(سهڪاري هلچل)

(٥) زناني تعليم جو همٿائيندڙ:-

ٻن ٻرن سان ٿي ٻکي پرواز ٿو ڪري،
هڪ پرو هرگز اڏامي ڪين جو لاچار آهه.
(ناري وديا)

(٦) ديش ڀڳت جي روپ ۾:-

ديش ڀڳتي انوس جي نس نس ۾ ڀريل آهي. هيٺيون شعر سندس ديش ڀڳتيءَ جو ڪامل اظهار آهي.

خاص ڪستوري ٻاڻان وطن جي واري،
مٺي مٽيءَ ملڪ جي مهڪان موچاري،
ڀينڀو، دلبر ديس جي ٻٽي ٻاڻ پياري،
گاهه ۽ گلزاري است باغيچو ٻاڻان.
(وطن)

(٧) وشو پريمي جي روپ ۾:-

شاعر اهو جو حدن ۽ سرحدن ۾ اٽڪي نه پوي. شاعر جي دل هوا وانگر هجڻ گهرجي جا ڪنهن به ملڪيت ۾ رهڻ نٿي چاهي. شاعر جي دل جو پيار ان بادل مثل هجڻ گهرجي جو هرهنڌ پنهنجي رحمت جو مينهن وسائيندو هلي.

سچائي:- ڏري سنسار جو جوهر سچائيءَ جي سرائيءَ ۾،
معبود ماليڪ دنيا جو سچو آهي سچائيءَ ۾.
قرباني:- ڏيڻ سان تو لئي حاصل مطلب ڪار قربانيءَ،
دنيا ڏيڻ ۾ سچو پوڻ عجب اسرار قربانيءَ.

(١) قدرتي سونهن جو چاهڪ:-

پروس کي قدرتي سونهن لاءِ گهڻي چاهه آهي. انهيءَ سبب آهي جو هن گهڻن شعرن ۾ قدرت جي الڳ الڳ روپن ۽ رنگن جو ذڪر ڪيو آهي.

اچو موسم بهاريءَ کان لطف آهه مکڙين جو،
گلن ۾ هار گل پائو، ڏسو شمع جي موڙين جو.
(بهار)

(٢) غريبن ۽ مظلومن جو همدرد:-

پروس وٽ به انهن شاعرن وانگر هڪ ڏکويل دل هئي. جا ٻين جو ڏک ۽ غمگيني ڏسي سندن ڏک ۾ ڀاڱي ڀائي ٿيڻ کان پاڻ روڪي نه سگهي.

١- ٿي پتنگ تو جان ساڙي شمع شاهوڪار ٿي،
خود رهي ماندو تو آندي موج موڙيندار ٿي.
(پور هيمت)

٢- تنهنجي اصول سچهان قوم جو ڪنهنجا ٿکي،
تنهنجي فرياد مان پيداد جو ورتاءُ ٿکي.
(هاءِ هاري)

(٣) هڪ سڌارڪ جي روپ ۾:-

پروس زماني جي الٽي چال ڏسي صرف آسون ئي نه وهايون آهن پر ان سان گڏ هاڻوڪي نظام کي بدلائڻ ۽ خراب رسمن کي ٽوڙڻ لاءِ آواز اٿاريو آهي ۽ طريقا ڏسيا آهن.

ڳالهين ۾ آهن ٻڌان، ماڻهن اندر ڳالهين مٺا،
ٻاڻ ڳا ٻاڻ کان پنهنجي ٿيون ٻري ٻاڻ ڪري.
[ٻور ۲۴]

قرباني ڪاهوڙ لئي ڪجهه حاصل ٿئي ٿو—
ٻج ڳڻتا هرگز نه سي جي مڻملي اهه لي ڪرڻا
ڳيا سلا ساوا جڏهن ٻيا ٻڌوديءَ جي خاڪ ۾.
[ٻور ۱۵]

بيوس ۾ انهيءَ ڳالهه جي ڪوتاهي ڪانه هئي. هيءَ نقطا دنيا لاءِ لاپرواهه ثابت ٿي سگهن ٿا.

خود غرض ۽ تنگ دل انسان کي چوي ٿو:-

ڪر دنيا ۾ دل وڏيري، تون ڀي رهه مان ڀي رهان،
آڻ مروڙيءَ ۾ ڦيري، تون ڀي رهه مان ڀي رهان.
(وڏي دل)

(۸) بيوس ۽ فيلسوفي:-

بيوس جي شعرن جو چڱيءَ طرح مطالعو ڪرڻ ڪانپوءِ ڪو به ذهين پڙهندڙ سندس فيلسوفاڻي فطرت کان انڪاري ٿي نه سگهندو. رواجي طرح هر شاعر ۽ ليکڪ ۾ ڪنهن حد تائين فيلسوفاڻا اهڃاڻ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. بيوس جي حالت ۾ انهن جو انس ڪجهه سرسو آهي. هيٺيان نقطا سندس فيلسوفاڻي فطرت جا قوي گواهه ثابت ٿيندا. دين دنيا، لوڪ ۽ پرلوڪ ٻنهي کي ماڻهو سولائيءَ سان منهن ڏيئي سگهي ٿو. ان لاءِ هي سولو مثال:-

پر هڪ پرڪار وانگر جي رهي مرڪز مٿي،
پر ٻئي سان پڙ ڦرڻ ۾ ڪين ارهائي اچي.
[پور ۲۵]

انسان لاءِ هي دنيا جو سنسار سڪندام ٻڌجي پوي اگر هو بيوس جي هن فلسفي مطابق پاڻ ۾ ئي انهور کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪري.

جي پسان خاڪيءَ ۾ باقي ۽ فنا اندر بقا،
ڪثرت کان سنسار پيدا ۾ سرس سوهائي اچي.
[پور ۲۵]

خودي ۽ خدا هڪ هنڌ گڏ رهي نٿا سگهن اهو خيال بيوس جي لفظن ۾ ڏسو:-

صوفي صاحب جي سلوڻي ٻولي ۽ شعر چوڻ جو ڍنگ
سڀ کان نرالو هو، پر گهڻو ڪري مسلم دوستن جي شعر ۾
فارسي اکرن جي ڀرمار هئي. آخر صدر صاحب کي التماس
ڪئي ويئي ته اُهي پنهنجو شعر پاڻ پڙهي. ڳائڻ جي آواز
سان هال گونجڻ لڳو. هيڪر اٿيو ۽ ٻيو پر بيوس صاحب
ته اٿيو. بيوس پاڻ ته پر سندس ارشاد سان سندس زبان ٻوليو.
(بيوس رام پنجواڻيءَ کي ڪوٺيندو هو ڪولاڪي بيوس جي
زبان.) رام پنجواڻي جو ان وقت اسٽيج تي ويٺو هو تنهن
اُهي سندس شعر سُر ۾ ڳائي ٻڌايو— "هڪ ڪير آيو ڪنهن پس
نور ۾ نور" محفل جهومي ويئي، ماڻهو هر طرف جهان جهمي ويا.
ور ور ڪري واهه واهه جون للڪارون وڄڻ لڳيون ۽ بيوس
صاحب جي قلم جي ڪمال ۽ ڪلام جي ڪشش پنهنجي حاضرين
اڳيان پوريءَ طرح پرگهٽ ٿي پيا. مشاعرو پورو ٿيو ته آغا
صوفي صاحب مون کي سڏي بيوس صاحب جي ويجهو
ويهاريندي چيو— "ادا! هيءَ اُنهيءَ اسانجي شڪارپور ۾
لڌڙو بيوس." مان اچا ڇرت هوس. مولڪي پنهنجي خلاصي
ٻنڌڪ ڏانهن وٺي ويو جتي هو آرامي ٿيل هئو. مون کي
بيوس صاحب هڪ تازي شعر پڙهڻ لاءِ فرمايو ۽ مان شروع
ٿي ويس. صوفي صاحب جي اڳئين طرحي شعر جون ڪي
سٽون هي هيون—

قلط مڪهڙي وقت ۾ مهرو وفا جو ٿي ويو،
جوش جاري جا بجا جورو جفا جو ٿي ويو.
هڪس ماڻهو هٿيو ويٺو زباني زاغ آهه،
ديوتا جي دل اندر دورو دغا جو ٿي ويو.

بس مون شعر پورو ٿي ته ڪيو ته بيوس صاحب پنهنجي
ٿي پنهنجين سهڻين صلاحن سان مولڪي نوازڻ شروع ڪيو. چي:

جڏهن پوي ٿي ياد

پرنسپال ڪيولداس ڀيگواڻي "فاني"

"جڏهن پوي ٿي ياد صحبت سڄڻن جي"

شڪارپور، شڪارپور جي شاهي باغ ۾ پير ۾ اچڻ لاءِ گهر يا ٺاڪرداس جي مالدوي جي هاڪ ڪنهن کان ڳجهي هوندي! هر هڪ ڪاريگر ڪلاونت گائڪ يا گوئيو، سنڌ ۽ هند جو مشهور مطرب هوليءَ ٺاڪُر اچي انهي مالدوي ۾ موج مچائي خلق خدا جي کي خوش ڪري ڇڏيندو هو. هوليءَ جو هالدو پورو سر ٿيو نه مرحوم آغا صوفي درازي، سنڌ جي آزاد طبع شاعر انهيءَ ٺاڪرداس جي مالدوي ۾ هڪ مشاعرو ڪوٺايو. صوفي صاحب جي سرپرستيءَ ۾ سرجوشيءَ سان اچي ساريءَ سنڌ جا شاعر مشاعري ۾ شامل ٿيا شري ڪشنچند "بيوس" کي انهيءَ موقعي تي مجلس جو مور چونڊيو ويو ۽ هن صاحب اچي صدارتي ڪرسي سينگاري.

دور کان ديدار ڪيم، سنڌس ٺاٺي صورت ڏسي مان ۽ منهنجي ڀر ۾ ويٺل دوست چوڻ لڳاسون، "ڇا هيءَ آهي بيوس صاحب! ڪوئي ٺٺ نه نظر ٿي اچي." سادگيءَ جي مورت سڄڻ سڳاين کي فقط پنهنجي تصوير سان ٿي موهي سگهيو. سڀئي شاعرن وارو ورتو. خاص ڪري نياز، خادم، بلبل، سڀ هاڻي خلق کي مست ڪري ڇڏيو. آغا صوفي صاحب ته پنهنجي طرح مصرع تي جوڙيل رچنا پيش ڪئي. سٽ هئي—

"ولم اوسو جڏهن يار جو هر هر نه جهدن ٿي"

پيوس جا نقطا

ڪماري مايا پريتمي ”نيرجا“

شاعر جي شعر ۾ تصور جي اوُچائي، اُڏام، ويچار جي گهرائي، ڪلپنائن جي رنگيني، انساني احساس جي سنڌر ترجماني هجڻ لازمي آهي. جو شاعر انهن پورن، هن لوڪ کي نظرانداز ڪري، ڪلپنا جي رنگين خوابي دنيا جو سير پيو ڪندو ۽ جنهن جي شعر ۾ صرف لفظن جي شيريني، رنگيني ۽ ڪلپنا جي جادوءَ جو اثر هوندو، پر زندگيءَ لاءِ ڪا پرواهه ڪشش قوت نه، هوندي ته ان جو شعر انساني احساس کي ڪڏهن ڪين ڇهندو. انهن لفظن جي سهڻي گهڙت يا شبد-ڪيل مان ڪهڙو فائدو. اهي مِٺڙي لفظ جن مان نه ڪو فيض پرايت ٿئي، نه وري جذبا. دل تي ڪو اثر پيدا ٿئي ۽ جي صرف لفظي معنيٰ تائين محدود هجن انهن جو ڪهڙو سود؟

هر هڪ جون تقاضائون الڳ آهن. سچو شاعر اهو جو هڪ ئي حالتن ۾ تقاضائن کي سمجهي، انهي صحيح ترجماني ڪري. پيوس پنهنجي هڪ جو صحيح ترجمان هو. هن صاحب ڪلپنا جا خيالي ۽ رنگيني لفظي موتي ڪين ٿي پوتا. هن جو شعر صرف دماغي دؤلت تي ڪٽب ڪين ٿي آيو، پر حقيقت جي دنيا کي پارکيءَ سان جاچي وهنوارڪ سطح جي ڪسوٽيءَ تي پورو ٿو اتري. پرسڌ اديب فيض محمد جو قول آهي، ”سچو شعر اهو آهي جو فن جي ڪسوٽيءَ تي نه پر معنيٰ جي ڪسوٽيءَ تي پورو اتري.“ ان نقط-نگاه کان پيوس کي اعليٰ درجي جو شاعر لاشڪ چئي سگهجي ٿو.

"خيال جو لڳاتار هلڻ هلڻ شعر جي خوبصورتي" کي وڌائي ٿو. مثال طور جڏهن ڏهوڙا اکر ڪم آڻجي ٿو ته ان سان واسطو رکندڙ لوهو جا لڙڪ گل ڪري اڀڻ ڪرڻ، ٻوڙها وهائي ليطن جي لهر کي سندس چرڻ ڏوڙڻ لاءِ ڪم آڻڻ وغيره وغيره." سندس الفاظ اڄ به ياد آهن—

"وڻ ٻوسو جهڙن يار جو هر هر نه چندن ٿي"
ٻهس ياور آڏاڻ هار لمهنجي گيان مٿي ڪنڪا،
نيون ڏهئي لري ڪيئي ويا ياڻي پاڪدامن ٿي.
لڏهن تعليم جو ليندو سڀو مقصد فقط حاصل،
جڏهن اسعاد ويهندو يار سان خود يار جو من ٿي.

يا

زماني ۾ زبان ڪهڙا ڪرائي زر زمين ان ٿي.

پنهنجي دوست لطف الله سان بيوس جي شعر جو ذڪر ڪير ته ان به واڪاڻ ڪئي ته بيوس کي شاعرن جو سرتاج ته قبولي ڪرڻ جو سرتاج ڪوٺڻ تي اعتراض نه ورتو. شاعر ۽ ڪوي، جو پند اڄ ڪالهه مان نه سمجهي سگهيو آهيان، پڇن ۽ غزل لکندڙ ڪوي ۽ شاعر ڪوٺجن! ڪٿي بيوس صاحب ۽ ٻين شاعرن جي فراخدلي ۽ ڪٿي چند شاعرن جي تنگدلي! بيج ڪوني ڪالهي. شيخ اياز اڄ انهن سڀني سوالن جو هڪ ئي جواب آهي.



سنڌ جي سرتاج شاعر ڪهن فرمايو آهي:

اکين ۾ جي اڙيا، سي عشق جي چاڙهي مور نه چڙهيا

نفاق جو پيچ نڪاس ڪرڻو آهي ۽ دل جي درپڻ تان دوئيءَ جي دز دفع ڪري اندر کي آئيني جيان اوجل ڪرڻو آهي. بيوس سائين ۾ اهيءَ اندر جي اجالي کان متاثر ٿي هندو ۽ مسلمان ۾ ڪو ڀيد ڪين ٿو سمجهي. هو چوي ٿو، ”ٻن ٻيڙن هوندي چڙهڻ نه هڪڙي ٻيڄي ٿي.“ ان طرح ٻنهي ڌرمن يا مذهبن ۾ الله پاڪ جو جلوو ساڳيو آهي. مذڪور سخن سٽائيندي سائين بيوس اکين جي اوجهڙ ۾ نه اڙڻ جي هدايت ٿو ڪري.

نقطو ٻيون: ”وقت جو قدر“

انسان اهڙي ڪاماڻيءَ جي چوٽ تي رسي ٿو سگهي جو مت مت کي قيمتي ۽ ملهائتو ڄاڻي وقت جي گهڙين کي هيرن جيان هلائي ٿو يا انهن قدر ڪري ٿو.

بيوس صاحب وري وقت جي مشابهت سون جي جهرڪيءَ سان ٿو ڪري ۽ ڪيس غفلت جي غفلتن ۾ گم نه ڪرڻ جي هدايت ٿو ڏئي.

وقت جي هرڪا گهڙي سون جي جهرڪيءَ مثال
عرش تان اڏري اچي، لهندي هٿن تي، تون سنڀال
پيڙ مت ٻند ڪري جهل، نه ڪرڻ عين ڪمال
ورنه واپس سا اڏي ويندي هٿئي، ڏک جي ڌمال
(وقت قائل)

نقطو چوٿون: ”تون نه رهه مان ئي رهان“

انسان جي دل ذات پات، ڌرم ۽ قوم، ديس ۽ پرديس جي گهيري ۽ تنگدليءَ ڪمزور بڻائي ڇڏي آهي. انسان

پوس جي شاعريءَ روپي گلستان ۾ گوناگون گل ٽڙيل آهن. هر هڪ گل جي سونهن ۽ سوڀيا نرالي آهي. آءٌ فقط پنج گل پيش ڪندس جن کي مان انهن لفظن ۾ نقطا ٿي چوان.

نقطو پهريون: "وچن وات وس"

زندگي ۽ ادب جي قدرن کي پنهنجي علم ۽ شعور سان سمجهڻ مطابق، شاعر هي سندر نقطو پيش ڪيو آهي:

ناهه اڳياڻ چڱي، ناهه چڱي جاڻ گهڻي
لئي سفر ٿاب وچنءَ وات جي اڳواڻ ڪري
(ڪٻر ڪهتر)

ڪي انسان ڪجهه پستڪ پڙهي پاڻ کي ودوان ۽ پنڊت سمجهن ٿا. پر جن انسان جو من-پستڪ نه پڙهيو، تن جڻ ڪجهه نه پڙهيو. گياوان پڻ پنهنجي گيان جي غرور ۾ مست ۽ خماريءَ ۾ رهن ٿا. اهي پنهنجي نظر هيٺ جهڪائڻ ۽ پاڻ کان گهٽ جاڻ رکندڙن کي سمجهڻ ۾ اسقل وڃن ٿا. اڳياڻائي نه نقصانڪار آهي ٿي، پر حد کان وڌيڪ جاڻ ۽ وڌيڪ نقصانڪار ٿيو پوي. گهڻي گيان وارو انسان جڏهن گهٽ گيان واري سان مخاطب ٿئي ٿو تڏهن گهٽ جاڻو، گهڻ جاڻوءَ جي ويچارن کي نٿو سمجهي سگهي ۽ وري گهڻ جاڻو گهٽ جاڻوءَ جي احساس کي سمجهڻ ۾ اسقل ٿو ٿئي. ان ڪري ٿي اڳيري ڪوي اڳياڻ ۽ گهڻ جاڻ جي خطرن کان واقف ڪندي وچن وات ونڻ جي صلاح ڏني ٿو.

نقطو ٻيون: "اکر ۾ نه اڙ"

اکرن جي اوجهڙ ۾ اڙجي، مفت نه دل آزاري ڪر
جان وجهي انهان اکر ۾، ڪجهه مطلب ٿي زبان به ڌر
(رام رحمان)

شاهوڪار جو سندس طرفان ڪيل زيان ڏانهن ۽ غريبن جي غربت ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي لکيو اٿس:

تنهنجي دستر خوان کان جيڪي وڃي اڦراد ٿو،
بالفضوليءَ جي هٿان جيڪي لٽجي برباد ٿو،
تنهنجي ڪر چوڪس ڇڳيري- ٿون اِ رهيءَ مان اِي رهان.

اڳتي هلي لکيو اٿس ته اي شاهوڪار، تنهنجي عشرتي ٻالي مان اگر هڪ ٻوند به اچي ته اها غريب جي هڪ وڏي جو ڪم ڏيندي تنهنڪري امير جي گورو ۽ ڌيان ڏنو ته غريب سک جو ساهه ڪيئن سگهندو؟ ٻو ٻلا ٻي دل امير وڏي دل ڪيئن ڪندو!

نقطو پنجون: "خلق ۽ خالق"

ٻيوس جو پوڄا مندر ۽ عام مندرن کان نرالو آهي ۽ نرالو آهي پوڄا جو ڍنگ. ٻيوس درد مند دلين کي دلداري ڏيڻ ۽ سندن سار لهڻ کي پوڄا سمجهي ٿو. نمازن، زيارتن ۽ ظاهري عبادت يا بندگيءَ ۾ سندس وشواس ڪونهي. ٻيوس جي دل ڪسان ۽ مزدور، هاري ۽ ناري دلين ۽ دکين لاءِ ڌمڪندي رهندي هئي ۽ هو انهن کي غريبن جي جهوپڙيءَ ۾ ئي ڀسندو هئو:

منهنجو مندر ته آئي، درد سندو جنت دارو،
درد جنهن جاءِ ڦري، منهنجو الي ئي ڦيرو.
(پوڄا مندر)

دادا واسوانيءَ ڪيئن چيو آهي:

Did I meet him on the road ?
Did I leave him with the road ?

ڇا انهن کي مون بار ڪٽنڊڙ جي روپ ۾ ڏٺو آهي؟
ڇا مون ڪيس رستي تي انهن تي ڇڏي ڏنو؟

ڪيترو نه تنگدل ٿيو پيو آهي. سچ پچ انساني دل درياه جيان وسيع هئڻ گهرجي، سمنڊ جيان گهري ۽ آڪاش جيان وشال، نه ڪ کوه واڱر محدود. پيرس صاحب اهو سڀ سوچي وطن واسين کان وڌ دنيا واسين لاءِ جي صلاح ڏني آهي ۽ پنهنجي شعر ۾ فراخدليءَ جي صلاح ڏني اٿس. ”لون نه وهه مان ئي رهان“ واري سهڄڻون جو اصول پيش ڪندي چيو اٿس:

تنگ مذهب ۾ نه، ماڻهون قوميت ۾ جاءِ ڏي،
پاڻي، انسانيت، روحانيت ۾ جاءِ ڏي،
چل ڏليءَ جي دنيا مٺري، لون نه رهه مان ئي رهان.
(وڏي دل)

پيرس صاحب انهن کي وڏي دل ڌارڻ ۽ غريبن لاءِ همدردي ۽ سندن اونو رکڻ لاءِ، انهيءَ سندن عمرلي ڀالي ڏانهن ڌيان ڇو ڇڪائي ٿو ته ڪيئن نه لک لتاڙي رهيا آهن ۽ سندن محل پرسان ڪي غريب بک ۾ ٻاهه ڪي رهيا آهن. محلن جي ايوان ۾ هزارين فوٽ زمين اجائي پيئي آهي ۽ محل جي ٻاهران ئي اڃهي غريب سيءَ ۾ ٺـڙڪي رهيا آهن. غريب، جي شاهوڪاري شان ۽ شوڪت جو ساڌن آهن. محل ٻه اهي جوڙين ٿا ڪوڙو ٻه اهي ٿا، ڪيهي نه اهي ڪن ته ڀاڳ ئي اهي پوکين. ڪل ۽ ڪارخانا ٻه سندن سڀ ڪي هلن ٿا. اهي ئي محران ۽ پرهان رهن ٿا ۽ اهين هٿان، جن لاءِ هو زندگيءَ پر خون پسيو وهائين ٿا. واهه ڙي شاهوڪار واهه! ڪهڙي صلاح ڏيندي فرمايو اٿس:

پنهنجي شاهي محل مان گهٽ جي ڪندين هڪ ڪوٺڙي،
ئي اڃهي مون جهڙي لاءِ، ٿيندي ٺهي سڀ جهوپڙي،
ڪر امنا گهٽ لڪيري، لون نه رهه مان ئي رهان.
(وڏي دل)

ڪوي بيوس ۽ آزادي

ڪشور ڀوجا

سڄوري سنڌ جي مٽيءَ مان هرقسم سوڌر الڳ گل اڀري ٿيا ۽ ڦولاريا آهن، جن جي خوشبوءِ مٽيءَ کي به مهڪدار بڻائي ڇڏيو آهي. سنڌ جي لاڙڪاڻي ضلع جي مٽي به ڪا عجيب آهي جو جنهن مان ئي گهڻي ۾ گهڻا سخن-گو ٿي نڪتا آهن. انهن سخن-گو شاعرن مان سرڳواسي ڪويءَ بيوس به هڪ، جنهن جي شخصيت جي اثر کان اڄ به دل ۽ دماغ کي تازگي ۽ فرحت ملي ٿي ۽ شايد جيستائين سنڌي ساهتڪار، تعليمدان، ڪلاڪار ۽ ساهت-پريمي زنده آهن تيستائين ڪوتا-ڪون شخصيت جو اثر مهڪندو رهي.

ڪوي بيوس جو دور ۱۸۸۵ کان ۱۹۴۷ تائين ڦهليل آهي. اهو دور ان وقت کان شروع ٿئي ٿو جڏهن آزاديءَ جي هلچل سبب ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سڄاڳيءَ جي لهر ڊوڙي رهي هئي. ان وقت ايڪتا جو آلاپ ڳائجي رهيو هو. پريم ۽ محبت سان دلين تي راڄ ڪرڻ جي اهنسا روپي هٿيار جو پرچار ٿي رهيو هو. ”سوراج منهنجي جنم جو حق آهي!“ جو ناد جا پڙاڏا وڄي رهيا هئا. آزاديءَ جي خيالن کي دٻائڻ لاءِ فرنگين جي ظلم جو گهوڙو تيز هو ۽ فرنگي پاراواسين جي ايڪتا ۽ پريم کي ٽوڙڻ لاءِ ڪئين حيلا وسيلا اختيار ڪري رهيا هئا. ان وقت ڪن ماڻهن ٽوڙ جواب ڏيئي، پنهنجي ملڪ واپس وٺڻ لاءِ آزاد سڄاڳيءَ جي ضرورت هئي. سياسي سڄاڳي، سماجڪ سڄاڳي، ڀڳتي سڄاڳي وغيره. اهڙي سڄاڳي جنهن

ٻيوس سائين ۽ خلق ٻنهي دوارن خالق جي ٻنهي جو
مهتو پڌائو آهي ۽ پاڻ پالڻ جي سوارٿ کان ٻليو ائس:

ٻاءِ ٻاڪر عام سان جي خاص سان خلوت گهران
پاڻ پالڻ جي ٻچاڙي آهه خواري ۽ سدا
(بي دل ڏن ڏٺي)

ٻيوس جو اعليٰ شعر ”شعر-ٻيوس“ ۾ چپيل آهي، جنهن ۾ ايڪ نقطا نمايان آهن. مون انهن مان صرف پنج نقطا پيش ڪيا آهن. ”شيران شعر“ مان پنج نقطن روپي هيرا حاصل ٿين ٿا. ٻيوس جو شعر پڙهي ساراه جي سرڪي پوانندي شاه جي املا سب زبان لي اچي وهي لي:

”اولهو نون عرش لي، آئا پوڙو مٿي پون.“



۽ جنم ئي جنهن جي لئه حقدار انسان ذات آهه،
جنهن کان وڌ سنسار ۾ سنڌر نه ڪا سوغات آهه،
تنهنکي لٽ روڪي رکڻ 'پنوس' نه ڪنهنجي پات آهه.

غلاميءَ مان آزاد ٿيڻ جي تڙپ پيدا ڪرڻ لاءِ آزاديءَ جي سورمن مان، مهاراڻا پرتاپ جي مغلن خلاف ڪيل جدوجهد جو آدرش هن ديشواسين اڳيان رکندي آلاپيو:

سنگا راجا جي پوٽيءَ ڏٺو هن جوان جوڌي ۾،
لکيس جهڙي جگر، جنهن جلايو جان جوهراٿو!

مهاراڻا پرتاپ جهنگلن ۽ جبلن کي پنهنجو ڏيرو ٺاهيو هئو. گاهه ۽ پن تي گذر ڪرڻ لڳو هئو پر ڪڏهن به مغلن جي زورآور بادشاهت اڳيان سر جهڪائڻ لاءِ بلڪل تيار نه ٿيو. هن پنهنجي چارڻ کي موڪلي اڪبر بادشاهه کي سنيهو موڪليو:

چيو چارڻ: اٿم پوري، مليل پرتاپ کان پڪڙي،
نه اڪبر جي اڳيان لٽڙي ڪندس ڪهٽ شان شاهانو،
ڏهڻ سنڌو پٽون لينڌو غلاميءَ ۾ نه گهاريندو،
ڏٺو جنهن کي لڀي هوندي اهڙ آزاد اوراڻو!

۽ ڪري پنوس چوي ٿو ته، جنهن به انسان مهاراڻا پرتاپ جهڙي لبراڻا، سوراپرا، ديس لاءِ مري مٽڻ جو آدرش اڳيان رکيو آهي، سو ڪڏهن به مري نٿو سگهي.

فرقي پرستي ۽ مذهبي جنون خلاف پنوس جو چٽو چٽو آهي سو به لائقي آهي:

بدنصيبان ٿاڻ ٿي هن ايڪتا جي تار ٽي،
معاملو ڏرمن جو پٽو ليٺ فرقيوار ٿي،
مختلف ڇڪتاڻ ٿرڙيو ايڪتا جي تار کي،
وڃي وساري جوش ۽ وارو ملهو الڏڪار کي.

هر مذهب ۽ مت جي ٻوڏيگ کي ڪنهن ماڻهوءَ جي مولين جڏهن ٻولي سگهجي. جنهن ۾ نوجوان ۽ نوجوانڙيون، ٻڍا ۽ ٻار، پرش ۽ عورتون ڪلهو ڪلهي سان ملائي، هڪ سر اڪي قدم سان اڳتي وڌي، هڪ-آواز آزاديءَ جو ناد وڄائن، ڇو ته آزاديءَ بنا انسان زنده نه پر مرده آهي، جو انسان آزاد ناهي تنهنجي ترقيءَ جون سڀ راهون بند ٿي وڃن ٿيون.

زنده دل شاعر ٿي ديش جي غلامي، ذلت، ظلم، بي-انصافي، لوٽ ڪسوٽ ۽ ٻين اهڙين ڳالهين، جن سان انسان جي اصلي ۽ بنيادي آزادي ۽ ترقيءَ جا وسيلا کسجي وڃن ٿا، جو گهرو اثر ٿئي ٿو. ڪوي ٻيوس جي شعر مان اهو صاف ظاهر آهي ته هو هڪ باشعور، سجاڳ، حوصلي وارو، بلند خيال، حساس-دل، ساده-لوح انسان هئو. هن جي دل ۽ دماغ تي ديس مٿان ٿيندڙ انيائن جو گهرو اثر ٿيو هئو، جنهن جي خلاف هن جي دل ٻوليو. هن جي دل ۾ آزاديءَ لاءِ تڙپ هئي. آزاديءَ بنا انسان جي اندر ۾ جيڪي به ابرط جون شڪتيون موجود آهن سي نمجي، نابود ٿي وڃن ٿيون. آزاديءَ جو ملهه ڪوي ٻيوس شدت سان محسوس ڪريٿو:

شخصيت جي گهٽ شڪتي ته بنا لڪري لٿي،
قامت ڪاڻي زندگي انسان جي نسري لٿي،
روشنائي روح جي اونده منجهان ابري اٿي،
قوميت تا ڪارگر ٿي ڪنهن طرح سڌري لٿي.

آزاديءَ جي مهاڻي لوڪماني تلڪ جو آواز — ”آزادي منهنجي جنم جو حق آهي!“ سنڌ ٻوليءَ ٿي ٻهڙو ڪنهن ڪوي ٻيوس نه فرنگين کي ٻڌايو ته ديس جي آزاديءَ جي جدائي کي ڪوي، ڏاڍي لٿو سگهي:

گود مالا ۾ ملهل ڏاڏار جي جا ذات آهن،

دماغ تي زور لڳائڻ بنا ئي سمجهه ۾ اچي وڃي ٿي ۽ محسوس
ٿيڻ خيالن جو به گهرو اثر ٿئي ٿو. ڪيترن شعرن ۾ جيتوڻيڪ
مسدس شعر نثر جو لهجو اختيار ڪري ٿو ۽ الڪري شعر
۾ رواني ۽ ردم (لئه) کي ڌهرم ٿو ٿهڪي ٿو ان مان جا
سلاست پيدا ٿئي ٿي اها ڪيترن لوڪن جي بلڪل وڻندڙ
آهي دلين ۾ جڳهه ڏئي ٿي. ان ڪري اهو چوڻ ڪانسواءِ
رهي نٿو سگهجي ته ڪري ايوس پنهنجي ملڪ جو بنگالي
شاعر، وهاڻو تاري جيان شاعرن جي رهبري ڪري ٿو.



۽ ڦرلٽ پوسٽيءَ سبب جو ديس ۾ ولوڪ ٿيو ان جو نه
هن گهرو بيان ڪيو آهي:

ساز جو آواز ويو، ميلاپ جو آلاپ ويو،
۽ اندازي جي اڳيان ولوڪ جو ورلاپ ٿيو،
گهر سگهڙ لئي ويو اجڙ، بي-جوت جيوت لاٿ آه،
ڇهنڊو چمڪ جتي، اتي رات ڪاري ٿاٿ آه!

سنڌ جي مٽيءَ مان پيدا ٿيل سڀيتا ديس جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهليل هئي. ويدانتي-مت، صوفي ڀاو ۽ ڀڳتي ديس جي ذري ذري ۾ ڀريل آهي. انسان جي آزادي ۽ قدرت ۾ نه ميلاپ آهي. قدرت انسان جي سک ۽ شانتيءَ آڏو ڏٺي اچي ٿو وگياني درشٽي ڌارڻ سان قدرت مان فيض پائي سگهجي ٿو. دک-سک کي سمان ڀوڳڻ لاءِ صبر هئڻ ضروري آهي. دک ۽ درد ٿاڻ انسان کي اعليٰ ۽ امر انسان بڻائي ٿو.

درد جي ديوي ڪري ٿي مڙس کي اعليٰ امر،
ٿئي ٿُهن ڪان اَن آجو، ڳاهه ۾ جئن جنّ ڳهي!

ديس مٿان جڏهن به ڌارين جي حملن سبب مصيبت آئي ۽ نفس-پرست شيطان ديس-ڀرامن جي عورتن جي شيل ۽ ست ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي تڏهن اڪثر سيتا جي تلوار سان ڪين ماٺ ڪري ڇڏيو.

بدنظر جي باهه ڀڙڪي، ٿيو سيتا ساگر ڇلي،
هڪ لهر سان لڙ لٿو، ٿيو ٿاءِ بس بدڪار جو،
جيڪي ويو چوري ڪوٺ، جو اڻ-جيت هو،
ٿو سيتا جي ڪوٺ بدمعاش کي ۽ ٿيو ونڪ وار جو!

ٿر آخر ۾ اهو چوڻ ضروري ٿو سمجهان ته سنڌس لوڪ-ٿريتا جو راز ان ۾ سمايل آهي ته سنڌس ٿولي سلوس، سلوڻي، مالدار ۽ دلڪش آهي، جا سا هٿ-ڀرامن کي،

۽ محسوس ڪيو ته اسانجا ڪاڪا گهڻي ڪم خاطر اسان کان دور آهن. والدڪيون ته ڪاڪا کي گهوڙو ٺاهيون. ڪڏندي ڪڏندي راڳ به ڳايان، "شاباس منهنجا گهوڙا ڳايان، لڪي وال جي هل رفتار." ڪاڪا سان گڏ ٽوڪڻا ٽوڪي اڏايون ته گيت ڳايان. "ٽوڪي ڦاڙ نه ٽوڪڻو، منهنجو آهه ملوڪڙو" هڪ ٻئي جي چولي جي پٺ پڪڙي ريل هلايون ته گيت ڳايان: "ڇڪ ڇڪ پيسا ٻه ٻه پايون." پاڻيءَ جي ٽانڪي ۾ ٻيڙي ٽاريون ته وري گيت ڳايان: "ٽانڪي پاڻيءَ جو آهيو ٻري، ڪاغذ جي هيءَ ٻيڙي تري."

ٻار هواسين، جي هڪ والدپڪو گهرون ته ڏهه طرحين طرحين والدپڪا اچي ويندا هئا. مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي ته ڏياريءَ جي موقعي تي خاص عجيب و غريب والدپڪا ايندا هئا جي اسين ٻار ٻاهر ٻاڙي ۾ مٽن تي مٽ پوش وڇائي ڏاڍو سينگاري رکندا هواسين؛ خوب موج مچائيندا هواسين. ماءُ البت ڪجهه ناراض ٿي چوندي هئي ته "والدپڪن تي اجايو پيسو نه خرچيو" پر ڪاڪا ٻارن جي خوشيءَ ۽ آساهه جي ڪڏهن نه پرواهه ڪن؟

اسين ٻارڙا ۾ چار پنج؛ ڀاءُ ۽ ڀائر آهيون. ڌيءُ هجي يا پٽ، ڪاڪا جي لاءِ سڀ برابر هئا. هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي، رات جي وقت منهنجو ڏند ڀڃي پيو. ڏاڍو روئڻ آيم. روئندي روئندي واس ڪاڪا وٽ. پڪڙم جهولي ۾ وهاري چيائون "ڏهن لهي لنڊلال جو چمڪي چنڊ ٿيو، ڪري "پورن" ڏيو جو پولون ڏند پيو" (ان مهل چنڊ جي شڪل ڏهن (*Finger Nail*) وانگر هئي) اکين ۾ لوڙي آنسون هئا ته به مونکان ٽهڪ نڪري ويو. بس منهنجو سور ٿي غائب! ڪاڪاجن جو ٻارن سان بيحد پيار هو. ڪڏهن ڪو ٻار

ٻيبوس - هڪ آدرش پتا

پورڻ ديوي (ٻيبوس جي سوٽري)

اسانجي جيون جي شروعاتي آلاس ۽ آنند جون گهڙيون ماءُ پيءُ جي ڇٽر ڇايا ۾ ئي گذريون هيون. ماتا پتا جو اسيم پيار محبت لاءِ پرڪرتيءَ جو ڏنل سوغات ۽ وردان آهي. ايشور اسانکي "ٻيبوس" جهڙو مهان انسان پتا جي روپ ۾ ڏنو، سمجهو ته پنهنجو هيءُ وردان جڻ کليل هٿن سان ائين اسان کي ڏنو. اڄ جيون جي سک دک جون ڪيترين منزلون پار ڪرڻ کانپوءِ جڏهن مان واپس گذريل زندگيءَ تي نظر ٿي ڦيريان ته محسوس ٿي ڪريان ته منهنجي جيون جون سڀ کان وڌيڪ آنند دائڪ ۽ خاص گهڙيون اهي ئي آهن جي مون پنهنجي پتا 'ٻيبوس' (اسين کين ڪاڪا ڪري ڪوٺيندا هئاسين) جي مٺڙي سمپرڪ ۾ گذاريون. سندن سنيهه روپي گلن جي سڳنڌ اڄ تائين منهنجي جيون کي مهڪائي رهي آهي.

ڪاڪا "ٻيبوس" جي پرتڀا بهوپکي هئي. هو ماستري، ڊاڪٽري، سماج سيوا، ديش سيوا، شاعري، ناٽڪ رچڻ، مضمون نويسي ۽ ٻالڪن جي پاري وغيره، مطلب ته هر کيتر ۾ هنن جو هٿ هو. گهر ۾ جڻ محفل لڳي ٿي رهندي هئي. اڪثر ڪو نه ڪو ڪجهه لکڻ يا سمجهڻ لاءِ ايندو ئي رهندو هو. ٻيبوس ڪنهن کي به انڪار نه ڪيو. ڪڏهن به انهن نه لڪايائون ته هو ڪو ٿڪل آهن. ڪنهن کي به نه چيائون ته مون وٽ وقت ڪونهي. جڏهن جا گهر ڪئي سا پوري ڪيائون. ايتري مشغولي هوندي به اسان ٻارن ڪڏهن انهن

ٻولي ۾ لهندي، لالن لهڻتي ٻڙ ڪٽيندو ۽ ٻوليءَ کي هٽيندو،
ٻولي اچي هيٺ ڪرندي،
لالن لهڻکي ڳچيءَ کان وٺندو گهر ڏي ايندو،
"ٻاٻيءَ کي چوندو "ٻاٻي، اڄها ٻولي"، "ٻاٻي ڏٻندس
لولي، لولي، لولي ....*

عام طور ڪنهن سڀا يا ميٽنگ وغيره ۾ ٻارن کي ساڻ کڻي وڃبو آهي پر ڪاڪا ٻيوس اهڙي خيال جا نه هئا. ڪوئي ليڪچر هجي يا محفل، ميٽنگ هجي يا سڀا، ناٽڪ هجي يا مشاعرو، اسين ٻار هميشه ڪاڪا سان گڏ موجود هوندا هئاسين.

ڪاڪا جن ٻارن جي صحت جو خاص خيال رکندا هئا. چوندا هئا ته ان ۾ من اٿي مضبوط هئڻ گهرجن. ٻدلي تندرستيءَ لاءِ اهو ضروري آهي ته گهر ۾ سچو کير، مکڻ، گيهه ۽ ڏڌ جهجهو هئڻ کپي. گهر ۾ هميشه هڪ ٻه ڳائيون رکندا هئاسين. ڳائين جي سيوا ڪاڪا ۽ اسين اهڙي اموني ڪندا هئاسين جڻ ته ڳائيون ته اسانجي ڪٽنب جا ڀاڻي اهن. اهڙي هڪ ڳانءِ جو ناو هو "ٻولي" جنهن سان ڪاڪا جو خاص پيار هو. "ٻولي" ٻه اکين کير ڏي جنهن ڪاڪا متس پيار جو هٿ گهمائن، ته ته اوت هٽي اهي، اوڙي ڏنار ڪٽي ڪمتري ۽ ڪوشش ڪري! کير جام هئڻ جي ڪارڻ گهڻنئي غريب ٻارن کي مفت ۾ ڏاو ويندو هو. گهر گهر ۾ سچو کير، ڏڌ ۽ مکڻ هجي ان لاءِ ڪاڪا جن ٻوڻين عرصي

* لومت: متي ڏنل لوليءَ ۾ ٻورن، ٻدما، لونا ۽ ٻتان ٻيوس جي ڪٽمن جا ناالا آهن. لالن آهي لال، ٻيوس جو ڪڪو. ٻاٻي آهي شرامتي راڌا - ٻيوس جي ڌر مپتني

ٻمار لئي ته ڪاڪا سڄي رات ٻار جي سرانديءَ لي وٺي جاڳندي گذاريندا هئا. تڏهن ڪوڪ ايندي هئي ته مٿي مٿي اولي ڏيندا هئا جيئن ته:

"لالن ڪٿندو پڻو رات، هلندو بازار ۾،
هڪڙي ٻولي وٺي ايندو ٻنهي گهر ۾،
ٻولي چوندي اوڻ هوڻ، موکي ٻڪ لڳي آهي،
"لالن" چوندس 'ٻس ڪر ٻولي، ٻت ڏيندو تو ناهي،
"لالن" ويندو، رنڊي مڇهان د ٻڪ ڪٽي ايندو،
ٻوليءَ لاءِ مٿو مٿو ٻت چاڙهيندو،
ٻولي رڻ ڪالي ڪلهي لي ٻولدي.
ٻو ڏيئي لالن جي ڪڇ ۾ وهندي،
'ٻورن' جي چوٽيءَ کي ٻولي ٻٽيندي،
'ٻدما' جي ٻوليءَ کي ٻولي چڪيندي،
'لونا' جي ڪنن کي ٻولي ڏڙيندي،
'ٻعان' جي وارن مان جوئان ڪڍندي،
'ٻاٻيءَ' جي ڏر مان سٽي ڪڍندي،
ٻاٻي هٽندس سٽي ته ٻولي همت ٿي لي مٽي،
"لالن" چوندو اوڻ هوڻ، موکي ٻولي آڻي ڏيو،
"ڪاڪل" چوندس ٻس ڪر "لالن" ڏل اون ٻاهر کوه لي
کوه لي ويندا ٻولي نه هوندي، کجيءَ لي ٿي ڏوڪا ڪاڻيندي،
"لالن" کي ڏسندي لهڻکي چوندي،
"لالن" مٿي چڙهي لون آڻ،
مواسان ڳڌجي ڏوڪا ڪاڻ، ڏاڍو ڏوکن ۾ لي چاڻ،
ڏوڪا ٻٽسي لڳا ٻاڻ،
"لالن" چوندس "ٻولي همت لهي لون آڻ"

انکي پاريءَ کان پاري گاڏي چڪڻ جي ڪرآهي سگهجي ٿو. جوانيءَ جو اُمنگ، جوش ۽ اُتساهه هڪ اهڙي شڪتي آهي جا گهور انڌاري ۾ به روشنيءَ جو ترورو ڏيکاري. هماليه جهڙن مشڪلاتن کي به آسان ڪري ڇڏي. پر جوانيءَ جي جوش ۽ اُتساهه کي وويڪ ۽ مريادا جي مطابق هلڻ گهرجي. جيئن جوش ۾ گهمنڊ، اُمڙيون ڪاهيندڙ ندي ڪنارن جي اندر رهي آسپاس جي زمين کي سرسبز ۽ زرخيز بڻائي ٿي پر جوش ۾ اچي ڪنارا ٽوڙي آس پاس ٻوڙ ٻوڙان ۽ بربادي آڻي ٿي ائين جي نوجوان اندر جوش سبب ضمير يا مريادا جي برخلاف وڃن ٿا سي ديش لاءِ ۽ پاڻ لاءِ وڌيڪ گهاتڪ ثابت ٿيندا.

ڌرم جا اصول اٽل آهن پر مريادا جون حدون ديش، ڪال ۽ حالتن ضرورتن کان گهٽجن ۽ وڌجن ٿيون. نوجوان جي الهڙ ۽ جوشيليءَ ڌارا کي صحيح رستي تي وهائڻ لاءِ اهم روڪ بندن جي ضرورت آهي.

سچائيءَ کي ٻين لفظن ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ به مريادا جي ضرورت آهي. سچ ڳالهائڻ انسان جو ڌرم آهي پر جڏهن سچ، جي ٿالي تي مريادا جو ڍڪڻ ٿو ڍڪجي تڏهن ڌرم جو ملهه ضرور گهٽجي ٿو وڃي. جيئن ته ڪو اهم معتبر آدمي هجي پر سندس مٿي تي وار نه هجن ۽ ٿو هجن ڪنهن ڪنهن صاحب ڪري ڪراهو يا ڪاڻو هجي، لنگڙو هجي ته ان کي ڪاڻو يا لنگڙو سڏبو ته اهو سچ آهي پر مريادا کان ٻاهر. سچ، پر ڪڙيءَ واڻيءَ سان ڇڏيل سچ جو اثر ٻڌندڙ جي سڀاءَ ۽ من جي وهڪري جي لهريءَ تي آثار ٿو رکي. ٻڌندڙ کي سيکارڻ يا رستو ڏيکارڻ جي بجاءِ سندس اندر ۾ سنگهرش ۽ ولوڙ پيدا ٿو ڪري جو وناش جي طرف وٺي ٿو

۽ ”ڀاڳيا سڪر“ لڳي. انهيءَ کان پوءِ جيئا جا اڳئا ۽ ٿيرايا اٿون. پر افسوس! جو ديش جي ورهاڱي ڪارڻ اُهي عمل ٿي نه سگهيو.

ڪاڪا ڀيرُوس جو ڀڳوان شري ڪرشن ۾ اٽل شرڌا ۽ وشواس هو. روز شام جو سنجها وقت اُٺين سڀڪو ڪٽنب گڏجي ڀڳوان جي آرتي ڪندا هئاسين ۽ ڀڄن ڳائيندا هئاسين ڪرشن جنم-اشٽميءَ تي ڀيرُو کي انهيءَ سڀئي لاڙڪاڻي ۾ پرڀات - ڦيري ڪڍندي هئي. ڀائي ٽوٽو رام جو مڌر آواز ڪرشن - ڀڄ ڳائيندي ساري شهر ۾ گونجي اٿندو هو. هر طرف جڻ مستي هئي مستي ڇانئجي ويندي هئي:

”هلي ٽو سوري، لٽ ڪٽوري، ماٿ جسودا جايو آهه،
آنند لٽ- پون ۾ آهي، ڪرشن ڪنهيو آيو آهه،
اوڄل جل جمنا جو وهندو چرن چمڻ لاءِ آيو آهه،
پوام ڏسي ڏهڪي پوتهور ڪومل چرن چمايو آهه.“

ڪاڪاجن اسانکي گيتا جو گيان ڏاڍي سولي طريقي سان سمجهائيندا هئا. چوندا هئا ته سڄي ويدن جو گيان گيتا ۾ ٿي آهي. ڪڏهن ڪا مشڪلات اچي پوندي هئي ته چوندا هئا ”ڀيرُوس جو ڀڳوان وٽو آهي، اهو ئي مشڪلات کي منهن ڏيندو.“

جڏهن ڪجهه وڏي ٿيس ته ڪاڪا کان ڳالهين ڳالهين ۾ ڪجهه زندگي جا اهم راز جاتم. سڀڪجهه ته ياد ڪونهي پر ٿورا ڪي خيال اهڙا ڀيا - پورا لفظ ته ياد ڪونه اٿم- چوندا هئا ته انسان لاءِ قبضي ۽ قانون ۾ رهڻ ضروري آهي. جي ديش جا نوجوان قاعدي ۽ نيم جي اندر رهن ته هڪ وڏي شڪتي ديش لاءِ پيدا ڪري سگهن ٿا. قاعدي ۽ نيم ۾ رهي ٿي فوج طاقتمند ٿي سگهي ٿي. ڀاڙي جي هاٿ کي قبضي ۾ رکي،

بيوس جو شعر - هڪ جائزو

هاسارام شرما "پيتاڙ"

شري ڪشنچند کتري 'بيوس' پنهنجو سمورو شعر اڪثر ٻارڙن جهڙن جي سرل سڀائن، سمورن کي جهڙو - جڳت جي ڪلپنائن ڪامنائن، پراڻي ماڻهن سان همدردي، پرماتما سان ايڪاڳرتا، پريم، ديا، ستيه، اهنسا، تياڳ - تپسيا، پرجهم ۽ وشواس، آتما جي امرتا، سڀن شڪتائن، سهڻائي، سرلتا، ست چت آنند جي پراپتيءَ ۽ سرشٽيءَ کي سوکم درشٽيءَ سان ڏسڻ لئي لکيو آهي.

بيوس جو رچيل سمورو شعر لفظي ۽ سکيادائڪ آهي. جنهن کي ٻن حصن قدرتي ۽ جذباتي ۾ ورهائي سگهجي ٿو. قدرتي شعر ۾ بيوس جو ندين جو نرمل نير، پهاڙن تان ڪرندڙ آبشارن ۾ دلڪش رواني، آڪاس مان وسندڙ برکتي بادل جي اوجل امرت - ڌارا، مدماتي هوا، چانڊوڪي رات، بهار، همالي ۽ آسمان جهڙن وشين تي لکيل شعر اچي وڃي ٿو. جذباتي شعر ۾ وقت ۽ حالتن انوسار پيدا ٿيل مسئلا، راجنيتي هلچل، ڌرم، ٻال - گيت ۽ جهومڻ جا گيتا. مٿا الڳو ۽ اهڙائي اهڪ وشيه اچي وڃن ٿا.

بيوس صاحب پنهنجي ڪلام ۾ گوناگون وشيه انوکي انداز - بيان سان پيش ڪيا آهن، ان لاءِ ڪي مثال ڏيڻ ضروري آهن.

بيوس هاري ناري ۽ محنت ڪش مزورن جو چترڀاو پنهنجي ڀاشا ۾ چٽيو آهي. نارين کي سندس شڪتيءَ جو احساس

وڃي، ان مان ڏڪار ۽ ھيٺيا جو ٻيج پيدا ٿو ٿئي. اسان کي کپي ته واڻيءَ کي ليڪ جي اندر رکون. ديش، ڪال ۽ ٻاتر کي ڏسي پنهنجي واڻيءَ کي موڙڻ کپي. ته وڻندڙ ڪوڙ ڳالهائڻ گهرجي، نه اڻوڻندڙ سچ.

مطلب ته ڪاڪاجن جي سکيا ڏاڍي جو ئي نگ. اهڙو ته ٻارو ۽ موهيندڙ هو جو ٻڌندڙ جي دل ۾ ڪري، هيٺيا يا نيڪيا جو ٻاڄ پيدا ڪندو هو. ٻيئن وانگر هنن ڪڏهن خاص واعظ سکيا ڪانه ڏني. سندن شخصيت ۽ عملي جيون مان خودبخود سکيا ملندي هئي.

ڪاڪا ٻيوس پنهنجي ٻارن، شاگردن ۽ دوستن جو اکٽ پيار، شرڌا ۽ عزت حاصل ڪئي. ڪيترا دفعا هنن کان انهن چوندو ٻڌم ته مون کي جو پنهنجي ٻارن کان عزت ۽ سک ملي آهي اهو منهنجو وڏو ڀاڳ آهي. ڪڏهن ته وڏائي ۽ لباڙ سان ڳالهائيندي ڪين مون ڪونه ڏٺو. اڄ جڏهن ياد جي پردي تي سندن تصوير ٿي چٽيان ته سامهون هڪ مٺي، مهڪندڙ، سهڻي، نمرتا پورڪ، اهڃي، پنهنجي ويچارن ۾ درڍ، آتم وشواسي ۽ اٽڪ ڪرميءَ جي صورت آڏو ٿي اچي!

ڪاڪا ٻيوس جي هن سندر سوڀيءَ مک کي ڏسي آتما جي اوچتا جو الهڙ ٻيو ٿئي ۽ سر شرڌا سان جهڪي ٿو وڃي!

اهڙي مهان پتا لاءِ اسان سڀني ٻارن جو سؤ دفعا سجدو!!

”مذهب ۽ مذهب مختلف ۾ گهٽا اندر گهيرائي،
باغ دنيا ۾ جدا گل سوانهن سونهن واسطي.“

ٻيوس صاحب هڪ عمدو مثال ڏيندي چوي:

”ليڪ جن نيڪن ٻڌائي سي نه اي مقدار هئا،
ڏيکه آئي ليڪ ۾ جا ڪان ٻيا سمجهي چئو.“

ٻيوس هر عمر واري لاءِ شعر لکيو، ٻارن کان ٻين تائين. ٻارن لاءِ سندس لکيل شعر عوام ۾ مقبول آهن. ٻيوس صاحب جو ٻال پکش سمدر آهي.

هاڻي اچو ته ٻيوس جو ڪلا-پکش ڏسون. ٻيوس گهڻو ڪلام علم عروض انوسار ۽ ٿورو شعر هندي پنگل شاستر جي اصولن مطابق رچيو آهي. منهنجي وچار موجب ٻيوس کي پنگل شاستر جي نيمن جي ڄاڻ بلڪل نه هئي. ”دوها“ چند جهڙي سولي ۽ هڪ ٿي. چند ڪم آڻڻ جي باوجود به ڪانئس اڪثر غلطيون ٿي ويون آهن. هڪ مثال ڏسو.

”روپ نه مالڪ تو ڏسي - ڏسي دل جا طاق،
اندر اجالو تو ڪيو - نه ٻيوس رنگ پوشاڪ.“

ٻنهي مصرعن جا پويان ٽئي اڌ غلط آهن. نه صرف پنگل شاستر جي نيمن ۾ پر علم عروض ۾ ڪيئي غلطيون ڪيون اٿس. ممڪن آهي ته ان لاءِ ڪي خاص حالتون وشيه جي ڪٺنتا، قافين جي دقت، وقت جي تنگي يا اڀياس حرفي لاءِ موه ٿي الاهي هجن. ٻيوس پنهنجي شعر جو قالب چالو روايتي ٿي رکيو آهي. گيت، غزل، دوها، ڪافيون ۽ مسدس پڻ ٿي لکيا اٿس. رباعي، قطعه، مرثيه، قصيدا ۽ ٻين ڪيترن ئي شاخن تي قلم آزمائي نه ڪئي اٿس. ٻيوس جي ڀاشا، ڪبير صاحب جي ڀاشا وانگر ”کهڙي ڀاشا“ آهي ممڪن آهي ته مسلم شاعرن ۽ هندو سنتن ساڌن جي ڪلام جو

ڪاليداس کي راشٽريه ڪوي جي اوپاڌي ڪوٺيو آهي.

ٻيوس مالويءَ جي ساراهه جون سرڪيون ٻرندي
جو سنسڪرت ڪوي والميڪ جي درجي تي پهتو آهي.
والميڪ لکيو آهي:

(جنني جنم-ڀومي سرڳ کان به مٿاهين آهي) ٻيوس
صاحب آکيو:

"خاص ڪشوري پائيان وطن جي واري،
گاهه به گلداري - ٻئي باغيچو پائيان."

آزاديءَ بابت ڪهڙو نه سهڻو ٻند لکيو اٿس:

"شخصيت جي گهٽ شڪتي ٿو ٻيان لڪري لٿي،
ڦاٽ ڏاڍي زندگي انسان جي اسري نٿي."

گانڌيءَ لاءِ لکيو اٿس:

"آهه هندستان کي اڄ لاڏ لاڏڪوڻي مٺان."

قربانيءَ جي لاءِ ٻيوس صاحب لکيو:—

"سڙي سرهاڻ سرڪند ڏئي، ڪمند ٿو پيڙجي ڪند ڏئي،
ڪسي تلوار چمڪو ڏئي، عجب اظهار قرباني."

صبر، ڌيرج ۽ آشا، جيون بابت لکيائين:

"مکڙي! ٻهار ايندو گل پوش مهن پٽيندو." ليڪن

"جيستائين اچا ڪوڙا ٻيوس اندر سمائي،
ٻيستائين لڪڙ اچائي مکڙيءَ ڪٽي مهائي،
اندرئون جي اچل ڏيندو ٻاهرئون نه سٽ جهليندو."

ڌرم جي وشالتا لاءِ ٻيوس چيو آهي:

"جڳت جي آد کان اڳ ۾ ٿي چڪي ٿو مون سندي شادي،
تنهن سر مهل ملڪ جو سچو سعو وري چاڄو؟"

هڪ ٻي هنڌ لکيائين:

ٻيوس - نئين يڳ جو باني شاعر

ڪماري پوپٽ نرمداس ڪيسواڻي

سنڌ جي عام ۽ خاص جو محبوب مهاڪوي ٻيوس نئين زماني جو ٻهراڙون، ترقي پسند ۽ انقلابي شاعر هيو. (سندس شعر ۾) خيالن جي بلندي، مضمونن جي نوائي، ٻوليءَ جي لاثاني لطف، رس ۽ رواني، سنگيت ۽ موسيقي. ان ۾ چترڪاريءَ جو انداز، نون تشبيهن ۽ استعارن سڀ هن جي شاعريءَ ۾ موجود آهن. هو آزاد هيو ۽ پاڻ کي ڪنهن به بندش ۾ وجهڻ لاءِ تيار نه هيو.

هو صاحب لاڙڪاڻي ۾ ماستر هيو ۽ سندس مٺڙا گيتن، سنڌڙ شبدن ۽ ٻڌيمان ٻرن الوقت جي انگرزال (عشرابي) واٻوسنڌال کي شڪ ڪيو ۽ هڪ نئون دؤر شروع ڪيو. ٻيوس پارسيءَ جو ڄاڻو هيو، علم عروض جو پڻ اڀياس ڪيو هئائين ۽ پنهنجو شعر گهڻي قدر فاعلاتن جي قاعدن ۾ آندو هئائين پر ساڳئي وقت عروض دستور موجب انهن قانونن جي بندش ۾ پاڻ کي جڪڙيل نه رکيائين. جڏهن وقت شعر جي الاهين ۽ خيال جي بلنديءَ لئي ٿي پهتو ان وقت نظم جي بندش کي پرو ڪري وزن جي قيرقار ضروري ٿي سمجهيائين، جئين دل جي ڳالهه سولائيءَ سان ڪري سگهجي ۽ خيال جي اُڏام قائم رهي سگهي. (ڄاڻڪ پڻ شعر پڙهڻ سان ساڳئي جذبي ۽ احساس کي محسوس ڪن ٿا.) سندس ئي لفظن مان ظاهر آهي:

نظم مون ڪرت ڪوڻان، شعر ڳلتان ڳلت دل
ڪاغذي گل ڇا لڳي ۽ ڇا لڳي ٻيوس گلاب

ايهاس ڪندي پارسي ۽ سنسڪرت ٻنهي جو اثر ٻيو هجي.

ٻيوس جي غلط ڀاشا جي ٻه ٻوڪ جو مثال ڏسو:

"ڪي ٻئن پوشاڪ چالدي ٻڙيچ جي، چمڪڻ لڳا،
ڪهڙ ڏرلي ٽان وهائي ٿي سهائي راتڙي."

مصرع اوائل ۾ "پوشاڪ چالدي" جو مرڪب لفظ سنسڪرت خواه پارسي وياڪرڻ موجب غلط آهي؟ "ٻڙيچ جي چمڪڻ لڳا" اهي ڪا معني ٿي آهي ڇا؟ (سمجهڻ ۾ نٿي اچي.) ٻي مصرع ۾ ٻڌ "ٽان" بجاءِ "ٿي" لکڻ ڪهڙو هئو، جو ته ڪهڙ چندرما آسمان تو وهائي ۽ ڏرلي ٿي.

ڪيترن غلطين جي باوجود به ٻيوس جو شعر الحول وڻهارن جي ڪاڻ آهي. جنهن لاءِ سندي ساهتيه کي فخر آهي.

ٻيوس جي شعر بابت، ٻيوس جي شعر سان ٿي هن مضمون جي پڄاڙي ٿو ڪريان.

"اهو هرهڪ لفظ الدر قيمتي رتن جو ٽڙو،
ڪهڙ چولدو شعر ٻيوس شاعر الڪوري ته ٿي."

ٻاهر نڪرندو هئو، تڏهن مولهن جا ٻار لڪي ويندا هئا. بيوس جو شعر پڙهڻ سان فيلسوف کي فيلسوفي، فقير کي رياضت ۽ عبادت، غريب کي آٿت ۽ آسرو ملندو ۽ سرمائيدار کي ملندي هدايت. انقلابيءَ کي انقلاب، وطن پرست کي قوميت ملندي ۽ هر دل ۾ درد جو دونهون دکندو. استريءَ کي پنهنجيءَ عزت جو اهڃاڻ لڀندو ۽ مرد کي پنهنجي شان جي شناس جاڳندي. مطلب ته بيوس انهن زماني جي جذبن ۽ احساسن جو خيال رکيو ۽ هر ڳالهه کي انهن ماپي سان ماپيو. ان سبب ئي سندس شعر جي اڳيان ٻيو شعر ڦڪو پئي لڳو، جاڪاڻ ته بيوس، شعر جو مقصد شاعري نه پر جيون ۽ دنياداري رکيو هئو ان ڪري ئي ڪوس انهن ٻڪ جو بالي شاعر سڏجي ٿو.

ٻيوس جي هر هڪ شعر ۾ سچائي ۽ صدق، دل ۽ درد ڀريل آهي. سندس معاهدي ۽ لفظن ۾ پنهنجي خاصيت آهي. ٻيوس جي سڪ ۽ سوز، آلاپ ۽ ورلاپ، پيڙا ۽ همدردي سندس ڪومل دل ۽ لطيف ٻڌيءَ جو ثبوت آهي.

جن ڪي ڏاهن - دنيا جي ڇڙواڳي ۽ عيش عشرت جو پيالو ۽ ڪوڪلي ڪلپنا جي دنيا جو سير گهرجي سي شايد ٻيوس جي ڪوتائن مان اهڙو ڪجهه حاصل ڪري نه سگهن. ٻئي طرف ٻيوس جي ڪوتا ۽ شعر ۾ شان ۽ شرم، مريادا ۽ مرم، راز ۽ نياز جي جهڪار ڀريل آهي.

ٽئگور جي ٻال-ساهت وارو چمڪو ٻيوس ۾ موجود آهي. هن ٻارن لاءِ ڪيترا ولندڙ ۽ من موهيندڙ گيت لکيا جن کي اڳ جي ڪوين ڀلائي ڇڏيو هو. ٻارن جو بالڪپڻ، سندن والدين ۽ والدائڪا، ٻڪرين ۽ ڪتا، ڪڪڙ ۽ طوطا، پکيورين ۽ پولڙا، سندن پينگهون ۽ ٿوڪڻا ٻيوس کي ياد ڪيا. ڏسو ڪيئن نه ٻارڙن کي پرچايو اٿس:

ٿوڪي ڏاڙ نه ٿوڪڻو، منهنجو آهه ملوڪڙو
ڦاٽي پوندو سوي نه سگهبو، ڪولٽر لٿيءَ سان لنبي نه سگهبو
(ٿوڪڻو ملوڪڙو)

جڏهين شام جو وڄندا ٻيج. لولي وجهندس سهڻا سُيج
سنبل کي مان ڦيان سوار، لون لپ لپ ٿابيءَ کي لهار
(منڙو گهوڙو)

هو ٻارن سان ٻار، جوانن سان جوان، بزرگن سان بزرگ، وڻجارن سان وڻجارن ۽ ساڌڪن سان ساڌڪ ٿي رهيو آهي.

مهاڪوي ٻيوس ڪلاڪن جا ڪلاڪ، ڏينهن جا ڏينهن خيالن جي سمنڊ ۾ ٻڏي ويندو هو ۽ جڏهن ان سمنڊ مان

۾ ديش، ڪال ۽ حالتن جو جائزو وٺي لکڻ جي شروعات سائين بيوس ڪئي. هن عالم سنڌي ساهت ۾ انقلاب آندو، نواڻ آندي ۽ زندگيءَ جي صحيح ترجماني ڪئي. ڪيس غريبن لاءِ درد هو، هاريءَ لاءِ همدردي هئي، زماني خلاف شڪايت هئي، سماج جي چالو نظام لاءِ ناراضگي هئي، مستقبل جي سنڌر ڪلپنا هئي. غلاميءَ لاءِ حقارت ۽ نفاق لاءِ هئس نفرت.

ديش ۾ هڪ طرف آزاديءَ جي لهر هئي ته ٻئي طرف جاتي ڀيد، ڌرم ڀيد، نفاق ۽ مذهبي ٻاگهڙي جي آگ ٻڙڪي رهي هئي، ان نفاق سماج ۽ ديش جي برباديءَ جا ارڪاڻ ڏيکاريا. بيوس جي دل ۾ آنڌ مانڌ پيدا ٿي وئي. هو وناش جو وڪاس ڏسي ڏکي ٿيو. بربادي جا آثار ڏسي ڪنبي ويو. هو شاعر هو نه! شاعر قلم کڻي پنهنجو اظهار ڪري سگهندا آهن ۽ اظهار ڪري حالتن جو مقابلو ڪندا آهن ۽ پنهنجو آواز بلند ڪري واتاورڻ ۾ تبديل آڻڻ چاهيندا آهن. بيوس صاحب مذهبي ٻاگهڙي جو اظهار دکي دل سان اهڙو هيئن ٿو ڪري:

الله جا ڪوڙا چڙهيا خود غرض چمن جي مٿان،
ڪئين ٻلا ايندو نظر ۾، ٻُرُ ڪئي ۽ ڪُهر ڪئي.
ڪئي (الحاد)

ڌرم ۽ مذهب جي جهيڙي ۾ انسان پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن ۽ پاڻ تان ضابطو وڃائي ويٺو آهي. ان ڪري بيوس جي دکي آتما اهڙو هيئن ٿي ٻولي:

ڪيئن فسادي خون وهندو ڌرميت جي قلب مان؟
نبض ٿي نشتر ڪئي، شريان ٿي خنجر ڪئي!
ڪئي (الحاد)

ٻيوس ۽ قوميت

تيرٿ هنگوراڻي ”پرڪاش“

هڪ ڀيرو هڪ انگريز کان ڪنهن پڇيو ته جي توهانجي اڳيان انگلنڊ يا مهاڪوي شيڪسپيئر ٻنهي مان هڪ شيءِ چونڊڻ ۽ هڪ شيءِ ڇڏڻ جهڙو ناپسند ۽ ڪٺور مسئلو پيدا ٿئي ته تون هوند ڇا ڪرين؟ هن انگريز ته پڻ وراڻيو، ”مان هوند انگلنڊ ڇڏيان پر مها ڪوي شيڪسپيئر مٿان نه تياڳيان.“ ساڳي ڳالهه سنڌ جي هندن سان ٿي. هو پنهنجا اباڻا اجها سنڌ ديش ۾ ڇڏي آيا آهن. گهرن هوندي به بي گهر ٿيا، جنم ڀومي هوندي به هو ٿرواسي ٿيڻجي پيا، ماتر ڀومي يا جنم ڀومي سان موهه هوندي به تياڳ ڪرڻو پين ٿر فخر جي ڳالهه آهي ته هو ورثي ۾ مليل اباڻي سڀيتا، سنسڪرتي، ساهت-ٻولي سڀني ۾ ساڻيئي سرحد پار ڪري آيا ۽ هند ۾ اچي پنهنجي شاهه، سچل، سامي، بيدل-بيڪس، سانگي، خاڪي وغيره کي گنگنائڻ لڳا. ٻيوس ته تڏهن زنده ٿي هئو، اها موروثي ملڪ سنڀالي رکيائون ۽ ان ۾ اضافو به ڪندا رهيا. هاڻي ته مهاپرشن، سنتن، مهاتمائن، شاعرن ۽ ليکڪن جا ڏڻهن به ملهائيون ٿا. ان کان وڌيڪ جا ڳالهه شروع ڪئي اٿن سا هيءَ ته جدا جدا ڪوين ۽ ساهتڪارن جا سيمنار به ڪرائيون ٿا. هن سنڌ ڇڏي پر شاهه لوڙي پيا ڪوي نه تياڳيائون.

ڪوي ڪشنچند ٻيوس اهڙن آدرش انسانن ۽ اوچ ڪوين مان هڪ آهي جنهنجو سنڌي جاتي قدر ڪري ٿي. ٿورن ڏينهن ۾ ٻيوس کي ارپڻ جو نارو سڏجي ٿو. سنڌي ساهت

تنگ مذهب ۾ نہ ماپون، قوميت ۾ جاءِ ڏي
پاڻهي، انسانيت، روحانيت ۾ جاءِ ڏي
چڙ ڏٺي جي ڏيڍ ميري، تون ٻہ رہ مان ٿي رهان

پر افسوس، صد افسوس جو انساني لباس ۾ شيطان گهوڙي تي چڙهي انسانيت جو خون ڪندو رهيو. هندو-مسلم ڪِرڙي ڀارت جا ٻہ ٽڪر ڪيا تہ ٻہ شيطان انساني خون ٿي اڃا پنهنجو پيٽ ڀري نہ سگهيو آهي. اڃا ٻہ ٽرقيوار سازي سڀي روپ ۾ نہ آئي آهي. افسوس تہ پنهنجو پاڻ لباهي ويو، سچ جي راه ٻڌائي، انسانيت جتائي ويو. پر اسين شل پنهنجن کوان؟ سنڌن جي واٽي هنڊائون. آءٌ هي لنڊڙو ليک پورو ڪندي صرف شاه جون ٻہ سٽون لکي ليک ختم ڪندس.

"پالي ڪان ڪمان ۾، ميان مار م مون
مون ۾ آهين تون، متان ڌهڪو تو کي لڳي"

ٻوس صاحب اهڙن متوالن کي سمجهائيندي چوي ٿو ته جنهن چيز کي تون ڀاڻ ٻيائي جو اوزار ٿو سمجهين سو خود ٿي تنهنجو برباد ڪندي رهيو آهي.

جنهن کي تون ڀاڻ ٻيائي جو ٿو هٿيار چوين،
آهه خود تنهنجي ٿي گردن ٿي سو ڪاتي جهڙو.
(جالي جهڙو)

ديش جي دک ڀري حالت ڏسي سخت مايوس ٿو ٿئي ۽ واڪ مان "هاءِ" نڪري ٿي وڃيس:

ڪاٿي اتفاق ۽ اتحاد جي عادت نه رهي،
هڪ ٻئي جي ٻرداشت، ڪا طاقت نه رهي،
هرڪو ٿو پنهنجي ۾ "ٻوس" ٿو پيارو ڏسجي،
هاءِ اڄ هند مٿان ٿو، ڏکڻ ڪارو ڏسجي.

جڏهن ڪافي هاڻي سوچ بعد به ديش اندر نفاق جي ٻاهه چوطرف نظر اچي ٿي تڏهن ٻوس صاحب خطري جي گهنٽي وڄائي انسان کي چتاءُ ڏيئي رهيو آهي ته اي هندواسيو! توهان قوم جا قاتل ٿجي انسانيت جو ڏيوالو ڪڍي ويٺا آهيو ۽ جالي جهڙي ۾ خود کي تباهه ڪري رهيا آهيو جنهن ۾ نه اڄ جو ڀلو آهي نه سڀي جو:

تباهه ٻاڳي جي ٿيلي ٿي، نه سڀي لاءِ سٺو،
قوم قاتل جو ٿيو، ديهڪ کهالي جهڙو.
(جالي جهڙو)

ساڳين ٻوس پارواسيءَ کي صلاح ٿو ڏئي ته تنگ مذهب جو گهيرو ٽوڙي ذرا اڳتي وڌ ته سوهري آئيندهه ٻسين ۽ ڪڏهن رهيا سک ته شڪي رهين ۽ ڪڏهن رهڻ لاءِ دل مان دل ۽ ڀائي ڪڏ ته صحيح درشن ڏسي سگهين.

جي حالتن جو ان جي ساهتڪارن تي اثر پوندو آهي ۽ ان دؤر جي حالتن پنهنجي ساهت جي رچنا ٿيندي آهي. سنڌي ادب کي پڻ ڪيترن ئي دؤرن مان لنگهڻو پيو آهي. هيءُ اسانجو واسطو جديد دؤر سان آهي يعني ١٩٠٧ کان ١٩٤٧ وارو چاليهن سالن وارو دور. هن دور جو اثر ڪوي بيوس سچي دور تي هڪ انمٽ ڇاپ ڇڏي ويو آهي. سنڌي ادب ۾ بيوس اوچو آستان آهي. بيوس جيون جي هر پهلوءَ تي نظر ڊوڙائي آهي. بيوس زماني جي حالتن موجب هن آزادي، قوميت، ايڪتا، غربت، پورهيت، مزور، ناري، جهوپڙي، شاهوڪاري ظلم وغيره وغيره وشين تي قلم آزمايو آهي. بيوس کي غريبن جي مالي مشڪلاتن جو احساس هو، ڪسان ۽ مزورن جي مٿان ٿيندڙ ظلم ۽ ستم جي ڪيس ڄاڻ هئي، ناريءَ جي سماج ۾ هيٺين حالت جي پڻ ڪيس سڌ هئي. هن پورهيت کي رسڻي تي ٽنگ لٽڪايندي ۽ خون پسينو وهائيندي ڏٺو هئو. هن مزورن کي محل ٺاهيندي ۽ کُلي ميدان ۾ بي گهر پيو هئو. هن هاريءَ کي آنڌي ۽ طوفان ۾، اُسي ۽ ٿڌيءَ ۾، صبح ۽ شام کيتن ۾ ڪم ڪندو ڏٺو هئو ۽ هن انهن ئي هارين - نارين کي بک مرندو، زميندارن هٿان چهبڪ سهندو ۽ بي وس ۽ لاچار ڏٺو هئو، حيران ۽ پريشان ڏٺو هئو. شري ڪشنچند واسوانيءَ جي لفظن ۾، "هن پورهيت هٿ جي پورهئي جو شان وڌن ڪيو آهي ۽ شاهوڪار کي (بيوس ڪرڻ سبب) شرمايو آهي هن هاريءَ جي همت افزائي ڪئي ۽ مزور کي روشن آئينده لاءِ آساهه ڏني." هن صاحب سماج جي رواجن خلاف آواز اٿاريو. هو صاحب چوي ٿو ته سرمائيدار وٽ سرمايو آهي ته دل نه آهي جو غريب ذاتين همت وڌائي سگهي!

ادب ۽ سماجواد

ايم "قابل"

هر هڪ قوم کي پنهنجو ادب هوندو آهي، جنهن مان ئي ان قوم جي تهذيب ۽ تمدن جو اندازو لڳائي سگهبو آهي. جنهن قوم کي ادب نه آهي، اها قوم زنده قوم نه پر مرده مثل آهي. فخر جي ڳالهه آهي ته سنڌي سماج پڻ هن ڏس ۾ اوچي ڳاٽ آهي.

ساهت رچنا ۽ ان کي سنڀالڻ ۽ سڌارڻ ليکڪن ۽ شاعرن جو ڪم آهي جن کي ساهتڪار سڏجي ٿو. ساهت ۾ ته انيڪ ڌارائون اچي وڃن ٿيون پر اهي سڀئي ڌارائون ڪنهن اديش لاءِ تڪميل هونديون آهن يا ائين چئجي ته ساهت اهو جو سماج جو حقيقي نظريو پيش ڪري ۽ ساهت اهو جو سماج جي رهنمائي ڪري، جيون جي ترجماني ڪري. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته ساهتڪار اهو جو عوام جي ڏک-سک ۽ جيون جي احساس جو صحيح چٽ چٽي ۽ روشن سڄاري جهان رهنمائي ڪري. ادب جو زندگيءَ سان گهرو ناتو آهي. ادب ئي زندگي آهي ۽ زندگي ئي ادب ۾ سمايل آهي. ادب ۾ زندگيءَ جون گوناگون جهلڪون ڏال هونديون انهن ئي اهو دل ۽ دماغ تي اثر ڪري سگهندو. ساهتڪار جي دل هڪ پيالي وانگر آهي. دل روپي پيالو جڏهن ڀرجي ڇلڪڻ لڳندو آهي تڏهن پلٽ پلٽان شروع ڪندو آهي ۽ قلم معرفت ساهت جو روپ اختيار ڪندو آهي.

سماج ۽ ساهت جا جدا جدا دؤر ٿيندا آهن، هر هڪ دؤر

توُن ڇڏڻ ٻيوڙن کي رسڻ جا ۽ ناڪين کي ٺڪر
کي حاصل ڪار ٻيونڻ لاءِ رهڻ لٽ منتظر
(مزدور)

پورهيت کي جاڳائڻ لاءِ ڏسو ڪهڙي نه سٺي نموني پنهنجي انقلابي دل جو اظهار ڪري ويٺو آهي:

مالڪاڻي ڇيڙي ۾ ڦيڙجڻ ڪيسين روا؟
پنهنجي دل جي ڏڙ اندر ڦيڙجڻ ڪيسين روا؟
(پورهيت)

پورهيت جي غافل رهڻ تي پڻ ڪوس ناراض آهي. هو ڪيس ٻڌائڻ ٿو چاهي ته تنهنجي ئي غفلت سبب توُن ڀرائجان آهين. اٿ جاڳ، اک پٽ ۽ پنهنجو ڀاڱو سنڀار:

ٿوڪي اي سرتيءَ رساڻو آهه. حالت زار تي (پورهيت)

چوطرف سماجواد ۽ مزدور جاڳرتيءَ جو واڄومنڊل آهي پر ڀارت جو ڪسان، مزدور ۽ پورهيت اڃا ننڊ ۾ غلطان آهي. ڪيس اٿارڻ ۽ تيار ڪرڻ لاءِ چوي ٿو:

اٿ، اٿي جاڳو نظر سان ڏر نصيبن تي نظر
جابجا پورب، پڇم ۾ آهه پورهيت جي پڪر
(پورهيت)

ظلم جي پڄاڻي جلد ٿيڻي آهي جو هاڻي ظلم جو گهڙو اچي ڀرڻو آهي ۽ چوطرف مزدور هلچل زور پڪڙيو آهي، اهو ٻڌائيندي پڻ ڪسان مزور کي چوي ٿو:

تنهنجي دردن جي هينئر آهه پڄاڻي، ڪڙمي
تنهنجي سورن جي ويل وڃاڻي ڪڙمي

ڪوي پڻ عام جو شاعر هو. ڪيس غريب طبقي جو خاص اونو هو. ديش جي مظلوم طبقي سان سندس همدردي هئي جو هوڻي ديش جو آزار آهن. هوڻي محنت ڪن ٿا پر

آهه ڏن ٻه دل ۾ آهي، آهه دل ٻه اساهه ڏن
چور چئبو ڪنهن سڀا لڳا، ٻيو ڪنهن 'هوس' سڀا
(بي دل ڏن ڏلي)

هوس صاحب شاهوڪار ڏانهن مخاطب ٿي ڪيئن شرمسار ڪرڻ لاءِ پڇي ٿو:

لال ٿيو تنهنجو دشالو، ڪنهنجي لوهو چاڙڻ مان؟
خون-دل ڪنهنجو پکي ٿو، تنهنجي ٻل ٻاڙهاڻ مان؟
(شاهوڪار)

هوس جي زماني ۾ دنيا ۾ سماجواد جي لهر هئي. رشيا ۾ زار خلاف مزورن قدم کنيو هئو ۽ زار جي ظلم کي زمين دوز ڪيو ويو هئو. سماجواد جي سڌانت موجب ڏن جي هڪ هٿ ڪني ٿيڻ سان ٿي ظلم لڳي ٿو. هوس صاحب چوي ٿو:

جيئن وڏو ڏن، مال، ٻلهو شان شاهوڪار جو،
ليئن وڏو دنيا ۾ باعث زار جي آزار جو.
(شاهوڪار)

هاريءَ جي سقيم حالت جو ورڻن ڪندي سماج جي انياءَ بابت اجهو هيئن ٿو چوي:

تنهنجي تصوير منجهان قوم جو ڪمياءُ پکي،
تنهنجي فرياد مان بيداد جو ورڻاءُ پکي،
تنهنجي بدحال منجهان عام جو ابداءُ پکي،
ماڻ تنهنجي مان غضبناڪ ٿو غوغاءُ پکي.
(هام هاري)

زماني خلاف شڪايت ڪرڻ لاءِ مزورن کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

ڀبوس جا ڀڳتي گيت

ڪمل ڪيولراماڻي "پياسي"

ڀوس وقت جو ترجمان هو، جاتيءَ جو ملاح ۽ پنهنجن امنگن ۽ سنڪلپن جو رهنما هو. ڀوس جيڪي ڏٺو ۽ محسوس ڪيو، ماڻيو ۽ سٺو، اهو هن پنهنجن ڪومل وچارن ۽ جذبن سان عام انسان اڳيان پيش ڪيو.

البت اها حقيقت آهي ته ڀوس جي چوڻ موجب سندس پهريان استاد هئا "ساميءَ جا سلوڪ" ۽ "شاه جو رسالو". هن پنهنجو ٻيو گرو ڪيو رابندرانات ٽئگور کي، جنهن جي "سادنا" ۽ "گيتانجلي" لاءِ ڏاڍو صدق ۽ شرڌا هئس.

اڄ جيئن نانڪ، ڪبير، سورداس، تلسيداس، ميران ٻائي، تڪارام، پرمانند ۽ ٻين جا ڀڄن ڳايا وڃن ٿا، جنهن مان جيءَ کي آنند ۽ آتما کي آنت پيو ملي، تيئن سنڌي ميڙن ۽ محفلن ۾ اڪثر صوفي ڪلام ۽ شبد ڳايا وڃن ٿا. البت هڪ کوٽ جا ڀوس محسوس ڪئي، اها هئي "ٻارو ڀڳتي جا گيت". هن ان کوٽ جي ڪي قدر پورائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. گرهستي، ماستري ۽ هوميوپٿي ڪم هوندي به هن هري چرڻن ۾ پنهنجي گيتن جي ڀيٽ رکي آهي.

ڀوس درشن لاءِ پياسي، تنهنجي در ڀکاري
تنهنجي در ڀکاري، ساڌو هري نام تان هاري

ڀوس ايڪ پراڻي ڀڄن لکيا، جي ان وقت پرڀات جي سمي ڦيرين ٻاتي، ندرا ۾ ستلن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ ڳايا

سماج کين اڪرائي ٿي. کين هر طرح سان نيچو نوائي ٿي. شاهوڪار طبقي غريبن کي صدين کان پيڙيو آهي.

۽ اڄ ان ظلم جي حد ٿي چڪي آهي. هاڻي مزدورن ۾ سجاڳي شروع ٿي آهي. هو هڪمشت ٿيڻ لڳا آهن ۽ شاهوڪار شاهي ڌهڻ تي اچي پئي آهي ۽ شاهوڪار پنهنجي دولت جي نشي ۾ چُور آهي ان ڪري بيوس شاهوڪارن کي مزور جي طاقت پڌائڻ ٿو چاهي، سندن هوش ٺڪاڻي لڳائڻ ٿو چاهي. کين چتاءُ ٿو ڏئي:

جي رُسي مزدور "بيوس" ڪنهن وڏيري راڄ تي
هوند هيران پسُور السوا ڪنهن ٿي ٺوڪي چڙهي
(شاهوڪار)

بيوس سچ پچ ڪمترين ڳالهين عام ۽ ڇڙن آهن ته ڪن جو وري ڪلهي ۾ طرح اظهار ڪيو آهي. هو حالتن جو جائزو هئو ۽ لعنجي کان واقف. دوراندیش هئو ۽ هئو عالم ڪري. اسين سندس اڳيان سجدو ٿا ڪريون.



هيءُ گيت ڀڄناشٽڪ ۾ جو پرڀاتي گيت آهي، پر ڪرشن جنم تي هن جيڪو گيت لکيو، اهو ڀلڪل ئي الڳ رنگ جو آهي:

متُرا ۾ جو جنم لڌائين،
گوڪل ۾ ليلا ڪيائين،
موهن مرليءَ وارو — اڄ ڪرشن پڌاريو پيارو.

ڀڳوس ڪرشن مهما جا گيت لکندي، الهن واهپارن ۾ ڪي فرق ڪي ورو ڪو ڏسجي. هن جي اندر جي اڪير پڙڪا ڏيئي ظاهر ٿي آهي. گيتن ڏنارن هن پهرين سوڪتو، ڪرشن-اربع ڪري چڙهو آهي. هن ڪي هاڻ ڪرشن جي اسيءَ لاءِ چاه پيدا ٿي ويو آهي، جڏهن لکي ٿو:

مڌر مڌر سر سان مڌسودن
چهڪ چت کي لاٽي- اڄ ۾ ڏوم مچائي

اهڙيءَ رنگ ڀڳوس ڪرشن-سڌاما ملاپ کي ٿ ا وساريو آهي پر ڪرشن راڌا جي راس کي به ساراهيو آهي. هن ڪرشن استتي به ڪئي آهي:

جئه ست چت آنند سوامي،
جئه گهٽ گهٽ انترجامي،
جئه اجر اگاڌ، آنامي،
جئه ڪيشو، ڪنج بهاري!

ڀڳوس جي ان ”جئه استتيءَ“ ۾ ستسنس من جي ڀڙا اهائي آهي.

من ڏيڻو، ڏان ڀنڊو ڪا ..ا ڏرشٽي ڪري.

رام اوتيءَ جو ڏڍهن آهو، ڀڳوس جي خيالن ۾ رام جو چهر چڙهي ويو. هن ۾ رام مهما لاءِ سٽڪار پيدا ٿيو، الهمت هن جو ڀڳتي مارگ ساڄهو ٿي رهيو.

وڄندا هئا. اهي سندس گيت ۽ ٻيون تمام سليس ٻوليءَ ۾ آهن، جن ۾ ڪوئي لفظن جو سينگار ڪين آهي، پر انهن ۾ آلاپ دل کي ڇُهندڙ ۽ اکين ۾ لڙ آڻيندڙ آهن:

منهنجي اندر ۾ شيام سندر تو سدا وَسي
ان رام نام، شيام جي ٻيو دل اتي ڏسي.
اکڙين ۾ وَڙهين ۾، ۽ جگر جان ۽ جند ۾،
رڳ رڳ ۾ رميو رام، مون کان ڪير جو کسي.

تنهن کانسواءِ رام لوڪي، ڏياري، جنماشٽمي، دسهڙي وغيره هندو ڏڻن ڏينهن کي به ٻيئي ڪڏهن ڪين وساريو. انهن ڪندي هن سچو پڪا هندو هئڻ جي ساک ڏني آهي. هونءَ به هرڪو شاعر ڪرو سونهن ۽ قدرت جو پوڄاري نه ٿي ڪري نه سگهي. انهن هجي ها نه هيءَ سنسار اڃا اونده ۾ هجي ها. سڀني کي سڀاري تلسيداس، شيڪسپيئر، شاهه ۽ رومي ٻارن شاعرن وشو-جوتي جلائي اونده کي ٻاهر ڪڍڻ ۾ ڪڇه. ادم ڪئي، جنهن اڪب هندو سنڌي شاعر ساميءَ ڪيو ۽ ان جي واڪ ٻوءِ ٻنهي ڪٿي ٻڌڙي. البت ان دور ۾ ٻنهي جي به ٻڌي گيت رچيا، انهن ۾ هو وڏيڪ آزاد رهيو ۽ ان آزاديءَ سبب تي ان ۾ ٻرام-ٻاڻ جو رس پري سگهيو. ڪٿون وقت تي هن اهي گيت لڏ لڪڙ ۾ تيار ڪيا. تنهن هوندي به انهن ۾ هو پورو پورو اثر ابرار ڏاري سگهيو آهي. مثال طور:

آنند لند ٻون ۾ آهي، ڪرشن ڪنهيو آيو آهه،
هلي ڏسو ري نند ڪشوري ماڻ ٻهوڙا ڇانيو آهه.
اوچل جل جمنا جو چڙهندو چون چوڪ تي آيو آهه،
پرام ڏسي نندڪي ٻرڄيور ڪومل چون چاليو آهه.

دلين اندر نهاري تون، گرو نانڪ نرنڪاري،
اجڙ دل کي آباري تون، گرو نانڪ نرنڪاري،
لعل هردي کي تاري تون، گرو نانڪ نرنڪاري،
پتل پٿر کي تاري تون، گرو نانڪ نرنڪاري.

بيوس پنهنجي من ۾ نانڪ جي مورت کي اڪائي چڪو هو. هن کي اکر هڻي، وشواس هو، ته

شبدن جا تير ڇوڙي، پريم زنجير ٽوڙي،
سيني ۾ جاءِ جوڙي، سوگهو ٿيو ساهه سان.
نانڪ جي مورت پياري من ۾ مون رکي ڌاري،
بيوس جي بيقراري، وئي وشواس سان.

۽ الهيءَ ڪري ٿي بيوس هر هر ٿي ڳائيندو.

سڀ مذهبن ستار سڀني جي ڪارج ڪارڻهار گرو،
ٻاجهه ڪري جڳت جو ٻيڙو پار ڪندڙن جڳ تار گرو،
آءٌ نماڻي سڄڻ هاڻي من مدائن ساٿ ڀريو ،
مهر نظر سان بخش ٻرائون، ڪر ڪرپا ڪرتار گرو،

گرو ڀڳتيءَ جي اوٽ ۾ بيوس گرو گوبند سنگهه جي ساک اجهو هيئن ڏني آهي.

”لڙي هڪ سک، سوا لک سان“

ڪلنگيڌر جهو گجندي،

هوا ۾ هن جي هي سيرلي ٻرلاءُ پيدا ٿيو.
لٺين سر ٻڌن پارس ٿي پيرو پاءُ پيدا ٿيو،
گرو گوبند سنگهه وارو جڏهن ورلاءُ پيدا ٿيو.

انهن چوٽ ۾ هاڪ وڌاءُ نه ٿيندو نه بيوس جهڙا عطائي شاعر

رام جنهن ۾ آهي - سڀ شرڌا ساڻ ملهايو،
رام پالڻ آگيا ڪاري- ڪنن پرتگيا جنهن هيءَ پاڙي،
وچن ته پنگ ڪرايو - سڀ شرڌا ساڻ ملهايو.

پوَس کي رام رس جي پياس هئي، ۽ اها اڄ هن پوريءَ طرح مٽائي:

رام اساڻو پراڻ پيارو،
مرياداد ۽ ٽيڪيءَ وارو،
ڌرم، پرم جو پالو،
سڀ گڏجي خوشيون ملهايو.

ٽٽهن هوادي ته پوَس جي دل ۾ هڪ آنند مانڊ رهندي هئي، جنهنجو اڄ ته ڪنهن طرح تصور ملي ٿو. پوَس جي دور نگاهه ۽ وسيع خيال زماني جي نبض کي اڳ ئي سڃاڻي ورتو هو. ٽڏهن ته ڏياريءَ تي شعر لکندي چيائين:

واه منڙو ٿيو مٽان سان، اندر آهي ڪڙو،
جن سان جڪڙيل تو رهي ڪروڙ ڪاوڙ جو ڪڙو،
ملڪ مان مطلب وٺو، طوفان ضد جو ٿيو ڪڙو،
ڪين ڦاٽي تو مگر هي پاپ جو پرجي گهڙو.

ڪهڙا جهڙي ملهائڻ لاءِ هڪ دفعي مٺنگ ڳهرائي وٺي. "پوَس" انهي ته پهنجا خيال پلٽي، گيتا جي گيان کي سندر نموني ۾ پيش ڪيو:

عطر ۽ جوهر ڇڪايل آهه گيتا جي اندر،
سار ويدن جو سمايل آهه گيتا گيان ۾.
گرچ گيتا کي لکي، پنجاه سؤ ئي سال ويا،
ته به اجوڪي فلسوفي ٿي وجهي حيران ۾.

رام ۽ ڪرشن جي پوڄيءَ ۾ پوال پوَس جي دڳن ۾ گرو نانڪ ديو لاءِ به شرڌا آهي:

گوناگون بيوس

ٽيڪچند ”مست“

هر ديش جي ساهت جي شروعات شعر کان ٿي آهي. ڀارت جي ساهتيه جو بنياد به شعر تي ٻڌل آهي جنهن جو زنده مثال آهن ويد، جي سرشٽي جي آد ۾ رچيل آهن، ان کان پوءِ اپنشد، پراڻ، مها ڀارت، رامائڻ، گرو گرنٿ صاحب ۽ ٻيا گرنٿ به شعر ۾ رچيل آهن. نظم نثر جي ڀيٽ ۾ جلدي ياد ڪري سگهبو آهي، ۽ وري شعر کي سر (ڌن) سان ڳائڻ ۾ هڪ عجيب قسم جو آنند اچي ٿيندو آهي. شاعر شعر لکڻ مهل پاڻ کي آسمان ۾ سمجهندو آهي، ڪائنات ۽ پرڪرتيءَ جي هر سوکم شيءِ کي دماغ ۾ رکي الاهي عشق ۾ ٽٻو ڏئي ڪوتائون رچيندو آهي. شعر جي معنيٰ آهي ”ڪوزي ۾ درياهه“ کي بند ڪرڻ. سچ پچ شاعر ٿوري ۾ گهڻو ڪجهه چئي ويندا آهن.

سنڌي شاعرن جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي اسان سنڌين کي فخر آهي. سنڌي ساهتيه شاهه کان سواءِ اڌورو لڳندو. سچل سامي، دلپت، بيدل بيڪس جي شعرن ۾ سچائي، تازگي ۽ نواڻ آهي جا پڙهڻ سان لاءِ لساني اثر ثابت ٿي آهي، ۽ سندن رچنائن ترياق جو ڪم ڏنو آهي. ان ”قديم شعر“ جي دؤر ختم ٿيڻ بعد سنڌي شعر جي مندر جو دروازو کوليو شري ڪشنچند بيوس. دروازي کلڻ تي جهاتي پائي ڏٺوسين ته مندر جي اندر اشٽ ديوتا ته ساڳيا ئي رکيل هئا، مگر سندن لباس بدليل هئا، جن سان سندن زيب ۽ زينت ۾ ڪافي رونق نظر اچي رهي

قسمت سان پيدا ٿين ٿا. سنڌ جو پاڪ پٿرو ھو جنھن ۾ ھوس جنم ورتو ۽ سنڌ ان کي پنھنجي ڪرپا جي باغات ارپڻ ڪئي. اڄ ڏينھن تائين ھند ۽ سنڌ جي معرزم ۾ ھوس جو شعر موجود آھي، ڇو ته ھو اعليٰ درجي جو شاعر ھو.

اڄ جا شاعر جڏھن سوشلزم ۽ ڪميونزم جي ھام ھڻا ھڻن، تڏھن ھنھنجي ايمان ھوس جي اصرار ڪيترو ئي آچي، جنھن اوان آمنگ، ٽئين زندگي، سنڌ ۽ سنڌيت لاءِ ھرھڪ چيز ٽئين آھائي ۽ خود پاڻ ڇڏي ويو.

جاڳ جاڳ ٽان پوي جي جام اٺ جاڳ سنڌي،
لوڙ اٿڻ ۾ ٽئين سر، سرمٽ ساجائي آچي.



گدڙ خانا گهڻا ڳنڍي، خاص ڪرڻ واسطي،
آهي قدرت کان ملول، ڪامل ڪوسر کي قليد.

ڪويتا ڪا دماغي ڪرت ڪونهي ڪانهي؟ جنهن ڪويتا ۾ صرف علم عروض جا قاعدا قانون هوندا؟ اُن ۾ دل جي ٻلت نه هوندي اُن مان پاٺڪ جي دل تي ڪو به اثر ڪونه ٿيندو. ٻاهوڪي ڪويتا اها جنهن جو سوڪهم ڀاوَ پڙهندڙ جي دل ۾ ڇهي وڃي لن ٻابت اچو هيٺين لکيو اٿس.

نظم ٺهري ڪوڙن ڪوڙن، شعر ٻلڻان ٻلت دل،
ڪاغذي گل ڇا لڳي؟ ڇا لڳي خوش گلاب.

ناچ مثل جو بيان ڪهڙي نه حسين انداز ۾ تو ڪري:-

شوق شاهيءَ سان جڏهن، فرض مصمت جو ڪڍيو
نوڪي اُيءَ ناچ! نڏهن حسن نزاڪت سان اُڏيو
چهر گرڀان مان نڙي، نڙڪ ۾ ني ڏار ٿيا،
جي ٿري ناچ جي صورت ۾، جتادار ٿيا.

ٻوس غزلن کي سدا ياد ڪيو آهي. غزلن جي جهوڙڙيءَ جو اُهڙو نه نزاڪت ڀريو ورڻن ڪيو اٿس جو هرڪ سنڌي مرد جي دل تي نقش ٿيل آهي.

سچ، چنڊ واجهه ٿو وجهي جنهنجي ولڻن منجهان،
ڦرڪيو اُچن ٿا ڦورا تارن ڪڪرن منجهان،
ٻهڪا ڪندي ٻهي هوا جنهنجي ٻکڻن منجهان،
چمڪار ميهن ٿو ڪري چمڪي جمڻن منجهان،
قدرت سندي ڪمال، صنعت لاهه سوڪڙي،
اُلا! جهري ۾ شال غزلن جي جهوڙڙي.

ٻورهيت جي همت افزائي ڪندي ڪيس چوي ٿو:

اُٿ آئي چاڙهو نظر سان، ڏر اُصوٿن تي نظر،
جا ٻجا ٻورب، ٻچر ۾ آهه ٻورهيت جي ٻهر.

هئي، سندس مهڪ جي چمڪاٽ چمن کي چراغ ڪري ڇڏيو. ٻيا جيڪي دروازي جو ڪو ليندڙ ٿي "ٻوس" جهڙي ٿيڻ اندر مور ٿون ۽ نه اڙيون ٺهڻون ٿماٽيون هو لڏيون. "ٻوس" ڪڍهن ۽ ٻاغ کي اسعاد شاعر ڪين ڪوليو، هن نه ٻاغ کي فقط ٻوس؟ ٻوور سڏايو جنهن سندس شعر مان ثابت ٿئي ٿو.

"ڪين لکان" چاٿان رکو، "ڇا لکان" سل ٿون،
ڪندس ٻوري ٻالسري، ٿو ڪيندين ڳل ٿون،
ٻند ڪرڻ مولڪان ٻڃي، واه ولـــي هـــل ٿون
ٻاجهه ٻوٻا ٻل ٿون، هن ٻوس؟ ٻي زور جو.

ٻوس ٻهوري قدرت کـي اهڙي ٿٻس؟ زٻيدار ٺولي ٻمش ڪري ٿو جو ٻڙهندڙ ڏاڏل شيء کي وري، ٻار ٻڪ ٻيمي‌ء سان ڏسڻ لڳي ٿو، سمجهيل شيء کي وري ۽ گهرائيء سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. سندس شعر آهي:

ڏالر جمر ڏٻڻ سان، اٿن ڪمر جي زهالي،
سسار ۽ سفر ڪان ٻهران، سمر اجهـي لـو.

ٻهار جو ورٿن ڪهڙي نه شاندار ٺولي ٻمش ڪيو آٿس:

گلابي ونگ جا ٻيالا، ڏٺا نرگس کي ٿي لالا
ڪڪوريا ٻيڻ معوالا، عجب اظهار اڪڙين جو.

ٻهور اگيان ٻهنجي هستيء جي دعوٰى نه رکي ٿماٽائيء سان چوي ٿو:

ٻرام ٻالر دل نه آهي، ٻمت ڇا ٻوس رکان،
ڪين حضوريء ۾ هلي، ٻي خاڪ مٺ هٿي هڏي.

شاعر لاء سندس ٺٺارٻو سندس ٿي شعر مان ظاهر آهي:

مطربي ! مطربي ڳوڙها ملي هڪ ڏار ليا،
دل اُجهل اُڀلي، نہ ٻيوس کين ائيندي روڪ ٻ.

سچ پچ نہ ٻيوس جي بلند پروازي، هزارن راسدڙن روحن کي عرش جو سير ڪرائي سدائين لاءِ راحت عطا ڪري سگهي ٿي. سندس خيال هڪ ڪامل خيال آهي. سندس رواني هڪ آبشار مثل آهي. ٻيوس گهڻو ڪري زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي پنهنجي طرح آزمائي ڪئي آهي- جهڙوڪ حسن، سچي راحت، همدردي، سونهن، بهار، زندگي، موت، غلامي، آزادي، قوميت، آس، اُشانتي، پرلم، پڇتاءُ، محبت، تقدير، تدبير، ماتا، سادگي، سچائي، همت، جوا، شراب، تندرستي، نيڪي وغيره سندس لکڻيءَ ۾ ميتاج آهي سندس هرهڪ لفظ ۾ راز آهي، دل جي پڪار آهي، پوار لنا آهي. سچ جي لهر آهي ۽ آهي سچائي. سچ پچ تہ شاعر پاڻ پلاڻي شعر لکندو آهي. آءٌ جيڪر هيءَ ليک سندس ٻن سٽن ذريعي سان ٿي پورو ڪريان تہ سڄو راز ظاهر ٿي پوندو:

آهہ هرهڪ لفظ اندر ٻيمعني رمز جو ڦڙو،
ڪير چوندو شعر "ٻيوس" شاخ الڪوري نہ ٿي.



هاريءَ جي درد ڀري زندگيءَ جو احوال اجهو هيئن ٿو لکي:

جنهن جي رت ساڻ زمين، خون سان ڀڄي ٿو خراب،
هاءِ! اي قوت رهي ٿاڻ سدا هيري ۽ حريف.

انهوري حسن جو ورڻن استريءَ جي روپ ۾ ظاهر ڏسي چوي ٿو:

ذات وحدت کي اهي شوق ٿيو اظهار جو،
حسن هرڪالڪ له ڀريو پاڻ چولو نار جو.

ناري جاتيءَ جو قوم ۾ ڪهڙو اوچ درجو آهي جو هوءَ جيڪر چاهي ته سڄي قوم کي مرد يا مردود بڻائي سگهي ٿي. ناريءَ جي گود ۾ ئي راجا ڏاهر، مهاراڻو پرتاب، ۽ ڇترپتي شيواجي پڻ پليا هئا.

زالفا! توري اگر زور ٿي ٻهڪجي اون اچڻ،
قوم ۾ هوند ڪٿي مرد ٿئي، مردود رهي.

بيوس جي ڏينهن ۾ آزاديءَ جي هلچل زور ورتو ۽ مهاتما گانڌي جڏهن هن هلچل جي اڳواڻي ڪئي تڏهن بيوس گانڌيءَ لاءِ لکيو:

زور جسماني ڇڏي، ٿو راز روحاني سکيو،
۽ اهنسا جو انوکو هٿيار حيراني سکيو.

وطن لاءِ، وطن جي مهما ۾ ڪهڙن نه سندر شبدن ۾ رچي اٿس:

خاص ڪنوري ٻالان، وطن جي واري،
مٺي مٽي ملڪ جي، مٺڪان موچاري.
ٻهڪجي دلبر ديس جي ٻٽي اي ٻاري،
گاهه ته گلزاري، انهن باغيچو ٻالان.

ٺاڪور جي مرڻ وقت پڻ بيوس جي قلم ڳوڙها ڳاڙيا.

بيوس جو ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ذخيرو

جهامنداس گوبندرام ”مسافر“

ٻگ. ڪوي ڪشنچند تيرٿداس کٽري (بيوس) نه فقط اعليٰ درجي جو شاعر هو بلڪ نرالو نثر نگار ۽ ماهر مضمون نويس به هو. سندس رچيل اٿاهه ساهتيه-ساگر جو انت لڳائڻ لاءِ ان کي ٽن حصن ۾ ورهائجي. شعر، نثر ۽ مضمون. ڇپيل ساهتيه، ڏ. هام جي اکيان آهي. ٻي سکي تو ڪٿي. وقت جي پردي اندر داخل رهجي ويو هجي يا منهنجي پهچ کان ٻري، جنهنجو ذڪر ڪري نه سگهندو هجان، پر مهاڪويءَ جو رچيل اڻ ڇپيل اٿاهه ساهتيه، ڏ. ڏاڍو پڪڙيو پيو آهي.

ان زماني ۾، جڏهن ڪويءَ جو قلم ڪلپنا جي ڪوري ڪاغذ تي وهندو ٿي ويو، ان وقت لاڙڪاڻي ۽ ان جي آسپاس ٽانڊا منڊلين جو دور هو، جن لاءِ هن ڪيترائي ڊراما ٽانڊا رچيا هئا، جن مان ڪي اڪثر ڀيرا ٻاهي هٿ آيا ۽ ٻيا سڀ اڻ ڇپيل حالت ۾ ا. جاڻ ڪٿي ڪٿي ٽٽل رهجي ويا. انهن مان ڪن ٽانڊڪن جا فقط راڳ ئي ڊرامٽڪ سوسائٽين طرفان ڇپايا ويا هئا، جن مان ڪي هٿ آيا آهن. ڪيترا مضمون جدا جدا اخبارن، نثر جي ڪتابن ۽ سندوءَ جي پراڻن پرچن ۾ محفوظ هوندا، جي ڪتابي صورت ۾ اچي نه سگهيا آهن. ان اٿاهه ساهتيه کي کوجي کوڙ ڪرڻ کانسواءِ ان مهان بيوس گرنٿ جي درشن جي آس، جا هزارن هردن ۾ آهي، پوري ٿي نه سگهندي. ان سڀني کي ساڪار ڪرڻ لاءِ جهري جاکوڙ ضروري آهي.

سائين ٻيوس

پرسرام روهڙا "لماڻو"

ڪوي ٻيوس جو ساهتيه، هڪ هيري جي کاڻ مثل آهي. جنهن کي کوٽڻ لاءِ هوشيار، هڏڏوڪي، همت وارا ۽ محنتي ماڻهو کپن، جي ان کاڻ مان املهه هيرا ڪڍي هند جي ادبي عجائب گهر (ميوزم) ۾ رکن ته جئن سنڌي خواهه غير سنڌي اهنجي ڪشش کان واقف ٿين.

لاڙڪاڻي جي ڪيان باغ ۾، آرلوار لي سائين ٻيوس سان ڪي گهڙيون (ڪيترائي ڀيرا) گڏ گهارڻ جو موقعو مون کي نه مليو. سندن حليم سڀاءُ، جوابي طبيعت، نماز، نزاڪت، لماڻائي ۽ نهٺائي جي لرزش ڀلا دل وارن کي ڪيئن نه ڏوڏيندي! جيڪي نه ان محفل ۾ ايندا هئا سي ڪجهه نه ڪجهه درد کڻي ويندا هئا. جنهن درد جي دولهين مان دڪاڻل، دلگير، رام، وفا، گوبند، ڀارتي ۽ ٻيا ڪيئي ڪڪر ڦٽي اڄ ساهتڪ ڪيتن تي وسندا رهن ٿا. ٿوري ۾ مان جيڪر ائين چوان ته ٻيوس هڪ انقلابي، قوم پرست، سماج سڌارڪ، انيوي پرش ۽ لوڪ ڪوي هئو.

٦- شهرن شعر
٧- قوالدالي
٨- بهارستان

قادر جي قدرت، ديش ڀرام، قدرتي نظارن ۽ پالت پاڻت وشين تي لکيل.

ناٽڪ ۽ مضمون:

٩ - پرهلاد ڀڳت
١٠- سورداس
١١- ٻرت ٻوچارڻ
١٢- منوهر لساڳن
١٣- ٻولي ٻرام

١٤- ٻرت ٻوچارڻ (ناٽڪ)
١٥- ڪرشنا چاڪر ”
١٦- انبامت (لنڊيا ناٽڪ)
١٧- پاڪيا اسڪير (مضمون)

آرٽ چيپل ساهتيه:

١- ڪرشن ۽ سوس : سوس واري مندر وٽ
٢- سوس ڳمتالهي (ڀاڱو ٢): ٻاري رهيل شعر، ملڪ ۾ ڳالهي ۾ ۽ پيا (اسانوٽ موجود)

٣- هرشچندر (ناٽڪ)
٤- سورداس ”
٥- منوهر لساڳن ”

شري جيٺمداس آهوجا ڪالڪير واري وٽ د ستخط

٦- پرهلاد ڀڳت
٧- هار جيت
٨- ٻولي ٻرام

ڪتاب ۽ هٿ ۾ اچي سگهيا آهن

۽ پيا جن نالن منهنجي هٿ لي نه سگهي آهي.

مون ۽ فقط وصال کي ياد ڪرائڻ جو اشارو ڪيو آهي، جيئن سائين ٻيوس جا سنگتي ساٿي، شش شوڪ ۽ ٻراهي ٻانڪ ۾ هڪوار سوچ ڪن:

"ڪنهن طرح سان مون کي وصال ياد جي والي اچي."

۽ ونن ان قسم جو جيڪو مال خزانو موجود هجي اهو آلي ٻاهر ڪن ۽ ان مهاڪوي ڏاهن ٻنهنجو فرض ٻورو ڪن، جو ايترو لهڻو ۽ لماٽو آهي جو رچنا رچڻ کان اڳ ٻيهه ٻيوس اٿهي ٻيو ڪاري:

"ڪهڙن لڪان؟ جانان رڳو، جا لڪان؟ سل تون"

۽ ايڏو مهان جو ايترو لڪي ۾ ٻيو چوي:

"ڪهڙن سکهي أپ کي ڪڇي 'هڪ ننگ ماکوڙي' جڏي"

ان چيپل ساهتيه جي کوج ڪندي ڪي اڻلهه ماڻڪ هٿ آيا آهن: سائينءَ جا ٻي هٿ لکيل ناٽڪ، جن جو ذڪر هيٺ ڪندس. الله آئي سائينءَ جي ٻراٽي ساٿي شري جيٺلداس ڪيشارام آهوجا ڪانڪير ضلع بستر (مڌيه پرديش) جو احسانمند آهيان، جنهن هي ٻئي ٻها خزانو موڪلي ڏسڻ لاءِ ڏنو.

چيپل ساهتيه:

١. گرو نانڪ جيون ڪٿا: مها ڪاويه
٢. مڙهي گيت : ٻاراڻي ٻوليءَ ۾ ٻارن لاءِ مٺڙا گيت.
٣. شعر ٻيوس : جدا جدا رسالن ۾ ڇپيل چونڊ شعر
ساموندي سپون سان گڏ
٤. ٻيوس گيتانجلي : لوڪ ڪويءَ جا لوڪ گيت،
گنگا جي لهرن سميت.
٥. ساموندي سپون : ٢٥ ٻڙ، ٻي ٻها موتي، اولها آلمڪ راز.

Printed by Ajit Kishore at "Sindhu Art Printers" Pimpri, Poona-17 and published by Shri P. L. Varyani G. Secretary "Sindhu Khojina Kendra" Deccan College Campus, Poona-6.